تون منهنجي ساهہ ۾ آهين
ڪهاڻيون
طارق خشڪ

تون منهنجي ساهہ ۾ آهين

(ڪهاڻيون)

طارق خشڪ

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ
2015ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

BOOK NO: 8

* تون منهنجي ساهہ ۾ آهين
* (ڪهاڻيون)
* طارق خشڪ
* اگست 2015ع
* ڪمپوزنگ: مرڪ پبليڪيشن
* ڪيليگرافي: پريتم قاضي
* ڇپائيندڙ: مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

* Ton Monhonje Sah Men Aahen
* Stroyes
* Tariq Khushak

Published bv:

Murk Publication

Shahdadkot

I ion

ائڊريس:آفيس مرڪ پبليڪيشن
نئين آس مئگزين شهدادڪوٽ
Murtaza.laghari9@gmail.com
Murtaza.laghari@ymail.com
Cell: 0300-5182494

ملهہ: 250 روپيہ

ڪــتــابــن ملــڻ جــا هــنــڌ:

ڀٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد ، - ڪانيواڙ شاپ، اردو بزار ڪراچي،
- ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو،
- مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو- وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور،
- سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر- عزيز ڪتاب گهر سکر،
تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس، - پريتم قاضي، نواب شاهہ-
جاويد بڪ اسٽور شهدادڪوٽ — ڪنول ڪتاب گهر، قنبر،
مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

ارپنا

بابا سائين ۽ امڙ جيجل جي نانءُ
جن جي شفقت جو ڇانورو
مون کي زندگي جي سفر ۾ ننڍڻ اُس کان بچائيندو رهي ٿو.
پنهنجي سيني ڀائرن
لال بخش
حمل خان
حاجي عارف حسين
ارشاد علي
علي گل
علي حسن
جي نانءُ جن جي محبت، پيار، پنهنجائپ
۽ تربيت، مون کي ٻه ڪو نانءُ ڏنو...!

طارق خشڪ

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”تون منهنجي ساهه ۾ آهين“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب شهدادڪوٽ سان تعلق رکندڙ نوجوان ليکڪ طارق خشڪ جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي. هن ڪتاب ۾ شامل گهڻيون ٽيئون طويل ڪهاڻيون آهن، پر انهن طويل ڪهاڻين ۾ طارق خشڪ جي ٽيڪنڪ، خوبصورت ٻولي، سندس لهجو هڪ الڳ تلڳ سڃاڻپ رکي ٿو. خالد آزاد لکي ٿو:

”طارق جي ٻولي پختي آهي، ڪيس جملن جي جوڙجڪ (Construction) جو ڏانءُ آهي، هو ڳالهه ڪي شروع ڪري ۽ پوءِ ان کي وڏي مهارت سان پُورو ڪرڻ ڄاڻي ٿو. طارق جي هن ڪتاب ۾ شهدادڪوٽ ۽ پرپاسي ۾ ڪتب ايندڙ مخصوص لفظ ۽ اصطلاح پڙهندي، سچ ته هڪڙي مُرڪ منهنجي چپن تي تري پئي آئي آهي- ’پئسا چٽائڻ‘ (پئسا ڪارائڻ يا رشوت ڏيڻ)، ’اقت ڪرڻ‘ (ٺُپ مارڻ يا اُقت مارڻ) ’ٽيڪر ڏيڻ‘ (هُشي ڏيڻ) ’نِشي وجهڻ‘ (پجي وجهڻ يا ڪِسڪي وجهڻ) — هي اُهي اصطلاح آهن، جيڪي جڏهن جڏهن به مون ڪنهن جي واتان ٻُڌا هوندا ته منهنجي ذهن ۾ شهدادڪوٽ جو شهر، ڪنهن خوشگوار خيال جيان ابري آيو هوندو!“

هي ڪتاب **مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ / ڪراچي** پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مُرڪ پبليڪيشن جي سرواڻ پياري دوست، سنڌ سلامت جي همدرد پياري **مرتضىٰ لغاري** جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سـنـاءُ

پبلشر نوٽ	مرتضيٰ لغاري	08
تون سچ ته منهنجي ساهه ۾ ئي آهين	خالد آزاد	09
دل جي ڳالهه	طارق خشڪ	14

* موتي آ غزل 18
* تون منهنجي ساهه ۾ آهين 42
* مان توکي چاهه پيارينداس 53
* دل جي ڳالهه 64
* مان تنهنجي لائق ناهيان 71
* بيورو ڪريٽ 85
* اسان بين الاقوامي بيوس آهيون 96
* سنڌو سڪندو 123
* محافظ 128
* جنهن چيو 133
* ڳوٺ جا ڏينهن شهر جون راتيون 139
* رهجي ويل رنگ 147
* هڪ اديب جي خواب جي تڪميل 157
* وکري ويل محبت 163
* مان سڌرندس 174

پبلشر نوٽ:

ڪهاڻي انساني ارتقا جي هم عمر آهي، ڇو تہ ڌرتيءَ تي انساني وجود جي اچڻ سان هڪ ڪهاڻي جي شروعات ٿئي ٿي. توڙي جو ڪهاڻي لاءِ ڪهاڻي جي وڏن ليکڪن ۽ نقادن ڪهاڻي جي عمر، يعنيٰ ڪهاڻي جي تاريخ هڪ صدي ڄاڻائي آهي. منهنجي خيال ۾ اها ڪهاڻي جي مستند تاريخ نہ آهي. اها ٻي ڳالهہ اهي تہ ان دور جي ڪهاڻي ۽ جديد ڪهاڻي ۾ گهڻو تڻو فرق آهي. قديم دور جي ڪهاڻي ڪان هٽي ڪري، تاريخ جي ورقن ۾ سمايل ڪهاڻي جي صدي، واري ٽريڊ تي نظر وجهبي تہ اهي بہ گهڻو ڪري قصن، داستانن ۽ ڏند ڪٿائن تي مشتمل ڪهاڻيون ملنديون. جن مان چند ڪهاڻين يا ڪهاڻيڪارن ڪان سواءِ باقي ليکڪن کي ڪا خاص پزيرائي نہ ملي سگهي.

ڪافي عرصو پيير پيير تي رڪندي ڪهاڻي پنهنجو سفر جاري رکيو پر پوءِ بہ اهڙين چوٽين جنم ورتو تہ سنڌي ڪهاڻي مري وئي آهي، يا سنڌي ڪهاڻي گهٽ لکي وڃي ٿي، سنڌي ڪهاڻي معياري نہ آهي.... وغيره وغيره...

پر 1990ع ڪان پوءِ وارو ڏهاڪو ڪهاڻي جو دؤر رهيو. سنڌي ڪهاڻي جي زمين تي ڪافي نوان تجربا ٿيا. تمام طويل ڪهاڻيون بہ لکيون ويون تہ شاندار افسانا بہ لکيا ويا ۽ شاهڪار ناول پڻ لکيا ۽ ڇپايا ويا.! پر جتي طويل تر ڪهاڻيون پنهنجي فارميٽ ۾ شاندار لکيون ويون اتي تمام ننڍي ۾ ننڍيون ڪهاڻيون جن کي مختصر ڪهاڻي چيو ويو، جيڪا هڪ لائين جي ڪهاڻي بہ ٿئي ٿي، اها بہ تمام ججهي مقدار ۾ لکي وئي. جنهن دور ۾ ڪهاڻي کي ڪافي پذيرائي ملي، ان دور ۾ نوجوانن جي تمام وڏي انگ ڪهاڻي جي دنيا ۾ پير پاتو. اهي نوجوان اڄ بہ جديد ڪهاڻي جا روشن چراغ محسوس ٿين ٿا. جن جون ڪهاڻيون مختلف مئگزينن توڙي ڪتابن ۾ ڇپجن بہ ٿيون تہ پڙهيون بہ وڃن ٿيون. انهن ليکڪن جي شوق، ذوق، جنون، ۽ ڪهاڻي جي سفر ۾ جاکوڙ گهٽ ۾ گهٽ ڪهاڻي تي لڳل ان الزام (ڪهاڻي مري وئي آهي) کي پيو روپ ڏنو. جنهن مان محسوس ٿيو تہ سنڌي ڪهاڻي مُئي ڪو نہ آهي. پر ڪهاڻي زنده آهي ۽ شاهڪار ڪهاڻي لکي وڃي ٿي. اهڙن نوجوان ڪهاڻيڪارن ۾ شهدادڪوٽ جي نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار طارق خشڪ جو نالو پڻ سرِ فهرست آهي. جنهن سنڌي ادب کي پهريان بہ ٻہ معياري ڪتاب ڏنا آهن.

طارق خشڪ جو هي ٽيون ڪهاڻي ڪتاب ”تون منهنجي ساهہ ۾ آهين“ جنهن ۾ ٽوٽل پندرنهن ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن جن ۾ (❋ موتي آ غزل‘ ❋ ’تون منهنجي ساهہ ۾ آهين‘ ❋ ’مان توکي چاهہ پياريندس‘ ❋ ’دل جي ڳالهہ‘ ❋’مان تنهنجي لائق ناهيان‘ ❋’بيورو ڪريڪ‘ ❋’اسان بين الاقوامي بيوس آهيون‘ ❋ ’سنڌو سڪندو‘ ❋’محافظ‘ ❋’جنهن چيو‘ ❋’ڳوٺ جا ڏينهن شهر جون راتيون‘ ❋ ’رهجي ويل رنگ‘ ❋ ’هڪ اديب جي خواب جي تڪميل‘ ❋’وڪري ويل محبت‘ ❋ ’مان سڌرندس) شامل آهن.

هن ڪتاب ۾ شامل گهڻيون ڊگهيون طويل ڪهاڻيون آهن، پر انهن طويل ڪهاڻين ۾ طارق خشڪ جي ٽيڪنڪ، خوبصورت ٻولي، سندس لهجو هڪ الڳ ٽلڳ سڃاڻپ رکي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ ’موتي آ غزل‘ جيڪا ڪتاب جي پهرين ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ رومئنٽڪ انداز سان گڏو گڏ خوبصورت ۽ ڀرپور مزاح پڻ شامل آهي، جنهن جي ڪري سندس طويل ڪهاڻي بہ شاندار ۽ جاندار ٿي پوي ٿي، جو پڙهندڙ ڪٿي بہ ٿڪجي نہ ٿو پوي. ”مان توکي چاهہ پيارينڊس“ بہ سندس بهترين ڪهاڻي آهي. ڪتاب جي ٽائيٽل ڪهاڻي ”تون منهنجي ساهہ ۾ آهين“ پڻ هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي. اهڙي طرح هن ڪتاب ۾ شامل ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ساهہ ۾ سانڍڻ جهڙيون آهن. جن ۾ ليکڪ جي تخليقي سگهہ پڻ پنهنجي تخيل جي آڌار تي پنهنجي سڃاڻپ پاڻ آهي. ڇو تہ طارق خشڪ جي ڪهاڻين ۾ سندس ٻولي ڪان وٺي ڪهاڻين ۾ شامل ڪهاڻي پلاٽ، ڪهاڻي ڪردارن سميت ڪهاڻي جي شروعات ڪان وٺي اختتام تائين پنهنجي ئي ديس جي خوشبوءِ سمايل آهي، تمام سادڙا ڪردار، سادڙي ٻولي ۽ انهن ڪردارن جي رهڻي ڪهڻي ڪا اڻ ڏٺي ديس جي نہ آهي بلڪہ پنهنجي ئي آس پاس ۾ ٿيندڙ واقعا، حادثا، ۽ مسئلا سندس ڪهاڻين جو محور آهن، اها بہ هڪ خوبي ليکڪ جي بهترين روايت ۾ شامل ٿئي ٿي تہ هو پنهنجي خوبصورت انداز ۾ ڪيترو نہ لکڻين سان نڀاهہ ڪري ٿو، جو پڙهندڙ سندس ڪهاڻي ۾ ايترو تہ گُم ٿي ويندو جو ڄڻ ڪيس محسوس ٿيندو هجي تہ هو بہ سندس ڪهاڻي جو ڪو ڪردار آهي، اهڙي طرح پڙهندڙ ڪهاڻي پڙهندي پڙهندي ڪٿي ڪلي ڪلي ڪيرو ٿي پوندو تہ ڪٿي اکين مان لڙڪ روڪي نہ سگهندو ۽ مسلسل جنهن بہ ڪهاڻي کي پڙهڻ ويهندو تہ ڪهاڻي جي اختتام تائين هڪ ئي ساهي ڪهاڻي پڙهي پوري ڪندو.

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ پاران پنهنجن پڙهندڙن آڏو هي شاهڪار ڪهاڻي ڪتاب پيش ڪندي سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ هڪ وڏيڪ ڪتاب جو اضافو محسوس ڪريون ٿا ۽ ان روايت کي دهرايون ٿا تہ سنڌي ڪهاڻي زنده آهي ۽ تمام معياري ڪهاڻي لکي وڃي ٿي.

مرتضىٰ لغاري

Cell: 0300-5182494 - 0300-3429326

تون سچ تہ منهنجي ساهہ ۾ ئي آهين!

هي پيو پيرو آهي جو آءُ **طارق خشڪ** جي لکڻين تي پنهنجي راءِ ڏئي رهيو آهيان، پهريون پيرو اڄ کان 10 سال اڳ 2005ع ۾ تڏهن، جڏهن طارق جو ناول **'مون کي هوائن ۾ ڳولجان'** ڇپيو هو ۽ هِتان حيدرآباد مان **تاج جويو، ڊاڪٽر ظفر عباسي، قربان شيخ** ۽ آءُ شهدادڪوٽ، **طارق** جي ان ناول جي مهورتي تقريب ۾ شرڪت لاءِ نڪتا هئاسين- ۽ ان تقريب ۾ مون **طارق** جي ناول تي پنهنجو ڀرپور پيپر پڙهيو هو. اهو پيپر تہ وري مون کي هٿ نہ اچي سگهيو، البتہ **طارق** جي هن ٻئي ڪتاب جو مسودو اچي مون وٽ نڪتو. اڄ **طارق** جي هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين کي پڙهندي ۽ انهن تي لکندي، سچ تہ يادگيرين جي هڪ جَهان جي ڪڙڪي کُلي وئي آهي ۽ مون کي منهنجو وجود شهدادڪوٽ جي روڊن رستن ۽ گلين گهٽين ۾ رُلندو محسوس ٿي رهيو آهي. شهدادڪوٽ، منهنجو يروشلم! جنهن جي در و ديوار ۽ گلين گِهٽين کان منهنجو اکيون ۽ منهنجا پير ائين مانُوس آهن، جيئن انڌي لاءِ روز جو رستو! آءُ اڄ بہ اکيون پُوٽي جڏهن هن شهر جو تصور ڪندو آهيان تہ مون کي منهنجو رُوح، مصري شاهہ قبرستان کان وٺي غريب آباد جي گهٽين ۾- ۽ موچي محلي، هيرآباد ۽ ڪالي مڪان کان باقرآباد تائين گهِلي ڪٽي ايندو آهي. اڄ کان 10 سال اڳ_ 2005ع تي، جڏهن آءُ طارق جي ناول **'مون کي هوائن ۾ ڳولجان'** جي مهورتي تقريب ۾ پنهنجو پيپر پڙهي هيٺ لٿو هئس تہ ٻاهر انتظار ۾ بيٺل **'قربان شيخ'** ۽ آءُ غريب آباد ۾ پهرين پنهنجي گهر ۽ پوءِ **'سرائي قربان'** جي اوطاق تي هليا آيا هئاسين. اڄ نہ **'قربان شيخ'** آهي ۽ نہ **'سرائي قربان'**- خبر ناهي تہ اسان جڏهن طارق جي هن ڪتاب جو مهورت ڪري رهيا هونداسين تہ اسان جون اکيون اُتي ڪنهن ڪنهن کي ڳولي رهيون هونديون!

طارق خشڪ نوجوان ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار آهي. کيس ناول سان گڏ ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ جي بہ ڀرپور ڄاڻ آهي. هو ڄاڻي ٿو تہ ڪهاڻيءَ جي اُٺڪ (Intro) ڪيئن ڪجي. کيس خبر آهي تہ ڪهاڻيءَ ۾ مونجهارو (Conflict) ڪيئن پيدا ڪبو آهي، هن کي پتو آهي تہ مڪالمن (Dialogues) کي واڪ جي نشانين (Quotes) ۾ ڪيئن بند ڪجي. ڳالهہ کي ڪيئن ڪٽجي ۽ ان جو اختتام (Climax) ڪيئن ڪجي- طارق کي هڪ معياري ڪهاڻيءَ جي خدوخال جي مڪمل ڄاڻ آهي، ان ڪري اها ڳالهہ برملا چئي سگهجي ٿي تہ طارق **'ڪهاڻيءَ'** جي سڀ کان پهرئين اصول يعني ٽيڪنڪ جي حوالي سان تمام گهڻو Sound آهي. ان ڪري ئي جڏهن سندس ڪهاڻيون پڙهجن ٿيون تہ هُو پنهنجن پڙهندڙ کي هڪ تسلسل ۾ پاڻ سان گڏ ڪٽي هلي ٿو، پاڻ سان گڏ کِلائي ٿو ۽ پاڻ سان گڏ روئاڙي بہ ٿو، اها ئي هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار جي ثابتي آهي ۽ **طارق خشڪ** موجوده ٿهيءَ جو هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار آهي.

سنڌ جو هڪ پورو ادبي نسل امر جليل ڪان متاثر آهي - ۽ نہ رڳو متاثر آهي، پر امر جليل جو انداز (Style) اپنائڻ ۾ خوشي ۽ فخر محسوس ڪري ٿو. ڪنهن ليکڪ کان متاثر ٿيڻ ۽ ان جو اسٽائيل اپنائڻ سياويڪ ۽ فطري بہ آهي تہ اها ڳالهہ ماڻهوءَ کي خوشي بہ ڏئي ٿي، پر ڇا اُن صورت ۾ هڪ ليکڪ پنهنجي انفراديت قائم رکي سگهي ٿو؟ اهو سوال پنهنجي جاءِ تي نهايت اهميت وارو آهي. **طارق خشڪ** بہ **امر جليل** کان متاثر آهي- ۽ نہ رڳو متاثر آهي پر ان جي رنگ ۾ ايترو تہ رنگيل آهي جو سندس ڪهاڻين جا ڏگها ڏگها عنوان، ڪردارن جا منفرد نالا، مزاح مزاح ۾ تيز ۽ تِکا طنزيہ مڪالما – بلڪل ائين ئي آهن جيئن امر جليل جون ڪهاڻيون! سچ تہ طارق جون ڪهاڻيون پڙهندي، گهٽ ۾ گهٽ آءٌ تہ هڪ سو هڪ ڀيرا وساري ويٺو هوندس تہ آءٌ ڪو طارق جون ڪهاڻيون پيو پڙهان، هوبهو چڻ امر جليل کي پڙهي رهيو هجان! پر **طارق** جي انفراديت اها آهي جو سندس لهجو ڀل تہ **امرجليل** جهڙو هجي، سندس ڪهاڻين جي ڪردارن جا نالا ڀل تہ **امرجليل** جي ڪهاڻين جي ڪردارن وانگيان منفرد هجن، هُن جي ڊائلاگن ۾ ڀل تہ **امر جليل** وانگيان تيز ۽ تکو طنز هجي، پر ڳالهہ **طارق** جي هوندي آهي. ڳالهہ **طارق** جي آسپاس جي هوندي آهي، ڳالهہ **طارق** جي ان شرميلي ۽ مانيٽي مزاج جي هوندي آهي ۽ اها ئي **طارق** جي انفراديت آهي.

طارق جي ٻولي پختي آهي، ڪيس جملن جي جوڙجڪ (Construction)جو ڏانءُ آهي، هو ڳالهہ کي شروع ڪري ۽ پوءِ ان کي وڏي مهارت سان پُورو ڪرڻ ڄاڻي ٿو. طارق جي هن ڪتاب ۾ شهدادڪوٽ ۽ ڀرپاسي ۾ ڪتب ايندڙ مخصوص لفظ ۽ اصطلاح پڙهندي، سچ تہ هڪڙي مُرڪ منهنجي چپن تي تري پئي آئي آهي- **’پئسا چٽائڻ‘** (پئسا ڪارائڻ يا رشوت ڏيڻ)، **’اقٽ ڪرڻ‘** (ٺُپ مارڻ يا اُقٽ مارڻ) **’ٽيڪر ڏيڻ‘** (هُشي ڏيڻ) **نِشي وڃڻ‘** (ڀڄي وڃڻ يا کِسڪي وڃڻ) – هي اُهي اصطلاح آهن، جيڪي جڏهن جڏهن بہ مون ڪنهن جي واتان ٻُڌا هوندا تہ منهنجي ذهن ۾ شهدادڪوٽ جو شهر، ڪنهن خوشگوار خيال جيان اڀري آيو هوندو! بجا طور تي چئي سگهجي ٿو تہ اها بہ طارق جي هڪ واڌو خوبي آهي جو هو پنهنجي شهر ۽ آسپاس جي اصطلاحن ۽ لفظن کي بہ جياري ٿو، انهن ۾ ساهہ وجهي ٿو، انهن ۾ رنگ ڀري ٿو- اهو رنگ، جيڪو هن شهر جو رنگ آهي، تيز، تِکو، پيار ڀريو، بي ڊپو ۽ متحرڪ!

طارق بنيادي طور تي رومانوي ليکڪ آهي. سندس گهڻي ڀاڱي ڪهاڻيون **’محبت‘** ۽ **’بي روزگاريءَ‘** جي آسپاس ڦِرن ٿيون. **امر جليل** وانگيان هن جي لهجي ۾ مزاح سان گڏ جيڪو طنز آهي، سو سندس لکڻين ۾ دلچسپي پيدا ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ سندس ئي شخصيت ۽ مزاج پڻ جهلڪندو نظر ايندو آهي. هو جيئن نظر ايندو آهي- مانيٽو مانيٽو، ٿورو ٿوروشرميلو، گهٽ ڳالهائو... ائين سندس ڪهاڻين جا ڪردار آهن، جيڪي طارق جي اندر جو اولڙو آهن. طارق جي هن ڪهاڻي – ڪتاب جو نالو، سندس اڳ ڇپيل ناول جي نالي **’مون کي هوائن ۾ ڳولجان‘** وانگر ائين ئي خوبصورت آهي، جيئن

ڪنهن شعر جي سِٽ هوندي آهي، جهيلار ۽ موسيقيءَ سان پرپور، زندگيءَ سان پرپور- تيئن طارق جي هن ڪتاب جو نالو **’تون منهنجي ساهہ ۾ آهين‘** ڪيڏو نہ خوبصورت وڻندڙ آهي.

طارق جون ڪهاڻيون- **’موتي آ غزل‘، ’مان توکي چاهہ پياريندس‘، ’دل جي ڳالهہ‘، ’بيوروڪريڪ‘، ’تون منهنجي ساهہ ۾ آهين‘، ’اسان بين الاقوامي بيوس آهيون‘، ’وڪريل محبت‘، ’مان تنهنجي لائق نہ آهيان‘**– سڀ رومانوي ۽ سماجي حقيقت نگاريءَ (Social Realism) تي ٻڌل آهن. طارق پنهنجي وضع قطع موجب، پنهنجي مزاج موجب، پنهنجين ڪهاڻين ۾ برملا نظر ايندو. هر ڪهاڻيءَ ۾ هڪڙو ڪردار- هوبهو طارق جهڙو- اوهان کي نظر ايندو. اوهان جڏهن هن مجموعي ۾ شامل طارق جون ڪهاڻيون پڙهندؤ تہ اوهان کي لڳندو تہ اوهان امر جليل کي پڙهي رهيا آهيو، پر جڏهن اوهان طارق جي ڪهاڻي پڙهي پوري ڪندؤ تہ اوهان کي هڪ خوشگوار حيرت جو احساس ٿيندو، جو اسٽائيل يا انداز تہ بلاشڪ **’امر جليل‘** جهڙو آهي، پر ڳالهہ **’طارق خشڪ‘** جي آهي ۽ اها ئي **طارق** جي انفراديت آهي.

طارق جون ڪي ڪهاڻيون گهڻيون طويل آهن. پڙهندي پڙهندي هڪ لمحي لاءِ، اوهان ڪان اُن ڪهاڻيءَ جو Theme وسري ويندو ۽ اوهان ڪنهن ٻي ڪهاڻيءَ ۾ گم ٿي ويندو- طارق ڪهاڻيءَ ۾ پيون ڪيئي ڪهاڻيون پيدا ڪري ٿو، پر تسلسل ۽ رواني‌ءَ جو اهو ڪيڏو نہ حَسين مثال آهي تہ طارق جي ڪهاڻيءَ جو ڪلائيميڪس وري اُتي اچي، ان موضوع تي دنگ ڪندو، جتان ڪان اوهان ان ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ شروع ڪيو هو. اها **طارق** جي هڪ ٻي خوبي آهي- ۽ اها خوبي مون **’فاروق سولنگيءَ‘** جي ڪهاڻين ۾ پڻ ڏٺي. خاص طور تي سندس شاهڪار ناول **’وڪريل ماڻهوءَ‘** ۾ ڪيئي ناول ۽ ڪيئي ڪهاڻيون آهن، پر آخر ۾ هن جيڪو ڪلائيميڪس ۾ ناول سان نياءُ ڪيو آهي، سچ تہ اهو ڪمال آهي.

طارق جي ڪهاڻي **’رهجي ويل رنگ‘** امر جليل جي ڪهاڻي **’اروڙ جو مست‘** جي هڪ ٻي شڪل آهي. موضوع بہ لڳ ڀڳ ساڳيو آهي تہ theme بہ، رڳو مڪالما (Dialogues) تبديل آهن. شاعريءَ ۾ تہ هڪ شاعر، ڪنهن ٻئي شاعر جي **’زمين‘** ڪٽندو آهي، پر ڪهاڻيءَ ۾ ائين ٿيندو آهي يا نہ، اهو پاڻ ايندڙ دور جي نقاد تي ٿا ڇڏيون، پر هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ عورت جي احساسن جي جيڪا ترجماني طارق ڪئي آهي، تنهن کي پڙهي سچ تہ طارق جي هن لاشعوري غلطيءَ کي درگذر ڪري سگهجي ٿو. ساڳيو مسئلو طارق جي هڪ ٻي ڪهاڻي **’اسان بين الاقوامي بيوس آهيون‘** سان پڻ آهي، جيڪا پڻ امر جليل جي شاهڪار ڪهاڻي **’دل جي دنيا‘** جهڙو هوبهو تاثر ڏئي ٿي. اهڙيءَ ريت طارق جي ڪهاڻي **’هڪ اديب جي خواب جي تڪميل‘** کي پڙهندي اوهان کي امر جليل جي ڪهاڻي **’قربان علي ڪنگلي جو روح‘** ياد اچي ويندي. جيتوڻيڪ تنهي ڪهاڻين ۾ ڳالهہ وري بہ طارق جي ئي آهي، پر ڪيس انهن ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي. ساڳيو موضوع، ساڳيو ماحول، ساڳي منظر نگاري – ليکڪ جي انفراديت کي هاڃو پهچائي سگهي ٿي.

هن مجموعي ۾ شامل طارق جون ڪهاڻيون: **’جنهن چيو‘، ’سنڌو سُڪندو‘، ’محافظ‘، ’ڳوٺ جا ڏينهن ۽ شهر جون راتيون‘ ۽ ’هڪ اديب جي خواب جي تڪميل‘**. اسان جي سماج ۾ گهر ڪري ويل بِدعتن- بُراين، مسئلن ۽ مُونجهارن جون ڪهاڻيون آهن. بي روزگاري ۽ غربت جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ باصلاحيت پر غيرسفارشي نوجوانن جي احساسن، ڪاروڪاريءَ جي نالي تي گهر ۾ غيرت ۽ شهر ۾ بي غيرتي ڪندڙ ڪاٽن پوش ڪامريڊن، سياسي دڪانداريءَ جهڙي گورک ڌنڌي ڪان تنگ ٿي مورڳو سياست کي خراب سمجهندڙ سنڌي سڀاجهن جي سوچ جهڙن موضوعن تي طارق پنهنجن هنن ڪهاڻين ۾ زبردست طبع آزمائي ڪئي آهي. سماج جي نبض شناسي هر ليکڪ جي لکڻين جو بنيادي جز هوندو آهي، جنهن ۾ طارق گهڻي ڀاڱي ڪامياب ويو آهي، البت ڪِن ڪهاڻين ۾ طارق حقيقت ڪان ٿورو هٽي، جذباتيت جي وهڪري ۾ لڙهي ويو آهي. مثال طور طارق جي ڪهاڻي **’محافظ‘**، سنڌ اندر پوليس گردي، ڏاڍ ۽ ظلم جي عڪاسي ته ڪري ٿي- ۽ اها ڪنهن حد تائين حقيقت به آهي، پر بلڪل اهڙو ظلم به نه آهي، جيڪو ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. وقت بدلجي ويو آهي، ميڊيا جي ذريعن، سماجي سجاڳيءَ جي تحريڪن، سياسي ۽ سماجي تنظيمن، انساني حقن جي بلند ٿيندڙ آوازن - ملي ڪري هاڻي غريب ڪان غريب ۽ بي پهچ ماڻهوءَ کي ڪجهه نه ڪجهه همت ڏئي ڇڏي آهي، جو هُو مات ڪري منڪر ٿي ويهڻ بجاءِ ڪُڇي ڪافر ٿيڻ کي ترجيح ڏيئي ٿو!

طارق جون به ڪهاڻيون **’مان توکي چاهه پياريندس‘ ۽ ’بيوروڪريٽ‘**. هن مجموعي جون شاهڪار ڪهاڻيون آهن. ٻئي ڪمال جون احساساتي ڪهاڻيون آهن. ٻنهيءَ جا ڇا ته موضوع آهن، ڇا ته ڊائلاگ آهن ۽ طارق ڇا ته انهن سان نڀاءُ ڪيو آهي جو ڪهاڻين جي شروعات ڪان وٺي آخر تائين هڪڙو بيحد حسين تاثر پڙهندڙ جي من ۾ لهي وڃي ٿو. سچ ته اهڙيون شاهڪار ڪهاڻيون پڙهي، اسان کي طارق جي دوستيءَ تي فخر به ٿئي ٿو ته سندس ڪمال جي ڪاريگريءَ تي رِيس به!

سنڌ جو نوجوان ڏاڍو زبردست لکي پيو، ان ڪري سنڌ جي سينيئر اديبن کي دنيا جهان ۽ اولهه- اوپر جا حوالا ڏيڻ بجاءِ، ٿورو وقت ڪڍي، سنڌ جي نوجوان کي پڙهڻ گهرجي — اهو اسان جو حق به آهي ۽ اوهان جو فرض به!!

خالد آزاد

حيدرآباد

دل جي ڳالهہ

دل جو ڌڙڪڻ زندگي جي علامت..! دل جو بيهي وڃڻ... معنيٰ موت.! منهنجي دل بہ هن وقت ڌڙڪي رهي آهي، مطلب مان بہ زندهہ آهيان، پر مان زندهہ ڇو آهيان ڪا خبر ڪونهي.

ها پر...!

ايترو ڄاڻان ٿو، ’توں منهنجي ساهہ ۾ آهين‘...!

سالن ڪان وٺي مرڻ جا ڪي موقعا وڃائي زندگي جي پيچري تي ڪنهن ڇانوري جي ڳولا ۾ ڊوڙندو رهيو آهيان، پر ساهہ پٽڻ لاءِ جڏهن بہ بيٺم، ڏٺم! ننڍڙ اس ۾ بيٺو آهيان. ساهہ سنڀالي وري پنهنجي ڊوڙ ...! هاڻ تہ ان ڊوڙ ۾ ايترو پري نڪري ويو آهيان، يا ٿڪجي پيو آهيان، جو ڇانورا سپ وسري ويا آهن، سوچيان ٿو تہ ڪنهن جهڙالي موسم ۾ ئي پناهہ وٺان خبر بہ آهي تہ هر موسم عارضي هوندي آهي جهڙالي موسم تہ اڃان بہ، بي اعتبار...! پر ڪڪر جيترو عرصو بہ هوندا آهن اس جو وجود ختم ٿي ويندو آهي، رڳو دل کي وٽندڙ ۽ ڇهندڙ ڇانورو ئي ڇانورو هوندو آهي پر ان ڪان اڳتي وڌي ڪڪر جڏهن پنهنجي من جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ وسڻ جي صورت ۾ روئيندا آهن تہ اسان انهن جي ڳوڙهن کي وٽندڙ موسم سمجهي ’انجواءِ‘ ڪندا آهيون، مرجهايل ڇهرن تي رونقون اچي وينديون آهن. ويچارا ڪڪر...! جڏهن ڪين ڪٿان ڪا آٿت ملڻ بجاءِ سندن لڙڪن جي موٽ ۾ مرڪون ملنديون آهن تہ اهي ويچارا پاڻ سان ٿيل ان ٽريجڊي تي وائڙا ٿي ڪڏهن خاموشيءَ سان تہ ڪڏهن اڃان بہ وڌيڪ روڄ راڙو ڪري واپس هليا ويندا آهن. پوءِ بہ اسان جي رويي ۾ ڪا بہ تبديلي ناهي ايندي ۽ نہ ئي وري اچڻي آهي...! پر هڪ ڳالهہ آهي، فتح وري بہ ڪڪرن جي ئي ٿيندي آهي. دنيا ڪجهہ بہ سمجهي سوچي يا نچي، پر ڪڪر تہ پنهنجي اندر ۾ آيل زلزلي کي اڇلي هلڪا ٿي هليا ويندا آهن نہ...! جيڪا ڳالهہ ڪڪر بہ سمجهي ويا آهن ان ڪري انهن جي دل جڏهن بہ ڀرجي ايندي آهي هو وري وسڻ هليا ايندا آهن. ڪنهن جي بہ پرواهہ ڪان سواءِ...!

مان بہ تہ هڪ اهڙو ئي ڪڪر بڻجي ويو آهيان نہ شايد...!

’مرڪ واري ڇوڪري‘

’مون کي هوائن ۾ ڳولجانءِ‘

’توں منهنجي ساهہ ۾ آهين‘ ...!

مون به هر پيري موٽ ڪئي آهي، وري ورندس به الاءِ جي نه....! نه ٿو چاٽان پر اها خواهش ضرور آهي.

ناول ڪان پوءِ ڏگهو عرصو نه چاهڻ باوجود لکڻ ڪان پري رهيس اوهان ڪان پري رهيس، ايترو جو شايد 14_15 سال گذري ويا. ان وٿيءَ جو سبب شايد زندگي جي ڳولا: پر وري به اها پرولي پيچي نه سگهيو آهيان ته زندگي آخر آهي ڇا...!؟ جيڪا هوندي به ملي ئي نه ٿي..! ها پر ان عرصي دوران ايترو ضرور سمجهيو آهي ته: ”تون منهنجي ساهه ۾ آهين“ ...!

سچ اهو آهي مان ناول ڪان پوءِ ڪوشش باوجود ڪجهه لکي نه سگهيو آهيان شايد واقعي به منهنجا ڪردار مون ڪان رسي ويا آهن، ڪهاڻيءَ جي راڻيءَ به ڏانءُ ۾ ڏات ڪسي ورتي آهي جو قلم هٿ ۾ ئي نه ٿو اچي. اڳ قلم ۾ ايتري رواني هئي جو جهڙي مهل چاهيندو هيس لکڻ جو سفر شروع ٿي ويندو هو، هاڻ لکڻ تي دل چاهڻ باوجود قلم هٿن مان ايئن ٿو ڪسڪي وڃي جيئن خواب اکين مان اڏري ويندا آهن. هاڻ ته خوابن جي پٺيان ڊوڙڻ جي به همت نه رهي آهي ان ڪري سوچيم ڇو نه پنهنجي گذريل زندگي جا ذرا جيڪي: (ڪي ڪٽ ڪريا، ڪي ڪٽ ڪريا) ميڙي چونڊي وٺجن. ان ئي ڪوشش جو نتيجو آهي: ”تون منهنجي ساهه ۾ آهين“ ان ڪان اڳ _ ’مرڪ واري ڇوڪري‘ (ڪهاڻيون) ’مون ڪي هوائن ۾ ڳولجانءِ‘ (ناول) منهنجي زندگيءَ جي وڻ مان ڇڻيل اهي پن آهن، جيڪي هن وقت اوهان جي دلين جي خوبصورت آڳر تي ويچارا ٻڄي پيل آهن، اميد آهي ته منهنجي هن ڪاوش ڪي به اوهان پنهنجي من جي مهمان خاني ۾ جاءِ ضرور ڏيندؤ...!

’تون منهنجي ساهه ۾ آهين“ ڪتاب ۾ آيل منهنجون اڪثر ڪهاڻيون 2000ع ڪان اڳ واري دؤر جون لکيل آهن. ان دؤر ۾ مان ارڙهن ويهن سالن جو ادبي ٻار هيس، جنهن ڪي صرف لکڻ جو جنون هو. گهٽ مطالعي، مشاهدي باوجود مون ان دؤر ۾ ڏاڍو لکيو، پنهنجي وت ۽ وس آهر...!

خبر نه آهي اها ڪهڙي قوت هئي جو تمام گهڻي مصروفيتن، معاشي پيچ ڊاهه، سماجي ريتن رسمن، جهالت ۽ غربت سان ويڙهه هوندي به اهڙي طرح قلم ڏيندي هئي جو سڀ دوست چوندا هئا: ”هن ڪي لکڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو ڪم ئي ڪونهي“ پر مان لکندو رهيس اڄ جڏهن پنهنجي ماضي جا اهي ذرا ذرا ميڙي چونڊي ڪتابي صورت ۾ اوهان آڏو آندا آهن ته سچ پچ زندگي جا به سڀ ٽڪ لهندي محسوس ڪيا اٿم. ناول ڪان پوءِ نه لکڻ وارو غم وقتي طور ئي سهي پر منهنجي دل جي ميدان مان ايئن ڪسڪي ويو آهي، جيئن روئندڙ ٻار جي خواهش پوري ٿيڻ ڪان پوءِ هن جي اکين مان ڳوڙها ڳوليا نه لڀندا آهن ۽ هن جي چهري تي ڳوڙهن جي لڪيرن باوجود تازگيءَ ۾ مسڪراهٽ اچي ويندي آهي. مان به پنهنجو ماضي ميڙي ڄڻ تازو ٿي ويو آهيان.

مان پنهنجي هنن لکڻين ۾ اصلاح جي آڙ ۾ ڪا بہ ردو بدل نہ ڪئي آهي، ڪرڻ جو سوچيو هيم تہ منهنجا ڪردار مون سان اٽڪي پيا، چيائون ٿي "اسان جيئن آهيون، تيئن رهڻ ڏي... نہ لکڻ واريون ڪسرون اسان مان نہ ڪڍ...!" اها ڳالهہ مون کي بہ سمجهہ ۾ اچي وئي، ۽ مون انهن شين کي اتي ئي رهڻ ڏنو.

سو منهنجون هيءَ ڪهاڻيون پڙهندي ذهن ۾ اهو ضرور رکجو تہ هي لکڻيون ان ٻار جون آهن، جنهن جي هڪ هٿ ۾ قلم تہ ٻي هٿ ۾ مزدوريءَ جا اوزار هڪ اک ۾ پنهنجي تعليم پنهنجا خواب ۽ حسرتون تہ ٻي اک ۾ پنهنجو ڪچو گهر ۽ ان جو چلهو...! دل جي دنيا ۾ رڳو ويراني ۽ پنهنجي وجائجي وڃڻ جو ڊپ ۽ سوچن ۾ صرف اهي ڪردار جيڪي ٿورو کلائي ۽ پوءِ رلائي ويندا آهن...!

منتشر ذهن ۾ جيڪو بہ آيو، مون ڪهاڻيءَ ۾ پناهہ ورتي... يقينن ان سفر ۾ مون کان ڪوڙ ڪوتاهيون ٿيون هونديون، غلطيون بہ گنج... ڪتي ڪريو هوندس تہ ڪتي اٽڻ مهل وري ڪرڻ جي خوف کان ٿڙيو هوندس. پر مون جيڪو ڪجهہ لکيو آهي، دل سان لکيو آهي، دل جي قلم سان لکيو ۽ دل جي زبان سان لکيو آهي، اوهان کي بہ دل آهي نہ...؟! تہ پوءِ منهنجي لکڻين کي ٻالڪپڻ جو ارمان ۽ معصوميت جو پوئٽريٽ سمجهي راءِ ڏجو.

ها باقي جي منهنجي ڪا ڪهاڻيءَ يا ڪنهن افساني ۾ آيل ڪاسٽ، ڪو جملو، ڪو خيال، ڪو ڪردار، ڪو لفظ بہ، اوهان جي دل کي ڇهي وڃي ٿو تہ، سچ اهو اوهان جو ئي آهي. مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي اوهان کي خوش ڏسي ۽ اوهان جي چهري تي اطمينان ڏسي.

مون کي اميد آهي تہ اوهان 'مرڪ واري ڇوڪريءَ'، 'مون کي هوائن ۾ ڳولجانءِ' کان پوءِ هڪ ڀڄي وڃي واري منهنجي ڪوتاهي کي درگذر ڪري اڳ جهڙي ئي پنهنجائپ ۽ محبت ڏيندؤ...! پوري ڪوشش ڪندس تہ ڪهاڻين جي هن مجموعي کان پوءِ جلد پنهنجي وجود جا رهجي ويل باقي ذرا بہ ميڙي چونڊي انهن کي ڪو نانءُ ڏئي جيئن جو تيئن اوهان جي آڏو آڻيان ڇو جو مان جهڙو آهيان، اهڙو ئي رهڻ ٿو چاهيان. متي ڏسڻ وارا هميشہ ٿاپو کائيندا آهن... مون اهو ئي سکيو آهي، هن وقت تائين جي زندگي مان...!

آخر ۾ ٿورائتو آهيان هن ڪتاب جي پبلشر **مرتضيٰ لغاري** جو، جنهن منهنجي هن ڪتاب آڻڻ ۾ پبلشر کان وڌيڪ هڪ دوست جو ڪردار نڀايو ۽ خوب محنت ڪئي، ڪمپوزنگ، پروف ريڊنگ کان ويندي، ڪتاب جي ٽائيٽل، بيڪ ٽائيٽل ۽ سجي سيٽنگ تائين... هن جو ساٿ ۽ دلچسپي جيئن جو تيئن قائم رهي. مان ٿورائتو آهيان پنهنجي پياري دوست **خالد آزاد** جو جنهن پنهنجي قيمتي وقت مان چند گهڙيون ڪڍي منهنجي ڪتاب تي اڀياسي تاثر لکيو. جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ پروف جون غلطيون نہ هجڻ جي برابر آهن تہ ان محنت ۾ گهڻو حصو منهنجي ويجهي دوست يار محمد عمراڻي جو آهي جنهن گهڻي مصروفيت باوجود وڻندڙ انداز ۾ منهنجي هن ڪتاب لاءِ وقت ڪڍيو.

ٿورائتو پنهنجي ويجهي دوست پروفيسر عبدالرشيد چانڊيو (رشيد خانواهي) جو بہ جيڪو ادبي توڙي ذاتي زندگي جي لاهن چاڙهن ۽ سردي گرميءَ ۾ مون سان هڪ پاءُ جيان گڏ گڏ رهيو آهي.

طارق خشڪ
ليڪچرار گورنمينٽ ڊگري ڪاليج
شهدادڪوٽ

03337509498
03053493198

موٽي آ غزل

”ڪا ڪهاڻيءَ يا ڪو افسانو ٻڌاءِ...!“
”مان ٻڌائي نه سگهندو آهيان...!“
”پوءِ لکندو ڇو آهين..؟“
”شايد ان ڪري جو دل جي ڳالهه ڪنهن کي ٻڌائڻ جي سگهه مون ۾ ڪونهي!“
”پر مان توکان ڪهاڻي ٻڌڻ ٿي گهران...“
”وري سوچ مان شاعر نه ڪهاڻيڪار آهيان، پڇتائين نه ..!“
”مونکي به ڪهاڻيءَ سان دلچسپي آهي،غزل هڪڙو به ڏکيو لڳندو اٿم.“
”غلطيءَ پئي ڪرين.“
”نه تون ٻڌاءِ...!“
”مان ٻڌائڻ تي آيس ته تون ٻڌي نه سگهندينءَ...!“
”پوءِ ته ڏاڍو مزو ايندو...!“
”چڱو تيار ٿي...“ مون ڦل اسڪيپ پنن سان ڀريل فائيل آڏو رکندي چيو، هوءَ ڇرڪي پئي هئي،تارا ڦوندارينديَ چيو هئائين.
”توکان هڪ عدد ڪهاڻي ٻڌڻ جي فرمائش ڪئي هيم ،ناول جي نه ..!“
”پڪ سمجهه هي ناول نه ڪهاڻي ئي آهي!!“
”وڏي ڪهاڻي جو به ڪو طريقو ٿيندو آ...!“
”ها...“ چيومانس ”پر گهٽ ڏينهن کان ڪو مونکي ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونهي ٿيو، اڄ تون ئي ته ڦاٿي آهين...“
”مطلب..؟“
”سيني جون ڪسرون تو مان ڪيندس.“
”ٺيڪ آهي پيهر مان به نه ڇونديسانءَ“
”اڄ ته ٻڌندينءَ نه ..؟“
”ها ٻڌاءِ..!“

مان ڪهاڻي پڙهڻ لڳو هيس، هو پڌڻ لڳي هئي ڪنهن مهل چور نگاهن سان هن جو جائزو وٺڻ لڳو هئس.بوريت جو عڪس سندس چهري تي ظاهر ٿيندي نہ ڏٺو هيم . آخري سٽ پڙهڻ ڪان پوءِ ڏٺم، هوءَ سڌڪي پئي هئي اکيون آليون ٿي ويون هيس. منهنجي گهورڻ ڪان پوءِ لڙڪ لڪائڻ لڳي هئي. چيو هيومانس :

”ڪهاڻيءَ پڙهڻ ۾ ايترو وقت ٿورئي ورتو اتم جو روئي پئي آهين، پيهر ڪٽي نہ پڌجانءِ...!“

”ڳالهہ وقت جي ڪونهي مٺا، جذبن روئاريو آهي ايڏو درد...!!!“

”مان ڪوڙو آهيان مس، مٺو سمجهڻ جي غلطي نہ ڪر....“

”مس مان بہ نہ آهيان.!“

”پوءِ تہ صفا مزو نہ ٿيو...“

”ڪيئن.!؟“

”مسز....واقعي بہ مئيون ناهن ٿي سگهنديون...“

”مان اها بہ نہ آهيان...“

”پوءِ تون ڇا آهين.؟“

”غزل....!“

”پر اهو تہ توکي ڏکيو لڳندو آهي..!“

”پين ڪي تہ سٺو ٿو لڳي نہ ...“

”تون پنهنجي ڳالهہ ڪر“

”مونکي ڪهاڻي وڻندي آهي ...“

”ڪهاڻيڪار نہ ...!؟“

”نہ اهي بہ گهٽا سٺا ناهن لڳندا...“

”سچ مان گهٽو سٺو آهيان ،تون ڪٽي ٿورو سٺو چئو...“

”ها ان تي سوچي سگهجي ٿو...“

”سوچڻ ۾ بہ ڪنجوس پائي...!“

”مان ڪنجوس بہ ناهيان...“

”ڪجهہ بہ نہ هج، پر چئو نہ ...!“

”ڇا.!؟“

”تون ٿورو سٺو لڳندو آهين...“

”نہ! تون گهٽو مٺو آهين“

”مٺو منهنجو ماروٽ آهي سو بہ وڪيل...!“ وضاحت ڪئي هيم .

”جيڪڏھن خبر پيس تہ مان ڪوڙي مان مٿو ٿي ويو آھيان تہ ڪندو ڪيس....پھريائين ٻُڪ تي وينو آھي، مونتي ٿورو رحم ڪريو...“

”پوءِ توھان ھيئن ڪيو...“ صلاح ڏني ھئائين .

”نالا مٿائي ڇڏيو، تون مٿو ٿي پئو... ھو ڪوڙو...!“

”مٿو پاڻ وڪيل آھي... تون مشورو نہ ڏي....“

”ڳالھہ وڪيل جي نہ، سمجھہ جي آھي...“

”مطلب تون ٿورو سٺو نہ چوندينءِ..؟“

”نہ ...تون گھڻو مٺو آھين...!“

”اھو تڏھن ٿئي ھا جڏھن تون ڊاڪٽر ھجين ھا...“

”ڊاڪٽر..؟“

”ھا ...! مونکي سيڪرين جي سئي ھڻين ھا تہ، مان مٿو ٿي پوان ھا ۽ مٺي ڪي زھر جي، تہ ھو ڪوڙو ٿي پوي ھا...!“

ٺھڪ نڪري ويو ھيس. چيو ھيو مانس:

”ھاڻ تہ چئو...!“

”ڇا...!؟“

”تون ٿورو سٺو لڳندو آھين...“

”نہ ...! تون گھڻو مٺو آھين...!“ ھوءَ اٿي بيٺي ھئي ...

”پل ڪَتو بہ چئو پر ويھہ تہ سھي ...“

”اصل نہ ...“

”مان قسم کڻڻ لاءِ تيار آھيان... تہ توکي ڀي کھاٽي نہ ڀڌائيندس...“

”افسوس مان چاھڻ باوجود اھا ڀڌي بہ نہ ٿي سگھان...“ ھن اداس مرڪ سان چيو ھو.

”وري ڪو پل مھربان ٿيو تہ پاڻ ملنداسين، نہ تہ ھر ڪو وڇڙڻ لاءِ ئي تہ ملندو آھي...“

”ٺيڪ آھي..!“ چيومانس: ”تون ملين يا نہ ملين پر، مان توسان ضرور ملندس...ھيڏي ساري ڪھاٽي ڪنھن ڪي مفت ۾ ٿورئي ڀڌائبي آھي. مان توڪان چانھہ جو سڄو سارو ڪوپ پيئندس...مُنو ھوندو تہ بہ مزو نہ ڏيندو“

”چانھہ بہ ڪا پيئڻ جي شيءِ آھي..؟“

”واقعي ....تنھنجي ھٿن جي ٺھيل چانھہ، ڀِي ڪٿي سگھندس اھا ڏسڻ لاءِ ئي ھوندي ...“

”ايڏي خراب بہ ناھيان ناھيندي پر ....“

”پر ڇا..؟“

”مان توکي ڪا وي آءِ پي آئسڪريم ڪارائيندي س...“

”ان عنايت جو سبب..؟“

”بابا جو ڪولڊ ڊرنڪ جو دڪان آهي پر بوتلن کان سواءِ پيو ڪجهہ هليس ئي ڪو نہ ... آئسڪريم مُدي خارج ٿيڻ جي بلڪل ويجهو آهن، سو سوچيم ضايع ٿيڻ کان بهتر آهي تہ اوهان کي آڇيان...“

مونکان ٺهڪ نڪري ويو ، هوءَ هلي وئي هئي.

غزل سان اها پهرين ملاقات هئي پر خطن ۾ ايترو ويجهو اچي ويا هئاسين، جو ان سان پهريون پيرو ملي ڪا اوپرائپ محسوس ئي نہ ٿي هئي، هوءَ اڪثر خطن ۾ لکندي هئي ...!

”مان هڪ پيرو زندگي ۾ توسان ضرور ملنديس .“

ڏُک ٿيندو هو، سوچيندو هيم:

” هڪ پيرو ڇو..؟وري وري ملڻ گهرجي....“

پر ايئن لکي نہ سگهندو هيومانس، شايد ان ڪري جو هوءَ صرف هڪ پيرو ملڻ جي ڳالهہ ڪندي هئي ۽ اڄ اوچتو اچي وئي هئي. غزل کي سڃاڻڻ ۾ ڪا بہ غلطي نہ ڪئي هيم. خوشيءَ جو ڪو ڪاٿو ئي نہ هو، پر ڪيس پنهنجي سامهون ڏسي ٿوري پريشاني بہ ٿي هئي پر هن جي رويي ۾ ايڏي تہ پنهنجائپ هئي جو محسوس پئي ٿيو ڄڻ مان مهمان هوءَ ميزبان هجي .ايندي ئي چيوهئائين: ”گهبراءِ نہ ... مان ڄاڻان ٿي تہ ڪهاڻيڪار صرف ڪهاڻي تي حاوي هوندا آهن، ڪنهن کي جيارين ڪنهن کي مارين، اها ڪا ڳالهہ ئي ڪونهي. باقي گهر ۾ گهٽي پاڳي ماني ملندي ئي ڪو نہ اٿن... وقت تي مانيءَ بہ ڪنهن نصيب واري اديب کي ملندي آهي...!“

الائي جي ڇو واڇون وڏي ويون هيون. چيو هيومانس: ”تو غلط ناهي چيو، پر اڄ ڪنهن جي صدقي ماني بہ سٺي ملندي ۽ وقت تي پڻ ...! موجون ڪندس....“

”سوري جناب...! ماني نہ کائيندس. جلدي واپس وڃڻي آهيان، اوهان هڪ عدد ڪهاڻي ٻڌائڻ جي مهرباني ڪجو ....!“

”آهستي ڳالهاءِ...“ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيم:

”ڪٿي امان نہ ٻڌي وٺي، اڳ ۾ ئي دير سان اٿڻ سبب نيرن ئي نصيب ناهي ٿي....تون پل مانيءَ نہ کائجان، تو وارو حصو بہ چٽ نہ ڪيم تہ ڪهاڻيڪار ئي نہ آهيان...صرف امان سان انڪار نہ ڪجانءِ... نہ تہ بک مرندس...!“

هوءَ کلي پئي هئي مان بہ مطمئن هيس تہ اڄ گهٽ ۾ گهٽ ڏينهن کان پوءِ واهہ جو ماني کائبي .

امان ويچاريءَ نئين آيل مهمان لاءِ چا چا تيار نہ ڪيو هو... توقع جي ابتڙ هن بس ئي نہ ٿي ڪئي...تيڏي اک سان ڏسندو ئي رهيو هيومانس، هوءَ بہ سمجهي وئي هئي. مرڪندي چيوهئائين:

”توسان پڪائي ڪئي هيم ،آهيان مان بہ بُک تي...!“

”اڄ ڪيبون ٿالهيون صفا، پوءِ تون ڪتين يا مان ڪتيان...“

مان بہ جذبات ۾ اچي ويو هيس، رڙ ڪئي هيم:

” فيصلو امان ڪندي.

پهريان امان بہ اسان سان ڪائڻ ۾ گڏ هئي پر جج ٿيڻ ڪان پوءِ ماني ڪائڻ تان هٿ ڪڍي وئي هئي.ان بچت تي دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو هئس مقابلو اچا بہ هلي ها، پر ڪا بہ ٿالهيءَ خالي نہ بچي هئي اسان ٻئي فاتحانہ انداز ۾ امان کي تڪڻ لڳا هئاسين.

”مقابلو تہ ڏاڍو سخت ٿيو آهي...“ فيصلو ڏنو هئائين:

”پر تو ۾ ڪائڻ جي فضيلت ئي ڪونهي، غزل سليقيءَ سان ڪاڌو آهي، ان ڪري فاتح بہ اها آهي...“

”متان نہ مڃين ...“

غزل فاتحانہ انداز ۾ مونکي تڪڻ لڳي هئي. جيڪا ڳالهہ مون کي اصل نہ وڻي هئي، واڇون مهٽيندي اعتراض ڪيو هيم:

”ڳالهہ فضيلت جي ڪونهي امان، نہ ئي ان ۾ سليقيءَ کي شامل ڪريو توهان صرف اهو ٻڌايو تہ گهڻو ڪنهن ڪاڌو...ڇو تہ مقابلو صرف ڪائڻ جو هو...“

”پوءِ ڳالهہ ڊورن جي بہ ڪونهي، تون تہ انهن جون سڪون تي لاٿيون ماٺيو بہ ڪا شيءِ ٿيندي آهي، ان ڪري فاتح غزل ئي آهي...!“

”امان زنده آباد...“

غزل خوشيءَ مان چڻ نعرو هنيون هو...مان چپ ٿي ويو هيس.

هونئن اڪثر پنهنجي تخليقن تي ڪلندي ٿهڪ ڏيندي ڏيندي سڏڪي پوندو آهيان، پر اڄ غزل بہ ايئن ڪيو هو ڏاڍي پياريءَ لڳي هئي ان وقت ڏينيوءَ ڪان پڇي ورتو هيم:

” غزل ڇو روئي پئي هئي..؟“

”هيڏي ساري ماني کي تپ ڏنائين، پوءِ پلا داد ڏيڻ ۾ بہ ڪنجوس پائي ڪري ها ڇا...!؟“

ڏينيوءَ جي بي سري جواب تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي ٺقڙ وهائي ڪيڏي هئي مانس. ڏوهہ ڏينيوءَ جو بہ نہ هو هاڻ مان سياڻو ٿي ويو آهيان، پر اڳ جيڪو منهنجي ٿوري تعريف ڪندو هو مان ان کي چانهہ پياريندو هئس، جيڪو مونکي گهڻو داد ڏيندو هو ان کي اوڊر تي بہ بوتل گهرائي پياريندو هئس. سو ڏينيوءَ بہ اهو اندازو هنيو تہ هن ماني ڪاڌي آهي تہ ڪيس روئڻ ئي گهربو هو. ڇو جو ڪنهن بہ ليڪ لاءِ ماني ڪارائڻ ڪان وڌيڪ قرباني ٿي نہ ٿي سگهي، ۽ ان لاءِ روئڻ ڪان وڌيڪ پيو ڪو داد آهي ئي ڪو نہ ..!

ڏينيوءَ کي ٺقڙ ڇا لڳي هئي همراهہ صفا چڙي پيو هو، چئي:

”مان ميم صاحبہ کي چڪ پائيندس...“

”فضيلت سک...!“

”اصل نہ ...هن جي ڪري مونکي ٿڦڙ لڳي آهي، اصل نہ ڇڏيندو مانس..!“
”پيهر ايندي ئي ڪو نہ ..!“
”مان ويندومانس...!“
”ڪٿي..؟“
”گهر...!“
”گهر ڏنو اٿئيس ڇا ...؟“ رازداريءَ واري انداز ۾ پڇو هيومانس.
”باقي ڏينيو ڇو ٿو سڏجان...سڄي شهر جا دورا ڪندو آهيان...!“
”ڪٿي اٿس...!؟“
”او....اُتي....!“
”نياڳا...! پڙهڻ بدران سڄو ڏينهن رلين پيو...!!“
ہي ٿڦڙ بہ وهائي ڪڍي هئي مانس.
ہي ٿڦڙ ڪا اهڙي لڳي هئس جو همراهہ هٿن مان پئي ويو:
”ڏينيو يار پاڻ ۾ آهيون ڇڙ تہ نہ ...“
”ٿڦڙ هڻين ٿو وري ايلاز بہ ڪرين ٿو...!“
”يائرن سان اهي ليڪا ٿورئي ڪبا آهن ...“
”نہ...مان ڇڪ پائيندومانس...“
”مونکي پاڻ پر هن جي ويجهو بہ نہ وڃجانءِ...!!“
”تو ان سان گڏ ماني کاڌي...۽ مان ان جي ويجهو بہ نہ وڃان...؟“
ڏينيو ضد ۾ اچي ويوهو. هوڏ ڪان لاهڻ لاءِ چيومانس:
”آئس ڪريم ٿو ڪارايائينءِ، ان ڳالهہ تان مڙي وڃ...“
”ڇڪ جو مزو پنهنجو آهي ...“
”مونکي پاڻ...“ ٻانهن ڏيندي چيومانس.
هن ٿورو سوچيو، ۽ پوءِ پنهنجا ڏند منهنجي ڳل ۾ کُپائي ڇڏيائين. منهنجي رڙين جو بہ هن تي ڪو اثر نہ ٿيو.امان اچي ڏينيوءَ کي مونکان جدا ڪيو. ڏاڍي ڪاوڙ ۾ هيس امان سمجهي وئي هئي، ڏينيوءَ کي گهليندي ٻاهر وٺي وڃڻ لڳي هئي، ڏينيوءَ جو رڙيون هجن:
”ڇڏ امان ...ادا ڪان آئس ڪريم جا تہ پيسا وٺان...!“
مون بہ سوچي ڇڏيو هو رڳو ڏينيو هاڻ مون تائين پهچي بہ تي ٿڦڙ وڏيڪ هڻي ڪيسي ۾ پيل خرچي بہ کسي وٺندومانس، پر هو مون ڏانهن نہ آيو شايد امان ڏهن جو نوٽ ڏئي ٽاري ڇڏيو هئس.

ڏينهو منهنجو ننڍو ڀاءُ آهي، ٽئين درجي ۾ پڙهندو آهي، اڇيس ڀڪي جو ڪوڙو به ڪو نه...! ضدي وري اهڙو جو جنهن تي ڏمرجي، اهڙو ڇڪ پائيندو اٿس جو اهڙو اثر ڪنهن اصل ڏينهوءَ جي ڇڪ ۾ به نه هوندو آهي .ان ڪري ڪيس ڏينهو چوندا آهيون. غزل ان ملاقات کان پوءِ وري نه ملي هئي. خط لکڻ به گهٽائي ڇڏيا هئائين هن جي هڪ خط جي جواب ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻه خط به لکي وٺندو هيومانس، شايد ان ڪري جو هوءَ مونکي ايترو سٺي لڳي هئي، جو ڄڻ منهنجو سڄو وجود ڏانهنس ڇڪجي ويو هو. نه ڄاڻ ڇو محسوس ڪندو هيم جو جيترو مان ڪيس چاهڻ لڳو آهيان، هوءَ ايتري ئي پري ٿي وئي آهي. سبب سمجهه ۾ ئي نه ٿي آيو، سوچي سوچي ٿڪجي پيو هيس خيال ايندو هو، هن هڪ ڀيرو ملڻ تي چاهيو ملي وئي ۽ بس، پر مان ته ساڻس گهڙي گهڙي ملڻ لاءِ سوچيندو هيم پر شايد ان جو هن کي احساس ئي نه هيو ان ڪري ته خط به نه لکندي هئي، ان ڏينهن گهٽن ڏينهن کان پوءِ فون ڪري پڇيو هيومانس:

”ناراض آهين... ؟“

”ها...!“

”ڇو...؟“

”تون ايئن ڇو لکندو آهين... ؟“

”ڇا لکندو آهيان ...!“

”محبت ڪندڙن کي تڙپائيندو آهين! ڪردارن کي ملائين ڇو ڪو نه ٿو...!؟“

”منهنجي وس ۾ هجي ته مان سڀني کي ملائي ڇڏيان ...“

”معنيٰ ته تون صرف روئارڻ ئي سکيو آهين ...!“

”شايد ها...“

”ڇو...!؟“

”تون ۽ مان به ته الڳ آهيون...!“

”ڇا تون مونسان محبت ٿو ڪرين...؟“

”ان ۾ ٿورو به شڪ نه ڪجانءِ...“

”ڪيتري...!؟“

”اندازو لڳائڻ وارا محبت جي توهين ڪندا آهن غزل...!“

هوءَ چپ ٿي وئي هئي ، پڇو هيومانس:

”تنهنجو منهنجي باري ۾ ڇا خيال آهي...؟“

”ڪهڙي سلسلي ۾ ...؟“

”ڇا ڪو مونسان محبت ڪري سگهندو...؟“

”تون ايڏو خراب ٿورئي آهين....!“
”ستو بہ تہ نہ آهيان نہ ...!“
”نہ... تون گهڻو مٺو آهين ....“
”ڇا توکي بہ مونسان ...“
”اڳتي نہ وڌجانءِ... “منهنجو جملو ڪٽي ڇڏيو هئائين.
”ڇو...؟“
”توکنهن کي ملايو آهي، جو تون ڪنهن کي ماٺي سگهندين...!“
”اهو وقت ئي ٻڌائيندو ...“
”اهو ئي تہ مسئلو آهي توسان...“
”ڇگڻو ڇڏ مسئلن کي، اهي حل ناهن ٿيندا، ٻڌاءِ ايترو عرصو ياد ڇو نہ ڪيئي؟“
”مان توکي وسارڻ ٿي گهران مٺا...!“
”ڪيترا ڀيرا توکي ٻڌايان تہ مان مٺو نہ ڪؤڙو آهيان...“
”اهو زبان تي ئي نہ ٿو اچي...“
”پوءِ ڪٿو ڇئو، مٺي ڪان بچاءِ...“
”تون منهنجي دل مان ڇو نہ ٿو نڪرين!؟“
”تون ڪڍين ڇو ٿي...؟“
”بس ايئن ئي...“
”مان واقعي ئي ايڏو خراب آهيان...!“
”نہ تون گهڻو مٺو آهين...“
”توکي ٿوري سٺي ڇوڻ ۾ ڇا ٿو ٿئي...!؟“
”ساڙ ٿو ٿيئي...! پر تون گهڻي مٺي تي ڇو ٿو چڙين؟“
”ڇو نہ چڙان گهڻي مٺي شيءِ ڪنهن کي وڻندي آهي؟“
”تون ڪا شيءِ نہ ... منهنجي پسند جو ليڪ آهين...!“
”واهہ جو پسند جي ليڪ جو قدر ٿي ڪرين...“
”ڇو نہ...! توکي ڪهڙي خبر تہ ماڻهو مونسان ڳالهائڻ لاءِ آتا آهن پر ڪنهن سان ناهيان ڳالهائيندي سواءِ تنهنجي...“
”ڪهڙا ماڻهو..؟“
”رشتن وارا...“
”پوءِ مان رشتن وارو نہ ٿيندس...!“

”ڇو...؟“

”تون جو نہ ڳالهائيندين...“

”پوءِ شڪايت بہ نہ ڪر نہ..!“

”ڪيئن نہ ڪيان... تون اجان تائين آئسڪريم بہ تہ ناهي ڪارائي ...!“

”مدي خارج بہ ڪائيندين..!!؟“

”تنهنجي هٿ ۾ آيل ڪنهن مدي خارج شيءِ جو بہ مدو وڌي ويندو ...“

”ڊائيلاگ نہ هڻ...!“

”آئسڪريم ڪاراءِ...“

”پوءِ شام اچ نہ...!“

”مار ڪارائيندينءِ ڇا...؟“

”نہ... آئسڪريم ڪارائينديسانءِ...“

”تون اچ ... سچ ڏاڍي سڪ لڳي آهي...“

”مان توسان هڪ پيرو ملي هيس، پيهر تو وٽ شايد ئي اچي سگهان...“

”پر مان پولڪا نہ ڇڏيندومانءِ ...“

”پوءِ شام اچ نہ...!“

”ڏينپو موڪليندوسانءِ...“

”ڏينپو...!؟؟“

هوءَ پريشان ٿي وئي هئي....

”ها ...! منهنجو ننڍڙو پاءُ آهي...“

”چڱو... مان پوءِ فون رکان...!“

”ايڏو جلدي...!“

”دل تہ نہ ٿي چوي پر... وڌيڪ ڳالهائي بہ نہ ٿي سگهان...!“

”ڇو...!؟“

”ٻڌايانءِ ...!“

”ها...“

”تنهنجو منهنجو بہ افسانو آهي...!“

”واقعي...؟“

”ها پر... ان جي پڇاڙي ڪان پوءِ هڪ نئين شروعات ٿيندي... مان سمجهان ٿي تہ ان ڪي سمجهڻ جي سگهہ تو ۾ آهي...!“

”پوءِ چئو نہ ...!“

”ڇا...؟“

”تون ٿورو سٺو لڳندو آهين ...!“

”نہ... تون گھڻو مٺو آهين ...“ هن فون رکي ڇڏي هئي.

شام جو ڏينهپوءَ کي چيو هيم،

”غزل ڏانهن وڃ ... هوءَ توکي آئسڪريم ڏيندي...“

”ڪهڙي غزل...!؟“

”او...اُها....!“

”ميم صاحبہ...!!؟“

”ها ...“

”چڪ پائيندومانس...“

ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي، ٺڦڙ وهائي ڪڍي هئي مانس.

”هاڻي تہ مور نہ ڇڏيانس...!“

”ڇا ڪندين...!؟“

”هن جي ڪري تي ٺڦڙون لڳيون آهن، چار چڪ پائيندومانس...!“

”تون ڪڏهن سڌرندين...؟“ ڪَن کي مروٽو ڏيندين چيومانس.

رڙ نڪري وئي هيس، چيو هئائين:

” توبهہ... ننڍو پاڻ ٿجي ئي ڪو نہ... وڏي کي ڳالهہ وڻي تہ واهہ واهہ...نہ تہ رڳو چماٽون ۽ ڪن پيا مروٽجن...“

”ڪنهن چيئي ننڍو ٿي...؟“

”ان جو تہ ڏک آهي، نہ تہ ٿونشا نہ هٺانءِ ها...!؟“

”ادب سان ڳالهاءِ ڏينهپوءَ...!“

”مان ، امان کي چڪ پائيندس...“

”ان کي ڇو...!؟“

”روز پڇندو آهيانس، توکان ننڍو ڇو ٿيس ناهي ٻڌائيندي... اڄ چڪ پائيندومانس...!“ ايئن چئي ڏينهپو ٻاهر نڪري ويو.

ڪجهہ ئي گهڙين ڪان پوءِ، امان ڪيس گهليندي مون وٽ وٺي آئي هئي، سندس حالت ڏسي سمجھي ويو هيم تہ امان بہ ڪتڪو ڪڍيو اٿس. مونکي ساڻس همدردي پيدا ٿي وئي هئي، امان چيو:

”سنڀال هن کي ... تنهنجي مائٽيءَ جون ڳالهيون ٿيون هلن... هي وري مونکي چڪ ٿو پائي...!“

امان هلي وئي هئي، مونکي پنهنجي رشتيءَ جي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، انتهائي پيار مان ڏينپوءَ کان پڇيم:

”ٻاهر ڪير آهن...؟“

”ڪراڙو ۽ ڪراڙي...!“ رکو جواب مليو.

”هڪڙو ڪم ڪندين...!؟“ التجائي انداز ۾ چيو هيومانس:

”ميم ڏانهن نہ ويندم، موڪليندين تہ چار چڪ پائيندومانس...!“

”نہ ...! اوڏانهن نہ وڃ ، مهمانن کي چڪ پاءِ...“

”نہ با ...! هاڻ امان چماٽون هنيون آهن پوءِ تہ چپل سان ماريندين...“

”آئسڪريم وارو سڄو پيڪيٽ وٺي ڏيندومانءِ....!“

آئسڪريم جو نالو ٻڌي، ڏينپوءَ اٿي بيٺو ۽ چپن تي زبان ڦيرائي ٻاهر نڪري ويو، جهٽ پل مس گذري جو ڏينپو رحم جوڳيءَ حالت ۾ منهنجي آڏو بيٺو هو، امان جو هٿ اجا ڪن ۾ هيس، هن پيري ٺاهوڪي مار ملي هيس. امان ڏاڍي ڪاوڙ ۾ هئي، مونکي چيائين:

” توکان ننڍو ٻارُ نہ ٿو سنڀالجي... ڙال ڪيئن سنڀاليندي...!؟“

”زالون زور آهن امان... مان شادي نہ ڪندس...!“

”نہ ڪر...! پر هن کي جهل مهمانن کي بہ چڪ ٿو پائي، ذري گهٽ نفيس صاحب جو ڪن ڪٽي وڌو اٿائين...“

”پوءِ اجان نہ ٿا اٿن چا...؟“

”اڃا ....!!! هاڻ سمجهہ ۾ آيو تہ ڏينپوءَ کي تو مچرايو آهي، ويچاري مفت ۾ موچڙا کاڌا آهن.اصل ۾ سڄي شيطان گيري تنهنجي ئي آهي...“

ڏينپوءَ ڏانهن ڏٺم:

منهن سڄايون بيٺو هو، پنهنجائپ مان چيومانس:

” ڏينپو تو وڏي قرباني ڏني آهي پر... ان اجان پنهنجو رنگ نہ ڏيکاريو آهي، تون نفيس صاحب جي پي ڪن تي بہ حملو ڪر، پوءِ جيئن چوندين تيئن ڪندس سياري لاءِ سوئيٽر بہ وٺي ڏيندوسانءِ...!“

”مهمانن سان ايئن ڪبو آهي...!؟“امان کي ڳالهہ نہ وڻي هئي.

”مونکي شادي ناهي ڪرڻي امان...! انهن کي چئو هليا وڃن...“

”خبر اٿئي نفيس صاحب ڪير آهي...؟“

”ڇوڪريءَ جو پيءُ هوندو...!“

”ها...پر اها ڇوڪريءَ خبر اٿئي ڪير آهي...؟“

”ڪير بہ هجي ....ان سان منهنجو ڇا...؟“

”نفيس صاحب نفيسہ جو والد آهي...!“

”نفيسہ...!!!“ مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو هو...

”ها ...اها ئي تو واري شاعره...!“ امان ايئن چئي هلي وئي هئي...

ڏينهوءَ ڏاڍهن ڏنم، هو نفيس صاحب جي ٻي ڪن تي حملي ڪرڻ لاءِ تيار بيٺو هو، ڪن ڪان پڪڙي چماٽ وهائي ڪيڏي هئي مانس:

”اڙي چندا...! تون نفيسہ جي پيءُ ، نفيس صاحب ڪي ڇڪ پاتو آهي، بزرگن جو بہ خيال نہ اٿئي...!“

ڏينهو ان ڳالهہ لاءِ بلڪل تيار نہ هو... بخيل ٿيندي انتهائي ڪاوڙ ۾ چيائين:

”مان هاڻ ڪنهن ڪي نہ ڇڏيندس... سيني ڪي ڇڪ پائيندس... سڀ نندو سمجهي مارين ٿا.“

ڏينهوءَ جا تارا خراب هئا، صورتحال سمجهندي جلدي ۾ ٻاهر نڪري دروازو بند ڪري ڇڏيو هيم، ڏينهوءَ جون رڙيون هجن:

”مان ڪنهن ڪي نہ ڇڏيندس، سيني ڪي ڇڪ پائيندس ...!“

ٻاهر اچي ڏاڍي ادب ۽ احترام سان مهمانن سان مليو هيس، ڏينهوءَ نياڳي ڪو نفيس صاحب ڪي اهڙو تہ اٿرائتو ڇڪ پاتو هو جو هو اجا تائين ڪن ڪي مهٽي رهيو هو رسمي تعارف ۽ حال احوال ڪان پوءِ نفيس صاحب چيو هو:

”تون ڏاڍو سلجهيل ڇوڪرو آهين اميد تہ اسان جو مانُ رکندين...!“

مان چپ ٿي ويو هئس، نفيس صاحب وري چيو هو:

”تنهنجي خاموشيءَ کي ها سمجهون...؟“

”نہ چاچا...!“

”پليز پُٽ انڪار نہ ڪجانءِ... توڙي جو پاڻ غريب آهيون، پر نفيسہ ڪي پٽن وانگي پاليو آهي، تون جيئن چوندين تيئن ڪنداسين..!“

”اها ڳالهہ ڪونهين چاچا...!“

”پوءِ...!؟“

”نفيسہ نصيب واري ڪي ملندي ۽ مان بدنصيب آهيان...!“

”غربت تي طنز ناهي ڪبو پُٽ...!!“

”پيهر ايئن نہ چئجو چاچا... منهنجي جذبن جو امتحان نہ وٺو، سچ ٿو چوان مان نفيسہ لائق ناهيان...! هوءَ تمام سٺي ۽ گهڻي سٺي آهي توڙي جو مون نفيسہ جي تصوير بہ ڪونهي ڏٺي، پر پوءِ بہ مان سمجهان ٿو تہ مان ان آڏو بيڪار شخص آهيان ان ڪري ان سان شادي ڪرڻ تہ نهيو پر ان جو سوچي بہ نہ ٿو سگهان.“

”پر ڇو...؟“

”هن جو قدر قيمت منهنجي وت ڪان گهڻو وڌيڪ آهي... اوهان ڪيس اتي ئي پرڙايو جتي هُوءَ چاهي ٿي...“

”اهي تمام وڏا ماڻهو آهن...!“

”ڪيترا بہ وڏا هجن پر نفيسہ جي هڪ غزل ڪان سندن قد وڌي نہ ٿو سگهي ...“

” ڳالهہ اها بہ ڪونهي پٽ...!“

”ٻي ڳالهہ بہ سمجهان ٿو... توهان انهن سان ڳالهايو... پيو سڀ ڪجهہ مون تي ڇڏيو...“

”ايڏي وڏي مهرباني... !!؟“

”نفيسہ جي هر هڪ ست مون تي ان مهرباني ڪان گهڻو وڌيڪ مهربان آهي...!“

”تون ڏاڍو ڀلو آهين...“

”نہ چاچا... مان ڪوڙو آهيان...“

نفيس صاحب وارا هليا ويا هئا.

نفيسہ نئين ٿهيءَ جي اهڙي پُختي شاعره هئي جو ان تي سينيئر ٿهي بہ رشڪ ڪندي هئي. گيت هجي يا غزل، وائي هجي يا نظم... جيڪي لفظ سندس شاعري ۾ اچي ويا سي جڻ امر ٿي ويا.

هن ڪڏهن بہ پنهنجي تصوير ڪنهن مئگزين ۾ نہ ڇپرائي هئي نہ ئي ڪو ساٿس ملي سگهيو هو، پر پوءِ بہ سيني ڪي اندازو هيو تہ جنهن شخصيت جي شاعري ايتري خوبصورت هجي تہ يقينن پاڻ ان ڪان بہ وڌيڪ سٺي ۽ سلڇڻيءَ هوندي. ڪجهہ عرصو اڳ شايد غلطي وچان ڪنهن رسالي ۾ ائڊريس ڇپجي وئي هيس تہ سندس ڏس پتي تي خطن جو نہ ڪٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو هو مان بہ سندس مداحن مان هڪ هيس، دل تہ ڏاڍو چيو تہ ڪيس خط لکي وٺان پر ايتري همت نہ هئي سوچيندو هيم هوءَ الائي ڇا سوچي، جيڪڏهن غلط سمجهي ويٺي تہ شايد منهنجي زندگي گهٽجي وڃي. پر الائي ڇو جذبن آڏو جهڪي پيو هيس خط لکي ورتو هيومانس ڏاڍي سٺي موٽ ڏيندي لکيو هئائين:

”خطن ڪان تنگ ٿي پئي آهيان، توهان جڏهن چاهيو فون ڪري وٺجو خبر ناهي ماڻهن ڪي خطن ۾ عجيب قسم جا ڊائيلاگ لکڻ ۾ ڇا ٿو ملي ائڊريس ڇپجڻ ڪان پوءِ ڏچي ۾ اچي وئي آهيان پئو ٿو ٿئي ڪتي ذهني ٽارچر ۾ لکڻ بہ وساري نہ ويهان...!“

الائي جي ڇو مان چاهيندي بہ فون نہ ڪري سگهيو هيومانس... صرف هڪ ڀيرو الائي جي ڪيئن ڪجهہ گهڙيون فون تي ڳالهايو هيم. هوءَ ڪافي مايوس پئي لڳي ڪيس شڪايت هئي تہ:

”ڇوڪريءَ هجڻ سبب ڪيس خواهہ مخواهہ مختلف بهانن، خطن ۽ فون تي ذهني اذيت ڏني پئي وڃي...“

آخر ۾ ڏاڍي نرمي سان چيو هئائين:

”توهان لکندا رهجو“

ان کان پوءِ وري ساڻس ڪو رابطو نہ ڪري سگهيو هيس ڪافي وقت کان پوءِ هڪ ٻيو خط لکيو هيو مانس، جواب نہ مليو هو، فون ڪئي هئي مانس چڙيل آواز آيو هو:

” نفيسہ گهر ڪونهين پندرنهن ڏينهن کان پوءِ ايندي...!“

محسوس ڪيو هيم تہ ڳالهائڻ واري خود نفيسہ هئي ڏاڍو ڏک ٿيو هو پر ڪاوڙ نہ آئي هئي، ٻي ڏينهن تي منهنجي ٻي خط جو جواب بہ اچي ويو هو. ان ڪري اڄ تائين ساڻس ٻيهر ڳالهائي نہ سگهيو آهيان ۽ نہ ئي هن ڪا مهرباني ڪئي هئي، ايتري خبر پئي هئي تہ فون ڪتائي گهر متائي ڇڏيو هئائين، نئين رهائش جي ڪنهن کي خبر نہ هئي. شايد انهي سبب هوءَ وري لکڻ ڏانهن موٽي نہ آئي هئي مان ڪيس شوق سان پڙهندو هئس هوءَ مونکي ڏاڍي خوشنصيب محسوس ٿيندي هئي جو هن مداحن جي رابطي کان تنگ ٿي گهر متائي، فون ڪتائي ڇڏيو هو. جڏهن تي مونڏي اڄ تائين ڪنهن خط نہ لکيو هو، توڙي جو مان بہ پنهنجي پر ۾ لکندو هيس. پر لکڻي ايڏي پلي هوندي هئي جو جو اڄ تائين ڪو مداح ڳاهي نہ سگهيو هئس، پوءِ پلا خط ڪير لکي ! ان ئي سبب ڪڏهن ڪڏهن احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿي ويندو هئس. پر ان ڏينهن کان وٺي احساس برتري ۾ هئس جڏهن کان غزل خط لکڻ لڳي هئي نفيسہ کي وسارڻ لڳو هئس اهو ڏکيو ڪم غزل جي خطن کان پوءِ سولو ٿيندو ٿي ويو، هونئن مان نفيسہ کي دل ئي دل ۾ پائيندو هئس خبر بہ هئي تہ هن جي خوابن ۾ مان نہ ٻيو ڪو شامل ٿي چڪو آهي پوءِ بہ دل اهو مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيندي هئي پر مونکي ان جو بہ اندازو هو تہ مان نفيسہ جي نظر ۾ ڇا آهيان...!

پوءِ بہ ڪنهن خوشفهميءَ ۾ مبتلا هئس، جو غزل ملي هئي، نفيسہ کي وساري ڇڏيوهيم. اڄ اوچتو اها ياد اچي وِئي هئيءِ مان ڏاڍو خوش هئس جو هن جي ڪنهن ڪم اچي رهيو هئس نفيسہ جي شاديءَ جون ڳالهيون هلي رهيون هيون، جو اوچتو غزل اچي نڪتي هئي ٻي ترتيب ڌڙڪندڙ دل جڻ وري ترتيب سان ڌڙڪڻ شروع ڪيو هو. پر پهرين ملاقات جيان هوءَ شوخ نہ، پريشان هئي آئسڪريم جو پيڪيٽ ڏيندي چيو هئائين:

”تون ڪو نہ آئين... مان ئي هلي آيس...“

”مهرباني...“ چيومانس: ”پر ڏاڍي دير ڪيئي...“

”آئي تہ آهيان...!“

”ها... واقعي تو تہ هڪ ٻيرو ملڻ لاءِ چيو هو ...“

”اڄ توسان ملڻ نہ توکي ڏسڻ آئي آهيان... هڪ عدد فوتو بہ ڏجانءِ...“

”رنگين تہ سٺا ڪونهن ...!“

”ڇو...؟“

”اڄ ڪلهہ اهڙيون ڪئميرائون اچي ويون آهن، جو جهڙا ڇهرا تهڙا فوتو...!

بليڪ اينڊ وائيٽ ڪئميرا جي ڳالهه ئي ٻي هئي. "
هن مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر مرڪي نه سگهي هئي چيو هئائين:
"بليڪ اينڊ وائيٽ ئي ڏجانءِ پلا...!"
"هڪڙو نه ...اهي ڪوڙ ڏيندوسانءِ..."
اوچتو ڏينپيو اچي ويو، ميم صاحب کي ڏسندي بلٽ ڦرڻ لڳا هئس، صورتحال کي سمجهڻ ۾ گهٽي دير نه لڳائي هيم، ڏينپيوءَ کي پاڻهن کان وٺي ٻاهر وٺي آيو هيس آئسڪريم ڏيندي چيو هيومانس:
"هي وٺ ۽ کسڪ...!"
"نه...! مان ميم صاحبه کي چار چڪ پائيندس ...!"
"ڏاهو ٿي ...!"
"نه... هن جي ڪري ڏاڍي مار ملي آهي، مان ڪيس چڪ پائيندس ...!"
"وري ٿڦر هڻندوسانءِ..."
"پوءِ پلا چڪ پائڻ ڏيندين...!!؟" معصوميت سان پڇيائين
سندس آواز ۽ انداز تي دل ئي دل ۾ کلي پيو هيم:
"اڙي صفا کوضدي ٿي پيو آهين...!"
"ڪجهه به سمجهه، پر ٿڦڙ هڻ هٿ ڪيو مان ميم صاحبه کي چڪ پائيندس...!"
توائي وٺي وئي هئي، ناهوڪي ٿڦڙ هڻڻ وارو هيومانس جو غزل جو آواز ٻڌم: "چڏينس..!"
"حڪم ملندي ئي هٿ ڪيڍيا هيم...!"
"ڏينپيو مونکي چڪ پائيندين...!؟" غزل پڇيس.
ڏينپيو جڻ گونگو ٿي ويو هو. وري چيائينس:
"اچ پاءِ نه ...!"
ڏينپيو وري به چپ رهيو.
غزل گوڏن ڀر جهڪي، ٻئي هٿ ڪلهن تي رکندي چيو هئس:
"ڏينپيو پاءِ نه چڪ...!"
"ميه... ميم .... صاحبه... م... مون..."
"م... م... م... نه ڪر، تون چڪ پاءِ ...!" غزل ڪلهن تي زور ڏنس.
"مون ادا سان پوڳ تي ڪيا...!" ڏينپيوءَ جڻ وضاحت ڪئي هئي .
"وڏن سان پوڳ ناهن ڪبا تون چڪ پاءِ...!"
"تون مارينديءَ...!!"
"اصل نه، تون چڪ پاءِ ...!"

”نہ ... تون پاڻ...!“ ڏينهوءَ چيس
”مان پاڻ ...!؟“
”ها...!“
”ڇو...!!؟“
”اڄ تائين صرف امان پيي ڏني آهي، تون ڇڪ پاڻ ...!“

غزل جي اکين ۾ بي انتها پيار لهي آيو هو. ڏينهوءَ جي ننهي ڳلن تي وڏي مٺي ڏني هئائين، ڏينهوءَ کي ايترو خوش ڏٺو هيم جو ايترو ڪڏهن آئسڪريم وٺي ڏيڻ تي بہ خوش نہ ٿيو هو ڇُميءَ کان پوءِ پٺي هٿ پنهنجي ڳٽن تي ڏئي امان ڏانهن ڊوڙندو ويو هو.

”ڏاڍو شرارتي آهي ...!“ واپس ڪمري ۾ اچي ويهندي چيو هئائين:
”ننڍي هوندي تون بہ اهڙو هئين...!؟“
”ها... پر اهڙي قسمت ڪٿي هئي...؟“ مان معنيٰ خيز مرڪ مرڪي پيو هيم، هوءَ بہ کلي پئي هئي.
”ٻڌو اٿم نفيسہ شادي پئي ڪري...!“ڪجھہ گهڙين کان پوءِ ڳالهايو هئائين.
”تون نفيسہ کي سڃاڻين ...؟“
”ها... ويجهي سهيلي آهي...!“
”پوءِ ڇو نہ ٻڌايو هيئي...؟“
”نياپا ڏئين ها ڇا ...!؟“
”نہ...! ان لاءِ دعائون ڏيانءِ ها...!“
”توکي بہ سڃاڻيندي آهي...؟“
”تورڙو...!“
”ڪيئن...؟“
”خط لکيو هيومانس...“
”فون تي ڳالهائيندو آهينس...؟“
”نہ...!!“
”ڇو...؟“
”هوءَ وڏي هستي آهي...“
”سچ ٿو چوين...!“
”نفيسہ جي باري ۾ ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندس...!“
”پر مان سمجهان ٿي، تون منهنجي ساهيڙيءَ تي طنز ٿو ڪرين...!“
”پيهر ساڳيا لفظ نہ چئجانءِ... مان هن جي پاڻ کان وڌيڪ عزت ڪندو آهيان.“

”هوءَ بہ توکي ياد ڪندي آهي...!“

”سچ...!!؟“

”ها...سچ...!“

”ان جو سبب...؟“

”تنهنجون لکڻيون وڻنديون اٿس...!“

”ڪيئن آهي هوءَ ...؟“

”ايڏي سٺي تہ ڪونهي...!!“

”پوءِ بہ توکان ڀلي هوندي...!!“

”ڇا مونکان وڌيڪ تون ان کي پسند ڪندو آهين...؟“

”هن جو ڦوٽو بہ نہ ڏٺو اٿم ڇري، پوءِ بہ محسوس ٿيندو آهي، هوءَ جيڪڏهن سامهون آئي تہ مان ڏيڻيءَ وانگي نہ... پر حقيقي گونگو ٿي ويندس، جڏهن تہ توسان ڪچهري ڪندي ايئن لڳندو آهي، ڄڻ دنيا جو گهڻي ۾ گهڻو ڳالهائيندڙ شخص مان ئي هجان...!“

”ڪنهن کي ايترو ٿورئي چاهبو آهي، جو ماڻهو ان سان ڳالهائي بہ نہ سگهي..!“

”توسان جو ڳالهائيندو آهيان...!“

”مونکي ڇڏ نفيسہ جي ڳالهہ ڪر ...!“

”ان جي شادي ٿيڻ واري آهي...!“

”ڪنهن سان ...!؟“

”توکي خبر ڪونهي ...!؟“

”نہ ...تون ٻڌاءِ...!“

”هوندو ڪو خوش نصيب ...!“

”نفيسہ جي شادي کان پوءِ تون جيءُ سگهندين ...؟“

”تون جو آهين...!“

”مان ڪجهہ بہ نہ آهيان...!“

”ڀل نہ هج پر ... تنهنجي اچڻ کان پوءِ مان سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو آهي هونئن بہ مان نفيسہ جو احترام ڪندو هئس، ان کان وڌيڪ ان جو احترام هاڻي بہ ڪندو آهيان، باقي مان ان جي لائق پاڻ کي ڪڏهن بہ نہ سمجهيو هو، نہ ئي هاڻ ڪڏهن اها غلطي ڪندس...!“

”تنهنجي پنهنجي بہ حيثيت آهي...!“

”نفيسہ آڏو ڪجهہ بہ نہ آهيان ...!“

”هوءَ پاڻ توکي چاهي ٿي...!“

”پوءِ ڇئو نہ ...!“

”ڇا...؟“

”تون ٿورو سنو لڳندو آهين ...!“

”نہ...!“ ڪنڌ جهڪي ويو هئس ”تون گهڻو مٺو آهين پر...“

”پر ڇا ...؟“

”تنهنجي دل ۾ نفيسہ لاءِ ڪا بہ جڳهہ ڪونهي...!؟“

”هن سان فون تي ڳالهائڻ ۾ ۽ ان جي ٻي خط ملڻ ڪان پوءِ محسوس ٿيو هو تہ منهنجي اهميت ئي ڪهڙي آهي ۽ جن جي ڪا بہ اهميت نہ هوندي آهي اهي چنڊ تائين پهچي ناهن سگهندا صرف ڏسي سگهڻ جي سگهہ باقي هوندي اٿن. مون وٽ بہ نفيسہ لاءِ خلوص ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي زندگي ۾ جيڪڏهن سندس ڪنهن ڪم اچي ويس تہ اهو بہ مون لاءِ ڪنهن اعزاز ڪان گهٽ نہ هوندو...!“

”پوءِ تو ان جي رشتي ڪان انڪار ڇو ڪيو ...؟“

”توکي وري ان جي خبر ڪيئن پئي...؟“

”هوءَ مونکان ڪا ڳالهہ ڪونهي رکندي...!“

”ڇا ڇيو هئائين توکي...؟“

”ڪجهہ بہ نہ ...!“

”ڪجهہ بہ نہ ...!؟“

”بس هوءَ سڏڪي پئي هئي...!“

”ڇو...؟“

” الائي جي ڇو، پر تون انڪار ڇو ڪيو هو...؟“

”توکي ٻڌائي چڪو آهيان .“

”پر هوءَ توکي ڏاڍو چاهي ٿي...!“

”پوءِ ڇئو نہ ...!“

”ڇا...!؟“

”تون ٿورو سنو لڳندو آهين ...!“

هوءَ چپ ٿي وئي هئي،

چيومانس: ”ڳالهاءِ...“

”نفيسہ ڏاڍو پڇتائي ٿي...! “

”ڇا ٿي ...؟“

”توسان اختيار ڪيل روبي تي...!“

”نہ هن ايڏو خراب بہ نہ ڪيو آهي...!“
”ڇا تون ڪيس معاف نہ ڪندين...؟“
”هڪ شرط تي ...!“
”ٻڌاءِ...؟“
”ڇئو نہ ...!“
”ڇا ...؟“
”تون ٿورو سنو لڳندو آهين ...!“
”نہ...! تون گهڻو منو آهين ...!“
”تون ايئن ڪڏهن بہ نہ چوندينءِ...؟“
”چونديسانءِ...!“
”ڪڏهن...؟“
”جڏهن تون نفيسہ جي ڳالهہ ٻڌندين...!“
”روز پڙهندو آهيانس...!“
”ٻڌڻ ۽ پڙهڻ ۾ گهڻو فرق آهي...!“
”مان ڪيس ٻڌي نہ سگهندس...!“
”خبر آهي...!“
”پوءِ...!“
”مان ئي هن جي دل جي ڳالهہ توڪي ٻڌائيندس...!“
”ٻڌاءِ...!“

”نفيسہ ڪي اجائي خطن ۽ ٽيليفونن تنگ ڪري ڇڏيو هو توڙي جو تو ان ڪي صرف بہ خط لکيا هئا ۽ شايد هڪ بہ ٻيرو فون ڪئي هئي پر تنهنجي نالي سان روز الائي جي ڪيترا خط ۽ ڪيئي ٽيليفونز ايندي هيون. تنهنجي نالي سان عجيب قسم جا ڊائيلاگ ٻڌي هوءَ تنهنجي سلسلي ۾ غلط فهميءَ جو شڪار ٿي وئي هئي. شايد ان ڪري نفيسہ جيڪا تنهنجي پهريان تمام گهڻي عزت ڪندي هئي پر پوءِ تنهنجو نالو ٻڌڻ شرط چڙي پوندي هئي...!“

”مونکي منهنجي نالي سان خط ۽ فون ڪرڻ واري ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪو نہ آئي.!“

”نفيسہ خود بہ پريشان آهي، هوءَ توڪي تہ سمجهي وئي آهي پر تنهنجي نالي استعمال ڪرڻ وارن کي سمجهي ناهي سگهي تہ هنن ايئن ڇو ڪيو ...؟“

”تون ئي ٻڌاءِ... ؟“ غزل جي خاموش ٿيندي ئي ڳالهايو هيم:

”ساڙ سڙيا ماڻهو گهڻا آهن مٺا، هو چاڙيندا هئا تہ تنهنجي پنهنجي بہ ادبي سڃاڻپ آهي ، ڪٿي نفيسہ تنهنجي ويجهو نہ اچي وڃي ...!

ان ڪري انهن توهان جي وچ ۾ غلط فهميون پيدا ڪرڻ لاءِ اهو رستو اختيار ڪيو ڪين پڪ هئي پيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ان سان نفيسہ اوهان کي ويجهو نہ ٿيندي ...!“

”جيڪڏهن ڳالهہ واقعي اها آهي تہ پوءِ نفيسہ جو ڪو ڏوهہ ئي ڪونهي.“

”هوءَ بہ سمجهي وئي آهي تہ قصور وار تون بہ نہ آهين...!“

”پوءِ ڇئو نہ ...!“

”ڇا...؟“

”تون ٿورو ستولڳندو آهين...!“

”نہ تون گهڻو مٺو آهين...!“

”مان مٺو نہ آهيان مٺو تہ اهو آهي ...!!“

”ڪير...؟“

”جنهن کي نفيسہ ٿي چاهي...!“

”اهو تہ تون آهين...!“

”مون توسان ڪڏهن مذاق ڪئي آهي غزل...!“

”مان بہ سچ ٿي چوان ...!“

”مون توکي ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ مان هن آڏو ڪجهہ بہ نہ آهيان ...!“

”اهو تنهنجو مسئلو آهي...!“

”باقي هن تہ توڏي پنهنجا گهر وارا بہ موڪليا هئا ڪين اهو نہ ٻڌايو هئائين تہ تون ئي ان جي پسند آهين ...!“

”اهو بہ ستو ٿيو غزل...! سچ مان نفيسہ کي نفيسہ نہ رکي سگهان ها ...!“

”ٺيڪ آهي پر ڇا تون ان جي هڪ ڳالهہ مڃيندين...؟“

”هڪ نہ هزار چئو...!“

”تون هن جو لکيل پيو خط ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏ ...!“

”اصل نہ ..! اهو مونکي منهنجي حيثيت ياد ڏياريندو رهندو...!!“

”اهو خط اجائي بڪواس کان سواءِ پيو ڪجهہ بہ ناهي ...!“

”ڇا تون ان جي مواد بابت ڄاڻين ٿي...؟“

”ڇيم نہ مٺا ...نفيسہ مونکان ڪجهہ بہ ناهي لڪائيندي ...!“

”پوءِ تون منهنجي ويجهو ڇو آئينءَ ...؟؟“

”تو کي خبر آهي تہ مان ڪجھ بہ نہ آهيان ...!“

”نہ تون ڏاڍو مٺو آهين...!“

”ايئن نہ چئو نفيسہ مارينديءِ...!“

”مان بہ ماريانس...!“

”ايڏي حجت...!“

”باقي دل جي ويجهو ڇو آهي ...؟“

”پوءِ مان توکان پري ٿيندس...!“

”خبر آهي...!“

”ڇا مطلب ...!؟“

”تون سچ پچ ٿي ويندين...!“

”ڪيترو بہ پڄان ساهہ تو وٽ اچي ٿيندس...!“

هوءَ لمحي لاءِ مونڏي ڏسي پوءِ ڄڻ پُري پئي هئي، جهري پئي هئي، ڳوڙهن ۾ سفر ڪندي چيائين:

”مان ئي نفيسہ آهيان مٺا ...!!“ ۽ پوءِ سندس سِسڪيون ۽ سڏڪا وچ ۾ گجگوڙ بڻجي منهنجي ڪنن ۾ وڄڻ لڳا. پنهنجي وجود اندر هائيڊروجن بم ڦاٽندي محسوس ٿيو هو مان ڄڻ ذرا ذرا ٿي ويو هئس. پنهنجي وجود جا ذرا ميڙيندي الاءِ جي ڪيئن ڳالهايو هيم:

”نہ...! تون غزل آهين...!! صرف منهنجي غزل...!“

”تون يقين ڪر مٺا مان ئي نفيسہ آهيان توکي ڏاڍو پيائيندي هئس، پر پوءِ خبر ناهي ڪيئن... ڪنهن غلط فهمي ۾ اچي توکي خط ۾ ڇا ڇا لکي ويٺيس پر جڏهن خبر پئي تہ تون صرف مٺوآهين، تہ ان وقت شايد مان گهڻو اڳتي نڪري وئي هيس... سمجهي ڇڏيو هيم تون نفيسہ سان ڪڏهن بہ نہ ملندين ان ڪري غزل بڻجي تو وٽ آئي هيس... ۽ پنهنجي غلطي جو ازالو ڪرڻ تي گهريم پر ان ۾ ڪاميابي ناهيان ماڻي سگهي... توکي وڃائڻ کان پوءِ حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي وت آهر، وس ڪيم ... پر مٺا ماڻهو نصيب وارن کي ملندا آهن منهنجو نصيب ئي ٽتل ڦٽل آهي... توکي چيو هيم نہ پنهنجو بہ ڪو افسانو آهي ۽ افسانن ۾ تو ڪنهن کي ناهي ملايو، تہ پوءِ تون ۽ مان ڪيئن ملون ها...!؟ شايد، ان ڪري هن ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي تي مون کي ڪا بہ حيرت ناهي ٿي پر ڏُک جو حق پاڻ وٽ محفوظ رکان ٿي... ڏس نہ هي پنهنجو حقيقي افسانو بہ پين افسانن جيان هلندي ڪلندي ڪيئن نہ اوچتو ڪنهن موڙ تي اچي ٽڙي پکڙي جدايون ڏئي ويو... فرق صرف ايترو آهي جو تو وارن لکيل افسانن جي اختتام تي پڙهندڙ سوچڻ لڳندا آهن تہ ايئن ڇو ٿيو ۽ ڪيئن ٿيو؟ جڏهن تہ پنهنجي هن افساني تي تجسس جو شڪار تون ۽ مان ٿيا آهيون...! شايد هن افساني جو جادو تنهنجي ۽ منهنجي زندگي تي آخر تائين اثر انداز ٿيندو رهي ۽ شايد تون ۽ مان پئي پوڇيندا رهون ، ان ڪري جو افسوس مان غزل نہ نفيسہ آهيان ...!!!“

ڏنم هوءَ وري سڏڪڻ لڳي هئي، چيوهيومانس:
”روءِ نہ غزل ...!“
”مان نفيسہ آهيان، مونکي نفيسہ چئو...!“ سڏڪا تيز ٿي ويا هيس ...
”اصل نہ...! تون صرف منهنجي غزل آهين...!“
”ضرف هڪ ڀيرو چئو، صرف هڪ ڀيرو ...!!“ ٿشُوءَ سان ڳوڙها اگهڻ لڳي هئي پڇيو هيومانس:
” ڇا...؟“
”نفيسہ...!“
”نہ چوندس ...!!“
”توکي ڇوٽو پوندو...!“
”وڙهہ نہ... چوانءِ ٿو...!“
”تون نفيسہ آهين صرف نفيسہ ...!“
”مهرباني مٺا، سچ دل کي ڏاڍو سڪون مليو آهي...!“
”پوءِ چئو نہ ...؟“
”ڇا...؟“
”تون ٿورو سنو لڳندو آهين...!“
”نہ تون گهڻو مٺو ۽ ٿورو روئٽو آهين ...!“
مان کلندي پنهنجا لڙي آيل لڙڪ اگهي چڙيا هئا ۽ چيوهيومانس:
”هاڻ تہ چئو نہ...!“
”ڇا...؟“
”تون ٿورو سنو لڳندو آهين ...!“
”ڇيم نہ تون گهڻو مٺو آهين...!!“
”هوءَ اٿي بيٺي هئي، مان کيس تڪڻ لڳو هيس چيوهئائين:
”معاف ڪجانءِ مٺا نفيسہ بہ توکي ڏکايو تہ غزل بہ...! پنهن تنهنجي اکين جو پاڻي اکين ۾ رهڻ نہ ڏنو ...!“
”مونکي کهڙي خبر غزل...!“ چيوهيومانس:
”تہ منهنجون لکٽيون منهنجي ذاتي زندگي کي بہ پاڻ جيان نہ سمجهڻ واري پڇاڻي ڏيندیون، نہ تہ يقينن مان ڪڏهن بہ نہ لکان ها ...!“
”هاڻ لکندو رهجانءِ...!“
”۽ تون ..؟؟“

”مان بہ ڪوشش ڪنديس...!!“

”تون ويهہ تہ سهي...!“

”منهنجي شادي جون تياريون پيون هلن ...!“

”مون غزل کي ڏاڍو چاهيو آهي ...!“

”اها ان لائق نہ آهي...!“

”ايئن نہ چئو...“

”تون هميشہ ياد رهندين منا...!“

”پوءِ چئو نہ ...!“

”ڇا...؟“

”تون ٿورو سنو لڳندو آهين ...!“

”نہ... تون گهڻو منو آهين ...!“

”آخر ۾ بہ ايئن نہ چوندينءِ...!؟“

”ڇو ڇوان...!؟ مان توکي پنهنجو نہ ڪري سگهيس، تو غزل کي چاهيو... اها بہ تنهنجي نہ ٿي سگهي تہ پوءِ ايئن ڇو ڇوان...؟“

”پوءِ چاهيس تون چئو نہ ...!!“

هن ڪو بہ جواب نہ ڏنو وڃڻ لڳي هئي مان جڻ رڙيون ڪرڻ لڳو هئس.

”چئو نہ ... چئو نہ ...آخر ۾ تہ چوندي وڃ ... صرف هڪ ڀيرو غزل ...!!“

هوءَ ويندي ويندي دروازي وٽ ٻيهجي وئي هئي، وري ڇيومانس :

”صرف هڪ ڀيرو چئو ...!!“

اتي ئي بيٺي بيٺي منهن مون ڏانهن ڪري چيائين:

”ڇا...؟“

”تون ٿورو سُنو لڳندو آهين...!“

” نہ ...!“ هوءَ مرڪڻ لڳي هئي.

”تون گهڻو منو آهين ...!“

پر آخري جملو ادا ڪندي، ڪنهن ٻار جيان سڏڪندي تيز تيز وکون کڻندي هلي ويئي هئي.

”رو نہ ...! ميم صاحبہ کي روڪ... سنو تون نہ ... سٺي ميم صاحبہ آهي ادا...! مان ڪيس چڪ پائيندس...!!!“

ڏٺم ڏينهو دروازي جي اوٽ ورتيون بيٺو سڏڪي رهيو هو، پنهنجا لڙڪ اگهڻ وري بہ وسري ويا هئا وڏي وجي ڏينهوءَ جي اکين مان سندس جيان معصوم لڙي آيل لڙڪن تي پنهنجا چپ رکي ڇڏيا هيم.

غزل جي وڇڙڻ کان پوءِ ڪجهہ بہ ناهيان لکي سگهيو ڪافي ڀيرا ڪوشش بہ ڪئي اٿم پر هن سٽن کان اڳتي نہ وڌي سگهيو آهيان.

”توکي شڪايت هئي نہ مان ڪردارن کي ناهيان ملائيندو، ڪين تڙپائي تڙپائي جدايون ڏئي ماري ڇڏيندو آهيان، پر اڄ مان پاڻ مري رهيو آهيان، افسانہ لکڻ بہ ڇڏي ڏنا اٿم...!!“

”تون موٽي آ غزل...! “

***

تون منهنجي ساهہ ۾ آهين ...!!!

سچڻ بيروزگار هوندي بہ ’صاحب‘ سڏائيندو هو.

ان نالي سان ايترو مشهور ٿي ويو هو جو سندس اصل نالو ماڻهن کان وسرڻ لڳو هو پر ڪالهہ شادي ٿيڻ جي ڇهين ستين مهيني کان پوءِ شيزان هوٽل تي چانهہ پيئندي عجيب انڪشاف ڪيو هئائين.

”يار...!“ چيائين: ”اڄکي مون کي ’صاحب‘ نہ صابو سڏيندو ڪر...!“

ڏاڍو تعجب ٿيو هو، پڇيومانس:

”ڇو ڀلا صاحب...! صاحبہ سٽي نہ لڳي ڇا...!؟“

”نہ اها سُريلي آهي...!“ وراڻيائين.

”پر مون کي هاڻي خبر پئي آهي تہ مان صاحب نہ سئو فيصد صابو آهيان...!“

مان ڪلي پيو هئس بلڪ ٺهڪ ڏيڻ لڳو هئس چڙندي چيو هئائين:

”ڏند نہ ٽيڙ مان سنجيده آهيان...! اڄ کان وٺي پنهنجي نالي بدلائڻ واري تحريڪ شروع.... گھٽ ۾ گھٽ تون ان ۾ رُخنو نہ وجهہ ...!“

”مونکي ڪو اعتراض ڪونهي...!“چيومانس:”پر سبب تہ ٻڌاءِ...! صاحب مان صابو ڪيئن ٿي وئين...؟“

”بيروزگاري ماري وڌو آهي يار...!“

”بيروزگار تہ ڀڀرين بہ هئين...!“

”ان مهل اڪيلو هيم...!“وراڻيائين:”هاڻ بہ ٽي ويا آهيون... ممڪن آهي ڪجهہ وقت کان پوءِ ٽي بہ ٽي وڃون پر شايد اسڪور اتي بہ نہ رڪجي ۽ وڌندو رهي، ان ڪري صاحب مان صابو تہ ٺيڪ آهي سو ڇو نہ بسمِ الله هاڻ ئي ڪجي...!“

”امير گھراڻي جو آهين...!“ چيم: ”پوءِ بہ دانهون ٿو ڪرين...!“

”ڳالهہ امير غريب جي ڪونهي...!“چيائين:”پر غيرت بہ ڪنهن شيءِ جو نالو آهي...! ڀڀريان بابي تي اڪيلو بار هيم، پرواهہ نہ هئي هاڻ وري عشق جي شادي ڪري بابا جي خرچن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو اٿم...! في الحال تہ مائي سگھوري فرمائشون ڪو نہ ٿي ڪري پر شاديءَ کان اڳ جذبات ۾ اچي جيڪي هُن سان واعده ڪيا هيم، سي بغير چوڻ جي پورا ڪرڻا ٿا پون...! جنهن جي ڪري بابا منهنجي ڪيسي جي بجيٽ صفا گھٽائي ڇڏي آهي...! ان ڪري غيرت جو سوال آهي تہ مان، صاحب نہ، صابو سڏجان...!“

منهنجي مرڪ وڏيڪ گهري ٿي وئي هئي هن جي ڳالهين مان ايترو تہ مزو ٿي آيو جو چانهہ پيئڻ ئي وسري وئي هئي... ڪجھہ گهڙين جي خاموشيءَ ڪان پوءِ چانهہ جي سرڪ ڀري انتهائي مخلصاڻي انداز ۾ صلاح ڏنائين:

”في الحال تون شادي نہ ڪجانءِ...!“

”ڪيان تہ...؟“ چانهہ جو ڪوپ چپن آڏو آڻيندي چيم.

”لوَ مئريج نہ ڪجانءِ...!“

”ڪيان تہ...؟“

”طاهر مان طارو ٿي سڏبين...!“

چانهہ جو ڍڪ نہ ڀري سگهيو هيم، ڪوپ واپس ٽيبل تي رکي ڪلي پيس.

”هاڻ تہ شادي ضرور ڪندس...!“

”ڇو...؟“

”مفت ۾ ’تارو‘ ٿي پوندس ڪو درياءَ سمنڊ ٻوڙي لوڙهي نہ سگهندو..!“

”درياءَ بادشاهہ اهو ڪم ڪري نہ ڪري...! پر مائي توکي ٻوڙي ئي ٻوڙي ...!“

”سبب...؟“

”بيروزگار...! گهر وارن تي بار...!“

”مجيم تہ بيروزگار آهيان...! توڪان ڇهہ پيرا وڏيڪ سُجو آهيان پر ڪنگلو نہ آهيان... توڪان وڏيڪ پيسا منهجي ڪيسي ۾ آهن...!“

”صفا واحيات آهين...؟“ وراڻيائين:”شادي شده ڪي چئليج ٿو ڪرين...! شرم ڪر ڪيسا خالي ڏسي مَڱي نہ ڪبي آهي، اڄ بابا ويهہ رپيا ڏنا هئا نہ چاهڻ باوجود پندرنهن روپيا پنهنجي محبت تي قربان ڪرڻا پيا...! باقي پنج روپيا پنهنجي چانهہ لاءِ بچائي رکيا اٿم...! پر مان سمجهان ٿو تہ شاديءَ ڪان پوءِ تون هڪ چانهہ جا پيسا بہ بچائي نہ سگهندين...! ۽ مون ڪي پنهنجي حصي جي چانهہ مان توکي اڌ ڏيڻو پوندو..! مان اها قرباني ضرور ڏيندس، تون فڪر نہ ڪر طاهر...!“

”واقعي...!“ڪلندي چيومانس: ”اها وڏي قرباني آهي صابو...!“

”صابو...!“ همراهہ ڪان خوشيءَ مان رڙ نڪري وئي:

”لڳي ٿو تہ منهنجي نالي بدلائڻ واري تحريڪ رنگ لائيندي نظر پئي اچي...!ان خوشيءَ ۾ اڃوڪو بل مان ادا ڪندس...!“

”پر تو وٽ تہ ڪل پنج روپيا آهن...!“

”بيشڪ مون وٽ پنهنجا صرف پنج روپيا آهن...!“چيائين: ”پر گهر واريءَ ڪي پندرنهن روپيا ڏيڻ ڪان پوءِ ڪنهن ڏڪئي وقت ۾ ڪم اچڻ لاءِ پنج روپيا پرس مان ڪڍي ورتا هيامانس...!“

”چگو ڇڏ انهن ڳالهين کي...!“ ڳالهہ جو رُخ بدلائيندي چيم:

”تنهنجو ريشمان بابت ڇا خيال آهي...!؟“

”شاديءَ کان اڳ هر ڇوڪريءَ بابت سٺا خيال ۽ نيڪ جذبا هئا...!“ وراڻيائين: ”هاڻ ڪجھہ نہ ٿو چئي سگهان منهنجا پاءُ...!“

”مذاق ڇڏ...!“چيم: ”مان سنجيده آهيان...!“

”هوءَ سٺي ڇوڪري آهي...!“

”مان خراب آهيان...؟“

”نہ تون بہ خراب نہ آهين...!“ وراڻيائين:

”پر هوءَ توکان گهڻي سٺي آهي...!“

”اهو تنهنجو خيال آهي...!“ چيم.

”باقي هُن جي نظر ۾ مان هيرو آهيان...!“

”غلط فهميءَ جو شڪار نہ ٿي...! اهو انڊين فلمن جو منهن ڪارو آهي..!“ اندر سڙي ويو هو، سندس ان جملي تي اهڙي ڪاوڙ آئي جو سوچيم: ’مُڪ هڻي ميڇالو ڪيڍي وجهانس...!‘ پر ايئن نہ ٿي ڪري سگهيس. هٿ ۾ سيخون نہ آڱريون هيون.

”هوءَ فلمون ڏسندي ڪونهي معتبر...!“ برداشت کان ڪم وٺندي چيم.

”پوءِ سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي...!“

”اسان هڪ ٻئي کي چاهيون ٿا...!“

”مان ڇاڻان ٿو...!“

”پوءِ بہ ڪجھہ نہ ٿو ڄاڻي...!“

”توهان شادي ڪرڻ ٿا چاهيو نہ ...؟“ پڇيائين.

”وڏي چاڻ اٿئي...!“ (مان خوش ٿي ويو هئس)

”صاحب مان صابو... اجايو ٿورئي ٿيو آهيان...! علم تہ اڳ ئي هو، هاڻ عملي تجربن ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي...!“

”پوءِ تون ان سلسلي ۾ منهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهين ٿو...!؟“

”پهرين ڳالهہ تہ ريشمان توسان شادي ڪرڻ جي غلطي نہ ٿي ڪري سگهي...!“

”ٻي ڳالهہ ...!؟“ منهنجو بلڊ پريشر هاءِ ٿيڻ لڳو هو..!

”جيڪڏهن هوءَ اهڙي غلطي ڪري بہ تہ تون ايئن نہ ڪجانءِ...!“

”ڇو...؟“ بيزاريءَ مان پڇيومانس:

”ڏس...!“ سنجيده ٿي ويو هو:”محبت ڪرڻ ۽ محبت ماڻڻ ٻہ الڳ الڳ شيون آهن... اهو ضروري ڪونهي تہ محبت ڪجي تہ ماڻجي ٻہ... تون بيروزگار آهين... محبت جهڙي مقدس رشتي ڪي سنڀالڻ جي سگهہ هن وقت تو ۾ ڪونهي... ان ڪري پهريان نوڪريءَ ڏانهن توجہ ڏي...!“

”نوڪريءَ ملڻ جو آسرو ڪونهي...!“

”ان ڪري ئي تہ چوان ٿو جلد بازي نہ ڪر...!“

”تون جو ريِس ڏياري آهي...!“

”تو ۾ ۽ مون ۾ فرق آهي طاهر...!“چيائين:”منهنجو پيءُ بينڪ مئنيجر آهي، نوڪري نہ ملي تہ بہ بابا جي بدولت بينڪ مان بغير وياج جي قرض ڪٽي ڪو ڪاروبار ڪري سگهندس...! پر پوءِ بہ مان هن وقت صاحب مان ’صابو‘ بڻجي ويو آهيان...!تون اجان منهنجي ڪهڙي بگڙيل حالت ڏسڻ چاهين ٿو...!؟“

مان خاموش ٿي ويوهئس، ڪجهہ ڪڇي نہ سگهيو هيم. ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين:

”مان توکي احساسِ ڪمتري ۾ مبتلا ڪرڻ نہ ٿو چاهيان پر ڇا شاديءَ کان پوءِ ريشمان جي هڪ ننڍڙي خواهش ڪي بہ پورو نہ ڪري سگهڻ کان پوءِ جِي سگهندين...!؟ شايدڪڏهن بہ نہ ...! ان ڪري محبت جي ماناري سان في الحال شاديءَ واري ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪر، نہ تہ...!!!

مان وري بہ خاموش رهيو هئس، چاهڻ باوجود ڪجهہ ڪُڇي نہ سگهيو هيم.

”دير ٿي وئي آهي هلڻ گهرجي...!“ هو اٿي بيٺو هو.

”صابو...!“ اٿندي چيم :”تو وارين ڳالهين ماري وڌو آهي...!“

”اڄ مرندين...!“اڳتي وڌندي چيائين: ”سڀاڻي جيئندين...!“

ڪائونٽر تي بل ادا ڪرڻ کان پوءِ اسان ٻئي ٻاهر نڪري وياهئاسين، گهر پهچندي محبت ماڻڻ ۽ شادي ڪرڻ تي سنجيدگي سان سوچڻ لڳو هئس، صابو جون ڳالهيون ڪافي نہ تہ بہ، گهٽي حد تائين درست ٿي لڳيون...! توڙي جو دل نہ ٿي مڃيو پر دماغ فيصلو ڏئي ڇڏيو هو تہ محبت ماڻڻ ۽ ڪرڻ ٻہ الڳ الڳ شيون آهن، پنهنجي وس ۾ هن وقت صرف محبت ڪرڻ آهي، ان ڪي ماڻي سگهڻ جي سگهہ پنهنجي وس ۾ ڪونهي...! ٻي ڏينهن خبر نہ آهي ڇو... ريشمان ڏانهن ڇڪجي ويو هئس.

”ڇو آيو آهين...؟“ پڇيائين.

”چانهہ پيئڻ...!“

”چانهہ توکي ريسٽورينٽ ۾ ملندي، هتي نہ...!“

”مان تنهنجي هٿن جي چانهہ پيئندس...!“

”چانهہ ڪنهن جي هٿن جي ناهي هوندي جناب...!“ چيائين:

”اها تہ ڪير ۽ ڪنڌ پٽي مان ٺهندي آهي...!“

”چانهہ نہ پيار تہ نہ پيار...!“چيم:”هر وڀرو ايڏو رعب تہ نہ ڪر نہ...!“

”رعب ڇو نہ ڪيان...؟“ وراڻيائين:

”آخر ايم. اي فرسٽ ڪلاس ۾ جو پاس ڪئي اٿم...!“

”سچ...!؟“

”مون ڪڏهن ڪوڙ ڳالهايو آهي توسان...؟“

”پوءِ بہ چانهہ نہ پيارينديئن ڪنجوس...؟“

”مون هيڏو سارو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، تون ڪو بہ گفٽ نہ ڪرائيندينءَ...!؟“

اوچتو گفٽ جو ذڪر ايندي پُڏي ويو هيم، چيومانس:

”نيڪ آهي تون چانهہ تيار ڪر مان گفٽ وٺي اِجهو آيس...!“

”موٽندي تہ سهي نہ...!؟“ مرڪندي چيائين.

مان بہ کِلي پيو هيم. بازار مان سندس لاءِ گھڙي خريد ڪندي اوچتو خيال آيو:

’مار...!ريشمان تہ ٽي ڀيرا انٽر ۾ فيل ٿي هئي...! سو بي. اي ڪي باءِ پاس ڪري ايم. اي ڪيئن ڪري ورتائين...!؟‘

يقينن هن مونکي بيوقوف بڻايو هو ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي، پنهنجي اپوجهائپ تي... ڪا قيمتي گھڙي خريدڻ بجاءِ پنجويهن روپين واري گھڙي خريد ڪري سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو هئس.

”منهنجي هيڏي ساري محنت جي بدلي ۾ تو هيءَ گھڙي آڻي ڏني آهي ڪنجوس مَکي چوس...!“

”تحفي جي ڪا بہ قيمت ڪونهي ٿيندي...!“ سندس سامهون ويهندي چيم: ”پر جيڪو انٽر، نہ ڪري سگھي ان لاءِ اهو گفٽ بہ مهانگو آ...!“

ٺهڪ نڪري ويو هيس، چيائين:

”هاڻ ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي اٿئي... تہ مان انٽر بار بار فيل آهيان...!“

”ايڏو بيوقوف بہ نہ سمجهہ...!“چيومانس: ”مون تنهنجي دل رکڻ پئي چاهي...!“

”واهہ جو دل رکي اٿئي...!؟“ گھڙي مون آڏو رکندي چيائين:”هي هاڻي ئي خراب ٿي پئي آهي، تاهي ونينس تہ مان چانهہ ڪٽي تي اچان...!“

مان گھڙي ڏسڻ بجاءِ ريشمان بابت سوچڻ لڳس، اڄ هوءَ ڏاڍي سٺي ٿي لڳي ايڏي سٺي جو واقعي ايترو سٺو مان بہ نہ هئس...!

چانهہ جو هڪ ڪوپ مون آڏو رکي ہي مان پاڻ سُرڪيون ڀرڻ لڳي هئي، مان چانهہ پيئڻ بجاءِ ڪيس تڪڻ لڳس...!

”مون ڪي ڇا ٿو ڏسين...؟ چانهہ پيءُ نہ...!“

”ڪيئن پيئان...!؟“

”جيئن مان پئي پيئان...!“

”مان ڦڪي چانهہ ناهيان پيئندو...!“
”توکي ڪنهن چيو چانهہ ڦڪي آهي...؟“
”چانهہ ئي چيو...!“
”مذاق ڇڏ چانهہ ٺري رهي آهي...!“
”ٺرڻ ڏئيس...! مان ڦڪي چانهہ نہ پيئندس...!“
”تون سمجهين ڇو نہ ٿو...!؟؟“ڪجهہ نہ سمجهندي چيائين: ”تہ چانهہ ڦڪي نہ مِٺي آهي...! پنهنجي هٿن سان ان ۾ کنڊ وڌي اٿم...!“
”پوءِ بہ ڦِڪي آهي...! سُرڪ ڀري مِٺي ڪري ڏي...!“
ڪومائجي وئي هئي شايد شرمائجي وئي هئي.
مون ڏانهنس ڏانهن ڪوپ وڌائي ڇڏيو هو، هُوءَ ڪوپ وٺڻ بجاءِ ان کي تڪڻ لڳي چيومانس:
”تون يقين ڪر مان ڦِڪي چانهہ ڪڏهن بہ نہ پيئندس...!“
هُن ڏڪندڙ هٿ سان ڪوپ ورتو هو، سرڪ ڀري، پڇيو هئائين:
”ڪڏهن ڪان ايترو ڇيڇرو ٿيو آهين...!؟“
”مون جهڙي ڇيڇرا ئپ ڀاڳ وندن کي نصيب ٿيندي آهي ريشمان...!“
”ڳالهائڻ جو انداز ۽ ادا اداڪارن واري اٿئي...! توکي تہ اداڪار ٿيڻ کپندو هو...!“
”بيشڪ اداڪار ئي ٿيڻو هو...!“ وراڻيم: ”پر پاڻ نہ ٿيس...!“
”ڇو...؟“
”تون فلمون جو ناهين ڏسندي...!“
”ڇڱو ڇڱو...! وڌيڪ ڊائلاگ هڻڻ جي ضرورت ڪونهي...!“چيائين: ”تو پاڻ بابت ڇا سوچيو آهي...؟“
”سوچڻ وارا ڪجهہ ناهن ڪري سگهندا...!“
”مان توڏانهن واجهايان ٿي طاهر...!“
”مان توکي چاهيان ٿو ريشمان...!“
ساڳئي انداز ۾ ريشمان جي نقل ڪئي هيم،ڪلي پئي هئي .
”ڪڏهن ايندين...!؟“ڪجهہ گهڙين جي خاموشيءَ کان پوءِ ڇيو هئائين. سُر سمجهي ويو هئم، چيومانس:
”ان بابت نہ سوچ ريشمان...!“
”ڇو...؟“
”مان توکان بغير اڌورو رهندس...! پر اها اڌورائپ طاهر مان طاهرو ٿيڻ کان ڀلي آهي...!“

”ڇا مطلب...!؟“

اڪيون اڳتي نڪري آيون هيس، صابو واري ڳالهہ ٻڌائي مانس، ٿڪ نڪري ويو هيس، ڪافي دير تائين ڪلندي رهي. پوءِ نارمل ٿي پڇيائين:

”ڇا توکي مون تي اعتماد ڪونهي...!؟“

”توتي آهي پاڻ تي ڪونهي... ڇو تہ مان پاڻ بي رنگ آهيان تہ پي جي زندگي ۾ وري ڪهڙا رنگ ڀريندس...! مان تنهنجي خوابن کي پنهنجي هٿن سان ڇيپاتي محبت جهڙي مقدس رشتي جي توهين ڪڏهن بہ نہ ڪندس...! ڇو تہ محبت مقدس هوندي آهي ۽ ان کي سنپالي سگهڻ جي سگهہ هن وقت مون ۾ ڪونهي...!“

”اهو تنهنجو آخري فيصلو آهي...!؟“

”اهو فيصلو نہ ...!“ چيم: ”منهنجي خواهش ۽ تمنا آهي تہ تون جتي بہ هجين جرڪندي رهين، مرڪندي رهين، ڪڏهن بہ مايوسيءَ ۾ مبتلا نہ ٿين...!“

”توهان مرد ڪيڏا نہ خود غرض هوندا آهيو...!“ وراڻيائين:

”توهان وٽ ٻين جي جذبن جو ڪو بہ قدر ڪونهي...! جيڪو پاڻ کي سمجهہ ۾ ايندو اتوَ اهو ئي ڪندا آهيو...!“

”مون کي تنهنجي جذبن جو چڱي طرح احساس آهي ريشمان...! پر پاڻ کي هن وقت حالتن جون هٿڪڙيون لڳل آهن...!“

هوءَ ڪجهہ ڪڇي نہ سگهي هئي، شايد منجهي پئي هئي، چهري تي اندلتي رنگ اڀرڻ ۽ لهڻ لاڳ هيس، سندس هٿ پڪڙي چيوهيم:

”ريشمان...! توکي حاصل ڪيم تہ بہ محبت سمجهي حاصل ڪندس...! ۽ جي دنيا جي دز ۾ وڃائي ڇڏيم تہ بہ فقط محبت سمجهي وڃائي ڇڏيندس...! بيوفا ڪڏهن بہ نہ سمجهجانءِ ۽ نہ چئجانءِ...!“

”ايئن نہ چئو...!“ پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو هئائين:

”مون کي تون هتان وٺي هل...! زندگي جي آخري ساهہ تائين تنهنجو ساٿ ڏينديس... اهو منهنجو واعدو رهيو...!“

”گهران نڪرڻ کي محبت نہ سمجهہ ريشمان...!“ وراڻيم:

”سڀ گهر وارا توسان بي انتها محبت ڪن ٿا پوءِ ايئن گهران نڪري سڀني جون محبتون ٽوڙي مروڙي فقط هڪڙي محبت ماڻڻ جي غلطي ڪڏهن بہ نہ ڪجانءِ... منهجي نصيب ۾ جيڪڏهن تون آهين تہ سڀني جون محبتون سلامت رهنديون... باقي جيڪڏهن تون منهنجي نصيب ۾ ناهين تہ پوءِ مان قسمت جي ان ڪهاڻيءَ کي موڙي نہ ٿو سگهان...! ڇو تہ هي ڪا فلم ڪونهي، نہ ئي مان اهو فلمي هيرو

آهيان، جيڪو گولين ۾ بمن مان بچي محبوبہ ماڻيندو آهي...! ڪجهہ بہ ٿي پوي مرندو ڪونهي...! جڏهن تہ مان پاڻ ئي روز مرندو روز جيئندو آهيان...!"

"تون آخر ايڏو مايوس ڇو ٿي ويو آهين...؟ حوصلو ڪر...!"چيائين: "خانہ بدوشن کي ڏس ڪين پنهنجو مستقل ڪو گهر ئي ڪونهي...! پوءِ بہ بي گهر هجڻ کي زندگي سمجهي جيئڻ پيا...! ۽ تون صرف نوڪريءَ کي ئي زندگي سمجهي ويٺو آهين...؟"

شايد هوءِ سچ چئي وئي هئي، مان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هو. پڇيائين:

"ہي چانهہ ناهي اچان...؟"

"نہ...!" مان اٿي بيٺو هئس.

"وڃين پيو...!؟" هوءَ بہ اُٿي بيٺي هئي.

"ها...!"

"وري ڪڏهن ايندين...؟"

"شايد ڪڏهن بہ نہ ...!"

"ناراض ٿي ويو آهين...!؟"

"نہ بي انتها خوش آهيان...!"

"چٽر ٿو ڪرين...!؟"

"تنهنجو قسم ان جو سوچي بہ نہ ٿو سگهان...!"

"پوءِ ٻڌاءِ نہ ڪڏهن ايندين...؟"

"تنهنجي لائق ٿيس تہ ضرور ايندس، نہ تہ وساري ڇڏجانءِ...!"

"مون کي تنهنجو انتظار رهندو...! مان پاڻ کان توکي جدا ڪڏهن بہ نہ ڪري سگهنديس...!"

"تون منهنجي ساهہ ۾ آهين...!" مان هلڻ لڳو هئس.

"طاهر...!"روڪي ورتو هئائين، هٿ پڪڙي آهستي بلڪل آهستي چيائين:

"مون کي توسان محبت آهي...!" سندس هٿ کي زور ڏيندي وراٽيو هيم: "تون ۽ مان هڪ آهيون، ان ڪري ساڳيو جملو نہ ورجائيندس...!"

منهن تي معصوم مرڪ تري آئي هيس، ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هئائين. مان ٻاهر نڪري آيو هئس.

وقت گذري چڪو هو نوڪريءَ نہ ملڻ سبب 'صابو' بئنڪ مان قرض کڻي هڪ عاليشان جنرل اسٽور کوليو هو. جنهن جو نالو رکيو هئائين، 'صابو ليڊيز اينڊ جنرل اسٽور' مان ان ئي جنرل اسٽور تي سيلز مين ٿي ويو هيم، پر تنها ٿي ويو هئس، بلڪل اڪيلو ٿي ويو هئس...! پر هاڻ ان کي ئي زندگي سمجهي قبوليو هيم. ڪاروبار جي ٽين سال صابو کي پيءُ جي ڪوٽا تي بئنڪ ۾ نوڪري ملي وئي هئي، جنهن جي ڪري منهنجي بہ ترقي ٿي ۽ مان سيلز مين بجاءِ 'صابو ليڊيز ۽ جنرل اسٽور' جو مئنيجر ٿي ويو هيم،

پنھنجي خالي ڪيل سيٽ ڪي پرڻ لاءِ عورت توڙي مرد مان ڪنھن بہ ھڪ موزون اميدوار ڪي پرتي ڪرڻ واري اشتھار ڇپرائڻ جي ٻي ڏينھن ريشمان منھنجي گھر آئي ھئي، پروسو نہ پئي آيو پر يقينن اھا ريشمان ئي ھئي...! پڇيائين:

”مون کي سيلز گرل لاءِ مناسب سمجھين ٿو...!؟“

مان وائڙو ٿي ويو ھئس. پاڻ سنڀاليندي چيومانس:

”مذاق ڇڏ ريشمان...! ٻڌاءِ ڪيئن آئي آھين...!؟“

”مذاق نہ پئي ڪريان...!“ چيائين:

”مان واقعي سيلز گرل ٿيڻ چاھيان ٿي...!“

”پر ڇو...؟“ پڇيم.

”پيٽ پالڻ لاءِ ڪو تہ ذريعو ڳولڻو پوندو آھي نہ...!؟“

”مون تہ ٻڌو ھيو تنھنجي ڪنھن شاھوڪار سان شادي ٿي وئي آھي...!“

”ھا...! صحيح ٻڌو ھيئي پر ھاڻ ان طلاق بہ ڏئي ڇڏي آھي...!“

”ڇا...!؟“ مون کان ھلڪي رڙ نڪري وئي ھئي .

”ھا ھاڻ طلاقيل آھيان طاھر...!“

”پر ان ايئن ڇو ڪيو...!؟“

”ڪامورا ايئن ئي ڪندا آھن...!“ طنزيہ لھجي ۾ چيائين:

”مون مان دل ڀرجي وئي ھيس ٻي ساڻ محبت جو ڊرامو رچائي شادي ڪري ڇڏيائين...!“

مان سندس لاءِ ڇانھ ٿاھي آيو ھئس.

”ڇا تون مون کي سيلز گرل لائق سمجھين ٿو...؟“

ڇانھ جي سُرڪ ڀري پڇيائين.

”مون کي ھن وقت سيلز گرل کان وڌيڪ مئنيجر جي ضرورت آھي...!“ وراڻيم: ”مان توکي پنھنجي گھر ۽ دل جي مئنيجرياڻي ڪندس...!“

”ڇا توکي احساس آھي تہ تون ڇا ٿو چوين...!؟ ۽ مان ڇا آھيان...؟“

”ھا...!“ وراڻيم: ”مون کي چڱي طرح احساس آھي تہ تون منھنجي ساھہ ۾ آھين، تو کي ساڻيڻ ٿو چاھيان...!“

”تون غلطي ٿو ڪرين...!“

”نہ، زندگي جي سڀ کان وڏي خوشي ٿو ماڻيان...!“

”زندگي جي سڀ کان وڏي خوشي سڀ ڪنھن کي نہ ملندي آھي، تو کي بہ نہ ملندي ...!“

”نہ مان ايڏو بہ بدنصيب نہ آھيان توکي پنھنجو ڪري اھا خوشي حاصل ڪندس ...!“

”نہ ڪڏهن بہ نہ...!“ ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين: ”تون ۽ مان نہ ٿا ملي سگهون...!“ خاموش ٿي وئي هئي، بہ لڙڪ ڪري پيا هيس...! جن کي ٿشو سان اگهي چيوهئائين:

”اڄ مان توسان وڇڙڻ لاءِ ملي آهيان...!“

”ڪاش تون ايئن نہ ڪرين ها...!!“

”مون کي ان جو احساس آهي طاهر...!“ ورا ٽيو هئائين: ”تو ڪڏهن چيو هو نہ ’تون منهنجي ساهہ ۾ آهين‘ اڄ پاڻ کي تنهنجي ساهہ ۾ ڳولهڻ ٿي چاهيم، ڏسڻ ٿي چاهيم سو ڏسي ورتم...!“

ڪجهہ لمحن جي خاموشيءَ کان پوءِ وري ڳالهائڻ لڳي هئي:

”هي ڪامورا، شاهوڪار، سرمائيدار وڏا وحشي اٿئي...! هنن جي هڪيئي جي عورتن ۾ بہ ٻُڪئي ٻَگهڙ واريون اڪيون هونديون آهن...! موقعو ملندي ئي انهن جو شڪار ڪري وٺندا آهن...! ماس پٽڻ کان پوءِ ڪين ڪوڪلو يا پراٽو رانديڪو سمجهي انهن کي ڦِٽي ڪري ڇڏيندا آهن...! مان بہ ڪنهن ڪاموري جي نظر ۾ هيس طلاق ملندي ئي هن شاديءَ جو پيغام محبت جي ليبل سان سينگاري موڪليو آهي پر اصل ۾ هو مون سان نئين راندڪي جيان کيڏندو پوءِ جڏهن دل ڀرجڻ لڳندس تہ مون کي پراٽو رانديڪو سمجهي ڦِٽي ڪري ڇڏيندو...! مان بہ ڪيس ڪنهن رانديڪيءَ کان وڌيڪ اهميت ڪڏهن بہ نہ ڏينديسانس. پنهنجي ويجهڙائي ۾ شاديءَ ٿيڻ واري آهي طاهر...!“

هوءَ ڳالهائيندي رهي:

”مان هاڻي گهڻو پري نڪري وئي آهيان...! ايترو پري جو ڇڻ ڪو اصلي رانديڪو بڻجي وئي آهيان. ان ڪري رانديڪن ۾ ئي رهڻ ۽ انهن سان ئي کيڏڻ چاهيان ٿي...! تو ئي چيو هو طاهر تہ ’جيڪڏهن توکي حاصل ڪيم تہ بہ محبت سمجهي حاصل ڪندس جيڪڏهن وڃايم تہ بہ محبت سمجهي وڃائيندس‘ سو اڄ مان بہ توکي محبت سمجهي وڃائي رهي آهيان...!

الاءِ جي ڇو جيڪي محبت ڪندا آهن، سي ماڻي ناهن سگهندا...! ۽ جيڪي ماڻيندا سي محبت ڪري ناهن سگهندا...!“

”ڀي چانهہ ناهي اچان...!؟“

هُن جي خاموش ٿيندي ئي ڳالهايو هيم.

”نہ...!“ هوءَ اٿي بيٺي هئي.

”وڃين پئي...؟“ مان بہ اٿي بيٺو هئس.

”ها...!“

”وري ڪڏهن ايندينءِ...؟“

”شايد ڪڏهن بہ نہ ...!“

”وساري ڇڏيندينءِ...؟“

”نہ...!“ وراڻيائين:

”تون منهنجي ساهہ ۾ آهين...!!!“

هوءَ وڃڻ لڳي هئي.

”ريشمان...!“ ڪيس روڪي ورتو هيم:

”مون ڪي توسان محبت آهي...!“ سندس هٿ پڪڙي آهستي چيو هيم.

”تون ۽ مان هڪ آهيون...!“ وراڻيو هئائين”ان ڪري ساڳيو جملو نہ ورجائينديس...!“ سندس چهري تي معصوم مرڪ تري آئي هئي مان بہ کلي پيو هيم.

هوءَ هميشہ لاءِ منهنجي زندگي مان نڪري وئي هئي ۽ مان ڪامورن، شاهوڪارن، سرمائيدارن ۽ سيٺين تي سوچيندو رهجي ويو هئس. جيڪي پنهنجي خوشحاليءَ بدولت اسان جي مقدس محبتن سان رانديڪن جيان راند ڪري خوش ٿيندا آهن ۽ پاڻ ايترا تہ بي وس ٿي پوندا آهيون جو اهو ئي جملو پنهنجي دل کي دوکو ڏيڻ لاءِ وس ۾ هوندو آهي تہ:

’تون منهنجي ساهہ ۾ آهين...!!!‘

***

مان توکي چانهہ پيارينديس

عشق جي معاملي ۾ مان هميشہ سنجيده رهيو آهيان ، بلڪہ ان بلا سان پيچ پائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا اٿم. پر اڃ تائين ڪا محبوبہ ناهي ملي، مار پوي مهناز کي واعدا ڪري ڦري وئي. . . سو مان هن وقت نہ چاهڻ باوجود عشق کان آجو آهيان... جنهن جو سڌو سنئون فائدو منهنجي گهر واريءَ کي پيو آهي ڇو تہ محبوبہ جي حصي وارو پيار بہ مجبورن هن کي ڏيڻو پيو... جنهن سبب اصل مٿي تي چڙهي وئي آهي... غلطي بہ هن جي رُسي بہ پاڻ... پرچائڻو وري مونکي پوي...! رڌ پچاءَ ڪم هن جو پر اڪثر ڪيان مان... تہ بہ چوي سٺي سانجهڻ نہ ٿو ڪرين...! هاڻ تہ اصل اهڙو ڦاٿو آهيان جو پنهنجي ساهہ روئڻ جي پيو ڪجهہ بہ منهنجي وس ۾ نہ آهي رهيو...! پر جڏهن گهر واريءَ تي نظر پوندي آهي تہ واڇون ڪلڻ واري انداز ۾ وڌي وينديون آهن... حالانڪہ اندر ۾ تہ ڀڄرندو آهيان... پر واڇن کي ڪلڻ کان روڪڻ منهنجي وس ۾ ان ڏينهن کان وٺي نہ رهيو آهي جڏهن پهريون ڀيرو رستم پهلوان جهڙي پهلواني ڪندي پنهنجي گهر واريءَ جي سامهون ٿيو هيس...! موٺ ۾ پري کان ئي ڏوئي اڇلائي هنئين هئائين... ڌڪ تہ گهٽ ڪو نہ هيس پر گرم ڏاڍي هئي...! اصل واڇون ئي سڙي پيون هيون... پوءِ ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي هئي تہ منهنجي رستم پهلوان واري للڪار انتهائي غلط هئي... ڀلا رستم پهلوان ڪڏهن پنهنجي گهر واريءَ جي سامهون ٿيو هو ڇا...!؟ ’نہ ڪڏهن بہ نہ...!‘ نہ تہ ڏند ئي نہ هجنس ها... هاڻ اهو بہ سمجهيو هيم تہ، رستم پهلوان سان گڏ سياڻو بہ هو... جو مون جيان اُهڙا ٿپ نہ ڪيائين نہ تہ زال کان شڪست کائي ڪهڙيون وري جنگيون فتح ڪري ها...! بس ان ڏينهن کان گهر واريءَ کي ڏسندي ئي واڇون ازخود وڌي وينديون آهن. شايد وڏيڪ سڙڻ جي سهپ نہ رهي اٿن...! فيصلو تہ ڪري ڇڏيو هيم تہ صرف هڪ محبوبہ ملي ڪيس سڀ ڪجهہ اڙپي پنهنجي گهر واريءَ کان انتقام وٺندس...! پر منهنجي اها خواهش اڃا پوري ناهي ٿي...! نوجوان آهيان خوبصورت آهيان...! پُر ڪشش چهرو اٿم پر پوءِ بہ ناڪام رهيو آهيان...! مون کي حيرت تہ ان ڳالهہ تي ٿيندي آهي تہ ’فياضو ٽيڏو‘ هڪ ئي وقت تيرهين عشق ڪندو آهي...! ’ناصر نياڳو‘ تہ سترهين عشق لاءِ بہ سنجيده ٿي ويو آهي... بقول منهنجي دوستن جي تہ:

”تون هر ڳالهہ ۾ اسان کان وڌيڪ ڦٽ آهين... پر تو ۾ عشق ڪرڻ واريون خوبيون ڪو نہ آهن، اهي پيدا ڪر ففتي هٽڻ ۾ دير نہ ڪندين...!“

”مونکي ففتي جي نہ پر هن وقت هڪ رنس جي سخت ضرورت آهي...!“ چيو هيومانَ:

”اوهان مهرباني ڪري ڪجهہ خوبيون مون کي بہ ٻڌايو...!“

”رستي ۾ هوشيار ٿي هلندو ڪر...!“

”هوشيار تہ آهيان...! ضرف انٽر ڊي ٽاپ ۾ پاس ڪئي اٿم...!“

”مذاق ڇڏ...!“ فياضو ٽيڏي چيو
”ڪٿي بہ رستي ۾ ڪا بہ ڇوڪري هڪ پل لاءِ ڏسئي تہ سمجهہ ان ڇوڪريءَ جي دل ۾ تولاءِ محبت آهي...!“
”رستي ۾ ڇوڪرين ڪي چادريون پاتل هونديون آهن...!“ چيم
”پوءِ مون کي ڪيئن خبر پوي تہ ڪنهن نظر مون تي وڌي آهي...؟“
”ڇت...!“ ناصر رڙ ڪئي هئي
”اڙي عشق آڏو چادر ڇا چارديواري بہ رڪاوٽ نہ ٿي بڻجي سگهي...! منهنجو مثال وٺ، آٽ ڦُٽ اونچي پٽ تان ٽپو ڏيندي دير ئي نہ ڪئي هيم... ’محبوبہ جا مالڪ جو اچي ويا هئا...!‘ منڊو ٿيندي ٿيندي بچي ويو هيم، شايد هُن جي دعائن جو اثر هو... پر تون ڪڏهن بہ عشق نہ ڪري سگهندين...!“
ناصر نياڳي جو آخري جملو بلڪل نہ وڻيو هو، چڙ ڏيندي چيو هيومانس:
”تون وچ ۾ نہ ڳالهاءِ... مان فياضو ٽيڏي سان آهيان...!“
”ڏس يار...!“ فياضو ٽيڏي انتهائي ادب مان چيو:
”مون کي پيهر ٽيڏو نہ چئجانءِ...! مان ڪو اصلي ٽيڏو ٿورئي آهيان، هڪ محبوبہ کي شاپنگ ڪرائيندي ٻي محبوبہ ڪامياب ڇاپو هنيو هو... جيستائين مان پنهنجي صفائي پيش ڪريان تيستائين هڪ وڏي ڪڙيءَ وارو سينڊل اک ڪان ٿورڙو هيٺ اچي لڳو هو...! شڪر آهي اک بچي وئي هئي... پر ان ڏينهن کان وٺي ٿورو ٽيڏو محسوس ٿيندو آهيان... ٻي ڪا ڳالهہ ڪونهين، سمجهين ٿو نہ...!؟“
”سمجهي ويم...!“ وراڻيم
”پر ڇوڪري جي گُهوري ڏسي تہ ان ڪانپوءِ مان ڇا ڪريان...؟“
”ٿورو مرڪي پئو...!“
”پوءِ؟“
”هوءَ بہ مرڪي پوندي...!“
”ان ڪان پوءِ ڇا ڪرڻو پوندو ...؟“
”اک هڻينس...!“
”اها وري ڪيئن هڻانس...!؟“
”اک پڇين جي پستول ۾ وجهي ٺڪاءَ ڪيدائينس...!“
ناصر صفا چڙي ويو هو.
”اڙي فياض ڀاءُ ...! هل نہ تہ پاڻ بہ هن جيان پاڳل ٿي ويندا سين...!“
هو ٻئي ڪاوڙ ۾ هليا ويا هئا، دل ئي دل ۾ پڪو پهہ ڪيو هيم تہ انهن جي ڳالهين کي ضرور آزمائيبو...! پر آزمائڻ واري نہ ٿي ملي... سخت ذهني مونجهاري جو شڪار هئس...گهر واريءَ جون

فرمائشون وڏنديون ٿي ويون... مان ها ۾ ها ملائڻ وارو... ڪڏهن ڪڏهن مونکي ٽڪل ۽ بور ڏسي ڏاڍي پيار سان چوندي هئي:

”ڏس مان توڪان گهر جو ڪم ڪار اجايو نہ ٿي وٺان... تون نہ نماز پڙهين نہ روزا رکين... نہ ئي توکان پيو ڪو خير جو ڪم ٿئي... تنهنجي ڪم ڪري ڏيڻ سان جيڪو ٽائيم مون کي ملندو آهي... مان الله سائين جي عبادت ڪندي آهيان... پنج وقت نماز بہ پابنديءَ سان پڙهندي آهيان... رمضان شريف جا روزا بہ ڪڏهن نہ گسايا اٿم...!“

”پر...!“ اعتراض ڪيو هيم...!

”گذريل رمضان جي سترهين تاريخ تي ٽاڪ مجهند جو تون منهنجي حصي جو سمبوسو ڳڙڪائي وئي هئين...!“

”تون چپ ڪر...!“ چِڙِ ڏني هئائين:

”ان ڏينهن بک تي روزو رکيو هيم ٽوڙڻو پيو...!“

”چڱو...!“ نماڻائي سان چيم..تون ڳالهہ ڪر...!“

”ها... مون چيو ٿي تہ الله سائين جي عبادت ٿي ڪريان...اميد اٿم جنت ۾ ويندس... پر ايئن نہ ويندس... توکي ساڻ ڪري پوءِ ئي بهشت ۾ داخل ٿيندس ...!“

”تنهنجي خيال ۾ مان دوزخ ۾ هوندس...؟“

”الله نہ ڪري...! ڀلا جنتيءَ هجڻ جي ڪنهن کي پڪ آ...!؟“

”پر تون تہ ايئن پئي ڳالهائين جڻ جنت ۾ داخل ٿي چڪي آهين، صرف مرڻ جي دير اٿئي...!“

”خير گُهر مئا...!هي ڇا ٿو چوين؟منهنجي اڃان عمر ئي ڇا آهي؟

”چڱو ڀلا هڪ ڳالهہ تہ ٻڌاءِ...!؟“ ڳالهہ جو رُخ بدلائيندي چيم

”پُڇ...!“

”ڀلا جنت ۾ چانهہ ملندي...؟“ منهنجي ان بي ڍنگي سوال تي هوءَ مچرجي پئي هئي چيائين:

”جنت ۾ چانهہ نہ، چانهہ جا وڻ هوندا...! جن ۾ چانهہ جا ڪوپ پيا لڙڪندا...! تون پٽيندو ڏوگهيندو ويجانءِ...!“

جنهن ڪان پوءِ اڪثر مون سان ناراض رهندي هئي پرچائڻ منهنجي فرضن ۾ شامل هو. مچائي ورتو هيومانس هاڻي ان سان بحث بہ ڪرڻ ڇڏي ڏنو اٿم.

”تون الله واري آهين...!“ ڪجهہ ڏينهن پهريان چيوهيومانس:

”دعا ڪر هڪ ڪم ٿئي...!“

”پهرين ڪم تہ ٻڌاءِ...!؟“ ڪرڙيون اکيون ڪري چيوهئائين،

”منهنجو تہ اصل ساهہ ئي سڪي ويو. ويچارو ٿيندي چيومانس:

”جان...! منهنجي نيّت تي شڪ ٿي ڪرين ...!؟“
”نہ چريا...! تو ۾ تہ منهنجو ساهه آهي...!“ شايد مون تي رحم اچي ويو هيس.
”منهنجون نيڪ تمنائون ۽ دعائون تہ هميشہ توسان گڏ هونديون آهن .“ ”انهن تو وارين گڏ رهڻ وارين تمنائن ۽ دعائن تہ ماريو آهي...!“
”ڇا...؟“

اهڙي رڙ ڪيائين جو ڪرسيءَ تان ڪرندي ڪرندي بچيو هيس.
”نہ نہ ... مون کي توتي فخر آهي...!“ پاڻ سنڀاليندي چيوهيومانس.
”پر تو جهڙيون گهر واريون الله ڪنهن کي نہ ڏي...!“
”وات...!“ هن پيري انگريزي ۾ ڦوڪٽ ڪيو هئائين مون مولائي تي رعب ڇمائڻ لاءِ ستن ڏينهن جي سخت محنت ڪان پوءِ ان لفظ تي عبور حاصل ڪيو هئائين.
”ها ...! مان صحيح پيو چوان..! “ وراڻيو هيم.
”مون ۾ پلا ڪهڙي خامي آهي...؟“ پڇيو هئائين.
”مون خامين جو ڪڏهن چيو...!؟“ پڇيم.
”لڳي ٿو تنهنجو متو خراب ٿي ويو آهي...!“چيائين
”جيڪو درست ٿيڻ کپي...!“
ان خطرناڪ ڌمڪي تي عمل ٿيڻ ڪان اڳ وضاحت ڪندي چيوهيومانس:
”تون هروڀرو منهنجي ڳالهائڻ جو ابتو اثر چو ٿي وٺين...؟ جيڪڏهن سڀ عورتون تو جهڙيون ٿي وڃن تہ پوءِ سڀ مرد جنت ۾ ويندا، رش ٿيڻ سبب پاڻ کي جڳهہ بہ مشڪل سان ملندي...! يا وري ٻاهر پيا ڦيرا ٿيون ڪائيندا سين...!“
ٿڪ نڪري ويو هيس... سيني ۾ مُڪ هڻندي چيوهئائين:
”بس ڪر...!“ حڪم ملندي ئي گونگو ٿي ويو هيس پر ٻي ڏينهن تي گهر واريءَ جي شايد دعا جو ئي اثر هو جو رستي ۾ بہ اکيون گهورڻ لڳيون هيون. مان بہ گهوري ڏٺومانس هن مرڪي ڏنو مان بہ مرڪي پيو هئس، ان ڪان پوءِ مون کي ’اک‘ هڻڻي هئي سو هڪ نہ ٻئي اکيون هيون مانس، جيئن محبت جلدي ٿي وڃي...! منهنجي ان انداز تي هُن جي مُرڪ اجان وڌيڪ گِهري ٿي وئي هئي . جنهن سبب همٿ وڌي، اڳتي وڌي پڇيومانس:
”اوهان جو نالو...؟“
”اوهان چو ٿا پُڇو...؟“ اعتراض ڪيو هئائين،
”واقعي مون کي پُڇڻ نہ گهرجي...!“ پنهنجي غلطي جو اعتراف ڪندي چيومانس:
”اوهان پاڻ ئي ٻڌائيندو...؟“

”تون مون کي غلط سمجهيو آهي...!“ ڪاوڙ مان چيائين

”نہ ڪڏهن بہ نہ...! مان پنهنجن دوستن طرفان ٻڌايل اصولن تي عمل ڪندي تو تائين پهتو آهيان ...!“ اطمينان سان چيم:

” توکي مون سان محبت ٿي وئي آهي...!“

”بڪواس بند ڪر...!“

”ڪيئن بند ڪيان...؟ “وراڻيم : ”مون کي بہ توسان محبت آهي...!“

هوءَ منجهي پئي هئي، پريشانيءَ مان چيوهئائين:

” مان توکي ڏسنديس...!!؟“

”ڪٿي اچان ...؟“ لاپرواهي سان وراڻيم.

”بيوقوف...! چو پنهنجي جان جي پويان پيو آهين، ڪسڪي وڃ...!“

”يعني مون کي منهنجي دوستن غلط ڏس پنڌ ڪيو هو...!؟“

”ڪڏ ۾ پون تنهنجا دوست...! خدا جي واسطي ڪسڪي وڃ... هو سامهون...!“

سمجهي ويو هيم تہ هاڻ چا ٿيڻ وارو آهي...! عشق کي اتي اڇلائي فرار ٿي ويو هئس، مون کي ناصر نياڳي ۽ فياضو ٽيڏي تي بي انتها ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي، جن جي صلاحن تي عمل ڪندي ذري گهٽ سِر ويوهو...! سوچيم:

’رڳو اهي ٻئي هٿ اچن اُڦت ڪندومانَ...!‘ پر ان ڏينهن فياضو ٽيڏي جي ڪا قسمت چڱي هئي جو هٿ نہ آيو...! البتہ ناصر نياڳو شهر جي هڪ روڊ تي ناسون هڻندي ملي ويو...! ٻانهن کان جهلي سچي حقيقت ڪري سختيءَ سان چيومانس:

”اهو سڀ ڪجهہ توهان جي ڪري ٿيو آهي...!“

”مون سان عشق جي معاملي تي گفتگو نہ ڪندو ڪر...!“

ٻانهن ڇڏائيندي چيائين:

”اها تنهنجي وس جي ڳالهہ ڪونهي، اجايو پاڻ کي بہ خوار ڪندين ۽ اسان کي بہ ڪنهن ڏچي ۾ وجهندين...!“ ايئن چئي هو هليو ويو، ’نہ تہ ڪٿي ڇڏيانس ها.‘

شايد ان ڏينهن کان عشق جي ديوي مون مٿان مهربان ٿي هئي. جو پنهنجي دل جي درئ مان مون مسڪين لاءِ محبت جي موسم کي آزاد ڪري ڇڏيو هئائين. ٻئي ڏينهن شهر جي سڀ کان وڏي شاپنگ سينٽر تي هوءَ نظر اچي وئي هئي، الاءِ جي چو ساڻس ڏانهن ڇڪجي ويو هيس، هن کان ٿورو پريرو بيهي خوامخواهہ مختلف شين جا اگهہ پڇڻ لڳو هيم. سيلز مين ويچارو حيرت مان مون ڏي ڏسي رهيو هو، هن مهل تائين ڪا بہ شيءِ جو نہ ورتي هئي مانس. سامهون خوبصورت واٽر سيٽ پيو هو، سيلز مين کي اهو ڏيکارڻ لاءِ چيو هيم، جنهن کي ڪڻڻ لاءِ هو اڳتي وڌي ويو تہ هوءَ منهنجي ويجهو سري آئي ۽ چيائين :

”هٽ به پهچي وئين...؟“ نظرون بدستور شوڪيس تي پڪڙيل شين ۾ هيس.

”ها...!“ وراڻيم ”اهو سڄو خفو به تنهنجي ڪري ڪيو اٿم...!“

”ڇڱو تون سيلز مين کي گهڻو تنگ نه ڪر... ڪجهه وٽ ۾ ڪسڪي وڃ...!“ وراڻيو هئائين. ”مان سڀاڻي گرين پارڪ ۾ توسان ملنديس...! “

ايئن چئي هوءَ ڪجهه پري هلي وئي هئي. مان ڏاڍو خوش ٿيو هئس ته مس وچي ڪا محبوبه ملي آهي. ’هاڻ گهرواريءَ جون زيادتيون برداشت نه ڪندس.‘ چيو ته آهستي هيم پر سيلز مين شايد ٻڌي ورتو هو. خونخوار نظرن سان واٽر سيٽ مون ڏانهن وڌائيندي چيائين:

”هاڻ مان به تنهنجي وڌيڪ زيادتي قطعي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان...!“ همراهه صفا چڙي ويو هو...! واٽر سيٽ جي قيمت ادا ڪري آخري ڀيرو نظر هُن تي وڌي هيم، هن به چور نظرن سان مرڪي ڏنو هو. منهنجي لاءِ ته اهو ئي ڪافي هو. شاپنگ سينٽر تان لهي ويو هئس.

مان پنهنجي ان اوچتي عشق تي ڏاڍو خوش هئس، پنهنجي ان پڻ اڪين هٽڻ واري ڪامياب فارمولي تي به ناز هو. هڪ اڪ هٽڻ جي آسري ڀلا ايڏو جلدي ڪم ٿورئي ٿئي ها...! سوچيم: ’پنهنجي ان ڪامياب فارمولي جو ڏس ڪنهن کي نه ڏيندس...!‘

ٻي ڏينهن گرين پارڪ ۾ هوءَ مونسان گڏ هئي، ڪافي ڪچهري ڪرڻ ڪانپوءِ چيائين:

”تون منهنجو ٽيون عشق آهين...!“

اندر ئي سڙي ويو... اٿندي چيم:

”آئون هلان ٿو...!“

پڇيائين ”ڇو...!؟“

”ٻه عاشق هار ڪائي ويا...!“وراڻيم”مان وري ڪهڙو توکي فتح ڪندس.!“ ”تون ويهه ته سهي...!“ ٻانهن کان ڇڪيندي چيائين

”ڀلا...!“ ويهندي رازداري واري انداز سان پڇيوهيومانس:

”اهي ٻئي عاشق صفا سچا ڪري ڇڏيا هُئي ڇا...؟“

”ٿهڪ نڪري ويو هيس چيوهئائين:

”نه اهڙي ڳالهه ڪونهي...! اصل ۾ هڪ ٻي ڪنهن ڏانهن ڇڪجي ويو هو...! ٻيو وري مونکي سُڄو ڪرڻ لاءِ سنجيده ٿي ويو هو. ٽڪيٽ وٺرائي مانس...!“

”مان انهن ٻنهي مان ناهيان...؟“ پڇيم ”نتيجو ڇا نڪرندو..؟“

”اهو في الحال نه ٿو چئي سگهجي...!“ وراڻيائين

”ڀلا تون به عشق ڪيو آهي...؟“

”نه...!“ وراڻيم

”هي پهرين عشق جي شروعات آهي...!“

”سچ ٿو چوين...؟“

”جيڪڏهن تو بہ مون سان سچ ڳالهايو آهي تہ يقين ڪر مان بہ سچو آهيان...!“

”يلا...! ممناز جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي..؟“

ڇرڪ نڪري ويو هو پڇيومانس:

” تون ان کي ڪيئن سڃاڻين...؟“

”هوءَ مون سان گڏ پڙهي آهي...!“ وراڻيائين

”هڪ ڀيرو ان مون سان تنهنجو ذڪر ڪيو هو...! شايد هوءَ تو کي بيوقوف سمجهندي هئي...!“

”سادگي ۽ سچائي ئي سڀ ڪان وڏي بيوقوفي آهي تہ پوءِ بيشڪ مان بہ بيوقوف آهيان...!“

”نہ...!“ منهنجو هٿ پڪڙيندي چيو هئائين:

”تون منهنجو ٽيون عشق آهين...!“

ان وقت خبر نہ آهي سندس اکين ۾ ڪهڙي ڪشش اچي وئي هئي، جو مان ساڻس نظرون نہ ملائي سگهيو هيم. ڪافي دير خاموش رهڻ ڪان پوءِ ڳالهايو هئائين:

”تون منهنجي گهر اچجانءِ...!“

”تنهنجي گهر جي ٻاهرين ڀت ڪيتري اونچي آهي...؟“

”ڏهہ فُٽ...!“ تعجب مان چيو هئائين:

”پر تون ڇو ٿو پڇين...؟“

”مان ناصر نياڳي جو رڪارڊ ٽوڙيندس...!“ وراڻيو هيم:

”هن آٺ فُٽ جي ڀِت اُڪري هئي...! مان ڏهہ فُٽ اونچي ڀِت چڙهڻ ۾ دير ئي نہ ڪندس...! تون دعا ڪجانءِ...! باقي ڄنگهہ ڀڄڻ جي مون کي بہ پرواهہ ڪونهي...!“ ٽهڪ نڪري ويو هيس چيو هئائين:

”ڏاڍو صاف دل، سچو ۽ دلچسپ ماڻهو آهين پر ايئن نہ ڪجانءِ...!“پڇيومانس:

”ڇو...؟“

”منهنجو پاءُ خطرناڪ ڪاتي ۾ آفيسر آهي...!“

”ڇا واقعي...!؟“ پريشان ٿي ويو هيم:

”ها... بلڪل...!“

”چڱو پوءِ مان هلان ٿو...!“ هڪ ڀيرو ٻيهر اٿي بيٺو هيم.

”ڇو...؟“

”مون توسان عشق ڪرڻ ٿي گهريو...! ’تيرنهن ڍي‘ ۾ چالان ٿيڻ جي ڪڏهن بہ تمنا نہ ڪئي اٿم...!“

”تون ويهہ تہ سهي...!“ پيو پيرو پاڻهن کان ڇڪيندي چيو هئائين.
”ڏس...!“ ويهندي چيم:
”مون کي بہ خبر ڪو نہ هئي تہ تنهنجو پاڻ...!! نہ تہ مان ڪڏهن بہ توسان عشق جو نہ سوچيان ها...!“
”تون هرو پيرو پريشان نہ ٿي...!“ مرڪ وڌيڪ گهري ٿي وئي هيس:
”منهنجو پاڻ ڪليل ذهن جو مالڪ آهي...!توکي ڪجهہ ڪو نہ چوندو...!“
”ڪجهہ ڪندس تہ چوندو نہ ...!“وراڻيو هيم:
”مان عشق ئي نہ ڪندس...!“
”توکي ڪرڻو پوندو...!“ چيو هئائين:
”ڇو تہ مونکي توسان محبت آهي...!“
”سچ ٿي چوين...!“ واڇون وڌي ويون هنيون.
”ها ...!“

هوءَ اٿي بيٺي هئي، اسان پيهر ملنداسين، ايئن چئي هلي وئي .

ان ڏينهن کان پنهنجي پُر خلوص محبت جو آغاز ٿيو هو، جيڪا ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندي ٿي وئي. مان ڪيس پنهنجو پهريون ۽ آخري عشق سمجهي سڀ ڪجهہ ارپي ڇڏيو هو. دل جي دنيا بدلجي وئي هئي، هڪ ڀيري چيو هئائين:

”لڳي ٿو تہ تون منهنجو آخري عشق آهين...! نہ ئي ڪڏهن مون تي شڪ ڪجانءِ نہ ئي ڪڏهن مون تي خرچ ڪجانءِ...! نہ تہ مان ناراض ٿي ويندي سانءِ...!“

”پر...!“ اعتراض ڪيو هيم:

”محبت ماڻڻ يا جاري رکڻ لاءِ پيسي جي پُل صراط تان گذرڻو ئي پوندو آهي...! ان ڪري تہ ناصر نياڳو هڪ ئي وقت سترنهن عشق ڪندو آهي...!“

”پيسي سان پنجاهہ عشق بہ ڪري سگهجن ٿا پر... پيسن کان پري صرف ۽ صرف هڪ ئي عشق ڪيو ويندو آهي...!“ اکين ۾ اکيون ملائيندي چيو هئائين: ”جيڪو مون توسان ڪيو آهي.“

”ٺيڪ آهي...!“ چيو هيم: ”پر جيڪڏهن تون مون تي خرچ ڪرڻ چاهين تہ مون کي ڪو بہ اعتراض ڪونهي...!“ ڪلي پئي هئي ۽ چيوهئائين:

”الائي جي ڇو يقين ٿيندو ٿو وڃي تہ تون ئي منهنجو آخري عشق آهين...!“

هن جي ملڻ کان پوءِ زندگي بليڪ اينڊ وائيٽ مان بدلجي رنگين ٿي پئي هئي. مان بدلجي ويو هيس،گهر واريءَ بدلجي وئي هئي، هاڻ مون تي دهمان ڪرڻ بجاءِ سڄو ڏينهن گهر ۾ پريشان رهندي هئي، هڪ ڀيري اکيون جو ڏيڪاريون هيون مانس، چيائين ٿي:

”مٿي ۾ سور آهي چانهہ ٺاهي وٺ...!“

شايد ڪيس خبر نہ هئي تہ مان هاڻ عشق ڪرڻ لڳو آهيان. چيو هيومانس: ”اهو تنهنجو ڪم آهي...!“

”چوين ڇا ٿو...؟“

”چوانءِ ٿو...!“ اطمينان سان وراڻيو هيم:

”اهو تنهنجو ڪم آهي... منهنجو نہ ...!“

”جواب ٿو ڏين...؟“ ڪاوڙ مان چيو هئائين:

”جواب نہ، حڪم ٿو ڏيانءِ...! جلدي ڇانهہ ناهي وٺ...!“

”ڪڏهن کان وٺي ايڏو بهادر ٿيو آهي...؟“

”جڏهن کان وٺي عشق شروع ڪيو اٿم...!“

”وات...!!؟“ رڙ ڪئي هئائين.

”تون پلي رڙيون ڪر عشق انسان کي بهادر ٿو ڪري...! هاڻ تنهنجو دهمان نہ هلندو...ڇو تہ مان هاڻ ساڳيو ناهيان رهيو...! جنهن کان تون رڙپچاءِ ڪرائيندي هئين...!“

”ڪير آهي هوءَ...؟“

”تنهنجو ان ۾ ڇا...؟“ وراڻيم. ”تون چپ ڪري ڇانهہ ناهہ...!“

”تون هاڻ متي تي چڙهي ويو آهين...!“

”تنهنجو متو آهي يا ڪي. تو جي چوٽي، جو ان تي چڙهندس...؟“

هوءَ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي وئي هئي، اهڙي حالت ۾ ڪڏهن بہ ڪو نہ ڏٺو هيو مانس، پر مون تي ان جو ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿيو، نظرون اخبار ۾ کُپائي ڇڏيون هيم، وقت گذرندو رهيو، پنهنجي عشق کي سال ٿي ويو هو. نہ صرف گهر جي ڪمن مان پنهنجي جان آجي ڪرائي ورتي هيم، بلڪ حڪم بہ هاڻ منهنجو هلندو هو. گهر واري سڀ تلخيون ڇڏي مون کي چاهڻ لڳي هئي، پر هاڻ مان هن جي چاهت جو جواب بي رُخيءَ سان ڏيڻ لڳو هئس، تہ بہ هوءَ مرڪندي هئي ڪڏهن شڪايت نہ ڪئي هئائين، پر مان سڀ ڪجهہ هُن جي نالي ڪري ڇڏيو هو.

اڄ ڪافي ڏينهن کان پوءِ هوءَ ملي هئي، چيائين:

”مون تو بابت ڀاءُ کي ٻڌايو هو...!“

”ماري ڇڏيئي هاڻ ڇا ٿيندو...؟“

”پيو تہ ڪجهہ ڪو نہ ٿيندو...!“ وراڻيائين: ”بس منهنجي شادي ڪنهن شاهوڪار سان ٿيندي...!“

”ڪنگال مان بہ تہ نہ آهيان...!“ کن ۾ چنبڙايل نڪريءَ جا ڀر روپيا ڏيکاريندي چيومانس:

”هي ڏس صفا سڃو ٿورئي آهيان...!“

”بيشڪ تون مون لئہ بي بها آهين...!“ چيائين:

”پر منهنجي گهر وارن جي نظر ۾ تہ ڪجهہ بہ نہ آهين نہ...! منهنجو رشتو اُتي ئي ٿيندو جتي سچي عمر مان دولت سان ڪيڏنديس ۽ منهنجي پاءُ جي بہ ترقي ٿيندي...!“

”مطلب تہ پاڻ وچڙڻ لئہ مليا هئاسين...!؟“

”ها...!“ چيوهئائين: ”اڳتي بہ وچڙڻ لاءِ ملنداسين...!“

”پر هاڻ مان توسان نہ ملندس...!“

”ڇو...؟“

”هاڻ ملڻ سونهين ڪو نہ ٿو...!“

”نہ تون ملندين ۽ ضرور ملندين...!“ چيائين: ”ڇو تہ تون منهنجو آخري عشق آهين...!“

”عشق ملڻ تائين محدود ناهي هوندو...!“ وراڻيو هيم: ”عشق ملڻ سان تہ گهٽجي ويندو آهي، وڇڙڻ سان وڌي ويندو آهي، مان عشق کي وڌائڻ گهران ٿو، ان ڪري توسان نہ ملندس. پر تون منهنجو پهريون ۽ آخري عشق آهين.ان ڪري مون کان ڪڏهن بہ نہ وسرندينءِ...!“

” تون ڇا ٿو سمجهين... مان توکي وساري ڇڏينديس...!؟“

”نہ...! ايڏو بي سمجهہ نہ آهيان... پر مون کي وسارڻ جي ڪوشش ڪجانءِ...! جيڪڏهن هرو پرو ياد بہ ڪرڻ چاهين تہ صرف پنهنجي غمن ڏکن ۾ ئي سنڀالجانءِ...!“

”مان هلان ...؟“ پڇيائين

”تنهنجي مرضي...!“

”ايندڙ جمعي تي منهنجي مڱڻيءَ جي تقريب ٿيندي...!“ پڇيائين:

”تون ايندين نہ ...!؟“

”ڪارڊ ڪٿي آهي...؟“

”دل جي ويجهن کي ڪارڊ ناهن ڏبا...!“

”اها سياٽپ نہ ڪر...! ڪارڊ نہ هوندو تہ اندر ڪيئن ايندس...؟“

”جيئن پيا ايندا...!“

”پين وٽ گيٽ پاس (ڪارڊ) هوندا، ڇا تنهنجو ان پلاري ڏينهن تي مونکي بڇڙو ڪرائڻ جو ارادو آهي...؟“

”ڇا منهنجي لاءِ اها قرباني بہ نہ ڏيندين...؟“

”نہ ڪڏهن بہ نہ...! مون مان اهڙي قرباني جي اميد نہ رکجانءِ...! باقي جيڪڏهن تون چوين تہ ان ڏينهن ڏهن ڦُٽن جي پٽ اُڪرڻ جي ڪيان توڪل...!“

”تون ايئن نہ ٿو ڪري سگهين...!“ مرڪندي چيو هئائين:

”تون صبح جو ڏهين وڳي اچجانءِ...! گيٽ تي توکي ڪوئي بہ نہ روڪيندو...!“

ايئن چئي هوءَ اٿي هلي ويئي هئي. ڪڏهن بہ نہ سوچيو هيم تہ منهنجي پهرين ۽ آخري عشق جي پڄاڻي اهڙي ريت ٿيندي هوءَ ايئن مرڪندي هلي ويندي ۽ مان جيئن جو تيئن رهجي ويندس. پهريون ڀيرو سنجيدگي سان سوچ آئي هئي. 'پُر خلوص محبت بہ آخر ناڪام ڇو ٿيندي آهي.' ڇا محبت جي مٿيءَ ڪي اڻپوري پاڻي ۾ ڳوهيو ويو آهي...!؟ پر جيڪڏهن پنهنجي سوالن جو جواب پاڻ وٽ ئي هجي ها تہ اهي اُپرن ئي نہ ها... اڄ پنهنجي جسم کي پاڻ کان وڌيڪ ڳرو محسوس ڪيو هيم... جبل جيڏي وجود کي گهليندو گهر پهتو هئس تہ گهر واريءَ کي پنهنجو منتظر پانيو هيم:

"اڄ ايڏي دير ڇو ڪيئي...؟" هلڪي مرڪ سان پڇيائين.

"مان تہ روز هن مهل ئي ايندو آهيان...!"

"نہ...!"چيائين: "اڄ ڪجهہ وڌيڪ دير ڪئي اٿئي...!"

ان مهل گهر واريءَ جي مرڪ ڏاڍو وڻي رهي هئي. مان هِن ۾ هُن کي ڳولڻ لڳو هئس، جلدي ئي مونکي اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي گهرواريءَ ۾ نظر اچڻ لڳو جيڪو هُن ۾ هو. چيومانس:

"تون ئي منهنجو پهريون ۽ آخري عشق آهين...! پيا سڀ عشق وقتي هوندا آهن...! عذاب هوندا آهن...! پريشانيون ڏيندا آهن...! مايوسين ۾ مبتلا ڪندا آهن...! ۽ اهو ڪجهہ ارپيندا آهن جو جيئڻ جنجال ٿي پوندو آهي، زندگي ڏچو بڻجي ويندي آهي...! پر تون اهو عشق آهين جيڪو زندگي جي لاهن چاڙهن ۾ بہ ساٿ ٿو ڏي تہ مرڻ کان پوءِ بہ مقبول هوندو آهي ۽ ان سان رشتو ڪڏهن بہ نہ ٿو ٽُٽي...ان ڪري مان توکي چاهہ پيارينديس...!"

گهر واريءَ جي مرڪ اڃان گِهري ٿي وئي هئي پر الائي ڇو بہ گرم لُڙڪ اکين مان ڪري پيا هيس، چيو هئائين:

"مونکي يقين هو تہ تون ضرور موٽي ايندين...! ڇو تہ تنهنجو منهنجو رشتو آسمان تي ٿيو هو...! عشق بہ ان تائين ڦهليل آهي... مون توکي لاشعوري يا شعوري طور تي تمام گهڻو تنگ ڪيو هيو...! جنهن ڪري تون مون کان گهڻو پري ٿي وئين هئين. پنهنجي ان بي رخي ۽ لاپرواهي تي ڏاڍو ارمان ٿيو هو...! ڇو تہ غلطي بہ منهنجي هئي جو تنهنجو قدر نہ ڪيو هيم...! پر هاڻ پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو آهي، ان ڪري مان ئي توکي چاهہ پياريندس...! ڇو تہ تون منهنجو مجازي خدا آهين...!"

مان سندس جرڪندڙ چهري کي تڪڻ لڳو هئس، پر شايد هوءَ منهنجي نظرن جو تاب نہ سهي سگهي هئي، جو تڪڙيون تڪڙيون پر انگهون ڪڻندي بورچيخاني ۾ هلي وئي هئي...!!!

***

دل جي ڳالهہ

غسل خاني مان فارغ ٿي پنهنجي ڪمري ۾ پهتس، فوزيا ڊيڪ پرسان رکيل ڪرسيءَ تي ويٺي هئي، ڏاڍو حيران ٿي پڇيومانس:

”صبح ساڻ هت ڪيئن...؟“

”ڇو توکي ڪو اعتراض آهي...؟“

تعجب ٿيو هيم لهجوءِ رويو بدليل هيس، پڇيم:

”پريشان ٿي لڳين... ڇا ڳالهہ آهي...؟“

”مان اڄ شام جو واپس پئي وڃان...!“

”نہ وڃ...!“

”ويندس ڪيئن نہ...؟“

”پوءِ پريشان بہ نہ ٿي...!“

”مان توکي ڪجهہ چوڻ چاهيان ٿي....!“

”چئو...!“

” ڪيئن چوانءِ ...؟“

”نہ تون گونگيءَ آهين...! نہ مان ٻوڙو تون چئو مان ٻڌندس...!“

کلي پئي هئي چيو هئائين:

”ڳالهائڻ سکي ويو آهين..!“

”تنهنجو ساٿ رهيو تہ تار درياءَ مان تري نڪرڻ بہ سکي ويندس...!“

”جي ساٿ نہ رهي تہ ...؟“

” تہ ٻڏي ويندس...!“

”سچ...!“ منهن ۾ سرهائي اچي وئي هيس:

”منهنجي ٻڏڻ تي توکي خوشي ٿي رهي آهي...!؟“

”نہ نہ...!“

”تہ پوءِ سچ جو ڇا مقصد...!؟“

”مقصد...!“ هوءَ منجهي پئي هئي ”ڪجهہ بہ نہ ...ڪجهہ بہ نہ ....!“
”ڪجهہ تہ هوندو ....!“ چيو هيم ”ڪجهہ تہ ٻڌاءِ...!“
”مان پهريان ئي ڪافي پريشان آهيان...!“ سنجيده ٿي وئي هئي.
”مون کي تنگ نہ ڪر...!“
”پريشاني جو سبب...!؟“
”چيم نہ شام جو واپس پئي وڃان...!“
”پوءِ ڪٿي نہ وڃ...!“ ڪجهہ اهڙي طرح چيم، ڄڻ سندس پريشاني جو فوري حل ڳولي لڌو هيم.
”مان هت گهمڻ لاءِ آئي هيس...!“ وراڻيو هئائين: ”مستقل رهڻ لاءِ نہ..!“
”پوءِ تون بہ هتان ڪِلندي خوشي سان وڃ...! منهن سجائڻ جي ڪهڙي ضرورت...!؟“
”شام جو بس اسٽينڊ تائين مون کي ڇڏڻ لاءِ تون هلندين...؟“
”هلندس ضرور هلندس... جيڪڏهن شاهده چيو تہ ...!“
”نہ چوي تہ...!؟“
” نہ هلندس...!“
”چو...؟“
”مان هُن جي تمام گهڻي عزت ڪندو آهيان، شڪ جي ننڍڙي لهر بہ هن جي اعتماد کي لوڙهي سگهي ٿي... جيڪو خطرو مان کڻڻ نہ ٿو چاهيان...!“
”جيڪڏهن مان ضد ڪريان تہ ...!؟“
”تنهنجو ضد تو تائين محدود رهندو...!“
”تون پٿر آهين...!“
”ڀُلي آهين...! انسان مٽيءَ جو ٺهيل آهي... اهو پٿر ٿي نہ ٿو سگهي...!“
” اصل ۾ پٿر بہ مٽيءَ جي پيداوار آهن...! فرق صرف ايترو آهي مٽي پاڻ ئي ڀري پوندي آهي... جهري پوندي آهي... ۽ پٿر کي ڀوريو ويندو آهي...!“ هوءَ گهڻو سنجيده ٿي وئي هئي .
چيومانس: ”تون يقين ڪر تہ مان ... مان ...!“
”ها مون کي خبر آهي، تون مون کي ۽ منهنجين ڳالهين کي سمجهين ٿو، پر ان جو اعتراف ڪڏهن بہ نہ ڪندين...!“
منهنجو جملو ڪٽي چيو هئائين.
”اعتراف ڪان پوءِ اعتراف پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهندو آهي...!“
هوءَ مونکي تڪڻ لڳي هئي، شايد ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو هيس.
اٿندي چيو هئائين: ”مون کي يقين آهي تہ تون...تون...!“

وڏيڪ نہ ڳالهائي سگهي هئي.
”تون...تون ڇا...؟“ پڇيم.
”بس اسٽينڊ تي ڇڏڻ لاءِ ضرور هلندين...!“
ايئن چئي هوءَ هلي وئي، مان ڪلي پيو هيم.
انهن ڏينهن ۾ مان ڪراچي جي هوزري ۽ گارمينٽس فيڪٽري ۾ بطور هڪ ڪاريگر ڪم ڪندو هئس.
فيڪٽري ۾ ڪم دوران منهنجي ملاقات شاهده سان ٿي هئي، جيڪا تقريبن 45 سالن جي هڪ سٺي ۽ شريف عورت هئي. خراب مان بہ نہ هئس، شايد ان ئي ڳالهہ جي ڪري پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي ويجهو اچي ويا هئاسين. ايتري حد تائين جو مان شاهده جي ضد تي هڪ ٽن ڪمرن واري مسواڙي جڳهہ ورتي هئي، جتي گڏ رهڻ لڳا هئاسين. هڪ ڪمرو منهنجي حوالي ٿيل هو هڪ ڪمري ۾ شاهده ۽ ان جو مڙس رهندا هئا. جڏهن تہ هڪ ڪمرو مهمانن لاءِ مخصوص ٿيل هو. شاهده جو مڙس ڏاڍو ٺوٺي هو... ڪم ڪري ئي ڪو نہ سڄو ڏينهن گهر ۾ وينو هوندو هو.
شاهده جيڪو ڪمائي سو ڪائي، الٽو ڪڏهن ڪڏهن نٽ بلٽ ڦري ويندا هئس تہ شاهده تي مختلف قسمن جا الزام هڻي دهمان شروع ڪندو هو.
پوءِ ڪڏهن هوءَ روئي پوندي هئي تہ ڪڏهن وري ڳچيءَ کان پڪڙي ڌمال ڪيندي هيس. مڙسهنس بہ وس ڪندو هئس، پر هلڪي قد هڻڻ جي ڪري هميشہ رڙيون ڪندو رهجي ويندو هو.
انگريزي اٺين مهيني جي اٺين تاريخ تي شاهده جي سپ ڪان ننڍي ڀيڻ فوزيا ڪراچي گهمڻ لاءِ آئي هئي. پُر رونق چهرو باوقار انداز ڏسي دل جي عجيب ڪيفيت ٿي وئي هئي، ساڻس پنهنجو تعارف پاڻ بہ نہ ڪرائي سگهيو هئس، شاهده منهنجو نالو ٻڌايو هئس تہ مرڪي چيو هئائين:
”ادي ڇوڪري پسند آئي، ڏاڍي شرميلي آهي...!“
شاهده ڪان ٺهڪ نڪري ويو هو اندر سڙي ويو هيم. تنهن هوندي بہ پنهنجي ڪِل تي مان بہ ضابطو نہ آڻي سگهيو هيم ۽ واڇون وڏي ويون هيون، ان ئي ڏينهن محسوس ڪيو هيم تہ فوزيہ انتهائي شرارتي ۽ شوخ ڇوڪري آهي جڏهن تہ مان ان جي ابتڙ هيم، جنهن سبب ان ڪان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس پر هوءَ اڪثر مون کي تڪيندي رهندي هئي، ٿورن ڏينهن اندر محسوس ڪيو هيم تہ هوءَ مون سان ڳالهائڻ چاهي ٿي، مان بہ ساڻس گفتگو ڪرڻ جو سوچيندو هئس جو اوچتو اڳيان شاهده جو ڪيل اعتماد پيار ۽ پنهنجائپ جي پت اچي ويندي هئي. جيڪا اُڪرڻ مون نہ ٿي چاهي، ان ڪري دل جي ڳالهہ دل ۾ رکيم. چوڏهين اگسٽ جي شام جو شاهده جي چوڻ تي فوزيہ کي ڪراچي گهمائڻ وٺي ويو هئس. هن سان گڏ گهمندي ڏاڍي خوشي ٿي رهي هئي پر شايد همٿ فرار ٿي وئي هئي جو ڪوڙ ساريون دل جون چاهڻ باوجود بہ ڪيس ٻڌائي نہ سگهيس. سفاري پارڪ کان ٿيندا پاڻ عبدالله شاهہ اصحابي جي

مزار وٽ پهتا هئاسين. جتي هن ننگر ڪائڻ جي خواهش ڏيکاري هئي، مان هڪ پلاسٽڪ جي ٿيلهي هٿ ڪري پيت ونڃي آيو هئس. پيت ڪائيندي هن منهنجي هٿ وارو گرهہ پاڻ گهڃي ڇڏيو هو. نہ چاهڻ باوجود مان بہ ايئن ڪري ويٺس. ان وقت پنهنجون نظرون مليون هيون. هن جي اکين ۾ پنهنجي تصوير ڏٺي هيم. عبدالله شاهہ اصحابي جي مزار کان ٿيندا ڪلفٽن تي پهتا هئاسين، هن سان گڏ گهمندي وقت گذرڻ جو احساس ڪو نہ ٿيو هو. رات جا نوَ ٿي رهيا هئا، واپس ورڻ جو سوچي بس طرف وڌڻ لڳا هئاسين، هوءَ خبر نہ آهي ڇو ٿورو مون کان پوئتي رهجي وئي هئي، شايد سندس دل اجان گهمڻ کا ن نہ ڀري هئي پر مون جلد گهر پهچڻ تي گهريو جو اوچتو خبر ناهي ڪٿان رولو ڇورن جو ٽولو اچي نازل ٿيو، فوزيہ جو چهرو ڪومائجي ويو هو، مان بہ پريشان ٿي ويو هئس. ڇو تہ ڪلفٽني غنڊن کي پلي پِت ڄاڻيندو هئس، هو مڙڻ وارا نہ هئا ۽ هي ڪا فلم بہ نہ هئي ۽ نہ ئي مان سلطان راهي هئس جو منهنجي هڪل ٻڌي بدمعاشن جا حوصلا خطا ٿي وڃن ها...! ۽ سندن ڪڙيون ڪياڙي سان لڳن ها...! ان ڪري ذهني طور موچڙن لاءِ تيار ٿي تيزي سان اڳتي وڌيس ۽ فوزيہ کي ٻانهن کان پڪڙي تقريبن ڊوڙندو بس ڏانهن وڌڻ لڳس. پوئتي ڇِڪ بہ نہ هنيم. اهو الله ئي بهتر ڄاڻي تہ بدمعاش ڇو بس ڪري ويا هئا. بهرحال مان الله جو شڪريو ادا ڪيو، جنهن پنهنجي پناهہ ۾ رکيو.

بس تي چڙهندي ئي فوزيہ هڪ زوردار مڪ وهائي ڪڍي هئي، چوڙيون بہ ڀڄي پيون هيس، چيو هئائين:

”ايڏو بيدردي سان ڇڪبو آهي...؟ ٻانهن ڪڍي وڌي اٿئي...!“

پيار ڀري ڪاوڙ آئي هئي، مرڪي چپ ڪري ويو هيم.

حقيقت ۾ ان ڏينهن ئي مان پنهنجي دل ڪيس ڏئي وينو هئس پر مون اهڙي ڪا بہ حرڪت ڪرڻ نہ ٿي چاهي جنهن سان منهنجو ڪردار شاهده جي نظرن ۾ مشڪوڪ ٿي وڃي، ان ئي ڪري مان فوزيہ سان اظهار محبت نہ ڪري سگهيو هئس، نہ ئي ڪيس محسوس ڪرڻ ڏنو هيم تہ مان ڪيس واقعي چاهڻ لڳو آهيان، پر اڄ جڏهن مهيني کان پوءِ هن واپس وڃڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي تہ ظاهري طور تہ مون کي ڪجهہ بہ ڪو نہ ٿيو هو پر اندران ڀڄي پيو هئس، پنهنجو پاڇو پاڻ کان جدا ٿيندي محسوس ٿيو هو.

واقعي فوزيہ سچ چيو هو تہ : ’پٿر پرندا نہ آهن انهن کي پوريو ويندو آهي‘ مان بہ تہ هڪ پٿر هئس جو فوزيا جي هزار ڪوشش جي باوجود ڪيس پنهنجي پيار جي پڪ نہ ڏياري هيم پر هن جي واپس ورڻ واري ڳالهہ اڄ مون کي پوري رهي هئي ۽ پنهنجي وجود جا ذرا ڪراچي جي هوائن ۾ اُڏندي محسوس ڪيا هيم. پنهنجي مانيٽي ۽ ڳنڀير طبيعت تي وڏو ناز هو. ان ڪري يقين نہ ٿي آيو تہ هڪ مهيني اندر مان فوزيہ کي ايترو چاهڻ لڳندس جو هن کان بغير جيئڻ ناممڪن نہ تہ بہ... فضول ضرور محسوس ٿيندو...! جنهن سبب پريشان ٿي ويو هئس پر پريشاني ۾ پريشان رهڻ ئي سڀ کان وڏي بيوقوفي آهي. جيڪو ٿيڻو هوندو سو ٿيندو اهو سوچي آهستي آواز ۾ ڊيڪ هلائي ڪتاب اکين آڏو ڏئي ڇڏيو هيم.

شام جو مان ۽ شاهده، فوزيہ سان گڏجي بس اسٽينڊ وٽ پهتاسين. انجڻ اوچتو خراب ٿي پوڻ جي ڪري گاڏي پنهنجي مقرر وقت کان دير رواني ٿيڻي هئي، جنهن ڪري شاهده ٿوري انتظار ڪرڻ کان پوءِ طبيعت خراب هئڻ ڪري واپس هلي وئي هئي، جڏهن تہ مان فوزيہ کي بس ۾ سوار ڪرڻ لاءِ رهجي ويو هئس. اسان ٻئي هڪ پاسي ويهي رهيا هئاسين.

’ڇا ڳالهايانس...!‘ منجهي پيو هيم.

”پريشان پيو محسوس ٿئين...؟“ چيو هئائين.

”ها...!“

”ڇو...؟“

”تنهنجي جدائي منهنجي پريشاني جو سبب آهي...!“

”سچ...؟! مرڪي چيو هئائين.

”منهنجي پريشاني تنهنجي خوشي جو سبب آهي...؟“

”نہ تہ...!“

”تہ پوءِ سچ جو ڇا مقصد آهي...؟“

”ڪجھ بہ نہ ... ڪجھ بہ نہ ...!“ ڪنڌ جهڪي ويو هئس.

”فوزيہ توکي خبر آهي تہ مان ارڏو آهيان ...!“

”ها...!“ وراڻيو هئائين: ”معلوم اٿم تہ تو هڪ ڀيرو اديءَ جي ڪري پنهنجي جان بہ جوکي ۾ وڌي آهي...! پر تون ايئن ڇو ڪندو آهين...؟“

” شاهده مونکي ڏاڍو پيارينديي آهي، هن سان گڏ رهندي گهر کان پري رهڻ جو احساس ئي ناهي رهيو...پوءِ هن سان کو بدتميزي ڪري اهو منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي...!“

”جيڪڏهن ايئن ڪرڻ سان توکي ڪجھ ٿي پوي ها تہ پوءِ...؟“

”اهو زمان پاڙي آهي...!“

”مان زمان نہ، تنهنجي ڳالھ پئي ڪريان...!“

”جذباتيت جي ڊوڙ ۾ ڪجھ بہ نظر نہ ايندو آهي...!“

هوءَ وري چپ ٿي وئي هئي، پهريون ڀيرو هڪ بيوقوفاڻي سوچ آئي، ’وقت بيهي رهي،گاڏي جي انجڻ وري ڪڏهن بہ ٺيڪ نہ ٿئي...!‘ پر ان مان هڪ ڳالھ بہ نہ ٿيڻي هئي وقت گذرڻ سان گڏ انجڻ بہ ٺيڪ ٿي رهي هئي، ان ڪري آخري لمحا ضايع ڪرڻ نہ پر دل کولي فوزيہ سان ڳالهائڻ ٿي گهريم.

”هڪ ڳالھ چوانءِ ...؟ “ پڇيم.

”چئو...! “ وراڻيائين

”ڪيئن چوان...؟“

”نہ تون گونگو آهين... نہ مان ٻوڙي، تون چئو مان ٻڌنديس...!“

سندس آواز ۽ انداز تي ڪلي پيو هئم، هن بہ مسڪرائي ڏنو هو. پهريون ڀيرو سندس هٿ پڪڙي چيو هيم:

”مان توکي ڪجهہ بہ نہ چوندس...!“

”ان جي هاڻ ڪا بہ ضرورت نہ آهي...!“ اکين سان پنهنجي هٿ ڏانهن اشارو ڪندي چيو هئائين، ڇرڪ نڪري ويو هو، پنهنجي غلطي ۽ اهڙائپ تي بيحد ڪاوڙ آئي هئي، شرمساري مان چيو هيومانس:

”معاف ڪجانءِ...!“

”نہ ڪيان تہ...؟“

”هميشہ پنهنجي ان هلڪڙائپ تي شرمساري رهندي...!“

”ڪيان تہ...!؟“

”تنهنجو ٿورائتو رهندس...!“

”معاف ڪنديسانءِ... هڪ شرط سان تہ ڪجهہ چئو ۽ ڪجهہ ٻڌاءِ...!“

”فوزيہ...!“چيم. ”مان ذاتي زندگي ۾ ڏاڍو شرميلو رهيو آهيان پر تنهنجي اچڻ کان پوءِ، تورن ڏينهن ۾ اهو شدت سان محسوس ٿو ٿئي تہ مون جهڙو ڪمزور دل بہ شايد ئي ڪو پيو هجي...!“

”اهو وري ڪيئن...؟“

”مان توکي چاهڻ باوجود ڪجهہ چئي جو نہ سگهيو آهيان...!“

”مان چوانءِ...؟“

”تون بہ نہ چئي سگهندين...!“

”عورت بزدل نہ ڪمزور هوندي آهي، جيڪا هاڻ مان نہ رهي آهيان..! مون کي توسان محبت آهي...!“

آخري جملو ادا ڪندي نظرون جهڪائي ڇڏيون هئائين، وڏيڪ ڳالهائڻ لاءِ مون بہ وس ڪيا پر ڳيتيون ڏيندو رهجي ويوهئس، ڊرائيور مسافرن کي هارون ڏئي ويهڻ لاءِ چئي رهيو هو، يقينن گاڏي جي انجڻ ٺيڪ ٿي وئي هئي، پاڻ ٻئي اٿيا هئاسين فوزيہ جي حالت جي مون کي خبر نہ هئي پر... پنهنجا قدم پاڻ کان وڏيڪ ڳرا محسوس ٿيا هئا جنهن ڪري هلڻ جي همت نہ پئي ٿي پر هلڻو تہ هر حال ۾ هيو نہ...! هوءَ پنهنجي سيٽ تي ويهي رهي هئي، ان وقت سندس ڇهري تي آخري نظر وڌي هئم. لُڙڪ لڙي آيا هئس خبر نہ آهي، مان بہ پنهنجين اکين آڏو ڇو بيوس ٿي پيو هئس بہ گرم لُڙڪ منهنجا بہ ڪِري پيا هئا، ان وقت آهستي بلڪل آهستي چيو هئائين:

”هاڻ تہ چئو نہ ... پليز چئو نہ ... صرف هڪ ڀيرو...!“

”نہ چوندس...!“ مون ۾ اتي وڌيڪ ويهڻ جي همت نہ هئي، بس مان لهي آيو هئس، جيڪا آهستي آهستي بس اسٽينڊ تان کسڪي رهي هئي. ان مهل ڪيسي ۾ هٿ هڻي فوزيہ جي تصوير ڪڍي ڏٺم. هوءَ مرڪي رهي هئي، مان بہ پنهنجي اکين جي آلاڻ کي نظر انداز ڪري مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي ڪيس چيو:

’فوزيہ مون کي توسان محبت آهي...!‘

***

ماڻ تنهنجي لائق نه آهيان

آءُ زندگي جي ڦٽ پاٽ تي اڪيون ڪولڻ ڪان اڳ ڏاڍو رنو هئس. جڏهن ته منهنجا عزيز منهنجي پيدائش تي ڏاڍو خوش ٿيا هئا، جنهن جي ان وقت مون کي ڪا به خبر نه پئي ته هو منهنجي ڄمڻ تي ايڏو خوش ڇو پيا ٿين. جڏهن آئون زندگي جي رن وي تي ڊوڙڻ لڳو هئس تڏهن خبر پئي ته منهنجي پيدائش تي منهنجا عزيز خاص ڪري والدين ان ڪري خوش ٿيا هئا جو ڪين پنهنجو وارث ملي ويو هئڻ پر آءُ پنهنجي پيدائش وقت ڇو رنو هئس، ان جي مون کي اڃا تائين خبر نه پئجي سگهي آهي، توڙي جو مون کي زندگي جي رستي سان موت ڏانهن ڊوڙندي هي ٻاويهون سال آهي، آئون ٻاويهه سال مسلسل ڊوڙندو رهيو آهيان. ان ڊوڙ ۾ مونکي ڪافي ڏک لڳا آهن ڪڏهن ٿاٻڙيو آهيان، ته ڪڏهن اڄ ڪان بيحال پنهنجي منزل تان ڀٽڪي ويل مسافر جيان تڙپيو آهيان ڪڏهن ڪنهن گهاٽي وڻ جي ڇانوَ ۾ سج جي اڇلايل ٽانڊن جهڙي تيز ڪرڻن ۾ سڙي خاڪ ٿيڻ جي خوف ڪان پناهه وٺي جيئڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ته ڪڏهن وري منهنجون اکيون برسات بڻجي وسي ڪري منهنجي دل جي غير آباد زمين تي رهندڙ ويران ڏڪار جي ماريل سوچن، سوالن، آرزوئن ۽ تمنائن کي آباد ڪري ڪين پنهنجي ئي موت مرڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن.

’آئون ڇا آهيان...؟ڪيئن آهيان...؟ ۽ ڪنهن جي لاءِ آهيان...!؟‘

مون کي ڪا به خبر نه آهي، هڪ ڀي ڳالهه مون کي ڏاڍي حيرت ۾ وجهندي آهي ته آئون آخر هن صدي ۾ ڇو جنم ورتو...!؟ ڇا آئون صديون اڳ ۾ نه پئي پيدا ٿي سگهيس...!؟ ڇا ايندڙ وقت ۾ نه پئي اچي سگهيس...!؟ ان سوالن جا جواب مون ڳولهڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي پر مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو هو.

”بابا...! هيءَ دنيا ۽ هن دنيا ۾ رهندڙ مخلوق ڪيئن آهي...!؟“

اهو سوال مون ڪجهه وقت اڳ بابا کان ڪيو هو، جنهن تي وراڻيو هئائين:

”پٽ هي دنيا مسافر بس جيان آهي...! ۽ هن دنيا ۾ رهندڙ مخلوق ان بس ۾ سوار ٿيل مسافر مثل آهي. پوءِ جڏهن به ڪنهن جي منزل آئي، ان کي ان مسافر بس مان خوشي، ڏک يا نفرت سان آخر لهڻو ئي پوندو آهي...!“

وري ڇيو هيم:

”بابا...! پوءِ يقينن ان بس جو ڊرائيور به هوندو...!؟“

”ها پُٽ ان بس جو ڊرائيور خود الله پاڪ آهي، جيڪو پوري ڪائنات جي قدرت جو مالڪ آهي ۽ هر شيءِ تي وس وارو پڻ...! پوءِ چاهي اهو ديوَ هيڪل جبل هجي يا هڪ ننڍڙي ڪِول...!“

”بابا آئون گهڻو اڳ يا پوءِ ان بس ۾ سوار ڇو نہ ٿيس...!؟“وري ڇيو هيم: ”پهلا هاڻ ئي مون کي ان بس ۾ ڇو سوار ٿيڻو پيو...؟“

”هر ڪنهن شيءِ جو ڪو نہ ڪو وقت مقرر ٿيل هوندو آهي..!“بابا چيو هو: ”ڪا بہ شيءِ پنهنجي مقرر ٿيل وقت کان اڳ ڪڏهن بہ جنم نہ ٿي وٺي سگهي، ۽ نہ ئي فنا...! ان ڪري تون بہ پنهنجي مقرر ٿيل وقت تي هن مسافر بس ۾ سوار ٿيو آهين ۽ منزل يعني موت تي ان بس مان ايئن لهي هليو ويندين جو ڇڻ ڪڏهن هن بس جو مسافر هئين ئي ڪو نہ...!“

”بابا پهلا آئون هن ئي گهر...! ۽ هن ئي ملڪ ۾ آخر ڇو پيدا ٿيس...!؟“

پڇيم: ”ڇا آئون آمريڪا، فرانس، انگلينڊ، جاپان، برازيل، آسٽريليا يا سعودي عرب ۾ پيدا نہ پئي ٿي سگهيس...!؟“

”صفا ڪو واحيات آهين...!“ ٺوري ڪاوڙ ۾ چيو هئائين:

”انسان اشرف المخلوقات آهي، هڪ انساني نظريو، هڪ انساني ايجاد، هڪ انساني عزم، هڪ انساني آواز، هڪ انساني سوچ، سڀني انسانن جي تڪليف دور ڪري سگهي ٿي ۽ سڀني انسانن جي خواهش کي عملي جامو پهرائي سگهي ٿي پر دنيا ۾ ڪجهہ اهڙا مسئلا ۽ خواهشون بہ آهن، جو هن دنيا ۾ رهندڙ هر هڪ انسان جيڪڏهن هڪ ٻئي کان وڌيڪ سٺو سياستدان، سائنس دان، اٿل انسان، فلاسافر، دانشور ڇو نہ ٻڻجي وڃي پر پوءِ بہ سڀئي گڏجي اهي مسئلا ۽ خواهشون ڪڏهن بہ پوريون ڪري نہ ٿا سگهن، انهن مسئلن ۽ خواهشن مان پنهنجي پسند جي ملڪ ۽ گهر ۾ جنم وٺڻ بہ هڪ آهي...!“

وري بابا کي ڇيم:

”بابا توهان منهنجي پيدائش تي خوش ٿيا هوندا...!؟“

چيائين: ”ها...!“

پڇيم: ”ڇو...!؟“

”ان ڪري جو تون اسان جو اڪيلو اولاد آهين...!“ وراڻيائين:

”اڳتي هلي توکي ئي پنهنجو گهر سنڀالڻو آهي ۽ تون اسان جي پوڙهائپ جو سهارو آهين...!“

”بابا پهلا آئون پنهنجي پيدائش وقت ڇو رُنو هئس...!؟“

مون بابا کان پڇيو: ”جڏهن تہ مون کي روئڻ بجاءِ خوش ٿي ٺهڪ ڏيڻ کپي ها...! ڇو تہ اڳتي هلي آئون اڪيلو اوهان جي ملڪيت جو وارث ٿيندس...!“ ”صفا ڪو بد دماغ آهين...!“ هن دفعي بابا خفا ٿيندي چيو:

”اڙي پوڪ...! پيدائش وقت صرف تون ڪو نہ رنو هئين پر سڀ ڪو روئيندي ئي پيدا ٿيندو آهي...!“

”پر ڇو بابا...!؟“

هن ڀيري بابا ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو: ”احمق...! توڙي جو آئون يونيورسٽي جو پروفيسر آهيان منهنجو ڪم ئي سوالن جوابن توڙي علم ۽ ادب سان آهي پر پوءِ بہ مون ڪي تنهنجي عجيب و غريب سوالن جا جواب سمجهہ ۾ ڪو نہ ٿا اچن...! خبر ناهي تون الاءِ جي ڪهڙي مٽيءَ جو ٺهيل آهين...!؟ مون ڪي تہ ڪڏهن ڪڏهن ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ تون اسان جي پيريءَ جو سهارو بڻجڻ بجاءِ رهندو ئي اسان جي پريشاني جو سبب بڻجي ويندين...!“

ايئن چئي بابا اٿي هليو ويو پر آئون سوچيندو رهيس تہ بابا مون ڪي ان سوال جو جواب ڇو نہ ڏئي سگهيو، بابا يونيورسٽيءَ جو هڪ ذهين ۽ اصول پسند پروفيسر آهي، بابا جي ذهانت ۽ اصول پرستيءَ جي ساراهہ يونيورسٽيءَ جا سڀ پروفيسر، ليڪچرار ۽ شاگرد پڻ ڪندا آهن. بابا مونکي ڪافي سمجهايو هو تہ تون ابتا سبتا ۽ عجيب و غريب سوال ڪرڻ بجاءِ محنت ڪري پڙهہ ان ۾ ئي تنهنجي ڀلائي آهي. پيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نالي جو تہ ڀرم رک...! پر پوءِ بہ منهنجو پڙهڻ طرف گهٽو توجہ نہ ٿيو،آئون تہ صرف پنهنجي ڪوري ذهن جي، ڪٽ چڙهيل ڪوڙڪي ۾ ڦاٿل سوالن جا جواب ڳولي ڪين آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. (۽ هاڻ بہ ڪندو آهيان) جنهن تي بابا ڏاڍو پريشان رهندو هو ۽ اڪثر ڪري پنهنجي دوستن سان منهنجي شڪايت ڪندي چوندو هو تہ ’منهنجو ڇوڪرو اصل ڪو نہ سڌرندو...!‘ جنهن تي همدرديءَ خاطر بابا جي دوستن بہ مون ڪي ڏاڍو سمجهايو تہ ’بابا اهڙي مدي خارج ۽ بي ڍنگي سوالن جي چار ۾ پاڻ ڪي هرگز نہ ڦاساءِ نہ تہ ان چار ۾ اهڙو تہ جڪڙجي ويندين جو زندگي ڀر ان چار جي هڪ تند بہ نہ ڪٽي سگهندين ۽ ان قيد ۾ ئي تنهنجو روح تنهنجي جسم ڪي بيوس بڻائي پاڻ اڪيلو آزاد ٿي ويندو.‘ پر انهن جي انهن ڳالهين مون تي ڪو بہ اثر ڪو نہ ڇڏيو، الٽو مون ڪائنن اهڙا سوال پڇيا جو هو ويچارا ڏچي ۾ پئجي ويا. ان ڪري هاڻ بابا جي ڪنهن بہ دوست جي مون سان لڳي ئي ڪو نہ...! هو مون ڪي ڏسندي ئي ڪجهہ سمجهائڻ بدران منهن ڦيرائي ڇڏيندا آهن. بس منهنجو هڪ ئي دوست آهي، نالو اٽس مارنگ، آهي بہ صفا ٺينگ...!!

سندس گهر وارا ۽ هي ويلن جا ويلا بکون ڪاٽيندو آهي، پر پوءِ بہ شاباس هجيس جو هي بہ مون وانگر ابتن سبتن سوالن جي ٻسڙ ۾ سسي تائين دفن هجڻ جي باوجود بہ ڏک درد ۽ تڪليفون سهي خبر ناهي ڪيئن تمام گهڻي محنت ڪري بي۔اي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي هئائين. جنهن ڪان پوءِ هيءَ پنهنجي اهليت مطابق ڪنهن سٺي نوڪريءَ لاءِ ڏاڍو رليو پر پوءِ بہ نوڪري نہ مليس، سندس پاڙي جي هڪ ڪاموري هڪ دفعي رحم ڪائي چيس:

”بابا ماڻهو آهين پاڙي جو سو به غريب...! ان ڪري توتي رحم ٿو اچي ڪراچي ۾ منهنجو هڪ دوست ڏاڍي هلندي پڄندي وارو آهي، مان ان سان تنهنجو ذڪر ڪندس اميد ته هو توکي ماستريءَ يا ٻي ڪا نوڪريءَ ضرور وٺرائي ڏيندو پر ڪراچي جي ڪرائي پاڙي لاءِ تون مون کي صرف پندرنهن هزار رپيا ڏي، پيا مان پاڻ ئي برداشت ڪندس...! ڏس نه بابا ڪراچي جو سفر انتهائي ڏکوءِ ڏکيو آهي ۽ پاڻ ته اي سي واري ڪمري کان ٻاهر نڪرون ئي ڪو نه جيڪڏهن ڪاڏي نڪرڻو به پوي ته اي سي واري ئي گاڏي ۾ سفر ڪيون ۽ آرام به ڪنهن هاءِ ليول جي هوٽل ۾ ڪيون، ان ڪري مڙئي ڪجهه خرچ ته ايندو نه...!؟“

اهو ٻڌي هن همراهه جون واڇون ٽڙي وڃي ڪنن سان لڳيون ۽ انتهائي ادب سان ان ڪاموري کي جواب ڏنائين:

”سائين سدائين سلامت هجو ...! پيسا ته ڪوڙ، جيڪڏهن مون پاڙي جون ٻه ٽي ڪڪڙيون به چورايون ته به پندرنهن ويهه هزار ٻاهر پر سائين ڪراچيءَ جو سفر واقعي تمام ڏکوءِ ڏکيو آهي...! ان ڪري ممڪن آهي اوهان کي ڪا تڪليف رسي، سو به منهنجي ڪري...! آئون اهو برداشت هرگز نه ڪندس، توهان صرف پنهنجي اي سي واري ڪمري تائين محدود رهو ۽ منهنجي لاءِ تڪليف نه ڏسو...!“

ايئن چئي مارنگ ڪاموري کان موڪلائي هليو ويو. ان ڏينهن کان پوءِ مارنگ کي يقين ٿي ويو هو ته مون کي نوڪري ملڻي ئي ناهي ۽ اڄ تائين بي_ اي پاس بيروزگارن جي لسٽ ۾ شمار آ.

حسبِ عادت اڄ به اسان شام جو پينگ پور هوٽل ۾ ويٺا سليماني چانهه جون سرڪيون ڀري رهيا هئاسون پر اڄ آئون مارنگ کي ڏاڍو وساميل محسوس ڪيو هو، ڪجهه گهڙيون اسان خاموش چانهه جون سرڪيون ڀريندا رهياسين، چانهه مان فارغ ٿيندي ئي مون مارنگ کان هڪ عجيب سوال پڇيو:

”يار مارنگ...! ڏي خبر ڀلا تو به ڄمڻ وقت مون وانگي رنو هئين...!؟“

”نه...! “آئون رنو ئي نه هئس بلڪه گڏهه وانگر هينگون ڪيون هيم...!“

”سچ...!؟“

”ها...!“

”پر ڇو يار...!؟“

”مون کي ڪا به خبر ڪونهي...!“

”پر پوءِ به يار...! ڪجهه ته خبر هوندئي...!“

”مان ڪجهه نه ٿو ڄاڻان...!“چيائين:

”پر ايترو ضرور آهي، جو منهنجي جمڻ وقت هينگن مان منهنجي مائٽن اها اڳڪٽي ڪئي هئي ته، وڏو ٿي آئون يا ته گڏهه ٿيندس يا پنهنجو گهڻو وقت گڏهن سان گذاريندس...!“

”تنهنجو مطلب ته مان گڏهه آهيان...!؟“ حيرت مان پڇيم.

”اها توکي خبر...!“ وراڻيائين:

”پر يار آئون پنهنجي مائٽن جي ان اڳڪٽي کي غلط ثابت ڪرڻ خاطر گهڻن مسئلن جي باوجود بي-اي فقط ان اميد سان پاس ڪئي ته جيئن مون کي سٺي نوڪري ملي ۽ مائٽ مون کي گڏهه نه پر هڪ سٺو انسان سمجهن...! پر مون کي ته نوڪري ملي ئي ڪا نه ٿي. مان هاڻ پنهنجي گهر جي بُک ۽ بدحالي کان ڏاڍو تنگ ٿي پيو آهيان. منهنجي ابتن سبتن سوچن جي ڪري ماڻهو مون کان ڪڪ آهن. ان ڪري مون کي ڪو مزدور رکڻ لاءِ به تيار نه آهي، جتي به وڃان ٿو منهنجي لاءِ ناڪامي نروار ٿيو استقبال لاءِ بيٺي آهي. هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ته آئون ڇا ڪريان...!؟“

مون کي مارنگ جون ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ڪجهه سوچ ويچار کان پوءِ هلڪي رڙ ڪندي ڪيس چيم:

”يار تنهنجو مسئلو حل ٿي ويو...!“

”ڪيئن...!؟“

”اسان جي ئي شهر ۾ هڪ سخي دل ماڻهو بي-اي پاس بيروزگار نوجوانن کي گڏهه گاڏا هلائڻ لاءِ تمام گهٽ ڪميشن تي ڏيندو آهي...!“

”چريو ٿيو آهين ڇا...!؟“ ڪاوڙ ۾ چيائين:

”مون کي ته گڏهه لفظ کان ئي نفرت آهي...!“

”پر هاڻ توکي ان سان نباهُ ڪرڻو پوندو. پنهنجي گهر وارن جي بُک ۽ بدحالي دور ڪرڻ خاطر...!“

”هرگز نه...! آئون ايئن نه ڪندس...!“

”سوچي وٺ هيءُ سونهري موقعو اٿئي...!“

جنهن کان پوءِ مارنگ سوچن جي گهري سمنڊ ۾ غوطا کائي کائي بيحال ٿي پيو، ڪجهه دير کان پوءِ آهستي ۽ انتهائي بيوسي وچان چيائين:

”يار پوءِ ڇا آئون پنهنجي مائٽن جي اڳڪٽي کي صحيح ثابت ڪريان...!؟“

”توکي ايئن ڪرڻ گهرجي...!“ چيم:

”ڇو ته تون اها اڳڪٽي صحيح ثابت نه ڪئي پر توکان اها اڳڪٽي هن ظالم ۽ بي حس سماج زور ۽ زبردستي صحيح ثابت ڪرائي آهي...!“

”آئون ڪڏهن به ايئن نه ڪريان ها...!“ چيائين:

”جيڪڏهن مون کي پنهنجي گهر مان بک جو ڪک نه لڳي ها...!“

”زبردست...! تو صحيح فيصلو ڪيو آهي...!“
”پلا پڌاءِ تہ ان سخيءَ مرد جو نالو ڇا آهي...!؟ جيڪو گڏهہ گاڏا پيو ڏي...!“
” نالو نورنگ اٿس...!“
”واهہ...!“ چيائين: ”نالو تہ منهنجو ڊپليڪيٽ اٿس، اٿ تہ پلا هلونس گڏهہ گاڏو وٺڻ...!“
”انٽرويو جي تياري ڪئي اٿئي...!؟“
”ڇا جو انٽرويو...!“ حيرت مان پڇيائين.
”گڏهہ گاڏي لاءِ بہ انٽرويو ڪيو ويندو آهي...!؟“
”تون مذاق پيو ڪرين...!“
”نہ نہ...! آئون مذاق نہ پيو ڪريان، اها حقيقت آهي...!“
”يار عجب ڳالهہ آهي...!“ مارنگ چيو:
”جيڪو گڏهہ گاڏا ڪميشن تي پيو هلائي اهو وري ڪيترو پڙهيل هوندو...!؟ جو مون کان انٽرويو ڪندو...!“
”يار...! اهو ايم-اي پاس اٿئي...! ڏاڍو رليو هو نوڪري لاءِ پر تو وانگي وريس ڪجهہ بہ نہ...! اتفاق سان هن جو ڌهن لڪن جو انعام هڪ ڪمپني طرفان نڪتو، جنهن مان هن نہ صرف پنهنجي گهرو حالت سڌاري، بلڪہ سوين گڏهہ گاڏا خريد ڪري تمام گهٽ ڪميشن تي گهٽ ۾ گهٽ بي-اي پاس، اهل اميدوارن لاءِ وقف ڪيا آهن...!“
”خدا ڪيس خوش رکي...!“ مارنگ چيو:
”اٿ تہ هلون، آئون ڪيس انٽرويو ضرور ڏيندس...!“
جنهن کان پوءِ اسان ٻئي چانهين جا پيسا سيٺ گهنور خان عرف غريب نواز کي ڏئي سڌو سنئون نورنگ خان وٽ پهتاسين، جنهن کي مارنگ پنهنجو درد ڀريو داستان ٻڌايو...! جنهن تي نورنگ سانڻس همدردي جو اظهار ڪيو ۽ پوءِ کانئس بي-اي ليول جا ڪوڙ سوال ڪيائينس، جن جا مارنگ کيس مطمئن ڪندڙ جواب ڏنا جنهن تي نورنگ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان مهل ئي کيس هڪ تمام سنو گڏهہ ۽ گاڏو ڏنائين. مارنگ جي بہ خوشين جي ڪا حد نہ رهي ۽ ان مهل ئي مون کان موڪلائي روزگار سان لڳي ويو...!
مان بہ خوش خوش گهر پهتس تہ گهر جي ڊرائينگ روم ۾ تقريبن اناويهن ٽيهن سالن جي هڪ خوبصورت ۽ پُر وقار خاتون ويٺل نظر آئي. جنهن تي سوچيم تہ: ’پڪ هي بابا جي مهمان آهي ۽ بابا سان ملڻ آئي هوندي...!‘
ان ڪري مان اتان ئي واپس ورڻ لڳس.
”ايڪس ڪيوزمي...!“

ان عورت ڳالهايو جنهن تي منهنجا وڏندڙ قدم رڪجي ويا ۽ پوئتي مڙي ڪيس سواليہ نگاهن سان تڪڻ لڳس.

”ڇا توهان پروفيسر هدايت الله جا فرزند منصور هدايت الله خان آهيو؟“

”جي ها...!“ وراڻيم:

”پر منهنجو نالو منصور هدايت الله خان نہ آهي...!آئون صرف مولائي سان ئي مشهور آهيان...!“

”ڇنيءَ جو نالو تہ منصور هدايت الله خان اٿئي نہ...!“

”ها...!“چيم:

”پر اوهان ڪي اها ڪيئن خبر پئي...!؟“

”مون کي اوهان جي والد صاحب سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو آهي...!“

”پر ڇو...!؟“ حيرت مان پڇيم.

”اصل ۾ آئون يونيورسٽي ۾ پڙهائيندي آهيان...!“جواب ڏنائين:

”۽ هاڻ روز شام جو اوهان کي بہ پڙهائينديس....!“

”يعني اوهان بابا جي چوڻ تي مون کي پڙهائڻ آيون آهيو...!؟“

”ها بلڪل...!“ مختصر جواب ڏنائين.

”محترمہ...! بابا جي پهريان بہ ڪافي دوستن مون کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو آهي. ان ڪري مان پڪ سان چوان ٿو تہ توهان بہ مون کي ڪجهہ سمجهائي نہ سگهندؤ...!“

”مان ڪوشش ڪنديس...!“

”ڇڱو ڀلا ڇا توهان ٻڌائي سگهندو تہ بابا جا دوست مون کي سمجهائي ڇو نہ سگهيا...! ۽ مان سمجهي ڇو نہ سگهيس...!؟“

آئون سامهون پيل صوفي تي ويهي رهيس، هن چهري تي بلڪل هلڪي پر انتهائي پُر ڪشش مرڪ نمودار ٿي ۽ پوءِ انتهائي وڻندڙ آواز ۾ چيائين:

”آئون توهان جي هر سوال جي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪنديس...! مان هن وقت تائين صرف يونيورسٽي ۾ ئي پڙهايو آهي پر آئون اوهان جي والد صاحب کي جواب نہ ٿي ڏئي سگهيس. ان ڪري توهان کي پڙهائڻ جي حامي ڀري ورتم. منهنجو هڪ اصول آهي تہ آئون جيڪو بہ ڪم ڪندي آهيان ان کي پورو ڪري پوءِ ئي ڇڏيندي آهيان، پنهنجي ان ئي اصول تحت مون کي اميد آهي تہ توهان کي بہ سڌو ڪري ڇڏينديس...!“

”نہ نہ هرگز نہ...! توهان مون کي ڪڏهن بہ سڌو نہ ٿا ڪري سگهو محترمہ...!“ کلندي چيم:

”چو تہ آئون ٽيڏو يا ڦڏو ٿورئي آهيان...! پر آئون پيدائشي سڏو آهيان، تہ پوءِ توهان سڏي ڪي سڏو ڇا ڪندو...!؟“

”آئون توهان جي جسم ڪي نہ پر، سوچن ڪي سڏو ڪنديس...!“ هلڪي مسڪراهٽ سان چيائين.

”ڇيم نہ، توهان ايئن بہ نہ ٿا ڪري سگهو...!“

”ڇو...!؟“

منهنجون سوچون ڪٺڪ جي ڳوهيل اٽي وانگر نہ آهن، جو انهن کي جيڏانهن ڇڪجي اوڏانهن ڇڪجيو اڇن...! پر منهنجون سوچون هڪ اهڙي لوهہ جيان مضبوط ۽ اٽل آهن جنهن تي ڪٽ بہ نہ چڙهندي آهي...!“

”پوءِ ڇاهيس...!“ پُر اعتماد لهجي ۾ چيائين:

”لوهہ کي بہ باهہ جي پنيٽ ۾ وجهي ان کي تپائي سنوت ۾ آڻي ڇڏبو آهي...!“

”پر توهان هڪ عورت آهيو...!“ ڇيم:

” لوهار نہ، جو منهنجي سوچن جي سيخن کي تپائي سنوت ۾ آڻيو...!“

”آئون هڪ عورت ضرور آهيان...!“چيائين:

”پر مون وٽ اهڙا علمي هٿيار آهن جيڪي اڄ تائين دنيا جي ڪنهن لوهار کي نصيب ئي نہ ٿي سگهيا آهن...!ان ڪري...!“

”محترمہ..! ڳالهين ڳالهين ۾ مون توهان جو نالو ئي ڪو نہ پڇيو..!“ ڳالهہ جو رُخ بدلائيندي پڇيم:

”اوهان جو نالو ڇا آهي...!؟“

”نرگس منهنجو نالو آهي...!“

”نالو تہ ڏاڍو سٺو آهي اوهان جو..!“

”جيئن تہ اڄ پهريون ڏينهن آهي...!“ نرگس منهنجي تعريف تي ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو ۽ چيو:

”ان ڪري آئون اوهان کان ڪجهہ پڇنديس جيئن مون کي خبر پئي تہ اوهان جو ذهني لاڙو ڪهڙي طرف آهي...!؟“

جنهن کان پوءِ نرگس مون کان ڪافي سوال ڪيا، جن جا مون پنهنجي سمجهہ آهر جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪافي دير کان پوءِ نرگس سوال پڇڻ بند ڪيا ۽ چيائين:

”اڄ ايترو ڪافي آهي، انشاءَ الله سڀاڻي کان وٺي آئون توهان کي باقاعدگي سان پڙهائڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪنديس...! باقي توهان جي ڳالهين مان مون کي محسوس ٿيو آهي تہ توهان جو والد توهان جي اجايو شڪايت ڪندو آهي. توهان تہ انتهائي درجي جا ذهين ۽ ٽيلينٽيڊ پيا لڳو..!!“

ايئن چئي هوءَ اٿي هلي وئي.آئون دل ئي دل ۾ ڪيس چيو:

”آئون ڪيترو ذهين ۽ ٽيلينٽيڊ آهيان اها شايد اوهان کي خبر نہ آهي هفتي جي اندر اوهان منهنجي باري ۾ پنهنجي اها سوچ تبديل ڪري مون کي پٽينديون ويندؤ...!“

نرگس ٻي ڏينهن تي تقريبن شام جو ڇهين وڳي آئي ۽ رات جو ائين تائين مسلسل مون کي پڙهائيندي ۽ سمجهائيندي رهي، هاڻ اهو هن جو معمول هو تہ هوءَ روز ڇهين وڳي ايندي هئي ۽ ايستائين سمجهائيندي رهندي هئي، جيستائين آئون بور نہ ٿيندو هئس. شروعات ۾ آئون هن کي اجنبي محسوس ڪندو هئس، پر آهستي آهستي اها اجنبيت ختم ٿي وئي. مون کي اهو ڏسي ڏاڍي حيرت ٿيندي هئي تہ جيڪي سوال پڇڻ تي بابا ۽ ان جا دوست مون کي بد دماغ سڏيندا هئا، انهن ئي سوالن جا جواب نرگس مون کي مسڪراهٽ ۽ ڏاڍي اطمينان سان ڏئي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، حالانڪ آئون سندس هر جواب مان مطمئن هرگز نہ ٿيندو هئس، پر پوءِ بہ مون کي الاءِ جي ڇو محسوس ٿيندو هو تہ نرگس صحيح پئي چوي. ان ڪري ڪيس ڪجهہ چوڻ جي باجود ڪجهہ چئي نہ سگهندو هئس. پهريان ڪجهہ ڏينهن آئون ڏاڍو اداس رهندو هئس، ڇو تہ مارنگ کي روزگار ملي وڃڻ جي ڪري ڪيس واندڪائي نہ ٿيندي هئي، هو مون سان تمام گهٽ ملندو هو. پر آئون ان ڳالهہ تي ڏاڍو خوش هئس جو مارنگ جا گهر وارا هاڻ تي وقت پيٽ ڀري ماني ڪائيندا هئا. پرتمام ٿورڙن ڏينهن ۾ نرگس مون کان اها اداسي ڪسي ورتي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ الائي جي ڇو مون کي شدت سان محسوس ٿيڻ لڳو تہ نرگس مون ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺڻ چاهي ٿي. شايدان ڪري مان زندگي ۾ پهريون ڀيرو محسوس ڪرڻ لڳو هئس تہ منهنجي بہ ڪا اهميت آهي. نرگس مون کي بہ ڏاڍي وڻندي هئي. هوءَ جڏهن بہ ايندي هئي تہ آئون ايئن ئي محسوس ڪندو هئس تہ وقت ڀيهجي ويو آهي پر اها منهنجي غلط فهمي هئي، وقت ڪنهن جي لاءِ ڪڏهن بہ نہ ڀيهندو آهي .وقت جو وهڪرو هر شيءَ سيڪنڊن، منٽن، ڪلاڪن، ڏينهن، هفتن ۽ مهينن ۾ لوڙهي ڇڏيندو آهي. هاڻ مون کي پڙهائيندي نرگس کي هي پنجون مهينو هو پر انهن پنجن مهينن ۾ مون ايئن محسوس ٿيو هو جو ڄڻ نرگس کي آئون صدين کان سڃاڻيندو اچان. شايد ان ڪري ئي هفتو اڳ ڪانئس سوال پڇيو هيم:

”نرگس آئون ڇا آهيان...؟؟“ منهنجي ان عجيب سوال تي گهڙي کن مون کي گهورڻ کان پوءِ مسڪرائي چيائين:

”تون هڪ انساني وجود آهين...!“

مون کي حيرت ٿي، ڇو تہ نرگس منهنجي لاءِ پهريون ڀيرو ’تون‘ لفظ استعمال ڪيو هو پر اهو لفظ مون کي پنهنجي لاءِ ڏاڍو پيارو لڳو.

”نرگس...!“ چيم: ”ڀلا آئون ڪيئن آهيان...!“

”منصور...!“چيائين:

”انسان ۾ تہ ڪجھہ ڳالهيون هڪ جهڙيون هونديون آهن پر هر انسان پنهنجي وجود ۾، پنهنجي سوچن ۽ خيالن جا مختلف رنگ پريندو آهي ۽ پوءِ اهو انسان پنهنجي ئي ان سوچن ۽ خيالن ذريعي ئي سڃاتو ويندو آهي، تون ڪيئن آهين...!؟ اهي تنهنجون سوچون ئي ٻڌائن ٿيون...!!“

”نرگس...! ڀلا آئون ڪنهن جي لاءِ آهيان...!؟“

”تون هر هڪ انسان لاءِ آهين...!“ وراڻيائين:

”توکي خدا پاڪ انسان ذات جي خدمت لاءِ موڪليو آهي...!“

”پوءِ ڇا آئون انسان نہ آهيان...!؟“ چيم:

”يا وري خدا تعاليٰ صرف مون کي ئي چونڊيو آهي. انسان ذات جي خدمت لاءِ...!“

”تون بہ انسان آهين...! الله صرف توکي نہ پر هن دنيا جي هر هڪ انسان کي هڪ ٻي جي خدمت ۽ خيال رکڻ جو حڪم ڪيو آهي. ايئن ئي سمجھہ تہ زندگي رب پاڪ اسان کي امتحان لاءِ ئي عطا ڪئي آهي. جيڪو بہ ان ۾ ڪامياب ٿيو الله تعاليٰ ان کي تمام وڏو انعام ڏيندو...!“

”الله تعاليٰ انعام ڪڏهن ڏيندو...!؟“

”قيامت ۾...!“

”قيامت ڪڏهن ايندي...!؟“

”پنهنجي مقرر وقت تي...!“

ايئن چئي نرگس اٿي هلي وئي. شايد ان ڏينهن ڪيس ڪجھہ تڪڙ هئي ٻي ڏينهن تي بہ مون مولائي ڪانئس ڪافي بي ڍنگا سوال ڪيا، جن جا جواب هُوءَ حسبِ عادت هلڪي مسڪراهٽ سان ڏيندي رهي. ان جي اها عادت مون کي پاڻ وڏيڪ پياري لڳندي هئي پر ڪجھہ ڏينهن کان وٺي آئون شدت سان محسوس ڪرڻ لڳس تہ نرگس مون کان ڪجھہ پڇڻ گهري ٿي، اهو محسوس ڪندي آئون ڏکي ويندو هئس تہ، خبر ناهي نرگس الائي جي ڇا مون کان پڇندي...؟ خبر ناهي آئون ڪيس صحيح جواب ڏئي سگهان بہ يا نہ...! ان ڪري جڏهن بہ مان محسوس ڪندو هئس تہ هاڻ نرگس مون کان ڪجھہ پڇڻ واري آهي تہ هڪ دم ڪانئس ابتا سبتا سوال ڪري ڪيس الجهائي ڇڏڻ جي ڪو شش ڪندو هئس. شايد ان ڪري ئي هوءَ اڃان تائين مون کان ڪجھہ پڇي نہ سگهي هئي. اڄ بہ آئون ڊرائنگ روم ۾ ويٺو هئس، انتظار ڪري رهيو هئس تہ هوءَ نيڪ ڇهين وڳي ڊرائنيگ روم ۾ داخل ٿي. اڄ سائي لباس ۾ ڏاڍي سندر پئي لڳي. هوءَ منهنجي بلڪل سامهون رکيل صوفي تي ويهي رهي ۽ معمول خلاف عجيب عجيب نظرن سان مون کي گهورڻ لڳي. آئون سندس سان نظرون نہ ملائي سگهيس ۽ ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڇڏيم. ڪجھہ گهڙين جي خاموشي کان پوءِ مون ڪيس چيو:

”نرگس...! ڇا اڄ ڪجھہ پڙهائڻ جو ارادو نہ آهي...!؟“

”نہ...!“ چيائين:”اڄ توکان ڪجھہ پڇڻو آهي...!“

اهو ٻڌي ڇرڪي ويو هيم، پر پوءِ پاڻ سنڀاليندي چيم:
”ڇا...!!“
”ڇا توکي دل آهي...!؟“
”ها...!“
”ڇا ان ۾ توکنهن کي جاءِ ڏني آهي...!؟“
”ها...!“
”ڪنهن کي...!؟“
”پنهنجي دل جي ڌڙڪن کي...!“
”ڌڙڪن...!!!؟“
”ها...! ڇو جو، اها منهنجي زندگي جي علامت آهي ۽ منهنجي زندگي مسلسل موت سان مقدمو وڙهي رهي آهي...!“
”ڇا...!“ ڇيائين:
”تنهنجي دل ۾ ٻي ڪنهن جي لاءِ ڪا بہ جڳهہ ڪونهي...!؟“
”نہ...! بلڪل نہ...!“ وراڻيم: ”ڇو تہ منهنجي دل منهنجي ئي وجود جو بار کڻي ڏکي رهي آهي تہ پوءِ ڪيئن ان ۾ ٻئي ڪنهن جي جڳهہ برداشت ڪندي..!؟“
”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين...!“ نرگس چيو:
”تنهنجي دل ۾ منهنجي لاءِ جڳهہ آهي...!!“
”ت... ت... تنهنجي لاءِ...!!!“ حيرت ۾ چيم:
”ها منهنجي لاءِ...!!“
”نہ...! اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مون کي تنهنجي گفتگو وڻندي آهي...! ۽ تنهنجي لفظن سان پيار ڪندو آهيان...!“
”تون ڪجھہ بہ چوين منصور...! پر آئون ڄاڻان ٿي، تون مون سان محبت ڪرين ٿو...!!ڇو جو، پهريان تون منهنجي لاءِ ’توهان يا اوهان‘ جو لفظ استعمال ڪندو هئين، پر اڄ تون منهنجي لاءِ ’تنهنجي‘ استعمال ڪيو آهي. ۽ اهو لفظ جيڪو پنهنجو گهرو ۽ دل جي ويجهو هوندو آهي، ان لاءِ ئي استعمال ٿيندو آهي، ان ڪري تنهنجي چوري پڪڙجي پئي آهي...!“
مان خود حيران هئس خبر نہ آهي ڪيئن مون کان نرگس لاءِ اهو لفظ نڪتو...!
”آئون گذريل ڪيتري ئي عرصي کان توکي ڳوليندي رهي آهيان...! مس وڃي مليو آهين... ڇا هاڻ تون منهنجو هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺندين...!!!؟“
اهو ٻڌي مون کي شديد جهٽڪو لڳو پاڻ سنڀاليندي ڪيس چيم:

”هي تون ڇا پئي چوين نرگس...!؟“
”ها مان صحيح پئي چوان مان تنهنجي ڳولا ۾ آهيان...! ڇا تون موسان شادي ڪندين...!؟“
”منهنجي ڳولا...! جيڪو پروفيسر جو پُٽ هوندي به بددماغن جي لسٽ ۾ شامل آهي...!“
”تون پين ڪي ڇڏ مون ڪي منهنجين ڳالهين جو جواب ڏي...!“
”مان هن وقت تائين پنهنجو پاڻ ڪي صحيح نموني سان سمجهي نه سگهيو آهيان ته پوءِ ٻي ڪنهن جي لاءِ ڇا سوچيندس، توڙي جو آئون ڪنهن ڪي دل وجان سان چاهيان به...! ته به منهنجو ضمير منهنجي افعالن بدولت مون ڪي هرگز اها اجازت نه ڏيندو ته ان ڪي هميشه لاءِ پنهنجو بڻائي سندس خوشگوار زندگي زهر ڪري ڇڏيان...!“
”توسان شادي ڪان پوءِ منهنجي زندگي زهر نه ماڪيءَ ڪان وڌيڪ مٺي ٿي پوندي...!!“ نرگس چيو:
”بس تون مون ڪي صرف ايترو ٻڌاءِ ته ڇا تون مون سان محبت نه ٿو ڪرين...؟؟“
”ڪ... ڪ... ڪيان ٿو...!“ اهي لفظ ادا ڪندي آئون سڄو ڏڪي ويو هئس.“
”پوءِ شاديءَ ڪان انڪار ڇو ٿو ڪرين...!؟“
”محبت جي منزل رڳو شادي نه هوندي آهي...!!“چيم.
”پوءِ محبت جي منزل ڪهڙي هوندي آهي...؟“ نرگس پڇيو.
”محبت جي ڪا به منزل نه هوندي آهي نرگس...!“
”پر اسان جي محبت جي منزل آهي...!!“چيائين:
” شايد تون ان ڪري شاديءَ ڪان انڪار ٿو ڪرين ته، آئون توڪان عمر ۾ سڄا سارا ڇهه سال وڏي آهيان ...!! پر ٻڌائي ٿي ڇڏيانءِ توڪان ڇهه سال اڳ ۾ ان ڪري پيدا ٿيس جو مون ڪي ڊپ هو ته تون ڪٿي مون ڪان اڳ ۾ نڪري نه وڃين ۽ آئون تو تائين ڪڏهن به نه پهچي سگهان...! ان ڪري ڇهه سال پهرين ڪان تنهنجو اڳ جهليون بيٺي آهيان...! هاڻ توکي هٿان وڃڻ نه ڏينديس...!“
”نرگس...!آئون توکي چاهڻ جي باوجود به پنهنجو نه ڪندس...!“چيم: ”ڇو ته تون مون ڪان ڪافي مٿي بيٺي آهين. آئون تنهنجي پيت ۾ ڪجهه به نه آهيان...!“
”نه منصور...! تون ئي منهنجو سڀ ڪجهه آهين...! تو بن آئون ڪجهه به نه آهيان...!“
”نرگس مان ڪجهه به نه آهيان..! تون ته مون ڪي ويجهي ڪان پرکي ڏٺو آهي، پوءِ به غلط فهميءَ جو شڪار ٿي وئي آهين...! تنهنجي منزل مان نه آهيان. سچ پڇين ته آئون ڪنهن جي به منزل نه آهيان...!“
”منهنجي منزل تون آهين...!“ اکين سان اکيون ملائيندي چيائين.
”نه نه...! تون غلطي پئي ڪرين...! “
”نيڪ آهي جيڪڏهن تون مون ڪي پنهنجو ڪرڻ نه ٿو چاهين ته پل نه ڪر...پر ڇا تون مون ڪي هميشه ياد رکندين...؟؟“

”نہ...!“

”ڇو...؟؟“

”مان صرف پنهنجي سوالن کي ئي ياد رکندو آهيان ۽ انهن سوالن جي جوابن جي ئي ڳولا هوندي اٿم. ان ڪري جنهن کي جنهن جي ڳولا هوندي آهي اهو صرف ان کي ئي ياد رکندو آهي...!“

”پر آئون توکي زندگي جي آخري لمحي تائين نہ وساري سگهنديس...! ڇو تہ تون منهنجي ڳولا آهين...!“

”تنهنجي ڳولا سئو فيصد غلط آهي...!“چيم:

”مان تنهنجي لائق نہ آهيان...!!“

”آئون زندگي ۾ فقط هڪ ڀيرو ڪنهن جي ڳولا ڪئي آهي منصور..!“ نرگس چيو: ” ان ڪري مون کي يقين آهي تہ ’ڪولمبس‘ جيان غلط جڳهہ کي پنهنجي منزل مقصود هر گز نہ سمجهنديس...! تون مون کي صرف اهو ٻڌاءِ تہ تون منهنجو ساٿ ڇو ڏيڻ نہ ٿو چاهين...؟؟“

”ان جو سبب آئون توکي پهريان ٻڌائي چڪو آهيان نرگس...!“چيم: ”آئون ڪنهن بہ طرح سان تنهنجي لائق نہ آهيان...! تون مون کان تمام گهڻو اڳتي آهين...! ايترو جيترو آسمان ۽ زمين...!!“

”اسان ۾ ايترو فاصلو نہ آهي...!“ نرگس چيو:

”پر اسان جي وچ ۾ سائيڪل جي ڦِن ڦيٽن جيترو مفاصلو آهي...!“

”پوءِ ڇا اهي گهٽ مفاصلو هوندي ڪڏهن پاڻ ۾ ملي سگهيا آهن...!؟“ ان تي هوءَ خاموش رهي، ڪافي دير تائين لفظ بہ ڪو نہ ڪڇيائين.

”ٺيڪ آهي منصور مان مڃيو تہ تون منهنجو نہ ٿو ٿيڻ چاهين...!“ نرگس جي آواز ۾ عجيب لرزش هئي، جيڪا مون پهريون ڀيرو محسوس ڪئي هئي:

”تنهن هوندي بہ مون کي ڪو بہ ڏک نہ آهي...! ڀلا اها مون کي ڪهڙي خبر تہ منهنجي مقدر ۾ لکيل منزل اهڙي هوندي جنهن تائين پهچندي پهچندي مون کي سال لڳي ويندا ۽ اهي سفر جا سال مون ڪيئن گذاريا ان جو احساس صرف مون کي ئي آهي پر پوءِ بہ منهنجي لاءِ منزل راحت نہ پر نٿهڻ اُس ثابت ٿيندي، جنهن جي تيز تپش منهنجي رهيل اميدن، حسرتن، خوابن ۽ آسن کي ساڙي هميشہ لاءِ ڀسم ڪري ڇڏيندي، خير زندگي کي پنهنجو اهو رنگ بہ مون کي ڏيکارڻو هو سو مون ڏسي ورتو ...!“

ايئن چئي هو خاموش ٿي وئي. سندس اکين لڙڪ ڳاڙڻ پئي چاهيا. جن کي هوءَ روڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهي هئي.

”زندگي جو رنگ ...!“ مون پڇيو:

”ڇا زندگي کي بہ رنگ هوندا آهن...!؟“

”ها...!“

”ڪيئن...!؟“

جنهن تي گهڙيءَ پل جي خاموشي ڪان پوءِ چيائين:

”انساني زندگي ۾ بہ ڪجهہ اهڙا واقعا رونما ٿيندا آهن، جن کي وسارڻ ۾ ئي ان جي بهتري هوندي آهي. پر پوءِ باوجود ڪوشش جي انهن واقعن کي ڪڏهن بہ پنهنجي زندگي مان نہ ڪڍي سگهبو آهي. اهڙن ئي واقعن کي زندگي جو رنگ چئبو آهي. ۽ زندگي بہ اهڙن رنگن کان سواءِ بلڪل ڦاڙي، ڦڪي، ڦسي ۽ بي رنگ هوندي آهي...!“

ايئن چئي هوءَ خاموش ٿي وئي.اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيس ۽ هن ڀيري ان ڳاڙهين اکين مان بہ لُڙڪ ڳڙي پيا هيس. دل پئي گهريو تہ اهي گرم لُڙڪ پِي پنهنجي دل جي بنجر ٿيل زمين کي آباد ڪريان...! پر ايئن بہ ڪري نہ سگهيس. ڪجهہ گهڙيون اسان ٻئي خاموش رهياسين. منهنجي ذهن ۾ هر وقت طوفان جيان اٿندڙ سوال ماٺ ۾ هئا. شايد نرگس جي لُڙڪن منهنجي ذهن جي ڌُسڙ ۾ ڪين ڇمائي ڇڏيو هو.

”منصور...!!“ نرگس سسڪندي ڳالهايو:

”منهنجي اميد ۽ دعا آهي تہ تنهنجي منزل محبت جي اهڙي واديءَ هجي جتي سور ۽ صدمي کان ڪير واقف ئي نہ هجي...! اتي پهچي مون کي ڪڏهن بہ ياد نہ ڪجانءِ...! پر خدا نہ ڪري جيڪڏهن تنهنجي منزل بہ مون جيان دردن جو درياءَ هجي تہ پوءِ خدارا ان ۾ ٽُٻي نہ هڻجانءِ ۽ مون ڏانهن موٽ ڪجانءِ...! مان تنهنجي انتظار ۾ هونديس...!!“

ايئن چئي هوءَ اٿي وڃڻ لڳي تہ پڇيومانس:

”نرگس...! ڪيڏانهن... اڄ نہ پڙهائيندو ڇا...!؟“

”ڏکي سفر کان بعد انسان جڏهن پنهنجي منزل تي پهچندو آهي تہ پوءِ هو ڪم ڪرڻ کان وڌيڪ آرام ڪرڻ پسند ڪندو آهي...!“ نرگس چيو:

”پر جڏهن ڪنهن انسان کي منزل ملندي بہ نہ ملي تہ پوءِ اهو ڪنهن کي سمجهائڻ يا پڙهائڻ لائق نہ پر خود پڙهڻ ۽ سمجهڻ لائق هوندو آهي. هاڻ تون مون کي ڪڏهن بہ نہ ڏسي سگهندين...! سواءِ خوابن جي...!!“

ايئن چئي هوءَ هلي وئي. آئون سوچيندو رهيس تہ ’آخر آئون نرگس جي لائق ڇو نہ ٿي سگهيس..!؟‘ پر ان جو جواب مون وٽ ڪو نہ هو.بس پنهنجي خشڪ اکين مان بہ ڏيرا ۽ مصيبت جا ماريل لُڙڪ ڪريا هئا...! جن مون کي پيِن ڳالهين جو جواب تہ نہ ڏنو پر هڪ سوال جو جواب ضرور ڏنو. جنهن جو جواب اڃان تائين مون ڪو بہ نہ ڏئي سگهيو هو تہ ’مان ڄمڻ وقت ڇو رُنو هئس...!!‘

***

بيوروڪريٽڪ

امان مون کي ٽِفن باڪس ڏيندي چيو:

”پُٽ هي ماني پنهنجي چاچا کي ڏئي اچ، سندس گهر ڀاتي سڀ مائٽن ڏانهن گهمڻ ويا آهن...!“

امان کان ٽفن باڪس وٺندي چيم:

”ناز ته گهر نه هوندي نه...!؟“

”نه چندا...!“ امان مرڪندي چيو:

”چيم نه ته، گهر ۾ صرف ۽ صرف تنهنجو چاچو رهيل آهي...!“

اهو ٻڌي اطمينان ٿيو ۽ پوءِ منهنجا قدم چاچي وارن جي گهر طرف وڌڻ لڳا. موسم ڏاڍي وڻندڙ هئي، هلڪي برسات اجهان موسم کي وڌيڪ دلڪش ڪري ڇڏيو هو، چاچا جو گهر ته اسان جي گهر کان ڪافي پري هو پر پوءِ به سُٺي موسم جي ڪري مون کي ويجهو محسوس ٿي رهيو هو. ان ڪري آهستي آهستي وکون کڻندو، هلڪي هلڪي برسات مان لطف اندوز ٿيندو، اڳتي وڌڻ لڳو هئس. جو اوچتو نه چاهيندي به منهنجو ذهن ناز ڏانهن ڪجي ويو هو، ’انتهائي شرارتي ڇوڪريءَ هئي، ٿوري ٿوري ڳالهه تي به مون گهڻو تمام گهڻو تنگ ڪندي هئي. پوءِ چاهي اڪيلا هجون يا گهر ڀاتي گڏ هجن. هن جون شرارتون جيئن جو تيئن جاري رهنديون هيون. ڪافي ڀيرا بابا جهليو هئس چاچا به سمجهايو هئس پر پوءِ به هوءَ اهو چئي مون کي نه بخشيندي هئي ته هي اسان جو ذاتي مسئلو آهي، اوهان جو ان ۾ ڇا...!؟ موٽ ۾ بابا ۽ چاچا مرڪي پوندا هئا ۽ مان روئي پوندو هئس. منهنجي ان حالت تي چاچي کي هڪ ڀيرو رحم اچي ويو هو ۽ ناز کي ڏاڍي ڦيهه ڪڍي هئائين، مان ڏاڍو خوش ٿيو هئس، پهريون ڀيرو دل کي ڏاڍو سڪون مليو هو پر جڏهن امڙ کي ان قصي جي خبر پئي ته ناز کي منهنجي ڪري مار ملي آهي ته پوءِ گهڻ مونسان به نه ٿي هئي...! ان ڪري ان ڏينهن کان پوءِ ڪنهن سان به ناز جي شڪايت نه ڪئي اٿم. ان وقت ته منهنجي حالت رحم جوڳي ٿي ويندي هئي جڏهن موڪلن ۾ يونيورسٽي کان ڏکو سفر ڪري گهر پهچندو ئي مس هئس، جو ناز اوچتو اچي نازل ٿيندي هئي، ان وقت مان پاڻ کي هڪ گگدام ڀور ۽ ناز کي ڪو بي رحم ڪاسائي محسوس ڪندو هيم، شايد ان ڪري جو مون ۾ هن سان ڳالهائڻ جي سگهه نه رهندي هئي. هوءَ جيڪو ڪجهه پڇندي هئي ته مان رڳو ”جي ها...!“ ”جي نه...!“ چئي سگهندو هيم ته وڌيڪ ٽڙي پوندي هئي ۽ مان وڌيڪ پريشان ٿي ويندو هئس. جڏهن ته يونيورسٽي جهڙي وڏي تعليمي درسگاهه ۾ مون جهڙو ڏاڪو شايد ئي ڪنهن جو هوندو...! توڙي جو مان ڪو ڪامريڊ ناهيان پر ڪو ڪامريڊ مون سان ”ڪامريڊي“ ڪري نه سگهندو هو. بدمعاش به نه هئس، تنهن هوندي به يونيورسٽي جا

نامي گرامي بدمعاش بہ چاهڻ جي باوجود منهنجو ڪجهہ بگاڙي نہ سگهيا هئا پر مان ناز آڏو ايندي ئي الاءِ ڇو بين الاقوامي بيوس ٿي پوندو هئس.‘

برسات اوچتو ئي اوچتو تيز ٿي وئي هئي، ان ڪري پنهنجي آهستي هلڻ واري غلطيءَ جو شدت سان احساس ٿيو ۽ پنهنجي ان بيوقوفي کي محسوس ڪندي تيز تيز وکون کڻندو چاچي جي گهر جي دروازي وٽ پهتس. دروازو اندران بند هو. جيڪو زور سان کڙڪايم، تيز برسات سچ پچ مون کي پريشان ڪري ڇڏيو هو، اندران آواز آيو:

”ڪير آهي...؟“

”مان آهيان...!“

”تون ڪير ...!؟“ وري آواز آيو، مان ڏڪي ويو هئس ڇو جو آواز مون سڃاڻي ورتو هو اها ناز هئي. امڙ مون سان دوکو ڪيو هو جنهن ڪري امڙ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي، مون کي ناز جي گهر هجڻ جو جيڪڏهن ٿورو بہ شڪ هجي ها تہ شايد مان ڪڏهن بہ چاچي جي گهر اچڻ جي غلطي نہ ڪريان ها. ان ڪري سوچيم هتان ئي فرار ٿي وڃان پر برسات مون کي اهو موقعو فراهم نہ ڪيو ۽ مان وڏيڪ مِينهن جي مار کائڻ بجاءِ ناز جي لفظن جو وڏو ڦڙو سهڻ جو سوچي رڙ ڪيم:

”مان آهيان مان ...! وارو ڪر دروازو کول...!“

”پر...پر....تون آهين ڪير...!؟“ اندران ٺهڪ ڏيندي چيائين، مون کي يقين ٿي ويو هو تہ هن منهنجو آواز سڃاڻي ورتو آهي پر هوءَ مون مولائي کي مِينهن ۾ پسائي خوش ٿي رهي آهي. بهرحال مان في الحال واپس گهر وڃڻ جي غلطي نہ ٿي ڪري سگهيس. ان ڪري پنهنجي صفائي پيش ڪندي چيم:

”مان آهيان تو وارو بدنصيب سوٽ احسن...!“

”او... بيوروڪريٽ...!!“ اندران مصنوعي تعجب مان رڙ ڪيائين. ”اف...! مصيبت مٿان مصيبت...!“ دل ئي دل ۾ چيم:”وري هي نئين مصيبت...!“

ڪجهہ ڏينهن پهريان جڏهن ڪافي نارمل ٿي پڇيو هئائين:

”تنهنجو مستقبل ۾ ڇا ٿيڻ جو ارادو آهي...!؟“

وراڻيو هيم: ”بيوروڪريٽ...!“

”بيورو ڪريڪ...!!!“ هوءَ کلي پئي هئي ۽ پوءِ ايترو کلي هئي جو مان روئي پيو هئس، هونئن بہ جڏهن هوءَ گهڻو کلندي هئي تہ مان روئي پوندو هئس.

”تون بيورو ڪريٽ نہ...! بيرو ڪريڪ ٿيندين...! بيورو ڪريڪ...!“ ٺهڪن تي ضابطو آڻيندي چيو هئائين:

”ان ڪري مان توکي ’بيوروڪريڪ‘ سڏيندي س... بيوروڪريڪ...!“

هوءَ هڪ پيرو وري ڪلي پئي هئي ۽ اڄ ان تي عمل ڪري منهنجي لاءِ هڪ نئين مصيبت پيدا ڪري ڇڏي هئائين. يعني: ’احسن مان بيورو ڪريڪ...!‘

ڪجهہ لمحن جي خاموشي ڪان پوءِ رڙ ڪيم:

”بيورو ڪريڪ ئي سمجهہ...! پر دروازو کول...!“

اندران وري هڪ پيرو شاندار ٺهڪ ٻڌڻ ۾ آيو ۽ مان آپي مان ٻاهر نڪري ويو هئس.ڪاوڙ ۾ هڪ زوردار لت دروازي ڪي هيم پر لوهي دروازي ڪان وڏي رڙ مون ڪان نڪري وئي هئي، پير ۾ هوائي چپل هجڻ جي ڪري منهنجي پير جو مٿيون حصو زوردار نموني دروازي سان ٽڪرائجي ويو هو.

”مصيبت مٿان مصيبت ...! انهي مٿان وري هڪ نئين مصيبت...! آخر مان ڪيان تہ ڪيان ڇا...!؟“

پنهنجي ساءِ بيوسي مان پٽڪيم، اندران ٺهڪن جو آواز وڌندو ٿي ويو ۽ محسوس ٿي ڪيم تہ مون تي صرف ناز نہ ٿي ٺهڪ ڏئي، پر برسات بہ کِلي ٿي... هوا بہ ڇپاڙا ٿي ڪيڍيا... پٿين بہ نہ ٿي بخشيو... مان ٻُڌتر جو شڪار ٿي ويو هئس... مسئلو اهو نہ هو تہ سڀ منهنجي حالت تي کِلي رهيا هئا پر مسئلو اهو هو تہ ان وقت ڪو مون سان همدرديءَ ڪرڻ وارو ڪو نہ هو. مِينهن پنهنجي شدت ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ تيار نہ هو. ان ڪري مون پنهنجي تڪليف وساري بيوسيءَ مان رڙ ڪئي:

”ناز...! مولا ڪي مچ دروازو کول...! نہ تہ مان آندل ٽفن باڪس سان خودڪشيءَ ڪندس...!“

”پلا ماني آندي اٿئي ڇا...!؟“ پڇيائين.

مان حيران ٿي ويو هئس، منهنجي خودڪشيءَ واري ڌمڪي مٿس ڪو اثر ڪو نہ ڪيو هو. رهندو ئي اهڙو سوال ڪيائين جو مان بہ دل ئي دل ۾ مرڪي پيو هئس.

”هونئن ...!“ چيم: ”تنهنجي سڪ لڳي هئي ڇا...؟“

”ڦهريان ڇو نہ ٻڌايئي...!؟“ دروازو کوليندي چيائين:

”سچ ڏاڍي بُک لڳي آهي...!“

گهر اندر داخل ٿيندي خيال آيو: ’ڏيانس گهتو... ڪيانس پورو...!‘

پر ڏنم تہ مون وانگي مِينهن ۾ هُوءَ بہ سڄي پُسي وئي هئي، تہ بہ چهري تي هلڪي مسڪراهٽ هيس، مان پنهنجو ارادو تبديل ڪري تير جيان تيز پنهنجي نشاني ڏي وڌڻ لڳس، ٻي لمحي مان چاچي جي ڪمري ۾ ٽيبل اڳيان رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو هئس ۽ ٽِفن باڪس ٽيبل تي رکي ٺڏا ساهہ پري رهيو هئس جو ناز بہ ٻاهريون دروازو بند ڪري منهنجي سامهون رکيل ڪرسيءَ تي ويهي ٽِفن باڪس ڪي خطرناڪ نظرن سان گهورڻ لڳي هئي، مان سندس ارادو سمجهي ويو هئس، ان ڪري ٽِفن باڪس پنهنجي قبضي ۾ ڪندي چيم : ”چاچا ڪٿي آهي...؟ هن ۾ صرف ان جي ماني آهي...!“

”بابا ٻاهر نڪري ويو آهي...!“ وراڻيائين: ”چاڻ آيو پر مان ...!“

”توسان منهنجو ڪهڙو واسطو...!“

”واسطي جي ڳالهہ نہ ڪر بيورو ڪريڪ...!“ (آخري لفظ ٻُڌي اندر ئي سڙي ويو هيم) ”اهو ٽفن باڪس منهنجي حوالي ڪر...!“

”نہ بلڪل نہ ...!“ وراڻيم: ” اهو صرف چاچا جو آهي...!“

”تنهنجو چاچا، منهنجو بابا آهي، سمجهيئي...؟“

”پهريان منهنجي حالت ڏني اٿئي...؟“

”ها...!“ مسڪرائيندي وراڻيائين.

”ان ۾ گهڻو عمل دخل تنهنجو ئي آهي...!“ چيم.

”مون ڏي ڏوهہ نہ ڏي بيورو ڪريڪ...!“ ڪلندي چيائين:

” اها قدرت ڪئي اٿئي...!“

”نيڪ آهي...!“ چيم: ”قدرت ئي سهي، پر هاڻ تہ تون مهرباني ڪري، پاڻين جا ڪپڙا آڻي ڏي ڏاڍو سيءُ پيو ٿئي...!“

”هل...! ايڏو پلو آهين ڇا...؟“ ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيندي چيائين:

”جو منهنجي سونَ جهڙي پاءُ جا ڪپڙا پائيندين...؟“

ڏاڍو تعجب ٿيو هو: ’سونَ ۾ ناز جو پاءُ...!‘ جنهن کي تہ هر ڪا ڇوڪريءَ پسند هئي پر ڪا اهڙي نہ ٿي مليس جيڪا هُن کي بہ پسند ڪري ۽ ناز کي اهو سِهرو چوڻ جو موقعو ملي تہ ادو منهنجو چوڏهين جو...!!“

بهرحال مون وري ڪيس منٿ ڪندي چيو :

”پلا چاچا جا ڪپڙا آڻي ڏي...!“

”بابا جا...! اهو تہ بنهہ نا ممڪن آهي...!“ وراڻيائين:

”باقي جيڪڏهن تون چوين تہ مان پنهنجا ڪپڙا آڻي ڏيائين...!“

”اُف... خدايا...!“ پنهنجي پنهي هٿن سان منهن لڪائيندي چيم:

”مان ڪٿي اچي ڦاٿو آهيان...؟ مصيبت مٿان مصيبت... انهي مٿان مصيبت، وري هي نئين مصيبت...!!!“

مون کي ايئن ششدر، وائڙو ۽ وڦلجندو ڏسي هوءَ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳي هئي ۽ مان روئڻ لڳو هئس. ان وقت مان پاڻ کي اهڙي ٽارچر سيل ۾ محسوس ڪيو جتي ڪنهن قيدي تي بي انتها تشدد ڪيو ويندو آهي فرق صرف ايترو هو جو ان قيدي کي جسماني عذاب ڏنو ويندو آهي، هتي مون روحاني عذاب ٿي پوڳيو، جيڪو جسماني عذاب کان گهڻو... تمام گهڻو هوندو آهي. ڪجهہ دير ڪان پوءِ هُن ٽهڪ ڏيڻ بند ڪيا، پهريون پيرو همت ڪان ڪم وندي ليس ڪاوڙ مان چيم:

”بس ڇو ڪيئي ڏي نہ وڏا وڏا ٺهڪ...! اڄ جيڪا مون سان ويڌن ٿي آهي...! ممڪن آهي ان ۾ تنهنجو ڪو قصور ڪو نہ هجي، باقي ان سازش ۾ امان جو سئو سيڪڙو هٿ آهي... رڳو پهچان... پوءِ ڏسجانءِ منهنجي خلاف سازش جو منصوبو ڪيئن جوڙيو آهي...!“

مون ڏٺو هوءَ وري ڪلڻ لڳي هئي، منهنجي ڪاوڙ مٿس ڪو اثر ڪو نہ ڪيو هو... ان ڪري پهريون پيرو سنجيدگيءَ سان سوچڻ لڳو هئس تہ: ’ڇا واقعي مان ڪو بيوقوف آهيان...؟يا ڪو ننڍڙو ٻار آهيان... جن جي ڳالهين تي ماٺو ازخود ڪلي پوندو آهي...!‘

”چاچيءَ جو ڪو بہ قصور ڪونهي، بيورو ڪريڪ...!“

ڪلندي سهڪندي چيائين:

”مان بہ واقعي مائٽن ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار هيس پر اتفاقن رهجي ويس...!“

”ان تو واري اتفاقن تہ ماريو آهي...!“

”اجان تہ اهڙا گهڻا اتفاق ٿيندا بيوروڪريڪ...!“

”پنهنجي پيارن جي صدقي...!“ ٻانهون ٻڌي ڪيس چيم: ”مون کي ’بيرو ڪريڪ‘ نہ چئو مان آحسن آهيان...!“

”نيڪ آهي...!“ هلڪي مسڪراهٽ سان وراڻيائين:

”اڳتي مان توکي احسن سڏينديس بيورو ڪريڪ...!“

”بيورو ڪريڪ ...! بيورو ڪريڪ...!“ اٿندي چيم:

”مان هلان ٿو...!“

”ڪيڏانهن ...؟“

”پنهنجي گهر...!“

”هي ڪنهنجو گهر آهي...!؟“

”تنهنجو...!“ (مايوس ٿي وئي هئي)

”ٻاهر تيز برسات ٿي پئي...!“

”مون کي خبر آهي...!“ وراڻيم:

”مان اها سهي ويندس پر تو واري گفتگو مون کي ماري وجهندي...!“

”چڱو ما شاءَ الله...!“ ٽِفن باڪس کوليندي چيو هئائين.

”ناز...!“ ويندي ويندي ڪيس چيم:

”هاڻ تون جيئن وڻئي تيئن ڪر...! پر ياد رک هڪ ڏينهن تون مون وٽ ضرور ايندينءَ...!“

”پوءِ تہ اُڦت مري ويندينءَ...!“ اکين ۾ اکيون ملائيندي چيو هئائين:

”نہ ٿو چاھين تہ منھنجي زبان وانگر منھنجا ھٿ بہ تيز... تمام گھڻو تيز ھلندا آھن ييورو ڪريڪ...!!“

مون ۾ وڌيڪ اتي ويھڻ جي ھمت نہ ھئي، گھر پھچندي پھچندي برسات ڪافي جھڪي ٿي وئي ھئي پر منھنجي حالت رحم جوڳي ٿي وئي ھئي. امان سبب پڇيو سچي حقيقت ڪري ٻڌائي مانس تہ امان بہ کِلڻ لڳي، مون پھريون ڀيرو امان کي ايترو گھڻو کِلندي ڏٺو ھو.

”ڏاڍي سٺي ڇوڪري آھي...! منھنجو تہ ساھہ اٽس... جڏھن ھوءَ پنھنجي گھر ايندي آھي تہ مان ان ڏينھن پنھنجي گھر کي دنيا جو خوشنصيب گھر سمجھندي آھيان...!“

”مون لاءِ مصيبت امان ءِ اوھان لاءِ خوشي...!؟“ ايئن چئي مان پنھنجي ڪمري ۾ ھليو ويو ھيم.

وقت اک ڇنڀ ۾ گذري ويو ھو، يونيورسٽي مان فارغ ٿي مان عنقريب ييورو ڪريٽ ٿيڻ وارو ھئس جو ھڪ نئين مصيبت منھن ڪڍيو، امان چيو:

”پُٽ...! تون ھاڻي تعليم مڪمل ڪري چڪو آھين، ان ڪري توکي موڙ ٻڌڻ ٿي گھران...!“

”ضرور امان...! چيو ھيم: ”پر ٿورو صبر ڪريو...!“

”نہ...! ڪڏھن بہ نہ...!“ امان فيصلا ڪن لھجي ۾ چيو:

”مان ھاڻ وڌيڪ صبر نہ ٿي ڪري سگھان، تنھن ڪري اڄ ئي تنھنجي چاچي وارن سان ڳالھہ پڪي ڪري ٿي اچان..!“

”چاچي وارن سان ڇو...؟“

”ڇوڪري جو انھن جي آھي...!“

”توھان جو اشارو ’ناز‘ طرف آھي امان...!“

”ھا بلڪل...!“ امان چيو:

”ڇا تون ٻي ڪنھن ڇوڪريءَ کي پسند ٿو ڪرين...!؟“

”ڳالھہ پسند يا نا پسند جي ناھي امان...!“ وراڻيم:

”باقي مان ’ناز‘ سان شادي ھرگز نہ ڪندس... ڪڏھن بہ نہ ڪندس...!“

”ھي تون ڇا پيو چوين پُٽ...!!!؟“

”مان صحيح پيو چوين امان...!“

”تنھنجو دماغ تہ ٺيڪ آھي...!؟“

”ھا بلڪل...!“

”پوءِ ڪھڙي خرابي آھي ’ناز‘ ۾...!؟“

”ڳالھہ خامي، خرابي جي بہ نہ آھي امان...!“ چيم:

”اسان ٻنهي جون طبيعتون مختلف آهن ...! مان هن جي سامهون ڪجهه ڪچي ٻه نه سگهندو آهيان، پوءِ ان سان شادي ڪري مان سڄي عمر گونگو ٿي گذارڻ نه ٿو چاهيان...!“

”هوءَ توکي ڏاڍو چاهي ٿي پُٽ...!“ امان نرميءَ سان چيو:

”پيو ته اوهان ننڍي هوندي کان...!“

”ڪجهه به هجي امان...!“ امان جو جملو ڪٽيندي چيم:

”مان ائين نه ڪندس...!“

”پوءِ سمجهي ڇڏ تنهنجي هن گهر ۾ ڪا به جاءِ ڪونهي...!

”ڪا ڳالهه ڪونهي امان...!“

”ڇا تون اسان کي وساري سگهندين...؟“

”قيس ته خدا کي به وساري ڇڏيو هو امان...!“

”تون انڌو ٿي ويو آهين...!“

”اکيون هاڻ کليون آهن امان...!“

”ناز ۾ منهنجو ساهه آهي آحسن...!“

پهريون ڀيرو امان جي زبان مان پُٽ بدران ’احسن‘ جو لفظ ٻُڌي وائڙو ٿي ويو هيم. ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته ڇا ڪيان جو اوچتو ’ناز‘ اچي وئي هئي ته مان هميشه جيان خاموش ٿي ويو هيم، ڪنهن گونگي جيان...! لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا هئا، ڳيتون ڏيڻ لڳو هيم، جو ’ناز‘ امان کان پڇيو:

”ڇا ڳالهه آهي چاچي... تون پريشان نظر پئي اچين...!؟“

”ناز هن جو مٿو ڦري ويو آهي...!“

”اها ڪا نئين ڳالهه ناهي چاچي...!“ ناز مون ڏانهن شرارتي نظرن سان ڏسندي چيو:

”ڇئي پيو ناز...!“ امان وري ڳالهايو:

”ته مان ناز سان شادي نه ڪندس...!!“

مون ناز ڏي ڏٺو پهريون ڀيرو ڪنڌ جهڪي ويو هيس، خاموش ٿي وئي هئي، مون به ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هو. پاڻ کي ان وقت ڦاهي تي ڦٿڪندو محسوس ڪيو هيم. ڪجهه لمحن کان پوءِ ’ناز‘ جو آواز ڪنن تي پيو هو:

”چاچي تون ڇالاءِ ٿي پريشان ٿئين...؟ هن ڇڀي سان شادي ڪندو ڪير...! مان ته اڄ اوهان کي صرف اهو ٻڌائڻ آئي هيس ته اوهان کي ان خوشفهمي ۾ نه رکان ته ڪو مان هن چريٽ سان شادي ڪنديس...!“

اهو ٻڌي مان حيران ٿي ويو هئس. زندگي ۾ پهريون ڀيرو ايڏو وڏو تعجب ٿيو هيو. ان ڪري منهنجون اکيون پهريون ڀيرو ٽڪ ٻڌي ’ناز‘ جي چهري کي گهوري رهيون هيون سندس ڳالهائڻ وارو

انداز تہ ساڳيو هئس پر جملن ۾ اها جوت نہ هئس، لفظن مان اها طاقت ڇڏائجي وئي هئس، جنهن جي ست مان نہ سهي سگهندو هئس...!

”هي ڇا پئي چوين ناز...؟“

امان شايد پوري قوت گڏ ڪري ڳالهايو هو:

”مان صحيح پئي چوان چاچي، مان صحيح پئي چوان...!“

ناز امان کي ۽ امان ناز کي ڀاڪر ۾ پيري ورتو هو. ناز سڏڪندي رهي هئي مان ڪلندو رهيو هئس، هن جي ويندي ئي مون امان کي چيو:

”ڏنئي امان...! هن پاڻ ئي انڪار ڪري ڇڏيو...!“

”مان ڇاٽان ٿي احسن...! تہ هوءَ توسان بي انتها محبت ڪري ٿي...!“ ”امان پنهنجا ڳوڙها اگهندي چيو هو:

”ناز توکي ايترو چاهي ٿي جو شايد ئي ڪنهن ڇوڪريءَ ڪنهن ڇوڪري کي ايترو چاهيو هجي...!“

”پوءِ هن انڪار ڇو ڪيو امان...!؟“ ابهرائي مان پڇيو هيم.

”تون هن جي انڪار کي ڇا سمجهي سگهندين...!“ امان چيو هو: ”تون تہ هڪ پٽر آهين...! اهڙو اڻ گهڙيو پٽر...! جيڪو ڏڪ هڻڻ سان بہ ناهي ٽٽندو... جيڪو بہ ڪيس ڪٽڻ، اپنائڻ يا گهڙڻ چاهيندو آهي تہ هو ان جا بہ هٿ ٽُڪي وجهندو آهي تہ پوءِ تون ڪنهن جي ڳالهہ ڇا سمجهندين...؟ ۽ توکي ’ناز‘ جي پيار يا انڪار جو ڪهڙو قدر ٿيندو آحسن...!!!“

ايئن چئي امان منهنجي ڪمري مان نڪري وئي هئي. مان هڪ ڀيرو وري پريشان ٿي ويو هئس ’ناز‘ جا جملا مون کي گُهتي رهيا هئا تہ امان جي لفظن منهنجي تڪليف ۾ اجان بہ اضافو ڪري ڇڏيو هو، مان اهڙي ٻُڏتر جي ور چڙهي ويو هئس، جيڪا ٻُڏتر کي بہ ٻُڏتر ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. مان پنهنجي ئي دل جي درياءَ ۾ ٻڏڻ لڳو هئس آخر غوطا کائي کائي ساڻو ٿي بستر تي ڪري پيو هيم، هوش تڏهن آيو جڏهن گهر ۾ گوڙ ٿي ويو هو. مان حيراني مان ڪمري مان نڪتس ئي مس جو امان جو ڪنن تي آواز پيم، ڪافي پريشان هئي:

”ناز کي اوچتو خبر نہ آهي ڇا ٿي ويو آهي...! هوش ئي وڃائجي ويا اٿس...!“

امان خبر نہ آهي پيو بہ الاءِ ڇاڇا چيو پر مان اهي پهريان جملا ٻُڌي، پيو ڪجهہ ٻڌي نہ سگهيو هئس.

اها حقيقت هئي تہ ’ناز‘ کي مون شدت سان ڪڏهن بہ نہ چاهيو هو پر اڄ ان لاءِ منهنجي دل بي ترتيب ڌڙڪي رهي هئي، تيز...تمام تيز... ۽ گهڻو تيز...! مون کي پهريون ڀيرو اهو شدت سان احساس ٿيڻ لڳو هو تہ ’ناز‘ کي صرف مون نہ چاهيو هو... منهنجي دماغ نہ مڃيو هيو.... پر منهنجي دل تہ شايد ازل کان هن کي چاهيندي آئي هئي...! ان جو سڀ کان وڏو ثبوت ان کان سواءِ پيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو، تہ جڏهن هوءَ

ايندي هئي تہ منهنجي دل احترامن خاموش ٿي ويندي هئي، دل آڌو دماغ بہ بيوس ٿي پوندو هو، جو ڪجهہ ڳالهائي بہ نہ سگھندو هيم. جڏهن تہ منهجي اڪثر دوستن کي اها شڪايت هئي تہ مان گهڻو ڳالهائيندو آهيان. اڄ اهو بہ احساس ٿي رهيو هو جو 'ناز' جيترو مون کي تنگ ڪندي هئي ان کان گهڻو وڌيڪ هن مون لاءِ پيار گڏ ڪري رکيو هو. اها هن جي چاهت ئي هئي جو هن منهنجي خوشي خاطر مون سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري گهاتي محبت جو ثبوت ڏنو هو...! مان ڪافي وقت سوچيندو رهيس، هاڻ مون کي 'ناز' جو هر لفظ پاڻ کان وڌيڪ پيارو ٿي لڳو.

مون ڊوڙ پاتي هئي 'ناز' جي گهر ڏانهن...! زندگي ۾ ايترو تيز ڪڏهن بہ نہ ڊوڙيو هيم، امان وارا تہ پهريان ئي اوڏانهن وڃي چڪا هئا... مان بہ ڊوڙندو سهڪندو ناز جي گهر پهتو هئس... جتي نيڙي ڊرائينگ روم ۾ چاچا ۽ ڊاڪٽر پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا شايد ٻيا سڀ گهر ڀاتي 'ناز' جي ڪمري ۾ هئا.

"ڊاڪٽر خدا جي واسطي ڪجهہ ڪريو...!" چاچي وڏي مشڪل سان ڳالهايو هو: "نہ تہ مان مري ويندس...!"

"حوصلو رک ادا، الله ڀلي ڪندو...!"

"چا هاڻ ناز هوش ۾ نہ ايندي...!؟"

"مان ٻڌائي چڪو آهيان تہ ڪيس شديد دل جو دورو پيو آهي، پيو تہ سندس دل پهريائين ڏاڍي ڪمزور هئي...!"

"پر پهريان تہ نہ اوهان، نہ ئي ناز اهڙي ڳالهہ ڪئي هئي...!"

"اسان توهان کي پريشاني ۾ وجهڻ نہ ٿي چاهيو...!" ڊاڪٽر ڳالهائڻ لڳي ٿو: "پر اها حقيقت آهي تہ ناز هڪ عورت هوندي بہ بي انتها بهادر آهي... جڏهن مون ڪيس اعتماد ۾ وٺي پهريون ڀيرو سندس دل جي عارضي بابت ٻڌايو هو تہ هوءَ ڪجهہ پريشان ٿي وئي هئي ۽ پوءِ اطمينان سان پڇيو هئائين:'ان جو ڪو علاج...!' تہ وراڻيو هيم بي بي ان جو علاج تہ الله ئي ڪري سگهي ٿو... باقي ڪنهن انسان جي وس جي ڳالهہ نہ آهي...!البتہ تون پاڻ کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪر، مايوسين ۽ پريشانين کي ويجهو اچڻ نہ ڏي... ٿوري ڳالهہ تي بہ گهڻو خوش ٿيءُ....يعني 'تون جيترو عرصو خوش رهندينءَ اوترو عرصو زندهہ...!!!' پوءِ هوءَ واقعي ئي خوش رهڻ لڳي هئي، ان ڪري محسوس ڪيو هيم تہ هوءَ هڪ صحتمند انسان کان بہ گهڻو وقت زندهہ رهندي پر اڄ يقينن ڪيس ڪو صدمو رسيو آهي...! هاڻ ڪا دوا نہ... شايد دعا ئي اثر ڪري سگهي...! "

مان وڌيڪ ڪجهہ نہ ٻڌي سگهيو هيم، ڊوڙندو 'ناز' جي ڪمري ۾ پهتو هئس جيڪا پنهنجي بستر تي گهري ننڊ ۾ محو خواب ٿي لڳي، سندس چوڌاري سڀ گهر جا ڀاتي موجود هئا مان ڪنهن پاڳل جيان 'ناز' جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ پڪڙي چيو هو:

"ناز...! ڏس مان اچي ويو آهيان... اکيون کول...!!"

هوءَ بدستور خاموش هئي مان وقلجڻ لڳو هئس روئڻ پئي چاهيم پر ڳوڙهن ساٿ ڇڏي ڏنو هو. هونئن به جڏهن دل روئيندي آهي ته اکيون ان ڪم مان فارغ ٿي وينديون آهن... ڪافي وقت خاموشي هئي، سڀ چپ هئا چڻ سپني ڪي سڪرات هجي، مون وري ڳالهايو هو پر اڳ ڪان ڪافي تيز...اصل چڻ بيوسيءَ مان رڙيون ٿي ڪيم جو سپئي 'ناز' ڪي ڇڏي مون ڪي گهورڻ لڳا هئا، جو اوچتو 'ناز' جي چپن ۾ گردش اچي وئي حيرت ٿي ان جي لفظ ۾ ڪا به لرزش نه هئي .

”ڪير...!“ اکيون بدستور بند هيس.

”مان... مان...!!!“ وڏي مشڪل سان ڳالهايو هيم.

”تون ڪير...!؟“

”مان تنهنجو بدنصيب سؤت احسن...!“

”بيورو ڪريڪ...!!“

”ها.... ها...! تون اکيون ته کول...!“

هوءَ اکيون کولڻ لڳي هئي سڀ گهر جا ڀاتي ڪنهن گل جيان ٽڙي پيا هئا مون پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون. مون ۾ ايتري جرئت ئي ڪا نه هئي جو ساڻس اکيون ملائي سگهان ها...!

”مون کي يقين هو تون ايندين ضرور ايندين...!“

”ناز ...! مون کي معاف ڪر...!“

”ناز ڪي... ناز آهي پنهنجي محبت تي...!“

”مان شرمندو آهيان...!“

”ايئن نه چئو بيورو ڪريڪ...!“

ناز اکيون کولي ڇڏيون هيون.

”مان اڄ دنيا جون سڀ چاهتون، سڀ خوشيون ڪٺي خلوصِ دل سان تو وٽ آيو آهيان...!“

”هڪ ڳالهه چوانءِ بيورو ڪريڪ...!؟“

”هڪ نه ... هزار چئو...!“

”جڏهن مان تو وٽ ايندي هيس ته تون هلڻ جي ڪندو هئين...! اڄ تون مون وٽ آيو آهين مان به وڃڻ واري آهيانءِ...!!!“

پويون جملو ٻڌي محسوس ڪيو هيم ته ڪنهن جيئري منهنجي دل منهنجي جسم مان ڪڍي ڦٽي ڪئي آهي ۽ مان ڪنهن ذبح ڪيل جانور جيان ڦٿڪي رهيو هئس پر خبر نه آهي پوءِ به 'زندهه' ڇو هئس...؟سموري قوت گڏ ڪري التجا ڪندي چيومانس:

”ناز...! پيهر ايئن نه چئجانءِ...!!“

”نه...ڪڏهن به نه...! مرڪندي چيو هئائين:

”خدا حافظ بيورو ڪريڪ...!!! خدا حافظ بيورو ڪري...!!!“

مون ڏٺو سندس نظرون مون مان نڪري ڇِت ۾ کُپي ويون هئس منهنجي هٿ ۾ پڪڙيل سندس هٿ ٿڌو ٿي چڪو هو...! ۽ مان سچ پچ بيورو ڪريڪ ٿي ويو هئس شايد....!!!

***

اسان بين الاقوامي بيوس آهيون

”يار خدارا...! مون کي گڏهہ نہ چئو...!“

ڪاوڙ ۾ چيم: ”مان گڏهہ نہ آهيان...!“

”تہ پوءِ ڇا آهين...!؟“ مجيد سُڄي پڇيو:

”گهوڙو، ڏاند، ٻگهڙ، گدڙ...! انهن کان سواءِ تو محسوس بہ ڇا ڪرايو آهي...؟“

”مان توهان کي جانور ٿو محسوس ٿيان...!؟ هلڪي رڙ ڪندي چيو هيم: ”پر شايد اوهان وساري ويٺا آهيو تہ مان بہ اوهان وانگر ماڻهو آهيان...! نالو مولا بخش اٿم... توهان مونکي مولائي بہ چئي سگهو ٿا پر گڏهہ يا ٻيو جانور نہ...!!“

”ٺيڪ آهي ان ڳالهہ تي سوچينداسين...!“ نبي داد ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيندي چيو: ”پر في الحال تون گڏهہ آهين...!“

”پر مان گڏهہ ڇو آهيان...؟“

”چيوسين نہ تہ ان ڳالهہ تي سوچي پوءِ فيصلو ڪنداسين...!“

مجيد سڄي مرڪندي چيو:

”پر ايستائين تون اسان جي نظرن ۾ گڏهہ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهين...!“

”توهان ڪير ٿيندا آهيو فيصلي ڪرڻ وارا...!؟“

پنهنجي آڏو رکيل ميز تي مُڪ هڻندي چيم:

”جيڪڏهن اڄ کان پوءِ مون کي ڪنهن گڏهہ سڏيو تہ مان ان کي سچ پچ گڏهہ، گهوڙو، ڏوڙهو ڪري ڇڏيندس...!“

”اڙي توهان جي بڪواس بند ٿيندي يا نہ...!؟“ اسان جي سامهون جنرل مئنيجر جي آفيس جي دروازي ڀرسان ويٺل سينيئر ڪلارڪ پنهنجي نوريئڙي جهڙو منهن مٺي ڪري چيو:

”صبح کان وٺي ٻڪ ٻڪ پيا ڪريو...! هيءَ آفيس آهي ڪا تماشي جي جڳهہ نہ آهي...! خاموش ٿي ڪم ڪيو ءِ ڪم ڪرڻ ڏيو...! نہ تہ اوهان سڀني جون ٽڪيٽون ڪترائي ڇڏيندس...!“

”سائين...!“ هيڊ ڪلارڪ کي چيم: ”هتان کان گهٽيون رڙيون اسيمبلين ۾ اسان جو ملڪ هلائيندڙ حڪمران ڪندا آهن...! پر انهن کي ڪو چوڻ وارو ئي ڪونهي، رڳو آزار ئي اسان مولائن لاءِ آهي...! ڪهڙيون رڙيون ٿا ڪريون...!؟ بس هنن کي (مجيد سڄي ۽ نبي داد کي) سمجهائي رهيو هئس تہ مون کي مولائي سڏيو، ان کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ...! پوءِ ان تي اوهان کي ڇو ٿي ڪاوڙ لڳي...! جو نوڪريءَ مان ڪيرائڻ جون ڌمڪيون پيا ڏيو...!“

”اڙي...! تنهنجو ايترو من وڏي ويو آهي جو منهنجي سامهون پيو ٿئين...!“ هيڊ ڪلارڪ وراڻيو:
”بس رڳو مئنيجر صاحب کي اچڻ ڏيو...!“

”ڇڏيو سائين...!“ مجيد سجو هيڊ ڪلارڪ سان مخاطب ٿيو:

”گڏهہ جون ڳالهيون صرف گڏهہ ئي دل ۾ ڪندا آهن...!“

”اڙي وري گڏهہ...!“ ايئن چئي مون مجيد سجي جي ٻانهن ۾ چڪ وڌو، موٽ ۾ مجيد سجي جون آهون ۽ دانهون هيون، نبي داد کلي رهيو هو جڏهن تہ هيڊ ڪلارڪ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو:

”هيءَ کهڙي بدمعاشي آهي...؟ مان سيٺي کي ٻس مس ڪرائي ڇڏيندس...!“

”يار...! هاڻ ڇڏ مجيد سجي کي... هُو ڏس سامهون مئنيجر صاحب جي ڪار پئي اچي...!“ نبي داد شيشي جي دري مان ٻاهر ڏسندي چيو:

”سيٺي جي نوڪري هلي ويندي...!“

پر مان سولائي سان مجيد سجي کي ڇڏڻ وارو ڪٿي هيم...!

”مولائي...! مولا کي مڃ...!“ هيڊ ڪلارڪ چيو:

”مئنيجر صاحب پهچڻ وارو آهي، هو سيٺي کي ڦٽ بال جيان لت هڻي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو...! جيڪڏهن توهان کي پنهنجو خيال نہ آهي تہ مون مسڪين تي مهرباني ڪيو... مان ٻارهين ٻار جو پيءُ ٿيڻ وارو آهيان پوءِ منهنجو ڇا ٿيندو...؟“

”ها مولائي...! اهو اسان سيٺي جي روزگار جو مسئلو آهي..!“

وري نبي داد جو آواز آيو:

”ڇڏي ڏي هن کي...! اسان تہ توکي مذاق ۾ گڏهہ چيو تون تہ مولائي آهين صفا مولائي...!“

جنهن کان پوءِ مان مجيد سُجي جي ٻانهن آزاد ڪئي ۽ پوءِ سڀئي جلدي نارمل ٿي پنهنجين پنهنجين ڪرسين تي ويهي رهياسين. ڇو تہ مئنيجر صاحب هاڻي ڪار مان لهي آفيس ۾ داخل ٿي چڪو هو. حسب معمول هن سلام ڪيو ۽ اسان ادب مان اٿي بيهي سندس سلام جو جواب ڏنوسين پر مجيد سُجي جو پيلو منهن... پَتيل وات ۽ هڪ هٿ پنهنجي ڏوري تي ڏنل ڏسي مئنيجر صاحب ڪيس سواليہ نگاهن سان تڪڻ لڳو، جنهن تي مون سوچيو تہ ’منهنجي نوڪري تہ وئي پئي آهي...!‘ ان ڪري وائڙو ٿي ويو هئس جڏهن تہ هيڊ ڪلارڪ ۽ نوجوان نبي داد جي حالت ڪنهن بہ طرح مون کان گهٽ نہ هئي پر ان کان پهريان جو مجيد سُجو ڪجهہ چوي نبي داد مئنيجر صاحب کي انتهائي ادب مان چيو:

”سائين دراصل ڪالهہ شام اوچتو مجيد سُجي کي تيز بخار ٿي پيو هو پر بدقسمتي سان هي دوا لاءِ هڪ انڌي ۽ بلڪل اڻ تجربي ڪار ڊاڪٽر جي ور چڙهي ويو جنهن پُل ۾ ڪيس ڊورن واري ٿُلهي انجيڪشن هڻي ڪڍي، ان ڪري اجان تائين ڏوري ۾ ڏاڍو سور اٿس...! جنهن ڪري ڪجهہ اپاٽڪو اپاٽڪو آهي...!“

اهو ٻڍي مئنيجر جي چهري تي هلڪي مسڪراهٽ چانئجي وئي ۽ پوءِ مجيد سُجي کي چيائين:
”پوءِ اڄ ڪٽي آفيس مان موڪل ڪري آرام ڪرين ها...!“
”صاحب مان بہ ايئن چيومانس...!“
مجيد سُجي بجاءِ هيڊ ڪلارڪ مئنيجر کي جواب ڏيندي چيو:
”تہ بہ چيائين سور معمولي آهي هرو ڀرو آفيس مان ڇو موڪل ڪيان...!؟ ڏاڍو محنتي آهي ويچارو...!“
اهو ٻڍي مئنيجر صاحب بغير ڪجهہ چوڻ جي پنهنجي آفيس اندر هليو ويو ۽ اسان وري پنهنجي ڪم کي لڳي وياسين پر مجيد سُجو ڪم گهٽ ٽڏا ساهہ وڌيڪ ڀري رهيو هو...! مان مختلف فائلون چيڪ ڪندو رهيس ۽ ڪجهہ فائلون مئنيجر صاحب کي بہ پهچايم، تقريبن ڏيڍ ڪلاڪ کان پوءِ مجيد سُجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو:
”يار هاڻي تہ مون کي يقين ٿي ويو آهي تہ تون...تون...گ...گ...!!!“ مان ڪَرڙيون اکيون ۽ ڏند ڀڪوڙي ڏٺو مانس تہ هو منجهي پيو. ان ڪري پڇيو مانس:
” ها ها...! ٻڌاءِ ڇا آهيان مان...!؟“
”تون...!“ چيائين: ”تون گگدام آهين...! غريب آهين... ۽ مولائي آهين...!“
اسان وري پنهنجي ڪم ۾ لڳي وياسين. وچ ۾ ڪنهن بہ نہ ڳالهايو شايد ان ڪري وقت کان هڪ ڪلاڪ اڳ ڪم ختم ڪري ڇڏيوسين.
مان مجيد سُجو ۽ نبي داد، ملڪي سطح تي مشهور هڪ پلاسٽڪ فيڪٽريءَ ۾ جونيئر ڪلارڪ هئاسين، اسان جو مئنيجر بهترين ماڻهو هو پر هيڊ ڪلارڪ اسان کي ڏاڍا دڙڪا دهمان ڪندو هو. ان ڪري ان کان ڏاڍو لنوائيندا هئاسين شروع شروع ۾ تہ اسان کي اهو نوريئڙيءَ جهڙو ڪلارڪ ڪنهن آفت شافت کان گهٽ محسوس ڪين ٿيندو هو...! ان ڪري سندس هر حڪم اکيون ٻوتي پورو ڪندا هئاسين، ايتري تائين جو ڪڏهن ڪڏهن سندس گهر ڀاڄي بہ پهچائي ايندا هئاسين. هڪ ڀيري جڏهن مان سندس گهر ڀاڄي ڏيڻ ويو هئس تہ سندس گهر واريءَ کي ڏسي مون کي بخار چڙهي ويو هو، هوءَ بي انتها ٿُلهي ۽ بي ڊولي هئي...! ان ڪري سوچيو هيم ’جڏهن اها مائي مچرجندي هوندي تہ ڀاڻ واري دهماني ڪلارڪ جو ميچالو ئي ڪيڏي ڇڏيندي هوندي...!‘ ان وقت هيڊ ڪلارڪ کي يارنهن ٻار هئا پر مون کي پڪ هئي تہ جيڪڏهن اهو لغڙي ڪٽ ڪلارڪ وقت کان اڳ نہ مئو تہ سندس گهر واري يارنهن ٻار ٻيا بہ ڄڻي ڏيندس...!
مجيد سُجي جو اصل نالو ’عبدالمجيد‘ آهي پر اسان کيس مجيد سجو ڪري سڏيندا آهيون ڇو تہ سندس کيسو اڪثر خالي هوندو آهي، ڪڏهن چانهہ پيارڻ تہ نهيو پر ان جي صلاح بہ نہ هڻندو آهي.

جيڪڏهن ڪنهن هوٽل ۾ گڏجي چانهہ پيئندا بہ آهيون تہ پنهنجي حصي جي چانهہ جا پيسا بہ ڪُرڪندي ڏيندو آهي. هڪ ڀيري چيو هئائين:

”وڏي ڳالهہ آهي يار...! منهنجي چانهہ جيترا پيسا بہ نہ ٿا ڀريو...! اڳتي هلي ڪهڙا پتڪا پڌرائيندو...!؟“

جنهن تي مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي، سوچيم: ’مُنڊيءَ ڪان وٺي فرش تي ڦيرائي هٽانس...!‘

”اسان تو ڀاري کي پتڪا تہ نہ ٿا پڌرائي سگهون...!“

نبي داد جواب ۾ چيو هئس: ”البتہ جيڪڏهن ضرورت پئي تہ لاهڻ ۾ دير نہ ڪنداسئي...!“ جنهن تي چڙندي چيو هئائين:

”يار توهان دوستيءَ جي لائق ئي نہ آهيو...!“

”باقي دوستيءَ جو قدر توکي آهي پيارا...!“

ڪاوڙ ۾ کيس چيو هيم: ”جو اسان کي کيسا خالي ڏيکاري... وَرَ ڀَريون ٿو وتين...!“

جنهن تي ڪاوڙجي اٿي هليو ويو هو پر ٻي ڏينهن تي ڪاوڙ ڪيڏي چڙڏي هئائين.

نبي داد بندري قد جو آهي...! پيٽ ٻاهر نڪتل اٿس... حالانڪہ اڄ ڏينهن تائين رشوت نہ ورتي اٿائين توڙي جو سندس ناهوڪا شهپر ڏسي ماڻهو ازخود خرچيءَ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا اٿس...!

نبي داد ’سلطان راهيءَ‘ جون فلمون شوق سان ڏسندو آهي ۽ ان جو سچو عاشق ۽ پرستار آهي. سلطان راهي کي ”ماما“ ڪري سڏيندو آهي. جڏهن سلطان راهي جي قتل ٿيڻ جي خبر اخبار ۾ پڙهي هئائين تہ اصل يقين نہ ٿي ڪيائين ۽ (هاڻي بہ يقين نہ ڪندو آهي) اڪثر چوندو آهي تہ:

”ماما سلطان راهي...! مري نٿو سگهي، هو اوچتو وري نروار ٿيندو ۽ وري مار، ڌاڙ ۽ رڙين وارين فلمن کي جلا بخشيندو...! دشمنن جي رت جو درياءَ وهائي ڇڏيندو... هُو انهن کي بہ نہ ڇڏيندو جن سندس مرڻ جون خبرون اخبارن ۾ هلايون آهن ...!“

نبي داد جي شادي ٿيل آهي سندس گهر واري هڪ سُگهڙ عورت آهي هو کيس ڏاڍو پيائيندو آهي. هڪ ڀيري چيو هئائين:

”جيڪڏهن مون کي جنت نہ ملي ها... (جنت سندس گهر واريءَ جو نالو آهي) تہ مان هن دوزخ جهڙي دنيا ۾ شايد ڪِنو ٿي مران ها...!“

کيس هڪ گلاب جي گل جهڙي معصوم ڌيءَ اٿس. جنهن کي هو ڏاڍو چاهيندو آهي. مان ڪڏهن ڪڏهن نبي داد جي گهر ويندو آهيان، هڪ ڀيري مان جڏهن سندس گهر ويو هئس تہ سندس معصوم ڌيءَ مُرڪ مون کي چنبڙي پئي هئي، موٽ ۾ مون کيس پيار ڪيو ۽ کوڙ ساريون ٽاڪيون وٺي ڏنيون هيون مانس. جنهن تي سندس ماءُ چيو هئس:

”مرڪ...! پنهنجي چاچي ڪان تاڦيون نہ وننديِ ڪر...! چو تہ هو مولائي آهي...! ڪٿي هيڏانهن اچڻ ئي نہ ڇڏي ڏي...!

موٽ ۾ اسان سڀ ڪلي پيا هئاسين.

منهنجو پورو نالو ’مولا بخش‘ آهي پر مان مولائي سان وڌيڪ مشهور آهيان منهنجو واسطو هڪ چڱي چوکي وڏي خاندان سان آهي جنهن جو مان اڪيلو ڪمائيندڙ آهيان، بابا ڪُراڙو آهي، ان ڪري ڪو ڪم نہ ڪري سگهندو آهي، ماءُ ٽي بي جي ستايل آهي جنهن جو اڌورو علاج (يعني پيسي آهر)ڪرائيندو رهندو آهيان، بہ ننڍا ڀائر آهن جن مان هڪ يارهين ۽ ٻيو انٽر جو شاگرد آهي. هڪ ننڍي ڀيڻ بہ اٿم جنهن تازو انين جو امتحان پاس ڪري اڳتي پڙهڻ ڪان جواب ڏيندي چيو هئائين:

”ادا مون ڪي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي ان ڪري اڳتي نہ پڙهنديس..!“ خبر نہ آهي تہ هن ايئن ڇو چيو هو...! جڏهن تہ هوءَ ڪافي ذهين هئي، پهرين ڪان وٺي انين تائين ڪڏهن پوزيشن تہ ڪڏهن تمام سٺي نمبرن ۾ پاس ٿيندي رهي آهي. مان پنهنجي خاندان جي ضرورتن ڪي پورو ڪرڻ لاءِ وسان نہ ٿي گهٽايو. اڪثر اوور ٽائيم ڪندو رهندو هيس. موڪل واري ڏينهن بہ جيڪڏهن ڪا مزدوري ملي ويندي هئي تہ ان ڪان بہ نہ ڪيٻائيندو هئس.

مان پنهنجو خيال گهٽ رکندو آهيان، اڪثر ڇڱل بوٽ ۽ پراڻن ڪپڙن ۾ ملبوس هوندو آهيان. پهرين تاريخ ڪان وٺي وڌ ۾ وڌ ويهين تاريخ تائين کيسي ۾ ڪجهہ ڏوڪڙ هوندا اٿم. ويهين تاريخ ڪان بعد کيسي جو اسڪور ڪڏهن پنج ڪڏهن ڏهہ روپيہ تہ وري ڪڏهن ٻڙي وڃي بيهندوآهي. تنهن هوندي بہ جڏهن اسان (مان، نبي داد ۽ مجيد سجو) ڪنهن هوٽل ۾ چانهہ پيئڻ يا سينيما ۾ فلم ڏسڻ ويندا آهيون تہ پيسا مان ڀرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، جنهن تي اڪثر نبي داد چڙيپندي چوندو آهي:

”اسان سڀئي مالي طور ڪمزور آهيون پر تون اسان سڀني ڪان سوايو آهين، ان ڪري تون اها حرڪت نہ ڪندو ڪر...!“

هڪ ڀيري تہ هلڪي ٺڦڙ بہ وهائي ڪيڊي هئائين پر پوءِ بہ مون تي اثر نہ ٿيو. ڪيس چيو هيم:

”مولائي جيڪڏهن اهڙن حسابن تي سوچين ها يا توجہ ڏين ها...! تہ پوءِ شايد مولائي نہ سڏائن ها...!“

جنهن تي منهنجي دوستن رايو ڏنو هو تہ تون گڏهہ آهين...! ڇو تہ گڏهن وانگر لوڙين ٿو پر پوءِ بہ نہ پيسي جو خيال اٿئي نہ پنهنجو...! پر مون پنهنجي لاءِ گڏهہ جو لفظ مناسب نہ سمجهو، ان ڪري احتاج ڪندي کين چوندو هيم تہ مان گڏهہ نہ پر ’مولا بخش عرف مولائي‘ آهيان پر مون وارا يار تہ بہ نہ مڙندا هئا، ان ڪري اڄ مجيد سُجي ڪي چڪ پائي شديد احتجاج ڪيو هيم.

”يار مولائي...! اڄ مجيد سُجي سان ڏاڍي ڪئي اٿئي...!“

ڪم ڪان فارغ ٿيندي ئي نبي داد، پنهنجي ڪرسي سوري منهنجي ڀرسان ويهندي چيو:

”اجان ڪجهہ نہ ڪيو اٿمانس...!“ وراڻيم:

”جيڪڏهن مئنيجر صاحب نہ اچي ها تہ ٻُوتي پٽي ڪيانس ها...!“

”اڙي هاڻ وري ڪهڙي رعايت ڪئي اٿئي...!؟“

مجيد سُجي ڳالهايو: ”پنهنجا گهوبن جهڙا ڏند مون مسڪين جي ٻانهن ۾ اهڙا کُپائي ڇڏيئي جو اجان پئي ٻانهن ڦٿڪي...! جيڪڏهن مون کي نئين شناختي ڪارڊ نهرائڻ جي ضرورت پئي تہ يقينن تنهنجي ڏندن جا نشان مان شناخت طور تي لکرائيندس...!“

”اڙي وري توهان حوال شروع ڪيا...!؟“ هيڊ ڪلارڪ چيو.

”اسان ڪم ڇڏائي ويا آهيون مسٽر نوريئڙا...!“

ڪافي ڪاوڙ ۾ ڪيس چيم:

”پوءِ حال احوال نہ ڪريون تہ هڪ ٻئي کي موڇڙا هڻون...؟ اجايو اسان مولائن تي دهمان نہ ڪر... اسان کي خبر آهي تنهنجي حيثيت جي...!“

”اڙي...اڙي...! مان نوريئڙو آهيان...!؟“

هيڊ ڪلارڪ پنهنجي ڪرسي تان ڪاوڙ ۾ اٿندي چيو:

”نہ نہ سائين...! اوهان نوريئڙا نہ آهيو...! هن ٻُوڪ کي ڪهڙي خبر...!؟“ نبي داد چيس:”اوهان تہ چاهي ڪان مختلف نہ پيا لڳو...!“

”توهان...! توهان...! هي ڪهڙي بڪواس پيا ڪريو...!“

هن پيري ڪلارڪ ڪاوڙ مان ڏڪندي چيو.

”سائين احمقن جي ڳالهہ دل ۾ ئي ناهي ڪبي...!“ مجيد سُجي وڏي سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو:

”اوهان تہ سينيئر ترين ۽ محنتي ڪلارڪ آهيو...! هيءَ آفيس هلي ئي اوهان جي سهاري پئي...! شابس آ اوهان جي حوصلي کي جو هيڏو سارو ڪم اڪيلي سر اڪلايو پيا...! سچ سائين، جيڪڏهن اوهان جون همدرديون اسان سان گڏ نہ هجن ها تہ، يقينن اسان رُلي وڃون ها...!“

”چڱو چڱو هاڻي گهڻيون ٽيڪرون نہ ڏي...!“

هيڊ ڪلارڪ واپس ڪرسيءَ تي ويهندي چيس:

”ڪم ڪجهہ گهڻو آهي...! توهان ٽئي مون کي گڏجي هيءَ فائيل ڇڏائي ڏيو...!“

هيڊ ڪلارڪ مجيد سُجي کي فائيل ڏئي پنهنجي ڪم سان لڳي ويو. مجيد سُجي فائيل پنهنجي هٿن سان مٿي اُڀي ڪري ڏند پڪوڙي پوري قوت سان هيڊ ڪلارڪ کي هڻڻ وارو ئي هو جو هيڊ ڪلارڪ منهن مٿي ڪيو تہ هي همراهہ ڪسڪي اچي اسان جي پرسان ويهندي چيائين:

”سائين بسم الله ڪيو...!“

”يار...! توڙي جو مولائي آهيان...!“ فائيل جا ڪجهه پنا جاچيندي چيم: ”پوءِ به لڳي ٿو ته اهو نوريئڙيءَ جهڙو ڪلارڪ مون ڪان ڪڏهن مار کائيندو...!“

”توڪان اڳ ۾ مان ڪُتڪو ڏيندومانس...! ٿورو آرام سان ويهڻ ۾ ڳالهائڻ به نه ٿو ڏئي نياڳو...!“

مجيد سُجي ڪُرڪندي چيو:

”بس ڪڏهن موقعو ملي...! پاڳ به ڪُلي... مان اڪيلو هجان هو به تنها ملي...!“

”متان اهڙي غلطي ڪئي اٿئي سُجا...!“

نبي داد ڪجهه پنا ٽائيپ ڪندي چيس:

”پاڻ واري هيڊ ڪلارڪ جا حال و ري ڪهڙا آهن...! ممڪن آهي هڪ ئي ٿڦڙ سان آسمان ڏانهن اڏامي وڃي...! پوءِ تون ته وينو جيل ۾ پلتا هٽندين پر هن جي ٻارنهن ٻارن تيرهين زال جو ڇا ٿيندو...!؟“

”او... چڱو جو اهو احساس ڏيارئي...!“

مجيد سُجي ڳالهايو:

”نه ته ڪٽي ڇڏيانس ها...!“

اسان وري خاموش ٿي وياسين، وچ ۾ ڪنهن به نه ڳالهايو ان ڪري ويهن منٽن ۾ ئي سڄي فائيل جو خانو خراب ڪري، منهنجو مطلب آهي ته ٺاهي ٺيڪ ڪري واپس هيڊ ڪلارڪ کي ڏني سين. آفيس ٽائيم جا تقريبن اجان چاليهه منٽ باقي هئا، ان ڪري اسان وري آهستي ڳالهائڻ شروع ڪيوسين، ڇو ته اسان کي ڊپ هو ته وري نه هيڊ ڪلارڪ ٻي ڪا فائيل ڪڍائي...!

”اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي...!؟“ پڇيم.

”اڄ خميس آهي يار...!“

نبي داد وراڻيو:

”ان ڪري هر خميس جيان اڄ به نشاط سئنيما ۾ ’مامي سلطان راهيءَ‘ جي فلم ڏسنداسين...!“

”نه نه...! مهرباني ڪري اسان کي اها سزا نه ڏي...!“

مجيد سُجي منٿ ڪندي چيس:

”اسان ته تو واري مامي جون فلمون ڏسي ڏسي هاڻ ته خواب ۾ به رڙيون ڪندا آهيون...! جيڪڏهن اجان به ہ هفتا ڪن ان جون فلمون ڏٺيون سين ته پوءِ آفيس ۾ گوڏ پائي اچڻ سان گڏ اٿندي ويهندي رڙيون ڪنداسين...!“ ”ڪجهه به هجي پر اڄ مامي سلطان راهي جي فلم ’مولا بخش‘ نشاط سئنيما ۾ ضرور ڏسڻي آهي...!“

نبي داد فيصلاڪن لهجي ۾ چيو:

”جيڪڏهن توهان به مون سان ان سلسلي ۾ ساٿ ڏنو ته توهان جون ٽڪيٽون مان ڀريندس...!“

”چڱو تون گهڻي ضد ٿو ڪرين تہ پلا هلنداسين...!“مجيد سُجي واڇون ٽيڙيندي چيو: ”نہ تہ...!“
”خاموش نپاڳا...!“ چڙٻ ڏيندي چپوماٽس:
”مئنيجر صاحب پيو اچي...!“
”بابا...! جيڪڏهن ڪم ختم ڪري چڪا آهيو تہ توهان وڃي سگهو ٿا...!“
مئنيجر صاحب ايئن چئي هليو ويو.
”ڇا خيال آهي هلون...؟“ نبي داد پڇيو.
”ترسو...!“اٿندي چيم:
”مون کي ضروري ٽيليفون ڪرڻي آهي...!“
”پر ڪنهن کي پاڙيا...!؟“ مجيد سُجي مسڪرائيندي پڇيو.
”هُن کي... هُن کي....!“ ايئن چئي مان مئنيجر صاحب جي آفيس ۾ هليو ويس، پويان مون کي ڪجهہ ٽهڪ ۽ آواز ٻڌڻ ۾ آيا.
”اڇا ...! اڇا...! هن کي...!“
مون نمبر ڊائل ڪري فون ڪن تي رکي ڇڏي هئي، ٿورڙي ئي دير ۾ هميشہ وانگر پيارو آواز آيو:
”هيلو...! انٽر نيشنل ڪٽمنڊا فيڪٽري...!“
”جي...! مون کي...!“ چيم:
”انٽرنيشنل ڪٽمنڊا فيڪٽري جي ٽيليفون آپريٽر شائستہ سان ڳالهائڻو آهي...!“
”او مولا بخش... تون...؟“
”ها مان...!“
”ڪٿان پيو ڳالهائين...؟“
”پنهنجي آفيس مان...!“
”ڪو خاص ڪم آهي...!؟“
”نہ...! بس ايئن ئي فون ڪيم...!“
”هڪ ڳالهہ چوانءِ ...!“
”ها چئو...!“
”تون واقعي مولائي آهين...؟“
”مان بہ هڪ ڳالهہ چوانءِ...!“
”ها...!“
”تون ڏائڻ آهين...!“
”پر اڃان تہ تنهنجو رت نہ پيتو اٿم...!“

”تون رت جي ڳالهہ تي ڪرين ٿي…؟“
پر تون تہ پهرين ملاقات ۾ منهنجو ماس بہ پٽي وئي هئينءَ…!“
”چڱو هاڻ ڇڏ انهن ڳالهين کي…!“ وراڻيائين:
”سچ ٻڌاءِ ٽيليفون ڇو ڪيئي…؟“
”تو سان ملڻ تي گهريم…!“ چيم:
”منهنجو وس پُڄي تہ جيڪر توکي پنهنجي دل ۾ قيد ڪري ڇڏيان …! عمر ڀر لاءِ توکي…!“
”نهيو… نهيو…! هاڻ گهڻو رومانٽڪ ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪر…!“ منهنجو جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيائين:
”تون شام جو ڇهين وڳي هوشو پارڪ ۾ اچجانءِ …!“
”هوشو پارڪ ۾ نہ…!“ چيم: ”مان توسا مولائي پارڪ ۾ ملندس…!“
”مولائي پارڪ…!؟“ ڪجهہ عجب وچان پڇيائين:
”ڪٿي آهي مولائي پارڪ…!“
”هو… هو…! اسٽيشن وارو پارڪ…! تون اتي ڇهين وڳي اچجانءِ، مون کي تنهنجو انتظار رهندو…! ڇهين وڳي اسان نشاط سئنيما ۾ فلم ڏسڻ ويندا اسين…!“
”ٺيڪ آهي…!“ چيائين: ”مان پنهنجي قسمت وانگر اڌ ٽُٽل ڦٽل اسٽيشن پارڪ عرف ’مولائي پارڪ‘ ۾ شام جو ڇهين وڳي ضرور ايندس. منهنجو انتظار ڪجانءِ…!“ پوءِ اسان ٻنهي فون رکي ڇڏي هئي.
شائستہ سان منهنجي پهرين ملاقات بہ ٽيليفون تي ئي ٿي هئي، جڏهن اسان جي مئنيجر صاحب مونکي ’انٽر نيشنل ڪٽمنڙا فيڪٽري‘ جي مئنيجر جو نمبر ونڻ جو چيو هو…! جڏهن مون نمبر ڊائل ڪري ٽيليفون ڪَن تي رکي هئي، ٿوري ئي دير بعد هڪ وڻندڙ آواز آيو هو:
”هيلو…! انٽرنيشنل ڪٽمنڙا فيڪٽري…!“
مونسان پهريون ڀيرو ڪا ڇوڪري ٽيليفون تي مخاطب ٿي هئي، پيو تہ مون کي ٽيليفون تي ڳالهائڻ جو ڪو خاص تجربو بہ ڪو نہ هو.
”جي ها…! مولائي پلاسٽڪ فيڪٽري پيو ڳالهايان…!“
منهنجي آواز ۾ ڏڪڻي (بي اطميناني) نمايان هئي.
”ڇا مطلب…!؟“ آواز آيو.
”مطلب هاڻ مان سمجهي ويو هئس… ان ڪري جلدي وراڻيم:

”منهنجو مقصد آهي تہ مان ملڪي سطح تي مشهور پلاسٽڪ فيڪٽري مان مولا بخش جونيئر ڪلارڪ پيو ڳالهايان...! سينيئر ٽيڻ جي اميد ڪونهي... مونکي اوهان جي مئنيجر صاحب جو نمبر کپي، اسان جو صاحب ساڻس ڳالهائڻ چاهي ٿو...!“

”پوڪ...!“ ٽيليفون مان آواز آيو ”آئون اِجهو ئي اوهان کي صاحب جو نمبر ملائي ٿي ڏيان...!“

اهو ٻڌي مان ٽيليفون پنهنجي صاحب کي ڏئي ٽڏا ساهہ پريندو واپس اچي پنهنجي ڪرسي تي ويهي رهيو هئس.

مونکي ان ڇوڪريءَ واتان پنهنجي لاءِ ”پوڪ“ لفظ ڏاڍو وڻيو هو. شايد ان ڪري پنهنجي ساءِ پڻڪيو هئم:

”يار مان پوڪ آهيان پوڪ...!“

شايد اهو جملو مجيد سُڄي ۽ نبي داد بہ ٻڌي ورتو هو. ان ڪري پڇيائون:

”هي وري ڪهڙو چڪر آهي...!؟“

مون ڪين حقيقت کان آگاهہ ڪيو، هو ٻئي ڏاڍو کِليا هئا مون تي...! توکون ڪيائون چٽرون ڪيائون ...!

”اڙي صفا ڪو سادو آهين يار...!“ مجيد سُڄي چيو هو:

”خواهہ مخواهہ اسان جو ڪنڌ هيٺ ڪرائي ڇڏيئي...!خبر ناهي صاحب ڇو چيو توکي نمبر ملائڻ جو...! هاءِ... اتي مان هجان تہ ان آپريٽر ڇوڪريءَ سان اهڙو تہ ڳالهايان ها جو سندس وات ئي پٽجي وڃي ها...!“

بس اها اسان جي پهرين ملاقات هئي، ان کان پوءِ بہ اڪثر صاحب مون کي ’انٽر نيشنل ڪٽمنڙا فيڪٽريءَ‘ جو نمبر وٺڻ لاءِ چوندو هو. ان جي مئنيجر سان گهاٽي دوستي هئس. مان اُن بهاني ان ڇوڪريءَ سان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڳالهائي وٺندو هئس يا جيڪڏهن منهنجو صاحب آفيس ۾ نہ هوندو هو تہ چوري چوري آءُ ڪيس ٽيليفون ڪري وٺندو هئس، ڇو تہ ٿوري عرصي ۾ مون کي هن جي آواز سان تمام گهڻي محبت ٿي وئي هئي ۽ مونکي محسوس ٿيندو هو تہ هوءَ بہ مون ۾ دلچسپي رکي ٿي ۽ منهنجي اجايو ٽيليفون تي ناراض بہ نہ ٿي ٿئي. اسان ٽيليفون تي ئي هڪ ٻئي سان تعارف ڪرايو هو، سندس نالو شائستہ هو، هوءَ گذريل اڍائي ٽن سالن کان ’انٽر نيشنل ڪٽمنڙا فيڪٽري‘ جي ٽيليفون آپريٽر هئي. ان کان علاوه هوءَ پنهنجي ڪمپني کي ڪٽمنڙي جي ڊمانڊ وڌائڻ لاءِ بہ اهم ڪردار ادا ڪندي هئي. ان ڪري ڪيس ڪافي سهولتون مليل هيون. هڪ ڀيري ٽيليفون تي چيو هئائين:

”مولا بخش مان توسان روبرو ملڻ چاهيان ٿي...!“

”پر ڪٿي...! “ پڇيو هيم.

”اڄ شام جو ستين وڳي پاڻ ڪراچي ريسٽورينٽ تي ملنداسين. منهنجو انتظار ڪجانءِ...!“

”پر...! اوهان مون کي يا آئون اوهان کي سچاٽيندس ڪيئن؟“ حيرت مان پڇيم.

”مولا بخش...!“وراڻيو هئائين: ”مان تہ تو کي آواز تي ئي سچاڻي ورتو هو تہ تون منهنجي... منهنجي...!“

پانيم ٿي تہ هوءَ منجهي پئي هئي:

”پوءِ ڇا...! روبرو اوهان کي سچاڻڻ ۾ غلطي ڪنديس...؟“

ايئن چئي هن ٽيليفون رکي ڇڏي هئي.

خبر ناهي ڇو ان باري ۾ بہ نہ چاهڻ باوجود نبي داد ۽ مجيد سُجي کي آگاهہ ڪري ڇڏيو هيم، جن چيو:

”يار لڳي ٿو تہ ان ۾ ضرور ڪو چڪر آهي...! ڇوڪري ۽ توسان ملڻ جو اظهار ڪري، ڪجهہ مشڪوڪ ٿو لڳي، ضرور ڪا نہ ڪا گڙ ٻڙ آهي...!“

”ڪا بہ گڙ ٻڙ ڪونهي...!“ ڪين چيو هيم:

”هوءَ مون کي بلڪل معصوم ٿي لڳي...! هونئن بہ مون مولائي هن جو بگاڙيو ڇا آهي جو ڪو چڪر هلائيندي...؟“

”چوين تہ سچ ٿو پيارا...!“مجيد سُجي چيو:

”پوءِ بہ هوشيار رهجانءِ...! ٿورو بہ پنهنجو ستارو گردش ۾ ڏسين تہ پٺي وڃجانءِ....! ڪٿي مون وانگر ڦاسي نہ وڃين ۽ پوءِ...!“

”تون بزدل هئين...! سندس جملو ڪٽيندي چيم:

”۽ مان مولائي آهيان، ڊڄي پٺي نہ ويندس...!“

”ٺيڪ آهي بزدل ئي سهي...! پر عشق ۾ موچڙا تہ ڪو نہ جهليم...!“ وراڻيائين:”بس رڳو ٿورو شڪ پيو تہ سِر هليو ويندو...! توبهہ تائب ٿيڻ ۾ دير نہ ڪيم ۽ پوءِ اڄ تائين ڪنهن سان عشق ڪرڻ بابت سوچيو بہ نہ اٿم...!“

مجيد سُجو ڪاليج جي زماني ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ سان عشق ڪري، وتندو هو ان جي چوڌاري ڦرندو...! ڪوڙ سارا خط لکيائينس، محبت جهڙو منو اظهار ڪندي مٿس جان بہ فدا ڪرڻ جو اعلان ڪيائين پر جڏهن ڪيس خبر پئي تہ ان ڇوڪريءَ جو پيءُ جج آهي تہ همراهہ جون وايون بتال ٿي ويون ۽ پنهنجي ساءِ پٺڪي ڇيوهئائين:

”معنيٰ تہ اڄ يا سڀاڻي مان ڦاهي چڙهان ئي چڙهان...! ڪڏهن ۾ پوي اهڙو عشق جيڪو ڦاهي تي ڦتڪائي ڦتڪائي ماري...!“

ان ڏينهن کان پوءِ مجيد سُجو ان ڇوڪريءَ کي ڏسي، رستو مٽائي ويندو هو.

”ٺيڪ آهي تون ضرور ملجانس...!“ نبي داد مون کي چيو: ”پر جي اها عورت ٿورڙي به مڪاريل محسوس ٿئي ته هڪدم نشي فرار ٿي وڃجانءِ...!“ بدقسمتيءَ سان ان ڏينهن منهنجي کيسي ۾ صرف پنجين جو نوٽ پيو هو، ان ڪري مجيد سُجي کي مدد جو چيم ته هن ورَ مان پنجاهہ جو نوٽ ڪڍي ڏيندي چيو:

”اڄ پهرين ملاقات اٿئي ان ڪري توتي رحم ٿو اچي...! باقي آئنده مان تنهنجي عشق ۾ گهاري ته نه ٿو وجهي سگهان پر مون مان هاڻ هڪ پائي جي به اميد نه رکجانءِ...!“

مان ان ڏينهن شام جوستين وڳي ڪراچي ريسٽورينٽ ۾ موجود هئس، پاڻ کي ڏاڍو ناهڻ جي ڪوشش ڪئي هيم، نبي داد کان صرف هڪ ڏينهن لاءِ بوٽ ورتو هيم، ڪپڙا پنهنجا ئي هئا پر استري جو مهتو ڪين ڏئي آيو هئس. وارن کي به پنهنجي پر ۾ خوب ناهيو هيم، سرنهن جو تيل به مَکيو هو.

مون کي بيٺي ٿورو ئي ٽائيم ٿيو هو جو هڪ حيرت انگيز ۽ پُرڪشش عورت منهنجي سامهون رکيل ڪرسي تي ويهي رهي هئي...! حيرت انگيز شايد مون کي ان ڪري محسوس ٿي رهي هئي جو مون کا نوجوان عورت ايڏي ويجهڙائي کان پهريون ڀيرو ڏٺي هئي...!

”توهان مولا بخش آهيو نه...؟“ ويهندي چيو هئائين:

”منهنجو نالو شائسته آهي...!“

”جي ها پر اوهان مون کي...!“

”مولائي پاڻ کي ڪيترو به ناهين يا لڪائين پر هو ماڻهن جي ميڙ ۾ پري کان پڌرا هوندا آهن...!“منهنجو جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو هئائين.

آئون ڪيس حيرت ۾ ڏسندو رهيس، هوءَ مون کي اعليٰ سوسائٽيءَ جي محسوس پئي ٿي...! ان ڪري دل چيو ته ’جيڪر هتان ڀڄي وڃان...!‘

”ايئن ڇا پيو ڏسين...؟“ پڇيو هئائين.

”شائسته...!“چيو هيم:

”اسان پارا مولائي جڏهن پاڻ کان گهڻو وڌيڪ اونچي ۽ اعليٰ طبقي جي ماڻهن کي ڏسندا آهن ته پڪ ڄاڻ ته هو ڪين ايئن ئي تڪيندا آهن جيئن مان اوهان کي ٿو ڏسان...!“

”مان ڪنهن امير گهراڻي جي عورت نه آهيان...!“ وراڻيائين:

”پر منهنجو واسطو به هڪ عام ۽ هيٺين طبقي سان آهي...!“

”مان ايئن نه ٿو سمجهان...!“چيم.

”توهان منهنجا ڪپڙا ۽ منهنجو رنگ ڍنگ ڏسي نه ڀُلجو...!“چيائين: ”منهنجو پيءُ رٽائرڊ پرائمري استاد آهي، مان پنهنجي ڀن ننڍڙين ڀينرن ۽ ماءُ پيءُ سان گڏ مسواڙي جڳهہ ۾ رهندي آهيان...!“

وچ ۾ بيرو اچي ويو جنهن کي شائسته ٻن چانهين آڻڻ جو چيو.

”جيڪڏهن واقعي ئي ايئن آهي تہ پوءِ ايڏن مهانگن ڪپڙن پائڻ جي ڪهڙي ضرورت...!“بيري جي وچڻ ڪان پوءِ ڪيس چيم:

”توهان ڪفايت مان ڪم ڇو نہ ٿا وٺو...!؟“

”اها منهنجي مجبوري آهي...!“چيائين:

”اسان جي مئنيجر جو چوڻ آهي تہ فيڪٽري ۾ ڪٽمنٽڙن لاءِ ايندڙ گراهڪ ڪٽمنٽڙن ڪان وڌيڪ فيڪٽري ۾ ڪم ڪندڙن کي ڏسندا آهن.ان ڪري اوهان جو لباس توڙي انداز پُرڪشش ۽ وڻندڙ هجڻ کپي...!“

”پوءِ تہ اوهان جي پگهار...! لباس ۽ بيوٽي پارلر جي خرچن ۾ پوري ٿي ويندي هوندي...!؟“ چيم.

”اسان جي لباس وغيره تي خرچ ايندڙ پيسا تقريبن اسان جي فيڪٽري ئي برداشت ڪندي آهي. البتہ ڪجهہ رقم ماهوار اسان جي پگهار مان بہ ڪاٽي ويندي آهي، تنهن هوندي بہ مون کي اداڻي تي هزار مهينو ملي ويندو آهي...!“

”خير ڇڏيو انهن ڳالهين کي...!“ چيم:

”اوهان مون سان ڇو ٿي ملڻ چاهيو...!؟“

”ڇو توهان کي ڪو اعتراض آهي ڇا...!؟“

”اعتراض هجي نہ هجي...! ملڻ جو ڪو نہ ڪو مقصد هوندو آهي.“

”دراصل پهرين ڏينهن جڏهن توهان ٽيليفون ڪئي هئي تہ شايد مان اوهان کي ’پوڪ‘ چيو هو...!“ وراڻيائين:

”ان ڪري اوهان ڪان روبرو معذرت ڪرڻ ٿي گهريم...!“

”شائستہ...! هڪ ڳالهہ چوانءِ...!؟“

”ها...!“

”توهان جو اهو لفظ مون کي پاڻ ڪان وڌيڪ پيارو لڳو هو...! دل پئي گهريو تہ جيڪر اوهان اهو لفظ چوندا رهو ۽ مان ٻڌندو رهان، سچ مون کي اوهان جي ان لفظ سان ڏاڍو پيار آهي...!“

”ڏاڍو شرارتي پيو لڳين...!“ مرڪنديں چيائين.

هن جي مرڪ منهنجي وجود ۾ لهي وئي هئي .

”پُلي آهين شائستہ...!“چيو هيم:

”مان شرارتي نہ، صرف مولائي آهيان..!“ موٽ ۾ هلڪو ٺهڪ ڏنو هئائين.

ايتري ۾ بيرو چانهہ کڻي آيو. اسان سِپ سِپ ڪري چانهہ جا ڪوپ کي خالي ڪري رهيا هئاسون. چانهہ پيئندي ڪنهن بہ نہ ڳالهايو، بس خاموش خاموش نظرن سان هڪ ٻئي کي تڪيندا رهيا هئاسين .

”شائستہ...!“ چانهہ ڪان فارغ ٿيندي ئي ڪائنس پڇيم:

”مون سان ملڻ ڪان اڳ توهان منهنجي باري ۾ ڇا سوچيو هو...!؟“

”ٻڌايائين...؟“ اکين ۾ اکيون ملائيندي چيائين.

”ها...!“

”ڪٿي ناراض تہ نہ ٿي ويندين...!؟“

”مولائي ڪنهن ڪان بہ ناراض نہ ٿيندا آهن...!“

”توسان ملڻ ڪان اڳ بہ مون اهو ئي محسوس ڪيو هو جيڪو هاڻ آهين...!“

”ڇا آهيان مان هاڻ ...!؟“

”بلڪل سادو...! مولائي... ۽...۽...!“

”۽...۽ ڇا...!؟“

”ٻڌايائين...؟“

”ها...!“

”۽ پُوڪ...!!!“

”پوڪ...!“ مان کلي پيو هيم. ”مان پوڪ نہ مولائي آهيان...!“

”نيڪ آهي...!“ وراڻيائين:

”اڄ ڪان پوءِ مان اوهان کي مولائي سڏيندس...!“

”پر مان اوهان کي ڇا سڏيان...؟“ پڇيم.

”شائستہ...!“

”نہ...! شائستہ نہ...!“

”تہ پوءِ ڇا سڏيندين...؟“

”ٻڌايان...!“

”ها...!“

”توکي مان ’ڏائڻ‘ سڏيندس...!!“

”ڏائڻ...!“ هوءَ کلي پئي هئي، آئون سندس مرڪندڙ چهرو ڏسندو رهيس، ڪجهہ دير ڪان پوءِ چيائين:

”مولا بخش...!هڪ ڳالهہ چوانءِ...؟“

”ها چئو...!“

”توهان واقعي بہ مولائي آهيو...؟“

”۽ توهان...! ؟“

”مان...! مان ڏائڻ...!“

ايئن چئي هوءَ وري ڪِل ۾ پِٽ ٿي وئي هئي، ان وقت ڪو موسيقار جيڪڏهن شائستہ جا ٿهڪ رڪارڊ ڪري وٺي ها...! تہ ڪيس سرن جي تلاش ۾ دربدر ڀٽڪڻو نہ پوي ها ۽ نہ ئي وري ذنن تي سوچي سوچي سندس مٿي جا وار ڇڻن ها... بلڪہ شائستہ جي ٽهڪن تي ٻڌل موسيقي، ڪيس دنيا جو عظيم موسيقار بڻائي ڇڏي ها...!

پر شائستہ جا ٽهڪ ٻڌڻ وارو مان ئي هئس، مان موسيقار نہ پر مولائي آهيان، ان ڪري شائستہ جا ٽهڪ رڪارڊ ڪري نہ سگهيس البتہ سندس ٽهڪن کي مون پنهنجي دل جي دنيا جي فريم ۾ بند ڪري ڇڏيو...! پوءِ جڏهن بہ اداس ٿيندو هئس تہ پنهنجي دل جي فريم مان سندس ٽهڪ ڪڍي انهن تي گيت غزل لکڻ جي ڪوشش ڪندو هئس (توڙي جو مان، شاعر نہ پر مولائي آهيان) سندس ٽهڪن تي نچندو هئس.

ان ڏينهن ڪافي دير ڪراچي ريسٽورينٽ ۾ ويٺا رهيا هئاسين، چانهہ جا پيسا شائستہ ڀريا هئا، ان ملاقات کان پوءِ اسان جي ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو هو، هاڻ تہ ايئن محسوس ٿيندو جو اسان کي هڪ ٻئي جي ڳولها هئي پر هاڻ تلاش جي تڙپ ختم ٿي چڪي هئي، اسان ڪائنات جي ڪنهن ڪنڊ ۾ هڪ ٻئي کي ڳولهي ورتو هيوسين.

”مولائي ٽيليفون ڪري آئين...؟“ مجيد سُجي پڇيو.

”ها...!“ وراڻيم: ”هاڻ پاڻ کي هلڻ گهرجي...!“

پوءِ اسان ٽئي آفيس مان نڪرڻ لڳاسين، البتہ هيڊ ڪلارڪ اڃان ويٺو هو.

”خدا حافظ مسٽر نوريئڙا...!“ ويندي ويندي کيس چيم. ان کان پهريان جو هيڊ ڪلارڪ ڪا ڇڙٻ ڏئي، اسان آفيس مان نڪري آياسين.

اسان ٽئي هٿ هٿن ۾ ڏئي ٻارن وانگر روڊن تي پيدل نڪرين، پٿرين کي لتون هڻندا اڳتي وڌندا رهياسين. اسان ٽئي هڪ ئي محلي جا رهواسي آهيون، ان ڪري تقريبن آفيس گڏجي ايندا ويندا آهيون پر اسان جا گهر هڪٻئي کان ڪجهہ پري آهن. ان ڪري اسان ٽئي محلي جي مشهور ’مسڪين چوڪ‘ تي گڏ ٿيندا هئاسين ۽ ڌار بہ...!هاڻ بہ اسان ’مسڪين چوڪ‘ وٽ پهتا هياسين.

”يار...!“ نبي داد چيو:

”توهان پوڻين ڇهين وڳي هت پهچجو...! پوري ڇهين وڳي مامي سلطان راهي جي فلم شروع ٿيندي تہ جيئن وقت تي هلي سئنيما پهچون...!“

اسان هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو، ۽ پوءِ جدا ٿي وياسين.

چئين وڳي پوري، مان مولائي پارڪ (اسٽيشن پارڪ) ۾ موجود هئس، ساڍا چار ٿي ويا... پر شائستہ نہ پهتي هئي پوءِ پنج ۽ هاڻ سوا پنج بہ ٿي ويا هئا...!

پر پوءِ به هوءَ نه پهتي. جڏهن انسان اڪيلو هوندو آهي، تنها هوندو آهي، مٿان وري ڪنهن جو انتظار، هوندو اٿس ۽ انتظار وارو پاڻ پهچڻ بدران صرف انتظار جي اذيت ڏيندو اٿس ته ان مهل ان ماڻهو مٿان وهم وار ڪندا آهن، سوچن جون سِرڙيون سندس ماس پٽڻ لڳنديون آهن خدشن جا خدا ڪيس ڪوڪلو ڪري ڇڏيندا آهن. موٽ ۾ هو ڪجهه به نه ڪري سگهندو آهي، بس انتظار جي تيز اس ۾ هو اجايو هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو ٿاٻا کائيندو رهندو آهي. منهنجي به ان وقت ڪجهه اهڙي ئي ڪيفيت هئي، مون ڪي ڪجهه سمجهه ۾ نه اچي رهيو هو ته 'شائسته' مون ڪي اچڻ جو چئي پاڻ ڇو نه آئي...؟ مان سوچي رهيو هئس ته 'پهرين ته شائسته ايئن ڪڏهن به نه ڪيو آهي ته پوءِ اڄ هن ايئن ڇو ڪيو...؟ پڪ سان ڪو ڪم ٿي پيو هوندس، يا ڪا مجبوري...!' مان پنهنجي ئي دل جي درياءَ ۾ ٻڏڻ لڳس...! غوطا کائڻ لڳس...! پر هوءَ نه آئي...! پوٽي ڇهين وڄي تائين نه آئي...! مان مايوس ٿي 'مسڪين چوڪ' ڏي ٻوڙ پاتي، جتي اڳ ۾ ئي نبي داد ۽ مجيد سُڄو مون تي ڏمريا ويٺا هئا...!

”اڙي مولائي...!“ مون ڪي ڏسندي نبي داد ڪاوڙ ۾ چيو:

”اسان هتي پنجين کان تنهنجو انتظار پيا ڪيون...! هاڻ ڇهه ٿي ويا آهن، ڪيڏانهن گم ٿي ويو هئين...!“

”معاف ڪجو يار...!“ سهڪندي چيم: ”ٿورو ڪم ٿي پيو هو...!“

”ڪم ٿي پيو هيئي...!؟“ مجيد سُڄي پڇيو: ”يا عشق جو چڪر پئي هلايئي...!؟“

”ڪاش...!توکي ان ڇوڪريءَ هٿان پادر لڳن ها...!جنهن سان محبت ڪئي هُيئي!؟“ ڪاوڙ ۾ ڪيس چيم: ”ته عشق جا چڪر ئي وساري ويهين ها...!“

”مون ڪي ته موچڙن کان مولا بچايو...!“ مجيد سُڄي مرڪندي چيو:

”پر پانيان ٿو ته مون واري حصي جا پادر به توکي لڳندا...!“

”اڙي ڇڏيو حوال...! جلدي ڪيو مامي سلطان راهي جي فلم شروع ٿي چڪي هوندي...!“ نبي داد چيو.

جنهن کان پوءِ اسان ٽئي تڪڙيون تڪڙيون پر انگهون کڻندا نشاط سئنيما وٽ پهتاسين ته نبي داد، مجيد سُڄي کي سيڪنڊ ڪلاس جي ٽن ٽڪيٽن جيترا پيسا ڏيندي چيو:

”يار جلدي موٽجانءِ پانيان ٿو ته مامي سلطان راهي جي فلم شروع ٿي چڪي آهي...!“

پوءِ مان ۽ نبي داد سئنيما جي اندرين دروازي وٽ پهتاسين جتي هڪ ڪارو رڏو ٽڪيٽ چيڪر ويٺو هو. مون کي ته بدمعاش ٿي لڳو.

”جناب...!“ نبي داد ٽڪيٽ چيڪر کي چيو:

”اسان جو دوست سامھون سيڪنڊ ڪلاس جون ٽي ٽڪيٽون وٺي پيو پر اتي ڪجھ رش آھي، ان ڪري ڪيس ٽڪيٽون جلدي نہ ملنديون توھان مھرباني ڪري اسان کي اندر ڇڏيو ڇو تہ فلم شروع ٿي چڪي آھي...! اسان جو ھمراھ اجھو ٽڪيٽون وٺي اوھان وٽ پھتو...!“

”اوئي...! ناڙي... پھلي ٽڪيٽ دکائو... ڦر اندر جائو...!“

اھڙو رکو جواب ٻڌي اسان پنھي جا ڪن ٽري ويا.

”مجيد سُجو خبر ناھي ڪھڙي مھل اچي...!؟“ نبي داد آھستي مون کي چيو.

”مامي سلطان راھي جا ڦھريان وارا خطرناڪ ايڪشن ئي ھليا ويندا...!“

”ھا...!“ چيم: ”پر ڇا ڪجي يار...! صبر تہ ڪرڻو ئي آھي نہ...!“

ان مھل اوچتو سئنيما حال مان وڏي رڙ آئي ھئي، شايد سلطان راھي ايڪشن ۾ ھو...! ان ڪري نبي داد بہ ايڪشن ۾ اچي ويو ۽ ٽڪيٽ چيڪر کي گريبان مان پڪڙي ڪيس ڌڪو ڏيندي چيائين:

”اوئي منڊي..!مين تينو نھين ڇڏانگا...! سلطان راھي ميرا ماما ھَئي...!“ موٽ ۾ ٽڪيٽ چيڪر بدمعاش وات ۾ ھڪ اھڙو تہ زوردار ٺونشو وھائي ڪڍيو ھيس جو ھي ھمراھ وڃي پٽ ۾ لڳو، ايتري ۾ مجيد سُجو بہ پھچي ويو تہ ڪيس چيم:

”مان مولائي آھيان...! تون بروسليءَ جون فلمون ڏٺيون آھن... وارو ڪر نبي داد کي ان بدمعاش کان بچائي وٺ، ڪٿي اُڦت نہ ماري وجھيس...!“

”اڙي چريو ٿيو آھين ڇا مولائي...؟“ مجيد سُجي ورائيو.

”ھي بدمعاش...! ايڪشن جي بادشاھ سلطان راھي کان بہ نہ مڙيو آھي تہ بروسلي ڪيس ڇا ڪندو...!؟“

”جناب...! ھي ٽڪيٽون وٺو...!“مون سٽ ڏئي مجيد سُجي کان ٽڪيٽون وٺي ٽڪيٽ چيڪر بدمعاش کي ڏيندي چيم. جيڪو وحشي نظرن سان نبي داد کي گھوري رھيو ھو، جڏھن تہ نبي داد ڪانئس ڏاڍو ڊنل ۽ ھيسيل ھو.

”ٺيڪ ھَئي جائو ڙي...!“ ٽڪيٽ چيڪر ٽڪيٽون ڄاچيندي چيو.

”جناب جائين...؟“ نبي داد ھيسيل نظرن سان بدمعاش کان پڇيو.

”ھان ڙي اب جائو...!“ بدمعاش چيو.

”سالہ سلطان راھي ڪا ڀانجا ھئي...!“

جنھن کان پوءِ اسان سئنيما حال ۾ داخل ٿياسين.

”يار...! واھ جو ٺونشو ھنيو آھي نياڳي...!“ نبي داد چيو:

”اصل وات ڇا نڪ ئي ڀڃي وڌو اٿائين پر پرواھ ناھي رڳو مامو سلطان راھي اچي اصل نہ ڇڏيندو مانس...!“

اسان هاڻ ٽن ڪالي پيل سيٽن تي ويهي رهيا هئاسين، اسان جون نظرون سامهون اسڪرين تي کُتل هيون البته منهنجي دل جون نظرون منهنجي دل جي ذاتي اسڪرين تي ڄميل هيون، جتي صرف شائسته جي تصوير ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو.

نبي داد ۽ مجيد سُجو وڏي چاهه سان فلم ڏسي رهيا هئا. ڪنهن ڪنهن مهل ٻين فلم ڏسندڙن سان گڏ سيٽين ۽ تاڙين جو ڌڌڪو لائي ٿي ڏنائون، جڏهن ته منهنجي، فلم ۾ بلڪل دلچسپي نه هئي، ’شائسته چو نه آئي...؟ بس منهنجو ذهن ان سوال جي جواب جي تلاش ۾ هيو. اسان کي فلم ڏسندي هاڻ ڪلاڪ ٿي چڪو هو جو اوچتو مون کي شائسته نظر اچي وئي، جيڪا سئنيما حال جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي ڪنهن کي تلاش ڪري رهي هئي سندس نظرون فلم ڏسندڙن ۾ کتل هيون، اهو سڀ ڪجهه منهنجي لاءِ حيران ڪندڙ هو.

”يار نبي داد...!“ ڪرسي تان اٿندي چيم:

”مان اجهو آيس...!“ پر جواب نه مليو، مجيد سُجي ڏي نظرون ڊوڙايم ته هن جو به نبي داد وانگر وات ڦاٽل ۽ سندس پورو توجه فلم ۾ هو ان ڪري آئون خاموشيءَ سان اٿي شائسته وٽ پهتس ۽ پوءِ اسان ٻئي سئنيما هال مان نڪري ڪجهه پرڀرو هڪ ننڍڙي پر خوبصورت پارڪ ۾ پهتاسين .

”شائسته...!“ ڇپر تي ويهندي کيس چيم:

”تون هيڏانهن ڪيئن آئي آهين...!؟“

”مون کي چئين وڳي ڪم تي پيو هو...!“ وراڻيائين. ”ان ڪري نه اچي سگهيس، هاڻ فارغ ٿي سڌو تو وٽ آئي آهيان...!“

”پر توکي سئنيما ۾ اچڻ نه کپندو هو...!“چيم:” تون هيڏانهن نه اچين ها...!“

”ڇو...؟“

”سئنيما ۾ گهڻا لوفر ۽ بدمعاش قسم جا ماڻهو هوندا آهن...!“ وراڻيم.

”هو عورتن کي سٺين نظرن سان نه ڏسندا آهن...!“

”سئنيما هال ۾ تو جهڙا مولائي به ته هوندا آهن...!“چيائين:

”مون کي توسان ملڻو هو، ان ڪري هيڏانهن آيس ڇو ته مون کي پڪ هئي ته تون هت ئي هوندين...!“

”اسان سڀاڻي به ملي پئي سگهياسين...!“چيم:”اڄ پلا ضروري هو ڇا...؟“

”ها ضروري هو...!“ وراڻيائين:”انتهائي ضروري هو...!“

”ڪا خاص ڳالهه آهي...؟“

”ها...! ايئن ئي سمجهه ...!“

”پو ٻڌاءِ ...!ڪهڙي ڳالهه آهي...؟“

”ٻڌايائين...؟“
”ها...!“
”تون واقعي مولائي آهين...؟“ خبر ناهي ڇو نہ چاهڻ باوجود ڪلي پيو هيم.
”شائستہ...! مطلب جي ڳالهہ ڪر...!“
ڪجهہ گهڙين جي خاموشي ڪان پوءِ چيائين:
”اسان جي فيڪٽري مئنيجر ڪي اسان جي باري ۾ خبر پئجي وئي آهي!“
”ڪهڙي خبر پئجي وئي اٿس...!؟“ تعجب مان ڪائنس پڇيم.
”تہ اسان هڪ ٻئي سان ملندا رهون ٿا...!“ هيڪندي چيائين.
پوءِ ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي...؟“ پڇيم:
”ملڻ ۾ تہ ڪو بہ عيب نہ آهي...!“
”پر هو ايئن نہ ٿو چاهي...!“
”ڇو هو توتي عاشق آهي ڇا...؟“
”وڏو ڪو بي حياءَ آهين...!“ منهن ڦيريندي چيائين.
”نہ...!“ چيم: ”مان بي حياءَ نہ مولائي آهيان....!“
آهستي بلڪل آهستي ڪِلي پئي هئي .
”دراصل اسان جو مئنيجر صاحب...!“ ڳالهايائين: ”فيڪٽري ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرين ڪي ڪتمنڙن ڪان وڌيڪ اهميت نہ ڏيندو آهي...!“
”مان سمجهيس نہ...!“ چيم: ”صاف ٻڌاءِ ڇا ڳالهہ آهي...؟“
هوءَ وري ڪجهہ گهڙيون خاموش ٿي وئي هئي ۽ پوءِ ٿڌو ساهہ ڀريندي چيائين:
”اڄ مئنيجر پنهنجي آفيس ۾ مون ڪي گهرائي چيو آهي تہ شائستہ..!
مونکي خبر پئي آهي تہ تون ڪنهن سان عشق پئي ڪرين...! ۽ ان سان اڪثر ملندي رهندي آهين، جنهن سان اسان جي فيڪٽري جي بدنامي پئي ٿئي، ان ڪري آئينده ايئن نہ ٿيڻ کپي...!!“
”پوءِ تون ڇا چيس...!؟“ پڇيم.
”مان گهڻو ڪجهہ چيومانس...!“ مايوسي وچان وراڻيائين:
”تہ اهو منهنجو ذاتي معاملو آهي، توهان هرو ڀرو ان ڪي فيڪٽري جو حصو نہ بڻايو پر پوءِ بہ هو پنهنجي هوڏ تان نہ لٿو، ان ڪري اسان ۾ تمام سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي. جنهن سبب اسسٽنٽ مئنيجر ۽ ٻيا ڪي ملازم وچ ۾ پئجي ويا ۽ وڏي مشڪل سان گهڻي ٽائيم گذرڻ ڪان پوءِ معاملو ٿڌو ٿيو...!“
”پوءِ تون اها گهٽيا قسم جي نوڪري ڇڏين ڇو نہ ٿي ڏين...؟؟“ چيم.

”مان نوڪري نہ...! توکي ڇڏڻ آئي آهيان...! ڇا تون مونکي وساري سگهندين...!؟“

”موٽ ۾ مون ڪيس گهوري ڏٺو تہ ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين، اکيون پرجي آيون هيس پر تنهن هوندي بہ پاڻ کي نارمل رکڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين.

”شائستہ...!“چيم:

”مولائي پهريان تہ ڪنهن کي ياد ناهن ڪندا...! جيڪڏهن ڪنهن کي ياد ڪيائون تہ پوءِ پنهنجو پاڻ کي وساري ڇڏيندا آهن...!“

منهنجي ان جملي تي ڪنڌ مٿي ڪيائين پوءِ وري جهڪائي ڇڏيائين: ”مان مجبور آهيان مولائي...!مون کي هڪ خواب سمجهي حقيقت ڏانهن موٽي وڃ...!“

”تون منهنجي لاءِ نہ ئي سهي...!“ چيم: ”پر پنهنجو پاڻ تي رحم ڪري اها واحيات نوڪري ڇڏي ڏي، جتي تنهنجي حيثيت هڪ ڪٺمنڙيءَ جيتري آهي...!“

”مان مجبور آهيان مولائي...!“وراڻيائين:“اها نوڪري نہ ٿي ڇڏي سگهان...!“

”پر ڇو...؟“ پڇيم.

”ٻڌايائين...؟“

”ها...!“

”تون واقعي مولائي آهين...!“مرڪندي چيائين.

”اهو منهنجي سوال جو جواب ناهي...!“الجهندي ڪيس چيم:

”پليز شائستہ...! اجايو مسڪرائڻ جي ڪوشش نہ ڪر...! مون کي ٻڌاءِ ڪهڙي مجبوري آهي تنهنجي...!؟“

”مون تي فيڪٽري جو قرض آهي...! جيڪو مان لاهي نہ ٿي سگهان...! نوڪري ڇڏي نہ ٿي سگهان...!“

”تون فيڪٽري کان قرض ڇو ورتو هو...!؟“

”گذريل سال دهشتگردن بابا کي گولي هڻين ڪيدي هئي ...!“چيائين: ”ان جي علاج لاءِ فيڪٽري مان قرض کڻڻو پيو هيو...!“

”ڪيترو قرض آهي توتي فيڪٽري جو ...؟“

”ڇو اهو تون ادا ڪندين ڇا...!؟“کِلڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي چيائين.

”نہ...! مان مولائي آهيان...! قرض تہ ادا نہ ٿو ڪري سگهان پر پُڇڻ ۾ تہ ڪو عيب نہ آهي...!؟“

”پندرهن هزار قرض اٿم...!“

”پندرهن هزار...!؟“ حيرت مان وراڻيم.

”ها...! پندرهن هزار جيڪي اسان لاءِ تمام وڏا آهن...!“

ڏند پيڪوڙيندي چيائين: ”مون وٽ ته ماهوار ٻه اڍائي سئو روپيا به بچت نه ٿيندي آهي...!“

مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نه اچي رهيو هو، ته مان شائسته کي ڇا چوان سندس ڪهڙي مدد ڪيان...!

”شائسته...!“ خاموشيءَ جي ڪُڪ ۾ لت هڻندي چيم:

”مان مولائي آهيان...! توکي ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڪجهه به ناهي...!“

”تو وٽ سڀ ڪجهه آهي...!“ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙيندي چيائين:”تو وٽ سڀ ڪجهه آهي پر...پر مون وٽ هاڻ تنهنجي لاءِ ڪجهه به ناهي...! تون مونکي اها محبت ڏني جيڪا مرڻ مهل تائين مان نه وساري سگهنديس پر مان موت ۾ توکي جدائي ڏيان ٿي...!“

ايئن چئي هوءَ خاموش ٿي وئي، مان به خاموش رهيس.

”جيڪڏهن مون اها رقم ايندڙ مهيني جي ٽئين تاريخ تائين ادا نه ڪئي ته هميشه لاءِ فيڪٽري جي ٿي رهجي وينديس، جتي منهنجي حيثيت ڪتمنڙي کان وڌيڪ ڪجهه به نه هوندي...!“

ڪجهه گهڙين جي خاموشي کان پوءِ چيو هئائين:

”اهو فيصلو منهنجي ۽ مئنيجر جي جهيڙي دوران اسسٽنٽ مئنيجر ڪيو هو...! ايئن سمجهه ته مولائي مان پندرهن هزارن ۾ فيڪٽري مئنيجر وٽ گروي ٿيل آهيان...! ۽ مون کي پڪ آهي ته مان ايندڙ مهيني جي ٽئين تاريخ ته نهيو پر ايندڙ ٽن صدين تائين به اهو قرض لاهي نه سگهنديس، ان ڪري مان صرف مئنيجر جي اشاري تي هلنديس ۽ ٽئين تاريخ کان پوءِ مان، مان نه رهنديس...! مان مجبور آهيان، مون کي وساري ڇڏجانءِ...!“

شائسته هاٿي روئي پئي هئي اکيون اگهندي چيائين:

”عورت قربانيءَ جو ٻيو نالو آهي...! ان ڪري هر عورت کي ڪڏهن نه ڪڏهن قرباني ڏيڻي پوندي آهي پر پوءِ به ڪيس بدڪردار ۽ بيوفا جا لقب ملندا رهندا آهن...!“

”تون بدڪردار يا بي وفا ناهين...!“

”ته پوءِ تون مون کي ڇا ٿو سمجهين...!؟“

”ٻڌايائين...؟“

”ها ... ٻڌاءِ...!“

”تون ڏائڻ آهين...!“کِلندي چيم.

اها الڳ ڳالهه هئي ته اکيون منهنجون به آليون هيون.

”ها...! مان ڏائڻ آهيان...!“ اٿندي چيائين:”ان ڪري مون سان هاڻ ڪڏهن به نه ملجانءِ...! نه ئي فون ڪجانءِ ...!“

”ڇو...؟؟“

”ٻڌايانءِ...؟“
”ها...!“
”تون مولائي آهين ۽ مان ڏائڻ ...!!“
ايئن چئي هوءِ هلي ويئي هئي پر مان ويٺو رهيس، ڪافي دير ويٺو رهيس پوءِ خبر ناهي ڪهڙي مهل گهر هليو ويو هيم.

جيئن جيئن ٽين تاريخ ويجهو ٿيندي ٿي وئي، تيئن تيئن مان اندران ڀَورو ٿيندو ٿي ويس ۽ منهنجو وجود ذرو ذرو ٿي اڏامندو ٿي ويو، ايئن محسوس ٿيندو هو تہ ’منهنجي دل، منهنجي جسم مان نڪري، ڪسڪي هيٺ ڪري، پرزا پرزا ٿي ويندي...!‘ منهنجي ان ڪيفيت تي نبي داد، مجيد سُجو توڙي هيڊ ڪلارڪ ڏاڏو حيران هئا، ڪافي ڀيرا پڇيو بہ هئائون، پر هر ڀيري ٽارائي ويو هئس پر ٽين تاريخ کان هڪ ڏينهن اڳ مان پڄي پورا پورا ٿي رهيو هئس ڇو تہ ’انسان مٿي جو نهيل آهي ۽ مٿيءَ تي ڪو بہ اعتبار ڪونهي تہ هو ڪڏهن ٿي پري، ڪڏهن ٿي ڇڻي...!‘ پر ان ڏينهن منهنجي وجود جي مٽي ڀُري رهي هئي ان ڪري پانيم ٿي تہ اڄ مان ڪنهن بہ لمحي مٽي سان ملي مٽي ٿي ويندم.

”يارمولائي...! اسان کي ٻڌاءِ تہ ڪجهہ ڏينهن ۾ هيءَ اوچتو ئي اوچتو توکي ڇا ٿي ويو آهي...؟“ نبي داد پڇيو پر مان خاموش رهيس.

” تون ٻڌائين ڇو نہ ٿو آخر...!“ هن ڀيري نبي داد ٻانهن کان ڇڪيندي چيو:

”آخر توسان مسئلو ڪهڙوآهي جنهن جي ڪري ڪافي ڏينهن کان پريشان آهين...؟ تون ٻڌاءِ تہ سهي جيڪڏهن اسان تنهنجي ڪا مدد نہ ڪري سگهياسين تہ گهٽ ۾ گهٽ تنهنجي ڏک ۾ شريڪ تہ ٿينداسين...!“

”مان مري ويندس...!“ وراڻيم.

”مولائي ڪڏهن بہ ’مري‘ نہ وڃي سگهندا آهن...!“مجيد سُجي چيو:

”ان ڪري تون بہ ’مري‘ نہ ويندين...!“

”تہ پوءِ مان پيالا ڪري ويندس...!“ چيم.

”پر تون پيالا ڇو ڪندين...؟“ نبي داد پڇيو.

موٽ ۾ مون کين سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو.

”بس ڀاڙيا ايتري ڳالهہ جي ڪري ٿو روئين...!؟“

نبي داد ٺهڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي چيو پر ٺهڪ ڏئي نہ سگهيو هو:

”۽ ايترو دل شڪستہ ٿيو آهين جو مرڻ جون فضول ڳالهيون پيو ڪرين..؟“

”اها ڪا گهڻ ڳالهه ڪونهي...!“چيم:”جو شائسته جهڙي معصوم ڇوڪري صرف پندرهَنِ هزارن ۾ هميشه لاءِ فيڪٽري جي ٿي رهجي وڃي ۽ سندس حيثيت ڪتمنڙي جيتري به نه هجي، بس مان مري ويندس پر شائسته کي روز جيئندي مرندي ڏسي نه سگهندس...!“

”پر تون به مري نه سگهندين...!“ نبي داد وراڻيو: ”مان توکي مامي سلطان راهي جيان مرڻ نه ڏيندس...! تون جيئندين اجان گهڻو جيئندين توکي ڪو ماري نه ٿو سگهي...!“

” زندگي موت آڏو بيوس آهي...!“چيم:

”اڄ تائين نپولين، هٽلر، چنگيز جهڙي ظالمن کان وٺي سپر پاور ملڪن جي بادشاهن تائين ڪو به موت کان پاڻ بچائي نه سگهيو آهي. اسان ته مولائي آهيون، سُچا آهيون، بين الاقوامي بيوس آهيون، ڪنگال آهيون، اسين ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهون...!“

”ها پر...! مان توکي صرف پندرهَنِ هزارن ۾ مرڻ نه ڏيندس...!“ نبي داد چيو: ”مان تنهنجي مدد ڪندس...!“

”مان پنهنجي مدد پاڻ نه ٿو ڪري سگهان...!“چيم:

” ته پوءِ نبي داد...! تون منهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهندين...!؟“

”مون کان جيڪو ٿي سگهندو مان ڪندس...!“ نبي داد وراڻيو:

”توکي ان ڏيڻ مان آزاد ڪرائڻ ۾ وسان ڪين گهٽائيندس...!“

اسان سڀ وري خاموش ٿي هڪ ٻئي ڏانهن سواليه نگاهن سان تڪڻ لڳا هئاسين. هوندئن اسان جڏهن به ڳالهائيندا آهيون ته هيڊ ڪلارڪ ڪجهه نه ڪجهه ضرور چوندو آهي پر اڄ هو به اسان کي خاموش خاموش نگاهن سان تڪي رهيو هو. آفيس ٽائيم ختم ٿيڻ ۾ باقي پنج منٽ هئا، هيڊ ڪلارڪ اسان کي پنهنجي پگهار وٺڻ لاءِ سڏيو، مجيد سُجو ۽ نبي داد پگهار وٺي وري پنهنجين ڪرسين تي ويهي رهيا، هاڻ منهنجو نمبر هو. مان ٿڪل قدمن سان هيڊ ڪلارڪ وٽ پهتم، ڪائنس پگهار جا پيسا وٺي واپس ورڻ لڳس ته آواز ڏنائين:

”مولائي...! هي وٺ...!!“

”پر هي پيسا ڪنهنجا آهن...!“ حيرت مان پڇيم.

”منهنجي پگهار جا ٽي هزار آهن...!“ وراڻيائين:

”توکي ڏڪئي وقت ۾ ڏيڻ لاءِ مسٽر نوريئڙيءَ وٽ هن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي...!“ اهو ٻڌي مون ڪيس گهوري ڏٺو سندس هٿ مون ڏي وڌيل هو ۽ نظرون ٽيبل ۾ ڪتل هيس.

”وٺ مولائي...مون کان هي وٺ ...!“

وري چيائين:

”مان توکي هي ڪو چندو ڪو نہ ٿو ڏيان، نہ تون ان کي قرض سمجهہ. بس مون کي توسان همدردي آهي، ان ڪري تنهنجي پنهنجي وس آهر مدد ڪرڻ ٿو گهران...! ڏس انڪار نہ ڪجان...!“

اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ٻڌي دل پئي چيو تہ ’جيڪر هيڊ ڪلارڪ کي پاڪر ۾ ڀري روئي پوان‘ پر ايئن ڪري نہ سگهيس بس ڏڪندڙ هٿن ۾ ٻڏندڙ دل سان ڪائنس پيسا وٺي واپس پنهنجي ڪرسي تي ويهي رهيس.

”مولائي هيءُ وٺ...!“ نبي داد چيو: ”هيءُ منهنجو لاڪيٽ اٿئي ۽ ان سان گڏ پگهار جا ٻہ هزار بہ تون لاڪيٽ ڪپائي شائستہ کي بچائي وٺ ...!“

”مان ايئن نہ ڪندس...!“ نبي داد کي چيم:

”تون بہ مون وانگي مسڪين مولائي آهين ...!“

”توکي ايئن ڪرڻو پوندو...!“ ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين:

”توکي ايئن ڪرڻو پوندو...!“

”پوءِ سڄو سارو مهينو ڪيئن گذرندئي...؟“ پڇيم.

”ڦاڪا ڪٽيندي ڪيئي مهينا گذاري ڇڏياسين پيارا...!“ وراڻيائين:

”هي مهينو بہ گذري ويندو...!پاڻيان ٿو تہ لاڪيٽ جا ٽي هزار ملندئي، ٽي هزار هيڊ ڪلارڪ جا ۽ تنهنجي پگهار جا، ٽوٽل ڏهہ هزار ٿي ويا ۽...۽ باقي...!“

هو منجهي پيو هو سندس نظرون مجيد سُڃي ۾ کُپي ويون هنيون مان بہ مجيد سُڃي کي گهورڻ لڳس.

”نہ مولائي نہ...! مان توکي عشق جي شروعات ۾ ئي چئي چڪو هيم تہ اڳتي مون ۾ ٽڪيءَ جي بہ اميد نہ رکجانءِ...!“

ايئن چئي مجيد سڄو تيز تيز قدم کڻندو آفيس مان نڪري ويو.

”پرواهہ ناهي پيارا...!“ نبي داد دلداري ڏيندي چيو:

”تون ڪتمنڙا فيڪٽري جي مئنيجر کي ڏهہ هزار روڪ ۽ باقي پنج هزار ايندڙ مهيني جي ضمانت ڏيندين، اميد تہ هو مڃي ويندو...!“

”ٺيڪ آهي...!“ چيم: ”جيڪڏهن مئنيجر ڏهہ هزار وٺڻ ۾ راضي بہ ٿي وڃي تہ پوءِ ايندڙ مهيني پنج هزار ڪٿان ايندا...!؟“

”الله مالڪ آهي...!“ وراڻيائين:

” تون ڳڻتي نہ ڪر، رڳو مامي سلطان راهي کي پهچڻ ڏي...!“

”سلطان راهي ڪڏهن بہ نہ ايندو..!“ چيم: ”هو هاڻي ڪڏهن بہ نہ ايندو..!“

”ايندو...!“ اٿندي چيائين:

”ضرور ايندو...! تون ٽين تاريخ ڪان پهرين ڪتمنڙا فيڪٽري وڃ...!“

ايئن چئي نبي داد به هليو ويو. مون پهريون ڀيرو سندس آواز ۾ ڏکٽي محسوس ڪئي هئي، جنهن ڪان پوءِ مان به آفيس مان نڪري ويس. رستي ۾ هڪ سوناري کي سونو هار وڪيم جنهن ايڪتيهه سوَ ڏنا، هاڻ مون وٽ ڏهه هزار هڪ سئو روپيا هئا ۽ منهنجو رُخ انٽرنيشنل ڪتمنڙا فيڪٽري ڏي هو. مان سوچي رهيو هئس ته جيڪڏهن شائستہ آفيس ۾ موجود هوندي ته مان واپس هليو ويندس، جڏهن شائستہ به هلي ويندي ته پوءِ اڪيلائي ۾ سندس مئنيجر سان ملندس ته جيئن ڪيس ڪڏهن به خبر نه پوي ته منهنجو قرض ڪنهن ادا ڪيو. اڃان ڪتمنڙا فيڪٽري ڪافي پري هئي ته اوچتو خيال آيو ته ’چو نه جيڪر نبي داد کي به پاڻ سان گڏ وٺيو وڃان، هو مئنيجر سان ڳالهائڻ ۾ مدد ڪندو‘ اها سوچ ايندي ئي مان واپس وريس، هاڻ منهنجو رُخ نبي داد جي گهر طرف هو . مان سوچن جي گهري سمنڊ ۾ غوطا کائي ايترو ته ساڻو ٿي پيو هئس جو نبي داد جو در به کڙڪائي نه سگهيس ۽ اندر داخل ٿي ويم، ۽ ورانڊي ۾ بيٺو ئي رهجي ويس. ڪمري مان سندس گهر واريءَ جو آواز ڪنن تي پيم.

”نبي داد...! مون توکي پنهنجو لاڪيٽ گُم ڪرڻ لاءِ نه...! ڪپائڻ لاءِ ڏنو هو ته جيئن مان پنهنجي ’مُرڪ‘ جو آپريشن ڪرائي سگهان...!“

”مان ڄاڻي واڻي سونو لاڪيٽ گُم نه ڪيو آهي..!“ نبي داد جو آواز آيو: ”بس ايئن ٿيڻو هو، پنهنجي قسمت ئي ٽتل ڦتل آهي پياري...!“

”پر هاڻي ڇا ٿيندو..؟“سندس گهر واريءَ جي آواز ۾ ڏکٽي نمايان هئي: ”ڊاڪٽر چيو هو ته جيڪڏهن هفتي اندر مرڪ جو آپريشن نه ڪيو ويو ته مرڪ...! مرڪ...!!“

ايئن چئي شايد سندس گهر واري سڏڪا ڀرڻ لڳي هئي،

”مان تنهنجي دل جي ڪيفيت ڄاڻان ٿو...!“ نبي داد جو آواز آيو:

”۽ مرڪ جي تڪليف جو به احساس آهي...! پر مان ڇا ڪيان مجبور آهيان، جيڪڏهن تنهنجو گم ٿيل لاڪيٽ لڀي به وڃي ته به مرڪ جي آپريشن لاءِ ناڪافي آهي...!“

”تون هن ڏکئي وقت ۾ دوستن کي ڇو نه ٿو آزمائين...!“ سندس گهر واريءَ چيو.

”هو منهنجا آزمايل آهن...!“ نبي داد چيس:

”هو مون کان پائي به نه رکندا...! پر هو به اسان وانگر مجبور آهن، بيوس آهن... پر تون يقين ڪر جنت...! مان مرڪ کي مرڻ نه ڏيندس... مرڪ مري نه ٿي سگهي....! مرڪ مري نه ٿي سگهي...! مرڪ ڪائنات جي وجود تائين زنده رهندي...!“

مان وڌيڪ بيهي نه سگهيس ۽ اندر سندن ڪمري ۾ داخل ٿي ويس. مون کي ايئن اوچتو ئي اوچتو پنهنجي سامهون ڏسي نبي داد توڙي سندس گهر واري حيران ٿي ويا، نبي داد جي گوڏي مٿان ’مرڪ‘

ستي پئي هئي يا شايد هوءَ بيهوش هئي جڏهن تہ سندس گهر واري ڪٽ جي پيراندي کان ويٺي پنهنجا ڳوڙها ٿي اگهيا...!

”نبي داد توکي ايئن ڪرڻ نہ گهربو هو...!“چيم:

” تومون سان دوکو ڪيو آهي...!!“

”اڙي يار...! تون ... تون...! هي ڇا پيو چوين...؟؟“نبي داد چيو.

جيڪو هاڻ مرڪ کي وهاڻي تي ليٽائي منهنجي سامهون اچي بيٺو هو.

”مون سڀ ڪجهہ ٻڌي ورتو آهي نبي داد...!“چيم:

”مرڪ منهنجي هوندي مري نہ ٿي سگهي...!“

”او...! تہ اها ڳالهہ آهي...!“ مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين: ”اڙي مون کي خبر هئي تنهنجي اچڻ جي...! ان ڪري توسان ڊرامو ٿي ڪيوسين...! مرڪ بلڪل ٺيڪ آهي...!“

”مان ڄاڻان ٿو ان ڊرامي کي...!“چيم:

”ڇو تہ ان ڊرامي جو لکندڙ مان ئي آهيان...! تو اهو ڪيئن سمجهي ورتو...تہ مان پنهنجي مرڪ کي هميشہ لاءِ ماري، ڏائڻ کي آزاد ڪرائيندس، اڙي مان تہ مرڪ لاءِ پاڻ کي بہ ماري سگهان ٿو پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪري سگهان ٿو...! صرف هڪ ڀيرو تون مون سان ڳالهہ تہ ڪرين ها...! ڇو تہ مان صرف ’مولائي‘ تائين محدود نہ آهيان پر مان تنهنجو دوست ۽ مرڪ جو چاچو بہ ٿيان پر تو مونسان ويساهہ گهاتي ڪئي آهي نبي داد...! مان توکي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندس...!“

ان تي هميشہ کلندڙ ۽ کلائيندڙ نبي داد ٻارن جيان روئي پيو هو، لفظ بہ نہ ڪڇيائين...! بس مون کي ڀاڪر ۾ ڀري روئيندو ئي رهيو...! ڪافي دير کان پوءِ شايد پوري قوت گڏ ڪري چيائين:

”يار...! مرڪ ڪافي وقت کان بيمار آهي، ڊاڪٽرن جي چوڻ مطابق سندس آنڊي ۾ ڪا خرابي آهي، ان ڪري سندس علاج آپريشن کان سواءِ پيو ڪجهہ بہ ناهي... نہ تہ ... نہ تہ... هوءَ مري ويندي...!!“

”مرڪ ڪڏهن بہ ناهي مرندي...!“چيم: ”ان ڪري هاڻ بہ نہ مرندي...! ڇو تہ مون تنهنجو گُم ٿيل لاڪيٽ وڃائڻ کان اڳ ڳولهي لڌو آهي...!“

ايئن چئي مان پنهنجي ڪيسي جا سمورا پيسا ڪڍي سندس ڪيسي ۾ وجهي ٻاهر نڪري آيس ڇو تہ مون ۾ وڌيڪ اتي بيهڻ جي همت نہ هئي.

آئون شهر جي مختلف روڊن رستن تي ايئن اجايو ئي رلندو رهيس.گهڻو وقت آواره گردي ڪندو رهيس، ڇو تہ مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ اچي رهيو هو، ذهن بہ ڪافي منجهيل هو. هاڻ شام ٿي چُڪي هئي، سج لهڻ وارو هو مون ان ڪري پنهنجي گهر ۾ پناهہ وٺڻ ٿي چاهي ۽ گهر پنهنجي ڪمري ۾ پهچي دل گهريو تہ ’جيڪر پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي اندر جو آڙاهہ ٻاهر ڪڍي ڇڏيان پر مون کي ايئن ڪرڻ جي ضرورت نہ پئي، منهنجو ننڍو ڀاءُ منهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ هڪ لفافو ڏيندي چيائين:

”ادا هي ڪجهه دير پهريائين هڪ ماڻهو اوهان جي نالي ڏئي ويو آهي، ڪافي پريشان ٿي پانيومانس...!“

ايئن چئي منهنجو پاءُ هليو ويو، مان جلدي لفافو کولي ان مان ڪاغذ ڪڍي پڙهڻ لڳس لکيل هو:

”پنهنجي دوست مولائي ڏانهن مجيد سُڄي طرفان ڪجهه سٽون...!

پيارا دوست...! مون کي معاف ڪجو، مان ڪڏهن به اوهان جي ڪم نه اچي سگهيو آهيان، ۽ اوهان تي هميشه بار رهيس، موت ۾ اوهان به سُڄو سڏيندا هُئو ان ۾ اوهان جو ڪو به قصور ڪونهي ڇو ته شايد اوهان نه ٿي ڄاتو ته ’منهنجي ماءُ کي ڪينسر هو ان ڪري پائي پائي گڏ ڪري سندس علاج ڪرائيندو هئس اڄ سندس آپريشن ٿيڻو هو، سوچيو هيم ته اوهان کان ۽ نبي داد کان پگهار جا سڀ پيسا قُري وٺندس پر ايئن ڪري نه سگهيس، ڇو ته توهان به مجبور هيو...! مان به هزار پگهار جا ۽ پيا به اڍائي هزار جيڪي مان ٽڪو ٽڪو ڪري امڙ جي علاج لاءِ گڏ ڪيا هئا...! ڪٺي اسپتال پهتس پر جيئن ته ساڍن چئن هزارن ۾ ڪينسر جهڙي موذي مرض جو ڪٿي ٿو آپريشن ٿئي، ان ڪري مان سندس آپريشن نه ڪرائي سگهيس ۽ اڄ شام اوچتو ئي اوچتو امان مٿي آسمان ڏي هلي وئي...! مون کي امان سان بي انتها محبت هئي پر هاڻ هوءَ به نه رهي آهي، هاڻ هيڏي ساري دنيا ۾ پيو منهنجو ڪو به نه رهيو آهي...!

ان ڪري مان توهان کان، دنيا کان تمام گهڻو پري هليو ٿو وڃان جتي مان پنهنجو پاڻ کي به نه سڃاڻي سگهان، ٿي سگهيوَ ته مون کي معاف ڪجو ۽ وساري ڇڏجو ...!!!“

فقط مجيد سُڄو...!

هاڻ سج لهي چڪو هو هر طرف ڪاري راڪاس جهڙي رات پنهنجا خون خوار پر پکيڙي شڪار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو الاءِ جي ڇو ان وقت محسوس ٿيو ته ’جيڪر اسان به ان راڪاس جهڙي رات هٿان شڪار ٿي ويا هئاسين ۽ آهستي آهستي ان ۾ جذب ٿيندا ٿي وياسين...!‘ هاڻ ته مون کي منهنجو وجود به ڏنڊلو ڏنڊلو محسوس ٿي رهيو هو ۽ آءُ پنهنجو پاڻ کي نظر نه ٿي آيس، ان وقت خبر ناهي ڪيئن مان پنهنجي سائي پڙڪيم:

”نه نه...! مجيد تون سُڄو ناهين...! سُڄيون ته اسان جون سوچون آهن سُڄي ته خود دولت آهي، سُڄا ته اسان جا ڪامورا ۽ مئنيجر آهن پر اسان سُڄا نه آهيون، ڇو ته لڙڪ لڪائي مرڪ ڏيڻ وارا سُڄا نه شاهوڪار هوندا آهن...!!!“

***

سنڌو سڪندو

مان ڪافي وقت کان هوٽل تي ويٺو هئس، ذهن ڪافي منجهيل هو اخبار اکين آڏو هئي چانهہ جو بہ ڪافي وقت اڳ بيري کي چيو هيم پر هن مهل تائين ظاهر نہ ٿيو آهي. جنهن تي ڪافي ڪاوڙ آئي هئي،بيزاري مان اخبار مان نظرون ڪڍي هيڏانهن هوڏانهن نهاريم، هوٽل تقريبن سڄو ڀريل هو سڀ ماڻهو هڪٻئي سان حال احوالي هئا خاموش هئس تہ مان هونءَ بہ ڳالهايان تہ ڪنهن سان منهنجي سامهون واري ڪرسي خالي هئي ان ڪري هڪ ڀيرو وري نظرون اخبار ۾ کپائي ڇڏيم.

”صاحب... چانهہ...!“

ڪجهہ گهڙين کان پوءِ بيرو چانهہ مون آڏو رکي اڳتي وڌي ويو.چانهہ جي سرڪ ڀريندي هوٽل جي مک دروازي ڏانهن ڏٺم هڪ نوجوان اخبار هاڪر اخبار جون مکيہ خبرون زور سان پڙهندي هوٽل اندر داخل ٿيو.

”وزير اعظم سرڪاري طور تي ڪالاباغ ڊيم اڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو...!“ هاڪر اهي هوڪرا ڪوڪرا ڪندو هوٽل مان نڪري ويو صرف هڪ اخبار کپي هيس!مان چانهہ جو ڪوپ خالي ڪري چڪوهئس جو هڪ ٻيو هاڪر رڙيون ڪندو هوٽل اندر آيو.

”قبي ۾ٌسان قبائلي جهيڙو تفصيل اڄوڪي هن اخبار ۾ پڙهو...!“

ان سان گڏ هو جهيڙي بابت ڪجهہ هٿ ٺوڪيا جملا بہ چوڻ لڳو. ٿوري ئي وقت ۾سندس ڪافي اخبارون کپي ويون ماڻهن جي ڳالهين جو موضوع هڪدم تبديل ٿي ويو سڀ جهيڙي بابت ڳالهائڻ لڳا هر ڪنهن جهيڙي بابت ڪنهن خانداني نجومي جيان اڳڪٿيون ٿي ڪيون اڻ پڙهيل، پڙهيل کي وات پٽيون ٻڌي رهيا هئا. ڪجهہ اڻ پڙهيلن تہ ڪمال ڪري ڇڏيو اخبار خريد ڪري پڙهيلن کي منٿون ڪرڻ لڳا تہ وارو ڪريو سائين پڙهي ٻڌايو تہ قبائلي جهيڙو ڪٿي پهتو هڪ همراهہ مون کي بہ پاسو ڏنو ڪائنس اخبار وٺي جهيڙي بدران ڪالاباغ ڊيم جي مسئلي کي وڌيڪ اهميت ڏيندي هن بابت خبرون پڙهڻ لڳس تہ ڪرڪندي چيائين:

”ڪالاباغ ڊيم وري ڪهڙي بلا آهي ادا ...!“

”ڪالاباع ڊيم اصل ۾ ڪارو نانگ آهي وراڻيم.“

”جيڪو سنڌو مٿان اڏي رهيا آهن جنهن جي ٺهڻ سان اسانجي فصلن کي پاڻي ملڻ تہ ٺهيو پر پاڻ پاڻي پيئڻ لاءِ بہ سڪنداسين..!“

”اڙي بابا...! هي وري ڪهڙا وائي حال احوال ٿو ڪرين ..!مونکي صرف اهو ٻڌايو تہ جهيڙي واري زمين ڪهڙي ڏر ڪي ملندي ڇاڪاڻ تي ڪير آباد ٿيندو...؟“

”چاچا...!“ چيم: ”جيڪڏهن ڊيم ٺهي ويو تہ پوءِ شايد الله ئي ان زمين کي آباد ڪري باقي اها ڪنهن بہ ڏر جي وس ڳالهہ نہ رهندي، ان ڪري اوهان ڀيريان ڪالاباغ ڊيم خلاف احتجاج ڪري ان کي ٺهڻ نہ ڏيو پوءِ ڪنهن ڏر جي زمين آباد ڪرڻ جي ڳالهہ ڪريو...!“

”وڏو ڪو بد دماغ آهين...!“ ست ڏئي اخبار ڪسيندي چيائين:

”رڳو ڪالاباغ ...ڪالاباغ ڪيون وينو آهين، چٽ اهوئي چٽ...!“

ائين چئي هو اٿي هليو ويو مان وري اخبار پڙهڻ لڳس

”معاف ڪجو جناب...!“

ڪجهہ دير ڪا پوءِ ڪنهن اخبار کي ڇڪيندي چيو ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺم تقريبن پنجويهہ سالن جو هڪ نوجوان بيٺو هو.

”ٻہ منٽ اخبار پڙهڻ لاءِ ڏيندئو...؟“

مون ڪيس ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو چو تہ اخبار مون کان ڀيريان ئي وٺي چڪو هو. مان سمجهي ويو هئس بلڪہ افسوس ٿي رهيو هو تہ هي نوجوان بہ مفت خور آهي پر وري خيال آيو تہ شايد هن همراهہ کي ڪالاباغ ڊيم جي نقصانن جو پورو پورو علم هوندو! اخبار پڙهڻ کان پوءِ آئون سندس سان ان باري ۾ گفتگو ڪندس ۽ ڪائنس راءِ بہ وٺندس پر مون کي ان وقت سخت مايوسي ٿي جڏهن نوجوان اخبار جي فرنٽ پيج جيڪو اڄ ڪان وڏيڪ ڪالاباغ ڊيم جي نقصانن خطرن انديشن ۽ خبرن تي مشتمل هو ان تي توجہ ڏيڻ بجاءِ ٻي ڪا خبر ڳولهڻ لڳو .

”او...هو...اها خبر تہ ڳولهيان پيو...!“

خوشي وچان اخبار کي ابتو چنبو هٽندي چيائين ۽ پوءِ منهنجي سامهون رکيل ڪرسي تي ويهي رهيو هو.

”ڪهڙي خبر پيو پڙهين...!“ خفا ٿيندي ڪائنس پڇيم.

”اهائي جهيڙي واري...!چو توهان نہ پڙهي آهي چا...!؟“حيرت مان پڇيائين ”ڪيڏا نہ زبردست بيان آهن ميرن پيرن وڏيرن جا...!“

”ان کان اهم خبرون مٿي لڳل آهن...!“ چيم

”چا انهن جي ڪابہ اهميت ڪونهي...؟“

”مٿي سڀ بڪواس آهي...!“ هڪ لمحي لاءِ نظرون اخبار مان ڪڍي وري نظرون اخبار ۾ کپائيندي چيائين:

”اخبار وارا بہ وڏا نالائق آهن جو اهڙيون خبرون هيٺ ننڍين سرخين ۾ هلائين ٿا ۽ ڪالاباغ ڊيم جهڙي پاروٿي مسئلي کي هر پيرو مٿي موڪيلن...! اڙي بابا ڪالاباغ ڊيم نهي يا نہ نهي اسان جي گهران ڇا ويندو جو اسان وچ ۾ پئون... پاڻ کي تہ هن ئي علائقي ۾ رهڻو آهي نہ...! ميرن پيرن وڏيرن سان گڏ...!“

”اهي بہ تڏهن امير رهندا..!“ چيم:

”جڏهن پاڻي هوندو فصل ٿيندو آنَ لهندا... بهاري ٿيندي... ساوڪ هوندي... خوشي هوندي...!“

موٽ ۾همراهہ کوبہ جواب ڪونہ ڏنو خاموش رهيوسوچيم يقينن منهنجي آخري جملن ڪجهہ اثر همراهہ مٿان ڇڏيو هوندو پر مان غلط هيس هن منهنجا جملا ٻڌا ئي نہ هئا يا اهميت نہ ڏني هئائين جهيڙي بابت مڪمل خبرون پڙهڻ کان پوءِ ڪجهہ اداڪارائن جا بيان بہ چاهہ مان پڙهي اخبارکي اندارن کوليائين ايڊيٽوريل جي پاسي ۾ هڪ پئي هيٺان ڪالاباغ ڊيم بابت بہ ڪالم ڇپيل هئا ۽انهن جي پاسي ۾ لاڙڪاڻي جي ڊائري ۾ ان قبائلي جهيڙي بابت مٿاڇري نگاهہ وڌي وئي هئي جيڪا ڳالهہ بہ همراهہ کي ڏاڍي وڻي خوشي مان ڪڇيون ڏيندي شايد پنهنجو پاڻ کي ئي چيائين:

”وات ڳاڙها ڇورا...! ڪالاباغ ڊيم جهيڙي ڪِروڙي موضوع تي وڏا وڏا ڪالم لکي عوام کي بيوقف بڻائي پاڻ کي وڏا ڏاها ۽ دانشور ٿا سمجهن ٿا...اڙي توهان کي لکڻو آهي تہ سنڌ جي حقيقي مسئلن تي لکو جيئن هن لاڙڪاڻي وارو پيائو لکيو آهي .. شال ٻچا جيئنس ...!“

ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي هڪ مفت خور پيو وري دانشوراڻي انداز ۾ دهمان پيو ڪري سوچيم اخبار ڦري ونانس، مان پيو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس پر افسوس ائين بہ نہ ڪري سگهيس هن ڊائري پڙهي پوري ڪئي ۽ پوءِ اخبار مون حوالي ڪندي مهرباني چئي هليو ويو مون الله جو شڪرادا ڪريو جنهن هن عجيب آفت مان سهڻي نموني جان ڇڏائي هئي مون اخبار ۾ڪالاباغ ڊيم بابت ڏنل سمورو مواد پڙهي پوري ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي آڏو رکيل خالي پنن تي ڪجهہ لکڻ وارو ئي هيس جو مون کان ٿوري ئي پري رکيل ڪرسي تي (اهو هاڪر جيڪوڪجهہ گهڙيون پهريان جهيڙي واريون سرخيون زورسان پڙهي رهيو هو) ويهي رهيو اخبار هڪ بہ نہ هيس شايد سڀ کپائي آيوهو ۽ هاڻ پيسا پئي سنڀاليائين ان کي ويٺي ٿوري ئي دير نہ گذري هئي جو هڪ پيو هاڪر جيڪو ڪالاباغ ڊيم بابت ماڻهن کي آگاهي ڏيئي رهيو هو ڪافي اخبارون اجان بہ هٿ ۾ هيس ڇو يار...! پهرين هاڪر پيسا ڳڻيندي پڇيس:

”اجان بہ اخبارون بچائي آيو آهين ڇا...؟“

”ها يار...!“

”پنجويهہ ڪن...!“

”ڪل گهٽيون ڪنيون هئي...!“

”پنجاهہ ڪاپيون...!“

”پوءِ اهي بہ هن مهل تائين نہ هلائي سگهيو آهين ...؟“ (حيرت مان)

”نہ يار ...! (بيوسي مان) رڙيون تہ وڏيون ڪيون هيم، اهو سوچي تہ ڪالاباغ ڊيم جي ڪري اخبارون اڄ جلدي ختم ٿي وينديون ... پر..! “

”تون چٽ آهين...!“ پهرين هاڪر جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيس.

”چٽ نہ آهيان ...!“ ٻي وضاحت ڪئي.

”انٽر پاس آهيان... !“

”تو ڪي دماغ آهي ...!“ پهرئين چيس:

”پر عقل الله ڏئي...! تون اخبارون هيڏي ڪر اڌ ڪلاڪ ۾ٿو ڪپائي ڏيڻ ۽ ها باقي پيهر مون مان اهڙي قسم جي اميد نہ رکجانءِ...!“

ائين چئي هن ڳٽيل پيسا پنهنجي ڪيسي ۾ وڌا ۽ پوءِ ڪائنس اخبارون وٺي وڏي واڪي چوڻ لڳو:

”اڄي وئي...سائين اڄوڪي تازي ۽ ڌماڪي واري اخبار...! قبائلي جهيڙو نئون رخ اختيار ڪري ويو...ٻئي ڌريون جديد هٿيارن سان مورچا بند ٿي ويون... پوليس ناڪام... وڏي جهيڙي جو امڪان.... اڄي وٺو... وڌيڪ تفصيل هن تباهي واري اخبار ۾ پڙهو...!“

مون ڏٺو هو ڪجهہ اخبارون هوٽل ۾ئي ڪپائي ساڳي قسم جون رڙيون ڪندو اڳتي نڪري ويو... ويٺل هاڪر ڪيس حيراني مان ڏسندو رهيو... الائجي ڇو مون کي يقين ٿي ويو تہ اهو هاڪر اڌ ڪلاڪ کان بہ اڳ ۾اخبارن جو صفايو ڪري ايندو... مان حيران هئس ... پريشان هئس تہ ... هي اسان جا ماڻهو... اُف خدايا... هي اسان کي ڇا ٿي ويو آهي ... اسان ڪهڙي مستقبل ڏانهن وڃي رهيا آهيون... اسان جو آئيندو ڇا ٿيندو..! مڄيم تہ اهي جهيڙا بہ توجهہ گهرن ٿا... پر انهن جي ڪري اسان ٿوري وقت لاءِ بہ ڪالاباغ ڊيم جهڙي زندگي ۽ موت واري مسئلي کي هڪ پاسي نہ ٿا رکي سگهون اگر ڊيم ٺهي ويو تہ پوءِ يقينن اسان جو مستقبل ڊهي پوندو.... پوءِ هي جهيڙا ڪرڻ ڪرائڻ وارا... توڙي ڊيم کان لاتعلق رهڻ وارا... پاڻ بہ بک مرندا... اُڃ مرندا... پر ٿيندو ڇا ڪجهہ بہ تہ نہ... پوءِ بہ اسان ....! مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾نہ ٿي آيو... پنهنجو ئي سوچون گهٽي رهيو هيون مان سچ پچ پڌتر جو شڪار ٿي ويو هئس... حواسن کي قابو ۾ رکندي بيري کي ٻي چانهہ آڻڻ جو چيم:

”ٻي چانهہ بہ آڻيان سائين...؟“

ڪجهہ تعجب ۾ پڇيائين بيري جو ڪو بہ قصور ڪونہ هو، اڪثر تہ مان چانهہ پيئندو ئي ڪونہ هئس، ان ڪري اڄ ٻي چانهہ جو ٻڌي بيري کي يقينن حيرت ٿي هئي. وراڻيم:

”ها پر جلدي...!“

بيري جي وڃڻ کان پوءِ مون هڪ اڇي پني تي ڪجهہ لکي لفافي ۾ رکي ڇڏيو. بيري چانهہ آندي... مان پيئڻ لڳس.

”اڙي ڪوپ تہ خالي آهي ...!“

مون پنهنجي دوست جو آواز ٻڌو جيڪو هاڻ منهنجي سامهون خالي پيل ڪرسي تي ويهي رهيو هو.

”پوءِ گهڙي گهڙي ان کي چا لاءِ پيو چپن تي آڻين...!!؟“

دوست جو آواز ٻڌي ڪوپ تي هڪ نظر وڌم واقعي خالي هو.

”يار ...!“ ورائيم

”اصل ۾ ڪوپ خالي نہ ... پر منهنجي دل خالي ٿي وئي آهي...! “

”هي پڙهہ... ڏسان تہ سهي تون وري ڪهڙا ڦاڙها ماريا آهن ...!“

ائين چئي هن منهنجو لفافو ڪڍي ورتو..! مون سندس ڏنل لفافو کولي ورتو. هڪ اڇي پني تي صرف هڪ جملو لکيل هو. مون ڏانهس ڏٺو. هو بہ مون کي طنزيہ مرڪ سان گهوري رهيو هو. شايد هن بہ منهنجو لکيل جملو بہ پڙهي ورتو هو. اصل ۾اسان ٻئي ٻن مختلف اخبارن سان لاڳاپيل بہ گهرا دوست هئاسين ان لاءِ ڪالاباغ ڊيم تي پنهنجي پنهنجي اخبار ۾ پنهنجي علائقي جي ماڻهن جي تاثرن ۽ راين جي روشني ۾ هڪ ڪالم... ’سنڌو وهندو ڊيم نہ ٺهندو...!‘ جي عنوان سان لکڻو هو پر اسان ٻئي خبر ناهي ڇو...! اتفاق سان فقط هڪ جملي کان اڳتي نہ وڌي سگهيا هئاسين تہ...!

”شايد سنڌو سڪندو ڊيم بہ ٺهندو...!!!“

***

محافظ

ڇڙواڳ شهپر، نرڙ تي ٽوپي، بوسڪي جي قميص، اڇي ويڪري شلوار، ڳاڙهيون اکيون، وات ۾ گگون، شايد شراب حد کان وڌيڪ پيتو هئائين، ان ڪري ڏاڍو خوفائتو لڳي رهيو هو. جتان پئي لنگهيو، اتان ماڻهن جو وجي سسي ۾ ساهہ تي بچيو. ڇو تہ هو ان حليي ۾ جنهن کي بہ ونندو هو اصل بيڪ ئي ڪيڍي وجهندو هئس. ڪو سندس سامهون نہ ٿيندو هو، شايد ان ڪري جو هڪ پوليس وارو پيو تر جي اهم شخصيت جو مٿس هٿ ڪنهن کي ڪهڙي مجال جو سندس ڏاڍمڙسي خلاف اٽي ڪڙو ٿئي. سڀ ڪو سندس ها ۾ ها... ۽ نہ ۾ نہ ملائڻ وارو هو...

هڪ پيري جڏهن هن نشي جي حالت ۾ بيگناهہ خدابخش عرف خدن خان جي ڳچيءَ ۾ اچي هٿ وڌا هئائين تہ خدن پهريان تہ هن آفت کان پاڻ ڇڏائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي، پر جڏهن هي همراهہ نہ مڙيو تہ خدن بہ گهٽ نہ ڪئي هيس ۽ ڪنهن ريسلر جيان ڪيس ڪٽي ڪٽي تي اڇلايائين ... ايڏو ماريو هئائينس جو همراهہ رت سان ريٽو ٿي ويو هو اهو پهريون پيرو هو جو هو ماڻهن جي سامهون خدن خان جهڙي عام ماڻهو هٿان موچڙا کائي رهيو هو، جنهن تي ماڻهو دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش هئا، پر سندن چهرن تي خوف نمايان نظر اچي رهيو هو. ڪين اهو بہ خدشو هو تہ سياڻي گهڻو ڪجهہ ٿيندو...!!!

۽ واقعي ٿيو بہ...! جڏهن ان واقعي کان ڪجهہ ڏينهن ئي پوءِ خدن (جيڪو هن وقت تائين ان واقعي سبب روپوش هو) ڏاڙو هٽندي هن جي ئي پوليس پارٽي هٿان مارجي ويو هو. سندس سڄي جسم تي تشدد جا واضح نشان هئا. بقول هنن جي تہ اهي گولين جا گهاءَ هئس پر ماڻهن کي ان ڳالهہ تي بہ تعجب نہ پئي ٿيو، هو تہ ان ڳالهہ تي حيران هئا تہ خدن جنهن کي ٻارهن ئي مهينا پوريون ڪلهي تي هونديون هيون، ان جي ڪلهي ۾ رائيفل ۽ گوليون ڪيئن آيون ۽ هو ڏاڙو هٽندي ڪيئن مئو..! ان کان علاوه هن خدن جي گهر تي ڪامياب ڇاپو هڻي بغير لائسنس جي ڪافي تعداد ۾ هٿيار پڻ هٿ ڪيا هئا، جنهن ڪري سندس پيءُ کي بہ چالان ڪيو ويو هو. ان حيرت انگيز واقعي کان پوءِ سندس دهشت حقيقت جو روپ ڌاري وئي هئي. هاڻي سندس نالو وٺندي بہ ماڻهو ڀيتون ڏيڻ لڳندا هئا.

اڄ بہ خبر نہ هئي تہ ڪنهن جي قسمت ٽٽڻي ۽ ڦٽڻي هئي جو هو ٽڙندو

ٿاپڙندو شهر جي هڪ مشهور هوٽل طرف وڌڻ لڳو، هوٽل ۾ويٺل سڀ ماڻهو وائڙا ٿي ويا هئا ڪجهہ تہ هيڏانهن هوڏانهن کسڪي ويا... ڪن کان چانهہ پيئڻ وسري وئي هئي... ۽ ڪن کان بوتلون اڌ ۾ رهجي ويون هيون... خود هوٽل جو مالڪ جيڪو سدائين ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي مزدورن تي ڌمرجي پوندو هو، ڪين خوب دڙڪا دهمان ڏيندو هو، بي انتها ٿلهو هجڻ جي ڪري سندس ڇهڙي ۾ڏاڍو رعب ۽ دٻدٻو هوندو هئس، لڳندو تہ ائين هو جو هو ڪنهن کي مڪ هڻي وجهي تہ اهو همراهہ ڪجهہ لمحا هوش ئي

وجائي ويهي، سو اڄ هن کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي ڪرسي تي ئي اهڙي طرح آهلجي پيو هو جو ڄڻ اگهور ننڊ ۾ هجي، بس گهونگهرن مٿان گهونگهرا ٿي هنيائين. هو هاڻ هوٽل جي دروازي وٽ پهچي چڪو هو آس پاس مڪمل خاموشي ڇانيل هئي، هر ڪو حد کان وڌيڪ پريشان ٿي ويو هو.

”اڙي تو کي گهڻا ڀيرا سمجهايو اٿم ته منهنجي سامهون نه ايندو ڪر...!“ اوچتو هن جو گرجدار آواز گونجيو، هو انتهائي حقارت ۾ هوٽل جي دروازي جي ڀرسان ’تندور‘ تي ماني پچائيندڙ هوٽل جي هڪ مزدور سان مخاطب هو، ”پوءِ به تون نه ٿو مڙين...؟ لڳي ٿو ته توکي منهنجي حيثيت جي ڪا به خبر ڪونهي...!!“

”رحم سرڪار رحم ...!“ هوٽل مزدور ڏڪندي وراڻيس سندس لفظن ۾ التجا نمايان هئي.

”سرڪار جا پٽ...!!!“ هو وري ڳالهائڻ لڳو:

”تون ڏاڍو ذليل آهين جيڪڏهن ٻيهر توکي هتي ڪٿي ڏٺم ته مون کان بُرو حشر ٻيو ڪو به نه ڪندئي...!“

ائين چئي هو وڦلجندو اڳتي وڌي ويو ته ڪنهن ماٺهو مزدور کي طنزيه لهجي ۾ چيو:

”اڙي رحيم تون وري ڪڏهن کان ذليل ٿيو آهين...؟“

”بس ادا...!“ رحيم ٿڌو ساهه ڀريندي چيو:”غربت ئي سڀ کان وڏي ذلالپ آهي ...!“

”اڙي توکي هو بيگناهه هيڏو سارو ڳالهائي ويو ته به سائين سائين پئي ڪيئيس...!“ هڪ ٻئي تماشائي چِٽر ڪندي چيس:

”ها ڀائو...!“ رحيم وراڻيو: ”هو حڪومت سڳوري طرفان اسان جو محافظ مقرر ٿيل آهي، هن هڪ کي ڀادر هنياسين ته بنا ڪنهن شڪ جي اسان جي آڪهه ڪُتبي...!“

سندس لفظن ۾ بيوسي نمايان هئي

”اڙي ڇڏ هاڻي گهڻي ڳالهائڻ کي...!“ هوٽل مالڪ رڙ ڪري رحيم کي چيو شايد ننڊ مان هاڻ سجاڳ ٿيو هو.

”خبر ناهي ڇو توسان صاحب جي لڳي ئي نه ٿي، پر پيلي مان پنهنجي هوٽل کي ڦتائڻ يا وجائڻ جو خطرو نه ٿو کڻي سگهان.ان ڪري مهرباني ڪري تون سپاٽي ئي پنهنجو ٻئي هنڌ بلو ڪر، مان توکي وڌيڪ نه ٿو رکي سگهان...!“

”حاضر جناب...!“ رحيم تندور مان ماني ڪڍندي چيو:

”مون کي سپاٽي اوهان هتي نه ڏسندئو...!“

رات ڪافي گذري چڪي هئي، رحيم پنهنجو ڪم ڇڏائي گهر طرف وڌڻ لڳو هو، سندس ذهن ۾ هزارين خدشا پريشانيون گهر ڪري چڪيون هيون. هو سوچي رهيو هو ته سپاٽي وري هو ڪنهن ڪم لاءِ ڪنهن کي ايلاز منٿون ميڙ ڪندو، ڪير ڪيس مزدور رکندو به الائي نه سڀ کان وڌيڪ پريشان ته هو ان

ڳالهہ تي هو تہ سندس نوجوان پيٽ جي شادي ڪيئن ٿيندي، ڏاج ڪٿان ايندو، وري خيال آيس ڪالهہ ئي امڙ پنهنجا زيور ڪپائي اديءَ لاءِ ڏاج خريد ڪيو آهي، بس پيو جيڪو ڪجهہ کُٽو، ابو ڪٿون واٽي پوري ڪندو، الله مالڪ آهي، ڏکيو سکيو وقت گذري ويندو. رحيم ائين سوچيندو پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏيندو جيئن پنهنجي گهر ويجهو پهتو تہ ڪائنس ڇرڪ نڪري ويو هو... رڙ نڙي ۾ اٽڪجي پئي هئس، سندس گهر جو دروازو ڀن هٿياربند نقاب پوشن جي قبضي ۾ هو. هن اهو سڀ ڪجهہ ڏسي سمجهڻ ۾ ٿوري بہ دير نہ ڪئي ۽ ڊوڙندو سهڪندو ٿاڻي تي پهتو، اتفاق سان ان مهل هُن جي ڊيوٽي هئي جيڪو آفيس اندر اهڙي طرح وينو هو جو ڄڻ اها ڪا سندس ذاتي اوطاق هئي جنهن کي ڏسي رحيم ڇرڪي ويو پر پوءِ تيزي سان ڳالهائڻ لڳي ٿو.

”سائين وارو ڪريو منهنجي گهر ڌاڙو لڳي رهيو آهي...!“

”تنهنجو گهر ڪٿي آهي...؟“

”موسيٰ محلي ۾...!“

”ڦورو ڪيترا آهن...؟“

”گهٽا ناهن سائين صرف ڀن پاڇن تي نظر اٿم...!“

”توکي ڪيئن خبر پئي تہ اُهي ڌاڙيل آهن...!“

”سائين آڌيءَ رات جو هٿيارن سان پرائي گهر ۾ پيو ڪير ٿو گهِڙي سگهي....؟“

”پوءِ توکي ڌاڙيلن پلا ڇو ڇڏيو...؟“

”سائين مان گهر ۾ نہ هئس شهر ڪان اچي رهيو هئس جو ڪجهہ پري کان ئي نظر پئجي ويئي...!“

”اڙي تو هن مهل تائين شهر ۾ ڇاپئي ڪيو...!“

”سائين مان هن مهل تائين شهر ۾ ڊوڙ پئي پاتو...!!!“ رحيم آپي کان ٻاهر نڪرندي چيو: ”توهان پنهنجو ڪم ڪيو، ڪٿي ڌاڙيل نڪري نہ وڃن...!“

”مون کي پهريان ئي شڪ هيو تہ تون ڏِنگو ماڻهو آهين، هاڻ تہ يقين ٿيڻ لڳو آهي. تنهنجي انداز مان لڳي رهيو آهي تہ تون ڪو ڊرامو ڪري رهيو آهين ۽ غلط اطلاع ڏئي ڪجهہ ڪرڻ چاهين ٿو...!“

”سائين ڪهڙو شريف ماڻهو ان قسم جو ڊرامو ڪندو ...؟ مان مجبور آهيان ....منهنجي مدد ڪريو...!“

”تون ڪير آهين، اها تہ بعد ۾ خبر پوندي ان ڪري في الحال توکي هتي ئي ويهڻو پوندو مان وڃي جاچ لهي ٿو اچان، جيڪڏهن ڳالهہ صحيح آهي تہ پوءِ مان ...!“ ايئن چئي هن جمعدار کي گاڏي ۾ تيل وجهرائي اچڻ جو چيو ۽ پاڻ ڪپڙا بدلائڻ لاءِ ٻي ڪمري ۾ هليو ويو..!!

رحيم کي هاڻي پنهنجو پاڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ ٿي آئي، ڪيس هن جي افعالن جي پليءَ پت ڇاڻ هئي پر پوءِ بہ هو پيٽ جو ڏاج بچائڻ جي آس ڪنيون ٿاڻي تي پهتو هو، پر هاڻ پاڻ کي فريادي نہ پر ڪو ڏوهي

محسوس ٿي ڪيائين رحيم کي هاڻي اهو به ياد اچي رهيو هو ته هو پوليس ۾ ڀرتي ٿيڻ کان اڳ ڌاڙا هڻندو هو . هاڻ به ڪڏهن ڪڏهن اها ڊبل ڊيوٽي ڪري وٺندو آهي، ان ڪري ڪيس يقين ٿي ويو هو ته مان غلط جڳهہ تي اچي پهتو آهيان. هُن ويندي ويندي رحيم جي نگراني لاءِ هڪ سپاهي ڇڏيو، جنهن ڪيس شهنشاهي حڪم ڏيندي چيو:

”اڙي جيستائين صاحب جاءِ واردات تان موٽي اچي تيستائين خاموش ٿي ويهي رهہ... نه ته ڪل لاهي ڇڏيندوسانءِ ...!“

تقريبن اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ هو واپس پنهنجي آفيس ۾ پهتو، سندس اکيون ڳاڙهيون هيون، منهن تي وحشت هيس ، اچڻ سان ڪرسيءَ تي ويهندي رحيم کي چيائين:

”واقعي تنهنجي گهر ڌاڙو لڳو آهي... پر ڌاڙيل منهنجي پهچڻ کان پهرين فرار ٿي ويا آهن...!“

”سائين اهي ملائڪ نه آهن جو اُڏري وڃن اهي هتي ڪٿي ئي موجود هوندا، اوهان ناڪا بنديءَ ڪرائي وٺو...! “

” نه ....اُهي ڌاڙيل ايئن آساني سان هٿ نه ايندا... !“

”ڇو نه ايندا....؟“

”بس ڪم ڪجهہ ڏکيو آهي ...!“

”ڌاڙيل کي پڪڙڻ ڏکيو آهي سائين...!“

”ها....!“

”ڀلا تون انهن مان ڪنهن کي سڃاڻين ...؟“

”نہ...!“

”ڪنهن سان دشمني...!!!“

”نہ...!“

”ڪنهن تي شڪ..!؟“

”نہ...!“

”پوءِ تنهنجي گهر ڌاڙو ڪيئن لڳو...؟“

”مان نہ ٿو ڄاڻان...!“

”تون ڄاڻين ٿو رحيمون..! پر جيستائين مان ڪنهن نتيجي تي پهچان تيستائين خاموش رهجان، ڦڙڪ به ٻاهر نه ڪيجانءِ نه ته توتي پهريان ئي گهڻا ڪيس آهن، رهندو هي به ڪيس تو مٿان مڙهي اهڙو اندر ڪندوسانءِ جو سڄي عمر جيل ۾ گذري ويندئي ...!“

”ڇا...!؟؟“

”ها...! مان صحيح پيو چوانءِ خاموش رهڻ ۾ ئي تنهنجي ڀلائي آهي، مان ڪوشش ڪندس ڌاڙيلن تائين پهچڻ جي، نہ تہ بہ توکي پيو ڏاج مان خريد ڪري ڏيندس. فقط اها ڳالهہ توتائين محدود رهي ...!“

اهو سڀ ڪجهہ ٻڌڻ کان پوءِ رحيم بغير ڪنهن جواب ڏيڻ جي گهر طرف هلڻ لڳي ٿوسندس ذهن في الحال سوچڻ ۽ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. بس هو بي جان بت جيان لڳي رهيو هو گهر پهچندي ئي هن جو سڄو ذهن گردش ۾ اچي وڃي ٿو ، دل اندر زلزلو مچي ويو هيس، اکيون پنهنجي نوجوان پيٽ ۾ ڪپي وڃنس ٿيون، جيڪا گوڏن ۾ منهن ڏئي روئي رهي هئي، هو ڪافي وقت بيوس ٻڏيو رهيو جو اوچتو سندس ماءُ جا سڏڪا لفظن جو روپ اختيار ڪري سندس سيني ۾ ڪنهن خنجر جيان ڪپندا ويا.

”پُٽ...! اسان جو سڀ ڪجهہ وڃائجي ويو ...ڌاڙيلن تہ صرف سامان لٽيو ڦريو ....پر انهن ظالمن پوليس وارن ...تہ ...تنهنجي پيڻ .....!!!“

سندس ماءُ جا لفظ وري سڏڪن ۾ تبديل ٿي ويا ۽ هو مسلسل روئيندي رهي، ڪجهہ لمحن کان پوءِ رحيم هڪ وڏي رڙ ڪري اونده ۾ غائب ٿي ويو هو . سندس رڙ ۾ اُپ ڪي ڦاڙڻ جبل ڪي ڏارڻ جي طاقت سمايل هئي. پر هن جي رڙ هن بي حس سماج کي ڪجهہ نہ ڪري سگهي، صرف راڪاس جهڙي رات سندس رڙ تي ٺورو رُني ...۽ پوءِ ان کي هضم ڪري ڇڏيائين ...!!!

***

جنهن چيو

شمائلہ کي مون ان وقت چاهيو هو۔ جڏهن مون کي اها بہ خبر نہ هئي تہ چاهت ڇا ٿيندي آهي! بس ايترو سمجهي سگهيو هيم تہ هن کان بغير مان اڻپورو آهيان. هڪ ڀيري موقعو ملندي سڏيو مانس:

”شمائلہ...!“

”هون...!“

”مون ڏانهن ڏس...!“

”ڇو ڏسان...؟“

”تون ڏس تہ سهي...!“

هوءَ تڪڻ لڳي هئي. مان سندس نظرن جو تاب نہ سهي سگهيو هيس ۽ منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو هو.

”منهن مٿي ڪر موڳا...!!“

”ڇو...؟“

”تون ڪنڌ مٿي تہ ڪر...!“ منهنجو نقل ڪيو هئائين ڪلي پيو هيم.

”مون توکي کلڻ لاءِ نہ، منهن مٿي ڪرڻ لاءِ چيو هو...!“

مان ڪنڌ مٿي ڪري ڪيس ڏسڻ لڳو هئس، هن نظرون جهڪائي ڇڏيون هيون.

”شمائلہ...!“

”جيءُ...!“

”پاڻ ڪيترو هڪٻئي کان نظرون لڪائيندا اسين...!“

هوءَ ڪجهہ نہ ڪڇي هئي.

”تون ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو...!“ ڪيس تنگ ڪندي چيو هيم.

”ڪن سوالن جو ڪوبہ جواب نہ هوندو آهي...!“ آهستي چيو هئائين.

”سمجهان ٿو پر مون کي جواب کپي...!“

”تون بيوقوف آهين...!“

ٺهڪ نڪري ويو هو.

”چڱو مان هلان ٿي پر...!“

”پر... ڪي ڇڏيس....!“ چيو هيم

”مان تو کان بغير اڌورو آهيان...!“

”تہ پوءِ هميشہ اڻپورو رهندين...!“

”ايئن تہ نہ چئو...!“

”چوڻو ٿو پوي...!“

”مان تو کي هميشہ لاءِ پنهنجو ڪرڻ ٿو گهران...!“

”ايڏي وڏي ڳالهہ ايڏو جلدي چئي وئين...!“

”مان جلد باز آهيان شمائلہ...!!“

”ان تو واري جلد بازيءَ تہ ماريو آهي ...!“

”چا مطلب...؟“

”گهر وارن کي پنهنجي خبر پئجي ويئي آهي...!“ منهن سڄائيندي چيو هئائين.

”پوءِ ڇاهيس!!!؟“

”منهنجي جلدي شادي ڪرائڻ ٿا چاهين...!“

”ايئن نہ ٿو ٿي سگهي...!“

”ڪجهہ ڏينهن ۾ ائين ٿي ويندو...!“

”مان مري ويندس...!“

”مون تو کي روڪيو آهي ڇا...؟“

”يعني تون بہ راضي آهين...!“

”ظاهر آهي...!“

”پر ڇا تون مون کي وساري سگهندينءَ...؟“

”مون تو کي ياد ئي ڪڏهن ڪيو آهي...!“

”اندرنہ ساڙ شمالي...!“

”شمالي.....!“ٺهڪ نڪري ويو هئس ڪلندي چيو هئاهين وري چئو.

”شمالي مون کي يقين آهي تون مون سان محبت ڪرين ٿي...!“

”بيشڪ....!“ وراڻيو هئائين.

”پر هاڻ منهنجي رشتي جون ڳالهيون پيون هلن. ان ڪري پيهر ملڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ...!“ هوءَسنجيده ٿي ويئي هئي ۽ مان رنجيده ٿي ويو هئس.

”مان تو کي نہ وساري سگهندس...!“

”مجبوري آهي، دل مان ڪڍي ڇڏ اهو ئي بهتر رهندو...!“

”اهو تہ ناممڪن آهي شمالي، پر ڇا تون مون کي اهو ٻڌائيندي تہ تنهنجي رشتي جون ڳالهيون ڪنهن سان پيون هلن...!“

”اهو ٻڌائڻ ضروري آهي...؟“

”ها...!“

”ڇو...؟“

”مان ان کي ڏسي وٺندس...!!“

هڪ ڀيرو ٻيهر ٿهڪ نڪري ويو هئس. وري به کلندي چيو هئائين:

” تون ايئن نه ٿو ڪري سگهين...!“

”ڇو تون مون کي بزدل سمجهيو آهي ڇا...؟ مان ته صرف رات جو گهر ويندي رولو ڪتن کان لنوائيندو آهيان ۽ بس...!!“

وري ٿيون ٿهڪ نڪري ويو هئس مسڪرائيندي چيو هئائين:

”مون کي خبر آهي..! پر تون منهنجي خوشين خاطر ائين نه ٿو ڪري سگهين.“

”ٺيڪ آهي شمالي ائين نه ڪندس پر ٻڌاءِ ته سهي هو ڪير آهي...؟“

”گهر وارا، پنهنجي ئي برادريءَ جي ڪنهن سٺي ڇوڪري جي ڳولا ۾ آهن، پر اجا تائين ڪو ...رشتو سمجهه ۾ ڪونه آيو اٿن...!“

”پر پوءِ به ڪو نه ڪو ته نظرن ۾ هوندن...!؟“

”ها هڪ ڇوڪرو نظر ۾ اٿن...!“

”اهو ئي ته مان به پڇان پيو...!“

”صرف تون پنهنجا گهر وارا موڪل...!“

”ڇا ...!؟“ هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو هو، جنهن جي شدت ايتري هئي جو جيستائين منهنجا حواس بحال ٿين، تيستائين شمالي منهنجي نظرن کان گم ٿي ويئي هئي.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ اسان جي شادي ٿي ويئي هئي، زندگي جا اهي پل ۽ لمحا ڏاڍو وڻندڙ هئا. چنڊ کي پنهنجي هٿن ۾ محسوس ڪيو هيم، ان کان وڏيڪ منهنجي لاءِ ٻي ڪهڙي خوشي جي ڳالهه هئي. مان بي اي پاس بيروزگار هئس، محنت مزدوري ڪري شام جو جڏهن گهر پهچندو هئس ته هميشه شمالي کي پنهنجو منتظر ڏسندو هئس، سندس هڪ مرڪ منهنجي سڄي ڏينهن جو ٿڪ لاهي ڇڏيندي هئي مان ايترو ڪمائيندو هئس جو گهر جوگاڏو مڙئي پيو گهلبو هو. ڪڏهن ڪڏهن غريب هجڻ جو احساس مايوس ڪندو هو ته شمالي سهارو ڏيندي مايوسيءَ جي ڪن مان ڪڍي وٺندي هئي. هڪ ڀيري مون کي گهڻو پريشان ڏسي چيو هئائين:

”غربت ته پنهنجي وڏي خوشي آهي چريا. ڏس پاڻ ان حال تي ڪيڏو نه خوش آهيون، جڏهن ته امير ماڻهن کي هڪ لمحو به حقيقي خوشيءَ جو نه ملندو آهي. هو ته ننڊ به پيسن تي خريد ڪندا آهن...!“

شمالي جي واتان اهي لفظ ٻڌي مطمئن ٿي ويو هئس، شاديءَ کان پوءِ جڏهن شماليءَ نئين مهمان اچڻ جي خوشخبري ٻڌائي هئي ته ڏاڍو خوش ٿيو هئس، زندگي کي هڪ نئون رخ ملي ويو هو.

پنھنجي اولاد جي باري ۾ مون ۽ شمالي وڏا وڏا خواب ڏٺا ھئا، ڪوڙ سارين خوشين ۽ تمنائون لڪائي رکيون ھيون سي.ان شام جو جيئن ئي گھر پھتو ھئس تہ امان پريشانيءَ مان چيو:

”پٽ شمائلہ کي ڏاڍي تڪليف آھي... وارو ڪر ڪنھن نرس يا ڊاڪٽر کي وٺي اچ ...!!“

مان پريشان ٿي اسپتال ڏي ڊوڙ پاتي ھئي. اسپتال ۾ ھڪ نرس کي روڪي پنھنجو مسئلو ٻڌائي مدد جو چيو ھو مانس جنھن ورائيو ھو:

” ھي ڊليوريءَ ڪيس آھي. اوھان اسپتال انچارج سان رابطو ڪيو...!“

مان تڪڙو اسپتال انچارج جي آفيس پھتو ھئس جتي پٽيوالي واتان خبر پئي تہ . صاحب ننڊ ۾ آھي اٿارڻ تي ناراض ٿيندو. تعجب ٿيو ھو، ان ڪري جو ٻڌو ھيم تہ وڏن ماڻھن کي رات جو بہ ننڊ وڏي مشڪل سان ايندي آھي پر ھي ھمراھ تہ ڏينھن جو بہ اسپتال جھڙي گوڙ ۽ گمسان واري ماحول ۾ ستو پيو ھو. مجبورن مون ھڪ ٻي نرس کي روڪي پنھنجي مجبوري ٻڌائي. جنھن چيو:

”پنھنجي گھر واريءَ کي منھنجي پرائيويٽ اسپتال ڪڻائي اچ، پيسن جو بندوبست ڪيون اچجانءَ ڪافي خرچ ايندو...!“

ڪافي خرچ جو ٻڌي تمام گھڻو پريشان ٿي ويو ھئس. غربت جو ڦندو پنھنجي ڳچيءَ ۾ محسوس ڪيو ھيم جيڪو سوڙھو ٿيندو پئي ويو، ان وقت پاڻ واري سيٺ ڏي ڊوڙ پاتي ھيم. سيٺ کي ھڪ‌ٻندي سھڪندي پنھنجي مجبوري ٻڌايم جنھن چيو تہ:

”پيسا تہ ھن وقت مون وٽ ڪونھن باقي تون ڊاڪٽر سرفراز کي منھنجي نالي چئو اميد تہ ھو تنھنجي ضرور مدد ڪندو...!“

مان ڊوڙندو ڊاڪٽر سرفراز وٽ پھتس جنھن چيو تہ:

”حاضر بابا ڪجھہ مريض ويٺا آھن انھن کي ڏسي وٺان تہ ھلون ٿا....الله ڀلي ڪندو...!“

انتظار منھنجي مجبوري ھئي خاموشيءَ سان خالي پيل ڪرسي تي ويھي رھيو ھئس، منھنجي دل جي دنيا ۾ صرف ۽صرف شمالي سمايل ھئي جيڪا ھن وقت تڙپي رھي ھئي.شمالي جنھن جي لفظ لفظ سان مون کي پيار ھو اچ ان جي ئي جملي تي مون کي ڏاڍي ڪاوڙ اچي رھي ھئي تہ:

”غربت ئي پنھنجي وڏي خوشنصيبي آھي...!“

اچ اھا ئي خوشنصيبي ڪيس تڙپائي رھي ھئي مان اجان اتي ئي ويٺو ھئس جو ھڪ ھمراھ ڪار مان لٿو، جنھن سان ڊاڪٽر سرفراز گرم جوشيءَ سان مليو ۽ اوچتو اچڻ جو سبب پڇيائينس جنھن ٻڌايس تہ:

”صائمہ جو چانھہ ڪاڙھيندي ھٿ سڙي پيو آھي، سندس ملم پٽي ڪرائڻ لاءِ توھان وٽ حاضر ٿيو آھيان...!“

جنھن تي ڊاڪٽر چيس: ”ڪوبہ مسئلو ناھي ھاڻ ئي ھلون ٿا ...!“

”سائين منهنجي گهر واري جي حالت سيريس آهي.“ ڊاڪٽر کي ليلا ئيندي چيو هيم: ”هوءَ مري ويندي...!“

ڊاڪٽر وراڻيو:

”ڪجهہ ڪونہ ٿيندو بابا ڏسين نہ ٿو صاحب پاڻ آيو آهي ، مان اجهو آيس...!!“

مان زهر جو ڍڪ پيري ويو هئس. ڊاڪٽر واپس آيو، مان ڪيس ساڻ ڪري پنهنجي گهر طرف وڃڻ لڳو هئس، دل ۾ اميدن جنم ورتو هو، پر منهنجون اميدون ان وقت فرار ٿي ويون جڏهن سيٺ نبي داد جي بنگلي وٽ ڊاڪٽر گاڏي روڪي چيو:

”سيٺ صاحب ڪجهہ ٽائيم اڳ فون ڪئي هئي. ان جي طبيعت بہ ڏسندا هلون.“

”ڊاڪٽر خدا جي واسطي ٿورو سوچيو...!“ ڪنهن حد تائين پنهنجي ڪاوڙ تي ڪنٽرول ڪندي چيو هيم:

”ڊليوري جهڙو نازڪ ڪيس آهي، ٿوري بہ دير منهنجي گهر واريءَ جي موت جو سبب ٿي سگهي ٿي...!“

ڊاڪٽر منهنجي ڳالهہ ڏي ڌيان نہ ڏيندي سيٺ صاحب جي گهر جي گهنٽي وڄائڻ شروع ڪئي تہ مان بيوسي وچان ڳيتون ڏيندي چيومانس:

”توهان جيئن ئي سيٺ صاحب کان فارغ ٿيو تہ هليا اچجو...!“

”ٺيڪ آهي تون هل مان اجهو آيس...!“

”ٿڪل قدمن سان گهر پهتم ، امڙ ڊاڪٽر جو پڇيو...چيومانس:

”ها امان ڊاڪٽر اچي پيو...!“

”شمائلہ...!ڪي ڏاڍي تڪليف آهي، هو گهڙي گهڙي تو کي سڏي پئي...!“ امان ٻڌايو...

مان ڪمري ۾ پهچي شمالي جي سيراندي‌ءَ کان ٻيهي رهيس.تڪليف جي شدت مان گذرندي مون کان پڇيائين:

”ايتري دير ڇو ڪيئي...؟“

”ڊاڪٽر کي ڪجهہ مريض ڏسڻا هئا، هاڻ ان کي وٺي آيو آهيان...!“

”ڊاڪٽر ....ڊاڪٽر....ڪٽ.... ڪ...!“ زوردار سور جي ست اپري هئس.

”ڊاڪٽر نبي داد جي گهر لڙي ويو آهي شمالي...!“

”هون...!“ مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو هئائين:

”ڊاڪٽر تہ هوندا ئي انهن لاءِ آهن...!“ سندس هٿ پنهنجي هٿن ۾ مضبوطيءَ سان پڪڙيندي چيو هيم:

”پريشان نہ ٿي شمالي الله ڀلي ڪندو...!“

هوءَ ڪجهہ نہ ڪڇي هئي سندس نظرون مسلسل مون ۾ ڪتل هيون...مان دل ئي ۾ پڇري ڳري رهيو هئس، هن سان نظرون ملائڻ جي همت مون ۾ ڪونہ هئي. ڪجهہ گهڙين جي خاموشيءَ ڪان پوءِ شمائلا چوڻ لڳي:

”منهنجي رڳ رڳ ۾ زهر ڦهلجي چڪو آهي، جيڪو مون کي وڌيڪ جيئڻ ڪونہ ڏيندو... متان تون سمجهين تہ مان ان تڪليف ۽ موت جي خوف ڪان روئي پئي آهيان...منهنجا ڳوڙها تہ پنهنجي بيوسي سبب نڪتا آهن پر مان سمجهان ٿي تہ بيوسيءَ تي روئڻ اجايو آهي. ان ڪري آخر ۾ ٺورو کل تہ سهي...!“

”مون هن ڏانهن ڏٺو، مسڪرائي رهي هئي ان جي ان همت تي مون بہ مرڪي ڏٺو هو پر اوچتو ڪيس هڪ زوردار جهٽڪو آيو هو، هوءَ سڪيءَ تي اڇلايل مڇيءَ جيان لڇي ۽ ڦٿڪي پئي هئي ۽ پوءِ ٿڌي ٿي، مهمان سوڌو موڪلائي ويئي هئي. ان وقت پنهنجو پاڻ کي ڏرتيءَ جي سڀ ڪان هيٺاهين ڪنڊ ۾ ڪريل محسوس ڪيو هيم. چنڊ منهنجي هٿن مان ڪسڪي ويو هو، دل ڪان ان جو سبب پڇيو هيم... جنهن چيو:

”غريب، امير ڪان وڌيڪ سڪون واري زندگي گذاري ٿو ...! وارو فلسفو نسورو ڪوڙ ۽ بڪواس آهي. اهو تہ اميرن جو ڦهلايل ڄار آهي جيڪو هنن غريبن کي غريبي ۾ خوش رکڻ لاءِ اڏيو آهي، تہ جيئن هو باغي نہ ٿين ، بکن ۽ ڏکن ۾ بہ خوش رهن، نہ تہ امير ماڻهو غريب ڪان هڪ نہ هزار ڀيرا وڌيڪ سکي ۽ سٺي زندگي گذاري ٿو، جيڪر ايئن نہ هجي ها تہ پوءِ شايد شمالي تڙپي تڙپي ڪڏهن بہ نہ مري ها!!!“

***

ڳوٺ جا ڏينهن شهر جون راتيون

”هوءَ ڪاري هئي، ان ڪان سواءِ ڪجهه به نه ڪجهه به نه....!“

نبو سڄو ڪاوڙ وچان، باهه ۾ پيل لوهه جيان تپي ڳاڙهو ٿي ويو هو، پر سندس خشڪ نڙيءَ مان کهرو آواز نڪري رهيو هئس:

”هن منهنجي اعتماد کي ڀُڳا ڀُڳا ڪيو... ڪيڏو چاهيندو هيس مان هن کي...پر موٽ ۾ هن مون کي اهڙو زخم ڏنو جيڪو شايد زندگي ڀر نه ڇٽندو...ذليل ڪميڻي... واقعي تو ڪڏهن بلڪل سچ چيو هو ته دنيا جي هر عورت، عورت ٿي سگهي ٿي پر باوفا نه...!“

”نه نه...نبو هوءَ ڪاري نه هئي...!“ مون نبو جو هٿ زور سان پنهنجي هٿن ۾ دٻائيندي چيو:

”ته هوءَ ڇا هئي...!؟“طنزيه لهجي ۾ چيائين: ”شريف...وفادار...!“

”هوءَ ته هڪ اهڙو گل هئي، جنهن جو ڪم خوشبو ڏيڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو آهي چاهي پوءِ ڪو اُن کي سيني تي سجائي يا مٽ ۾ ئي مروڙي ڇڏي پر هو ڪنهن سان به شڪايت نه ڪندو آهي.“

”تون بڪين ٿو نواب...!“ نبو مون کي چڙَب ڏيندي چيو: ”فوزيه منهنجي عزت هئي، پوءِ جيڪڏهن هوءَ ڏوهي نه هجي ها ته مان هن کي اهڙو ڪڏو الزام ڏيئي ماريان ها...!؟“

”دولت انسان کان سڀ ڪجهه ڪرائي وٺندي آهي نبو...!“

اکين سان اکيون ملائي چيو مانس، جنهن تي ٻهريون ٻيرو ٻهڪندي چيائين:

”اها ڪهڙي بڪواس ٿو ڪرين...؟ تون سمجهين ٿو ته مان پنهنجي گهرواري فوزيه کي سندس دولت ڦٻائڻ لاءِ ماريو آهي...؟“

”ها يقينا...! “ وراڻيم

”ڇو ته تون دولت جو پوڄاري آهين...!“

”نواب...!!“ نبو هيبتناڪ نظرن سان مون کي ڏسندي چيو:

”مون کي تو مان قطعي اها اميد ڪو نه هئي ته ڪو تون منهنجي غيرت کي دولت جي تارازيءَ ۾ توريندين... تنهنجي جڳهه ته جيڪڏهن ٻيو ڪو هجي ها ته هن مهل....!!“ نبو پنهنجو جملو اڌ ۾ ڇڏي تيز تيز قدم کڻندو هوٽل کان ٻاهر هليو ويو هو.

نبو جو پورو نالو نبي بخش هو، اسان ٻئي پهرين ڪان وٺي يونيورسٽي تائين گڏجي پڙهيا هئاسين، نبو جو پيءُ اسان جي ڳوٺ جو ناهوڪو زميندار هو. ڪيس نبو ڪان سواءِ ٻي ڪا بہ اولاد ڪا نہ هيس. شايد ان ڪري ئي نبي بخش عرف نبو کي هر سهولت ميسر هئي. ضرورت ڪان بہ ڪجهہ وڌيڪ... سندس خيال وڏيرڪا هئس ۽ وڏا شوق بہ جام ڪندو هو. ان ڪري پيءُ جي جيئري ئي ڪافي زمين ڪائي ڪپائي ڇڏيائين، نبو پڙهائيءَ ۾ بہ ڪافي ذهين هو، مون ڪان بہ گهڻو اڳتي هو پر افسوس هو محنتي نہ هو. هو اڪثر پنهنجو گهڻو ٽائيم ائين فضول گهمڻ ڦرڻ ۾ وڃائي ڇڏيندو هو. اسان اڃان يونيورسٽيءَ ۾ ئي هئاسين تہ سندس پيءُ وفات ڪري ويو، ان ڪري تعليم اڌ ۾ ڇڏي اچي پنهنجون زمينون سنڀاليائين. پوءِ الائي جي ڇو ۽ ڪيئن اهڙو پوٽ سوار ٿيس تہ ڳوٺ ۾ مون ڪان سواءِ ٻي ڪنهن جي بہ زمين نہ هجي، ان ئي پنهنجي سوچ هيٺ هن ڳوٺ جي مختلف هارين کي جن وٽ ڪجهہ ايڪڙ زمين هئي، ڪنهن نہ ڪنهن نموني پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيو هو، پر بابا کي اها زمين ڏيڻ لاءِ تنگ نہ ڪيائين، شايد منهنجي ڪري.

چاچي جمن ڪان هن سورهن ايڪڙ زمين حاصل ڪرڻ لاءِ وس ڪيا، پر چاچي جمن هر ڀيري ڪيس ڪتو جواب ڏنو ، چاچو جمن اسان جي ڳوٺ جو خوشحال هاري هو، ڪيس صرف هڪ ڌيءَ هئي فوزيہ، جنهن کي هو پاڻ ڪان وڌيڪ چاهيندو هو، پٽ هئس ئي نہ، فوزيہ کي مون ڀيڻ ڪري سڏيو، ڇو تہ مون کي سڳي ڀيڻ ڪو نہ هئي، جيڪڏهن هجي بہ ها تہ شايد فوزيہ ڪان وڌيڪ نہ چاهيانس ها.

هڪ ڏينهن اهو ئي ٿيو جيڪو ٿيڻ نہ کپي ها، نبو خبر ناهي ڪيئن فوزيہ جو سڱ پنهنجي لاءِ چاچي جمن ڪان وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، مون چاچي جمن کي ڪافي سمجهايو تہ:

”چاچا سائين نبي بخش (نبو)مون سان ننڍپڻ ڪان وٺي جواني تائين گڏ پڙهيو آهي، هو ڪڏهن بہ فوزيہ کي خوشيون ڪو نہ ڏيندو، ڇو تہ هو عياش، رولو ۽ وڏيرڪي ذهن جو مالڪ آهي، بهتر آهي توهان پنهنجي فيصلي تي نظر ثاني ڪريو.“

پر منهنجي هڪ بہ نہ ٻڌائين، چيائين:

”نبي بخش پيءُ جي وفات ڪان پوءِ ڪافي سڌري ويو آهي،آئون پنهنجي ڌيءَ کي خوش ڏسڻ چاهيان ٿو، ان لاءِ نبي بخش ڪان سواءِ ٻيو ڪو موزون رشتو آهي ئي ڪو نہ...! “

مون فوزيہ ڏانهن ڏٺو تہ چيائين:” جيڪڏهن بابا مونکي درياهہ ۾ گهڙي وڃڻ جو چئي تہ بہ مان هن جي حڪم جي خوشي سان تعميل ڪنديس...!“ مون کي ڏاڍي ڪاوڙ اچي رهي هئي. ان فيصلي تي سوچيم وچي نبو کي چوان تہ فوزيہ جي زندگي مان نڪري وڃي نہ تہ مون ڪان وڌيڪ ٻيو ڪو...! پوءِ وري خيال آيو تہ جيڪڏهن فوزيہ ۽ سندس پيءُ ان فيصلي تہ خوش آهن تہ پوءِ مان ڪير ٿيندو آهيان وچ ۾ پوڻ وارو...؟جنهن ڪان پوءِ مان خاموشيءَ سان يونيورسٽي هليو آيس، پر اتي بہ مون کي آرام نہ ٿي آيو، ڇو تہ

مون کي نبوءَ جي نيت نيڪ نہ ٿي لڳي، ان ڪري فوزيہ تي ڏاڍو ترس اچي رهيو هو پر آئون ڇا ٿي ڪري سگهيس.

ائين نبو ۽ فوزيہ جي شادي جي تاريخ بہ اچي ويئي، شادي کان صرف ٻہ ڏينهن اڳ نبي بخش مون وٽ آيو ڏاڍا ايلاز ڪيائين تہ ڳوٺ هلي منهنجي شاديءَ ۾ شريڪ ٿي پر مون کي نہ وڻڻو هو سو انڪار ڪيم تہ چيائين:

”نيڪ آهي تون منهنجي ڪري نہ هل پر چاچي جمن توکي ڏاڍو ياد پئي ڪيو. مون کي چيو هئائين تہ ڪيئن بہ ڪري وٺي اچجائينس...!“

تہ بہ انڪار ڪندين چيم:

”منهنجو هتي سيمسٽر پيو هلي.ان ڪري مان توهان کان ۽ چاچي کان معذرت ٿو گهران...!“

جنهن کان پوءِ مون ڪيس شادي جي تحفي ۾ هڪ خوبصورت گهڙي خريد ڪري ڏني هئي. ان کان علاوه ڪجهہ جوڙا ڪپڙن جا فوزيہ لاءِ بہ خريد ڪري ڪجهہ ڏينهن پهرين ڳوٺ موڪلي ڇڏيان هيم.

شاديءَ کان تقريبا ڏيڍ مهيني بعد فوزيہ جو خط مليو هو، پڙهي دل پرجي ويئي هئي. لکيو هئائين:

”پياري ادا کي سلام...!!!“

”ادا توهان ايڏا ڪاوڙيا آهيو جو شاديءَ تي بہ ڪو نہ آيو، گهٽ ۾ گهٽ شاديءَ واري ڏينهن تہ اچو ها... ۽ رخصتي مهل پيار مان پنهنجي سيني سان لڳائي دعا ڏيو ها....سهارو ڏيو ها....۽ موٽ ۾ مان ايترو روئان ها جو اوهان جي ناراضگين کي پنهنجن ڳوڙهن ۾ لوڙهي ڇڏيان ها، پر توهان ڪو نہ آيو، پيو پاءُ بہ ڪونهي... بابا تہ هو نئن ئي پوڙهو آهي، هو مون کي ڪهڙو سهارو ڏي ها، ان ڪري ادا آئون رخصتي مهل بلڪل ڪو نہ رني هيس... ادا اوهان جي ڪاوڙ مَن هاڻي ڪجهہ ڍري ٿي هجي... مون کي تہ نبي بخش مان ڏاڍو پيئو ٿيندو آهي، الائي جي ڇو هو اندر جو ڪارو ۽ شڪي قسم جو مرد پڻ محسوس ٿيندو آهي، حالانڪہ ان جو رويو اڃان تائين مون سان نيڪ ناڪ آهي، پر پوءِ الائي جي ڇو مون کي ان کان خوف ٿو ٿئي...ان ڪري ادا توهان صرف هڪ ڀيرو تہ اچو تہ من ڪتي ڪو دل کي سڪون ملي...!!“

”مان ضرور ايندس فوزيہ...مان ضرور ايندس...!“ خط ختم ڪندي ئي مون بي اختيارچيو هو ۽ پوءِ ٻي ڏينهن تي ئي مان ڳوٺ ڏي روانو ٿي ويس، پر رستي ۾ هڪ اهڙي خبر ملي جو هوش ئي ڪجهہ لمحن لاءِ خطا ٿي ويا هئا، پهريون ڀيرو مون کي ڌرتي ڏُٻندي محسوس ٿي هئي، پر پوءِ بہ پاڻ سنڀاليندو ٿڙندو ٿا ٻڙندو چاچي جمن جي گهر پهتو هئس جتي معصوم فوزيہ جو لاش پيو هو، پر روئڻ وارو مٿس اڪيلو پيءُ هو پيو ڪو بہ نہ...! ڇو تہ وڏيري نبي بخش عرف نبو ڪيس ’ڪاري‘ جو لقب ڏيئي قتل ڪري ڇڏيو هو... هڪ وڏيري جي گهرواري پيو ڪاري..؟ ان ڪري ڪير سندس لاش جي ويجهو ئي نہ ٿي آيو... مان فوزيہ جو لاش ڏسي هڪ لمحي لاءِ تہ سُن ٿي ويس. ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي تہ هيءُ سڀ ڪجهہ ڇا آهي، پر وري همت ڪري فوزيہ جي کٽ تي پيل لاش ڏانهن وڌڻ لڳس. قدمن ۾ ساهہ بلڪل نہ هو. پاڻ

ڪي ڪڪ ڪان وڌيڪ ڪمزور ٿي پيانيم. مون ڪپڙو مٿي ڪري فوزيه جو چهرو ڏٺو، رڱ نڪري ويئي هيم. ڪنڌ ذري گهٽ ڌڙ کان جدا هيس. شايد ڪنڌ ۾ ڪهاڙي هنئي هئائونس، پر سندس چهري تي مون ڪي هڪ تازي مرڪ ٿي محسوس ٿي. ان وقت خبر ناهي ڇو اهو محسوس ٿي رهيو هو ته ڄڻ فوزيه مسڪرائي مون ڪي ڏوراپو ڏيندي هجي ته:

”ادا توهان اچڻ ۾ ڏاڍي دير ڪئي...!“ مان ڪجهه گهڙيون سندس معصوم چهري کي تڪيندو رهيس، پوءِ مٿس ساڳئي طرح ڪپڙو ڏئي ڇيم:

”فوزيه مان توکان ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪاوڙجي ويو هيم پر تون ته هميشه لاءِ ناراض ٿي هلي وئينءَ...!“

اهو چوندي منهنجي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا هئا.

”نه رو پٽ نه رو...!“

چاچي جمن مون کي ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو:

” نه ته پوتار(نبو) توکي بي غيرت چوندو ته ڪاريءَ لاءِ پيو روئين...!؟“

ائين چئي چاچو جمن روئڻ ۽ سڏ ڪڻ ۾ پئجي ويو. جيڪڏهن ان مهل مان سهارو نه ڏيانس ها ته شايد پٽ تي ڪري پوي ها.

”پٽ تو واري يار پوتار نبي بخش قهر ڪري ڇڏيو آهي، رات اوچتو ئي اوچتو فوزيه کي ڪاري جو الزام ڏيئي قتل ڪري ڇڏيائين...!“

اوچتو بابا جو آواز ٻڌم جيڪو شايد ڪفن دفن جو بندوبست ڪري آيو هو.ان مهل منهنجي اکين ۾ ڳوڙهن بجاءِ رت پرجي آيو هو ان ڪري چهري مان وحشت ٿي اپري، اها شايد بابا به محسوس ڪري ورتي هئي، جنهن مون کي سنڀالي ورتو، نه ته نبي بخش ۽ مون مان شايد ڪو هڪ هجي ها.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مان واپس يونيورسٽي هليو آيس، پر آرام نه ٿي آيو، فوزيه کي ياد ڪري روئي پوندو هئس، ماني ٻنهه نه وڻندي هئي، بک مهل چانهه ۽ بسڪيٽ ڪم آڻيندو هئس. دل ۾ پڪو پهه ڪيو هيم ته وقت اچڻ تي نبو کان فوزيه جي رت جي ڦُڙي ڦُڙي جو حساب وٺندس...وقت گذرندو رهيو.آئون آهستي آهستي نارمل ٿيندو ويس. ان واقعي کان پوءِ ڳوٺ وڃڻ لاءِ دل ئي ڪو نه چوندي هئي...ان ڪري يونيورسٽيءَ ۾ رهي پيو هئس.اڄ جڏهن ٽيڪ ان واقعي کان سال پوءِ نبو تي نظر پئي هئي ته زخم وري اپري آيا هئا، آئون ڪيس ٻانهن کان وٺي هوٽل تي آندو، پهريان رسمي حال احوال پئي ڪياسين پر جڏهن مون فوزيه جي ڳالهه ڪيڍي ته همراهه آپي کان ٻاهر نڪتو پئي ويو، مون کي سندس گفتگو مان معلوم ٿي ويو هو ته فوزيه بلڪل بي قصور هئي. اصل مسئلو سورنهن ايڪڙ زمين ڦبائڻ جو هو، جيڪا هاڻ نبوءَ جي ملڪيت هئي، ڇو ته شادي وقت چاچي پنهنجي سموري ملڪيت فوزيه جي نالي ڪري ڇڏي هئي ۽ نبو فوزيه سان شادي فقط ئي فقط زمين لاءِ ڪئي هئي.

نبو جي اٿڻ کان پوءِ مون دل ئي دل ۾ چيو:

”نبو تون حقيقت کان ڪيترو ڀڄندين...؟“

وقت جي وهڪري مون کي يونيورسٽيءَ مان ايم بي اي جي ڊگري ڏيئي ڪراچي جي هڪ فائيو اسٽار هوٽل جو مئنيجر ڪري ڇڏيو هو.

”هيلو مسٽر نواب...!“

”هاءِ مس بابرا...!“ مون سامهون مرڪندڙ ڇوڪريءَ کي جواب ڏنو.

”دراصل اسين هتي (ڪراچي ۾) هني مونَ ملهائڻ آيا آهيون..!!“چيائين:

”ان لاءِ هفتي جي لاءِ روم ڪپي اهو به....!“

”ايتي ايت...!“مون سندس جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

”او...هو...ڏاڍا عقلمند آهيو...!؟“مرڪندي چيائين:

”ان ۾عقلمنديءَ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي...؟“چيم

”توهان اڳئين سال بہ...’هني مون‘ ملهائڻ لاءِ هتي ئي تہ آيا هئوَ...؟“

موٽ ۾ بابرا هڪ ٺهڪ ڏنو ۽ چيائين:

”ها مسٽر نواب...!اوهان ياد داشت جا ڏاڍا پڪا آهيو... هيءَ دنيا آهي ئي کائڻ، پيئڻ ۽ عيش ڪرڻ جي... پر هاڻ هڪ ڳالهہ ياد رکجانءِ... هن ڀيري منهنجو مڙس ڪجهہ شڪي قسم جو ماڻهو آهي... وڏي مشڪل سان ڦاسايو اٿمانس... ان ڪري ان جي آڏو ڪا بہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪجانءِ... تہ جيئن وقت کان اڳ ئي ڪا گڙبڙ پيدا نہ ٿي وڃي...!“

”نہ نہ... مس بابرا...! اوهان کو بہ فڪر نہ ڪريو، هونئن بہ اسان کي توهان جهڙن گراهڪن جو ڏاڍو قدر آهي...!“

ائين چئي مون هڪ ملازم کي ’ايتي ايت‘ ڪمري جون چاٻيون ڏيندي چيو:

”توهان ڀهريان ڪمري جي صفائي ڪيو بعد ۾ محترمہ جو سامان ڪٽي مٿي پهچايو...!“

بابرا هاڻ سامهون پيل صوفي تي ويهي رهي هئي.

مان بابرا کي چڱي ريت سڃاڻان، هوءَ ڪراچي توڙي حيدرآباد ۾ پيسي واري نوجوانن جون دليون پنهنجي ادائن ۽ مرڪن ذريعي ڪسيندي آهي ۽ اهڙن نوجوانن سان اڪثر هوءَ گڏ اسان جي هوٽل تي ئي هڪ ٻہ راتيون رهڻ ايندي آهي ۽ سندس کيسا خالي ڪرڻ کان پوءِ کين الوداع چئي اڏامي ويندي آهي، اگر ڪو ٺاهوڪو نوجوان هٿ آيس تہ ان سان شادي ڪري خوب عيش ڪندي آهي، پر جڏهن سندس گهوٽ کي اصل معاملي جي خبر پوندي آهي يا سندس هلت چلت تي’شڪ‘ پوندي اٿس تہ هو ان مهل اڌ کان وڌيڪ ملڪيت وڃائي ويهندو آهي...نيڪ ان وقت بابرا ان کان موڪلائڻ بغير رفو چڪر

ٿي وري نئين ’شڪار‘ لاءِ ڄار وڇائيندي آهي. اهو ئي سندس ڌنڌو آهي. هن ڀيري بہ لڳي پيو ڪو ناهوڪو ’نوجوان‘ ڦاسايو هئائين، ڇاڪاڻ تہ اڄ هوءَ بيحد خوش نظر پئي آئي.

آئون وري پنهنجي گراهڪن ۾ ڪمن ڪارن ۾ مصروف ٿي ويس. پوءِ خبر ناهي ڪهڙي مهل سندس ور آيو، ۽ هو ’ايٽي ايٽ‘ ڪمري ۾ منتقل ٿي ويا هئا. تقريبا رات جو نائين وڳي بابرا مون وٽ آئي ۽ چيائين:

”منهنجي مڙس جي طبعيت ڪجهہ خراب آهي، ان جو خيال رکجو مان ڪنهن پارٽيءَ ۾ پئي وڃان، ممڪن آ دير ٿي وڃين...!“ ائين چئي هوءَ هلي ويئي.

ان رات تمام گهڻي برسات ٿي پئي، ان ڪري مان گهر نہ وڃي سگهيس ۽ ’ايٽي ايٽ‘ ڪمري جي پرواري خالي پيل ڪمري ۾ هليو ويس. تقريبا رات جو ساڍي ٻارهين وڳي اوچتو بابرا منهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ چيائين:

”معاف ڪجو اوهان کي ڊسٽرب ڪيم...! دراصل آئون پارٽيءَ مان هاڻي پئي اچان، ڪمري جو دروازو ڪليل ڏسي اوهان وٽ آئي آهيان، هن وقت چانهہ پيئڻ تي ڏاڍو موڊ آهي. پليز اوهان ٻن چانهين جو بندوبست ڪريو...!“

مان ان وقت ڪتاب پڙهي رهيو هئس، ڪتاب بند ڪندي کيس چيم:

”اوهان هلو پنهنجي ڪمري ۾ آئون اڃهو چانهہ تيار ڪري کڻي آيس...!“

”مهرباني...!“ ائين چئي بابرا هلي ويئي. آئون ٿوري دير بعد بہ چانهيون تيار ڪري ’ايٽي ايٽ‘ ڪمري جي پرسان پهتس تہ مون کي ڪجهہ آواز ٻڌڻ ۾ آيو، آواز ٻڌي مون ڪان چرڪ نڪري ويو هو، ڇو تہ مون آواز سڃاڻڻ ۾ ٿوروبہ غلطي ڪان ڪم نہ ورتو هو، اهو آواز نبوءَ جو هو.

”پياريءَ بابرا...! تون هيترو ٽائيم ڪيڏانهن هلي وئين هئينءَ...! ائين اڪيلو گهمڻ ڦرڻ توکي سونهين ڪونہ ٿو...! ماڻهو ڇا سمجهندا ان ڪري ڪجهہ احتياط ڪندي ڪر...!“

”ڊرالنگ...!“

هن ڀيري بابرا جو دلڪش آواز ٻڌم: ”اڄايو وهمي نہ ٿي، هي ماڊرن دور آهي، پارٽيون، محفلون اٽينڊ ڪرڻيون پون ٿيون، ماڻهن سان اٿڻو ويهڻو پوي ٿو. جيڪڏهن هاڻ ئي تون اعتراض ڪرڻ شروع ڪري ڏنا تہ پوءِ شايد پاڻ وڇڙڪ...!“

” نہ نہ چري...! اهي ڪهڙيون ڳالهيون پئي ڪرين...!؟“

نبوءَ سندس جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو:

”تو جهڙي نيڪ گهر واري تہ قسمت وارن کي ملندي آهي ...!“

اهو ٻڌي مون کي بي انتها ڪاوڙ آئي سوچيم:

”نبو ڳوٺ ۾ ته ڏاڍو غيرتي آهي، ڏينهن جو به بنگلي تي ڏهه ڏهه چوڪيدار بيٺا اٿس، پوءِ به معصوم فوزيه کي ’ڪاري‘ ڪري مارايائين، پر هتي شهر ۾ سندس پياري گهرواريءَ رات جو به آزادي سان ٻارهين هڪ تائين محفلون پئي ملهائي، ڪيڏانهن ويئي هن جي غيرت...!؟؟“

”ٻڌ...!“ بابرا جو آواز آيو

”ڇوڪري ڪيئن هئي...؟“

”ڪهڙي ڇوڪري...؟“ نبو تعجب مان پڇيس:

”جيڪا تو وٽ يارهين وڳي آئي هئي...؟“

”پر ان جي تو کي ڪيئن خبر پئي...؟“

”موڪليو ئي مان هيومانس...!“

”ڏاڍي شرارتي آهين...!“

”هاڻ ان ڇوڪريءَ مان مالڪ توکي ’ڪارو‘ ڪري ماريندا...!“

”ڇا...!

نبوءَ ڪان ڇرڪ نڪري وڃي ٿو.

”ڏس...!ڊڄي وئين نه...!“ بابرا چيس:

”پر هيءَ ڪراچي آهي...هتي اهو سڀ ڪجهه فيشن (جائز) آهي...!“

”ڏاڍي بي شرم آهين...!“

”ڏس...! جهڙي طرح مان تنهنجي گهر واري آهيان اهڙيءَ طرح اها ڇوڪري به ڪنهن جي گهرواري آهي...!“

بابرا معنيٰ خيز انداز ۾ چوڻ لڳس...

”پر پوءِ به هن تي ’ڪاريءَ‘ جو الزام نه لڳندو... اهو آهي ڪراچي ۽ ڳوٺن جي ماحول ۾ فرق...! توکي به هاڻي شهري ٿيڻو پوندو... سمجهين ٿو نه منهنجي ڳالهه جاني...!“

”ڇڏ ان فضول ڳالهين کي چري ...!“ نبوءَ جو آواز آيو...

”منهنجي خوشي توسان آهي. تون خوش ته مان خوش...!“

اهو سڀ ڪجهه ٻڌي آئون وڌيڪ بيهي نه سگهيس ۽ ’ايٽي ايٽ‘ ڪمري ۾ داخل ٿي ويس، جنهن جو دروازو ڀريان ئي کليل هو.

”او... نواب...تون...!!!“ نبوءَ حيرت مان چيو.

”جي ها... مان...!“چانهه ٽيبل تي رکندي چيم.

”هت وري ڪيئن...؟“

”تنهنجي ڳولا هئي...!“ چيم

”پر مون ڪان اڳ ۾ توکي بابرا ڳولي ورتو آهي... هاڻ مون کي تنهنجي گهرج ناهي، بابرا ئي توکي چڱي ريت سنواريندي...!“

نبو منهنجو جملو قطعي نہ سمجهي سگهيو هو، ان ڪري حيرت مان پڇيائين:

”تون وري بابرا کي ڪيئن سڃاڻين...!؟“

”شريف... وفادار... ۽ عزتدار هجڻ جي ڪري...!“ ائين چئي ہنهي کي غور سان ڏٺم ۽ پوءِ تيز تيز قدمن سان ڪمري مان نڪري ويس. هو ٻئي مرڪي رهيا هئا، شايد هڪ ٻئي جي مرڪ کي نہ ٿي سمجهيائون، ڇو تہ ٻنهي جي مرڪڻ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق هو...!!!

***

رهجي ويل رنگ

موڪل واري ڏينهن دل چوندي آهي تہ جيڪر دير تائين ستو پيو هجان. منهنجي آرام ۾ ڪو خلل وجهڻ وارو نہ هجي، پر ائين ٿيندو گهٽ آهي ڇو تہ منهنجي گهر واريءَ مون کي گهڻي دير تائين سمهڻ اصل نہ ڇڏيندي آهي، ڪافي ڀيرا ائين نہ ڪرڻ جي لاءِ التجا ڪندي چيو هيومانس تہ:

”بيگم صاحبہ...! هفتي ۾ صرف هڪ ڏينهن تہ آرام ڪرڻ لاءِ ملندو آهي پر اهو بہ ٺيڪ طرح سان گذارڻ نہ ٿي ڏين...!“

ان تي تهہ پهہ جواب ڏيندي چيائين:

”موڪل وارو ڏينهن صرف آرام ڪرڻ لاءِ نہ هوندو آهي جناب...! پر ان ڏينهن گهر جي ضرورتن تي بہ توجهہ ڏيندو ڪر...! سڄا سارا ڇهہ ڏينهن تہ آفيس ۾ ڪم ڪرڻ جو بهانو هوندو اٿئي... ان ڪري ٽوٽين وانگر گهر جي ڪمن کان ننٽائيندو وتندو آهين، پر هفتي ۾ صرف هڪ ڏينهن تہ گهر جي صفائي ۾ ان جي ضرورتن پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان گڏ ٽانڪي کي بہ صاف ڪندو ڪر...! ڇو تہ اهو تنهنجو ڪم آهي، منهنجو نہ...!!“

اهو ٻڌي واڇون ٽڙي ويندي هيون، چوندو هيومانس:

”بيگم صاحبہ...! اڄوڪو ڏينهن ڇڏيو باقي ايندڙ هفتي موڪل واري ڏينهن سڀ ڪم ڇڏائي ڏيندو سانءِ...!“

تہ بہ هوءَ نہ مڙندي هئي، پاڻهن کان ڇڪي تہ ڪڏهن وري گلاس پاڻي جو مٿان هاري چوندي هئي:

”هر ڀيري تون ائين چوندو آهين پر اڄ نہ ڇڏيندين سانءِ...!“

جنهن تي مون کي ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي، سوچيندو هيم تہ جيڪر مان بہ ايڪشن ۾ اچي وڃان تہ ڪيس خبر پئجي وڃي تہ ميونسپل ڪلارڪ جي آرام ۾ خلل ڪيئن وجهبو آهي... پر وري ٻي لمحي خيال ايندو هو تہ منهنجي ايڪشن ۾ اچڻ کان اڳ هن کي ري ايڪشن ٿي ويندو... ۽ پوءِ هوءَ هڪدم ڏوئي ڪٽي وٺندي... اها سوچ ايندي ئي ڏڪٽي وٺي ويندي هئي، ڇو تہ ڏوئي جي ڏڪن جا احوال مون وارو يار 'بادل بيوس' مون سان اوري سڏڪي پوندو هو، جيڪو مون وانگر ميونسپل ۾ ڪلارڪ هو پر هاڻ شايد سندس گهر واريءَ جي سورن ڪيس شاعر بہ بڻائي ڇڏيو هو، پنهنجا درد ۽ دانهون شاعري ذريعي ڪيڏي پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪندو هو. ان ڪري مان ايڪشن ۾ اچڻ بجاءِ هڪدم اٿي بيهي رهندو هئس، پوءِ جيڪو حڪم بيگم صاحبہ ڪندي هئي تہ هڪدم بغير ڪنهن ڀِٽڪي يا ڪِر ڪِر جي ڪنهن مشين جيان پورو ڪندو هئس.

اڄ بہ آچر هو، آفيس مان موڪل هئي ان ڪري مان ڪافي دير ستو رهيس، پر سج هاڻي ڪافي مٿي چڙهي آيو هو جنهن جي تيز تپش مون کي وڏيڪ سمهڻ نہ ڏنو (چو تہ اسان اونهاري جو گرمي کان بچڻ لاءِ رات جو گهر جي آڳر 'پڌر' تي سمهندا آهيون) ان ڪري مان اکيون مهٽي اٿيس، منهنجي گهر واري ان وقت ڪپڙا پئي ڌوتا، ان موقعي کي غنيمت سمجهي تکڙ ۾ ڪٽ پُٺيءَ تي رکي ڪمري ۾ ڪٽي آيس ۽ فل اسپيڊ تي پکو هلائي بي فڪر ٿي سمهي رهيس، ڪافي دير کان گهر واريءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

"سائين...! هاڻ اٿو بہ سهي، ڏسو نہ پيا... يارنهن بہ ٿي ويا آهن...!"

مون اکيون کوليون سامهون ڀت تي لڳل گهڙيال ۾ نظر وڌم، واقعي يارنهن ٿي ويا هئا، ان تي ڏاڍو حيران ٿيس تہ موڪل واري ڏينهن هوءَ مون کي وڏ ۾ وڏ نائين ساڍي نائين تائين سمهڻ مشڪل سان ڏيندي آهي.پوءِ اڄ ڀلا ڪيئن مهرباني ڪئي اٿائين. جو يارهين تائين سمهڻ ڏنائين، پيو تہ اڄ سندس لهجو بہ ماشاءالله ڏاڍو پيارو هئس. مان ان ئي تعجب ۾ اٿي وراندي ۾ رکيل هڪ ڀڳل ڪرسيءَ تي ويهي رهيس تہ هوءَ منهنجي لاءِ برش ڪڍي آئي. مون ڪائنس برش ورتو، پر هوءَ مسلسل مونکي سواليہ نگاهن سان تڪڻ لڳي، جنهن تي چيو مانس: "بيگم صاحبہ...! ڪا ڳالهہ آهي تہ ڪڍي ٻڌايو... حڪم جو بندو برش ڪڍي پوءِ ئي ڪندو...!"

"نہ...نہ...ڪا خاص ڳالهہ نہ آهي...!" وراڻيائين "تون برش ڪري وٺ..!" ائين چئي هوءَ ڪٽ سوري منهنجي پرسان ويهي رهي.

"چپر...! ڏس آخر اسان ڪيستائين بي اولاد رهنداسين...!"

برش ڪرڻ کان فارغ ٿيندي ئي گهر واريءَ جو آواز ٻڌم

"هاڻ اسان جي شادي کي شايد ست سال بہ ٿي ويا آهن...!"

(منهنجو نالو چپر آهي. ڪيڏو نہ عجيب نالو آهي، شايد عجيب سان گڏ ڪجهہ غريب بہ...! منهنجي ڄمڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ بابا سان خبر ناهي ڪٿي ۽ ڪيئن هڪ دٻدٻي زميندار 'چپر ' نالي سان مليو هو. جنهن جي هشمت، دهشت ۽ تقريبن نونٽ جيترا شهپر ڏسي بابا دل ئي دل ۾ پڪو پهہ ڪيو هو تہ جيڪڏهن مون کي ڇوڪرو ڄائو تہ سندس نالو 'چپر' ئي رکندس. جيئن ماٺو ڪائنس لنوائين...! ماشاءَ الله ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ منهنجي پيدائش ٿي. ۽ منهنجو نالو چپر ئي رکيو ويو. جڏهن وڏو ٿيس تہ ان سڄي معاملي جي خبر پئجي وئي ۽ پنهنجي نالي تي پڻ ڏاڍي ڪاوڙ آئي. پر هاڻي ڇا ٿو ٿي سگهي... تنهن هوندي بہ مون دل ئي دل ۾ پڪو پهہ ڪيو تہ ان زميندار جيان مان وڏا شهپر هرگز نہ رکرائيندس، پر سدائين ڪلين شيوَ هوندس. جنهن تي بابا ڏاڍو ڏمريو هو، پر تنهن هوندي بہ اڄ تائين پنهنجي فيصلي تي قائم آهيان...!) "جيسيتائين الله راضي ٿئي پياري...! پنهنجي گهرواريءَ کي جواب ڏنو هيم.

"پر الله راضي ڪڏهن ٿيندو...!" پڇيائين..!

”الله جي پرچڻ ۾ دير ناهي چري.!“ وراڻيم ”بس تون ٿورو صبر ڪر.“
”آخر ڪيستائين صبر ڪريون...؟“ تنگ ٿيندي چيائين:
”الله اسان تي مهر ڇو نه ٿو ڪري...؟“
”شايد ان ڪري جو الله تعاليٰ اسان کي نيڪ ۽ صالح اولاد عطا ڪرڻ ٿو چاهي...!“ چيم ” تون هرو ڀرو تکڙ نه ڪر... جو ڪٿي الله سائين اسان کي تيز ۽ تکڙو اولاد نه ڏئي وجهي ته پوءِ ويٺا پڇتايون...!“
”پر هاڻ مان وڌيڪ انتظار نه ٿي ڪري سگهان...!“ فيصلہ ڪن لهجي ۾ چيائين:
”سڀاڻي اسان ڪنهن پِير وٽ هلنداسين ۽ ان کان اولاد پنڻنداسين..!
”ڇا ٿي بڪين...!“ ڪاوڙ ۾ ڪيس چيم:
”ڇا پيرن وٽ اولاد پيو آهي...؟“
”پِير وڏي پهچ وارا آهن پيارا...!“ وراڻيائين...”من انهن جي صدقي الله سائين اسان تي راضي ٿئي...!“
” هرو ڀرو احمقاڻيون ڳالهيون نه ڪر...!“ چيم
”جيڪڏهن الله پاڪ اسان جي نصيب ۾ اولاد لکيو هوندو ته پاڻ ضرور اولاد وارا ٿينداسون... جيڪڏهن نه ته پوءِ اهي پِير فقير ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهن...!“
” تنهنجو مٿو خراب ٿي ويو آهي...!“ چيائين
”تون پيرن فقيرن کي نه ٿو مڃين، شايد خدا ان ڪري اسان کان ناراض ٿي ويو آهي، جو اسان کي اولاد نه پيو ٿئي...!“
”مان پيرن فقيرن جو انڪاري نه آهيان...!“ وراڻيم
”پر اهي پير فقير اولاد ڏيڻ لاءِ نه ايندا آهن... هو ته ماڻهن کي سنوارڻ سڌارڻ توڙي حق جي تلقين ڪرڻ لاءِ ايندا آهن... پر بدقسمتيءَ سان اڄوڪا پِير ته رهندو ئي اڻوجهه ماڻهن جا لاهه ئي ڪڍيو ڇڏين ته پوءِ ... الله سائين انهن جي ڪيئن ٻڌندو...؟“
”آخر...آخر... تون پِيرن جي پُهچ جو انڪاري ڇو ٿو ٿئين...؟ “ڪاوڙ ۾ چيائين: ” هزارين لکين ماڻهو سندن زيارتن، مزارن ۽ مقبرن تي حاضري ڀرين ٿا ته پوءِ ڇا اهي سڀ بيوقوف ۽ چريا آهن...؟“
”اها انهن کي خبر...! “ اطمينان سان چيم: ” باقي منهنجي ڪنهن پير فقير سان نه لڳي... بس ’حاڪم شاهه پٽ‘ واري سان ڪجهه دل آهي... ان ڪري سندس ميلي تي ڪڏهن ڪڏهن حاضري ڀري ايندو آهيان...!“
”تون انتهائي گستاخ آهين...!“ انتهائي ڪاوڙ ۾ چيائين:

”تون پِيرن جو پِٽيل آهين...! مونکي هاڻ يقين ٿي ويو آهي تہ تنهنجي ڪري ئي اسان کي اولاد نہ پيو ٿئي...!“

ايئن چئي هوءَ روئي پئي هئي پر مون تي ان جو ڪو بہ اثر نہ پيو.

”مان پيرن جو پِٽيل ئي سهي...!“ ڪيس چيم:

”پر تون پِيرن جي پوڄاري آهين تہ پوءِ هو توتي تہ رحم ڪري ۽ مونکي نظر انداز ڪري... توکي الله سائين کان اولاد ڇو نہ ٿا وٺي ڏين...؟

پر هوءَ روئندي رهي، مونکي ڪو بہ جواب نہ ڏنائين.

”چڱو هاڻ ڇڏ روئڻ کي...!“ ڪجهہ گهڙين کان پوءِ کيس چيم:

”مونکي ماني آٽي ڏي ڏاڍي بُک لڳي آهي...!“

”ماني نہ ملندئي...!“ ڀُوڙها اگهندي وراڻيائين، اهو ٻڌي مان ڇرڪي ويم، پڇيم:

”ڇو نہ ملندي...؟“

”جيستائين تون مونسان ڪنهن پِير تي هلڻ جو واعدو نہ ٿو ڪرين تيستائين ماني جي هڪ گرهہ ڪاڻ بہ سِڪائيندي سانءِ... تہ جيئن خبر پوئي تہ پِيرن سان ڪيئن ڦٽائبو آهي...!“

مونکي پنهنجي گهرواريءَ جي ضد جي چڱي ريت خبر هئي تہ هوءَ پنهنجي ڳالهہ مڃائي پوءِ ئي ڇڏيندي آهي.ان ڪري سندس سان بحث ڪرڻ بلڪل فضول هو.

”ٺيڪ آهي...! “ چيم: ”ايندڙ هفتي پاڻ پٽائيءَ تي هلنداسين...!“

”پٽائيءَ تي نہ...!“ وراڻيائين

”ڇو...؟ ان ڪري جو هو سنڌي آهي...!“

”اسان وري ڪهڙا مهاجر آهيون...؟“ وراڻيائين

” اڄ ڪلهہ اسان پنهنجي ذات يا قوم وارن کي گهٽ سمجهندا آهيون، ان ڪري ممڪن آهي اسان جي نظر ۾ اسان جي قوم جا پير فقير بہ گهٽ هجن...!“

”نہ...نہ اها ڳالهہ هرگز نہ آهي...!“ وراڻيائين ”پر اسان پٽائيءَ تي نہ هلنداسين...!“

”تہ پوءِ قلندر تي مان بہ نہ وٺي هلندوسانءِ...! “

”نہ اوڏانهن بہ نہ هلنداسين...!“

”تہ پوءِ پيلا هاٽي ڪهڙو پير تاڙيو اٿئي...!؟“ خفا ٿيندي کائنس پڇيم. ”پاڻ ڪرامتي شاهہ تي هلنداسين...!“ چيائين: ” ڏاڍي پُهچ وارو پِير آهي...!“ ”ڪرامتي شاهہ...!!! اهو وري ڪهڙو پِير آهي...!؟“ تعجب مان پڇيم.

”مون تہ اڄ تائين سندس نالو بہ نہ ٻڌو آهي...!“

”تون صحيح پيو چوين...! “ وراڻيائين

”گهڻا ماڻهو سندس نالي ڪان اڻواقف آهن...ڇو ته ڪرامتي پِير جي خبر هاڻي پئي آهي ته هو ڪيڏي نه پُهچ رکي ٿو...!“

” پر توکي ان جي پُهچ جي خبر ڪيئن پئي...؟“

” پاڙي واري مائي بچلان سندس حاضري ڀري آئي آهي...!“ چيائين

”هاڻ ته ان جي باس به پوري ٿي آهي...! چاڻ اولاد واري ٿي وئي... ان ڪري ڪجهه ڏينهن ۾ توکي به... هڪ عدد چيلي سان سندس مزار تي حاضري ڀرڻي پوندي...!“

” پر اهو ڪرامتي پِير آهي ڪٿي ۽ ڪيئن ظاهر ٿيو...؟“

”ان بابت ماسي بچلان سندس درگاهه تي ويٺل ڪنهن فقير ڪان پڇيو هو، جنهن ٻڌايس امان اهو پير هتان جو نه اصل ايران يا عراق جو آهي... جڏهن سندس وفات جو وقت ويجهو آيو ته هي اُڏري هتي پهتو...ڇو ته هي سنڌ جي منڙن ماڻهن جي ملندڙ موٽ ڪان چڱي ريت واقف هو ...۽ پوءِ هتي ئي سندس ساهه پرواز ڪري نڪري ويس... سندس جسم مبارڪ ازخود هتي دفن ٿي ويس، پر ان بابت هتي جي ڪنهن به ماڻهو کي خبر ڪا نه پئي... پر ڪجهه عرصي بعد هڪ لائق فقير (جيڪو هاڻي ڪرامتي پير جو گادي نشين آهي) سندس قبر مبارڪ ڳولي لڌي ۽ اهڙي طرح جتي ڀهريان صفا ويراني ئي ويراني هئي، اڄ اُتي ڪرامتي شاهه جي ڪرامتن جي ڪري ميلو ئي ميلو آهي...!“

منهنجي گهر واري ڏاڍي ادب و احترام سان اهو سڀ ڪجهه چئي وئي.

”ٺيڪ آهي...!“ جان ڇڏائڻ لاءِ چيم:

”پاڻ ايندڙ هفتي ڪرامتي پِير جي مزار تي هلنداسين...! مونکي هاڻي ماني کارائي ڏاڍي بُک لڳي آهي...!“

”ها...ها کوڙ ماني، اجهو ٿي گرم گرم ماني تيار ڪري ڏيانءِ...!“

ايئن چئي هوءَ بورچي خاني ۾ هلي وئي. ۽ مان واپس پنهنجي ڪمري ڏانهن اچي الماڙي مان هڪ فريم ۾ بند ٿيل تصوير ڪڍي غور سان ان کي ڏسڻ لڳس.آءُ اڪثر موڪل واري ڏينهن اها يادگار تصوير ڏسندو آهيان جنهن ۾ مان ۽ منهنجا گهرا دوست جمن ۽ شمن بيٺل آهيون، اسان ٽنهي جون ٻانهون هڪٻئي جي ڪلهن تي رکيل آهن ۽ اسان ٽئي ان تصوير ۾ ويهن ٻاويهن سالن جا ڳڀرو نوجوان آهيون... ڇو ته اها تصوير اڄ ڪان تقريبن ويهه سال اڳ جي هئي. جڏهن اسان ٽئي ڪاليج ۾ گڏ پڙهندا هئاسين، جمن ڏاڍو ڪلڙو ملڙو ۽ پيارو نوجوان هو اڪثر اسان کي چوندو هو ته:

”يارا توهان مونکي جمن ڪري نه سڏيو پر ...’ڊبل شاهه‘ چئو، ڇو ته مان نه صرف جمعي تي ڄائو هيم پر اهو ڏينهن حج جهڙو ڀلارو ڏينهن به هو، يعني هڪ ئي وقت ٻه ڀلارا موقعا، ان ڪري مان بنا ڪنهن شڪ جي ’ڊبل شاهه‘ آهيان. جنهن تي هڪ ڀيرو هن کي چيو هيم:

”يار جمعي تي پيدا ٿيڻ وارا شاهه نه ٿي ويندا آهن اجايو ماڻهو نفرت ڪندئي...!“

”پپو شاهہ بہ تہ ... شاهہ ناهي...!!“ وراڻيو هئائين ”ان جو پيءُ پريل پنجابي هو جيڪو مئل توڙي ذبح ٿيل جانورن جون کلون کپائيندو هو پر پپو پنجابي جمعي تي پيدا ٿيڻ سبب اڄڪلهہ شاهہ ٿو سڏائي... ڪوڙ سارا مريد بہ ناهي ورتا اٿائين... حرامخور تازو شادي بہ شاهن مان ڪئي آهي... پر پانيان ٿو تہ اهي بہ ان جهڙا ئي شاهہ هوندا، پوءِ جيڪڏهن پنجابي جمعي تي پيدا ٿيڻ جي ڪري شاهہ سڏائن ٿا تہ پوءِ اسان وري ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي... بس توهان مونکي ’ڊبل شاهہ‘ سڏيو، جمن نہ ...!“

جڏهن تہ شمن مولائي قسم جو ماڻهو هو، اڪثر خاموش رهندو هو، بس ضرورت مهل ئي ڪجهہ ڳالهائي ونندو هو. سندس ماءُ پيءُ مري ويا هيس چاچن ۽ سؤٽن سان هن جي بنهہ نہ لڳندي هئي بس سڄو ڏينهن اسان سان گڏ هوندو هو، البتہ رات جي راڪاس کان بچڻ لاءِ هو پنهنجن چاچن جي گهر پناهہ وٺندو هو.

جڏهن اسان انٽر ڪري بي. اي ۾ داخلا ورتي سين تہ ان وقت حالتن ڦيرو ڪاڌو ۽ وقت، جنهن جي آڏو جيڪا شيءِ آئي ان کي لوڙهي ڇڏيندو آهي، پنهنجن کان پري ڪري ڇڏيندو آهي ان وقت مان بہ وقت جي تيز لهرن جي ور چڙهي ويو هيم ۽ هن مونکي پنهنجي شهر (جتي مون هلڻ سکيو ڪلڻ سکيو) توڙي جمن، شمن کان تمام گهڻو پري حيدرآباد جي هڪ ڪنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو هو. شروعات ۾ اسان هڪ ٻي ڏي ڏاڍا خط لکندا هئاسين پر آهستي آهستي اهو سلسلو جهڪو ٿيندو نپ ٿي ويو ۽ ان ۾ اسان ٽنهي جون ڪوتاهيون هيون پر سڀ کان گهڻيون شايد منهنجون...!!

حيدر آباد ۾ رهائش اختيار ڪرڻ کان پوءِ تقريبن پنجن سالن بعد مونکي ميونسپل ۾ ڪلارڪي ملي وئي هئي ۽ ان کان تقريبن ٿوري ئي وقت کان پوءِ مون زرينہ سان شادي ڪئي هئي، جيڪا پنج درجا پاس هئي ۽ پيِرن فقيرن تي حد کان وڌيڪ ويساهہ رکندڙ هئي، پر مان ان جي ابتڙ هيم. ان ڪري اڪثر مونکي چوندي هئي تنهنجو حشر خراب ٿيندو.

جمن جي مسڪرائيندڙ تصوير ڏسي مان ڳوڙها روڪي نہ سگهندو آهيان، ڇو تہ هو هاڻ هن دنيا ۾ نہ رهيو آهي.ڪيس ايڏو تہ بيدردي سان قتل ڪيو ويو جو پوليس پنهنجي بدنامي جي ڪري سندس لاش بہ ظاهر نہ ڪيو. ڇو تہ چوڻ وارا چون ٿا تہ ڪيس مچريل پوليس وارن منهن ۾ ايتريون تہ گوليون هنيون هيس جو هو پنهنجي شناخت ۽ پوليس انسانيت وڃائي ويٺي هئي، شايد ان ڪري سندس لاش کي يا تہ ساڙيو ويو هو يا وري سنڌ جي ڪنهن اهڙي ڪنڊ ۾ اڇلايو ويو هو، جتان سندس وار بہ واپس نہ ٿئي. مونکي تہ پهريان ڏاڍي عبرت ٿي هئي هن جي ڏاڙيل ٿيڻ تي... پر جڏهن اصل معاملي جي خبر پئي تہ سوچيو هيم جيڪڏهن جمن جي جڳهہ تي مان هجان ها تہ بہ يقينن ڏاڙيل ئي ٿيان ها، اصل ۾ جمن گهر ۾ ڪات هٽندڙ هڪ چور کي ماري وڌو هو، ان ڏوهہ ۾ ڪيس ڏهہ سال سزا لڳي هئي، پر هو اڃان جيل ۾ ئي هو تہ مارجي ويل چور جي ساٿين ۽ مائٽن سندس پيءُ کي سرِعام بيعزتو ڪري بيدردي سان ماري ڇڏيو هو،

جنهن ڪان پوءِ هو جيل مان فرار ٿي ڏاڙيل بڻجي ويو هو. جڏهن تہ شمن بہ اوچتو اوچتو ئي ڪيڏاهن گُم ٿي ويو هو. بي انتها ڪوشش جي باوجود بہ اڄ تائين ڪيس ڳولي نہ سگهيو آهيان.

ايندڙ آچر تي اسان سفر جون سڀ اذيتون ڀوڳي نيٺ ’ڪرامتي شاهہ‘ جي مزار تي پهتاسين. مزار ڪافي وڏي هئي ۽ سندس پڌر بہ تمام ڪشادو هو، جتي ڪافي ماڻهو موجود هئا پڌر جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ملنگ ويٺو هو، جيڪو زيارتين کي پنهنجو ديدار ڪرائڻ سان گڏ ڪين دعائون ڏئي رهيو هو ڪوڙ سارا پانديئڙا هن سان ملڻ لاءِ آتا هئا ۽ قطار ۾ بيهي پنهنجي واري جو انتظار ٿي ڪيائون ملنگ هر زيارتيءَ کي... ڪنهن کي ڪلهي تي... ڪنهن کي پناڙن تي... ۽ ڪنهن کي ڀاڪر پائي...ڪنهن کي ڇاتيءَ تي... ڪنهن کي مٿي تي هٿڙو گهمائي سندن حق ۾ خدا کي التجا ڪري رهيو هو. مونکي حيرت ان ڳالهہ تي ٿي رهي هئي تہ ان ماڻهن جي ميڙ ۾ عورتون بہ جام هيون پر اهو فقير (ملنگ) سندن سان بہ اهڙي طريقي سان ملي رهيو هو، جيئن ڪنهن مرد سان ٿي مليو... يعني ڪنهنجي ڪلهي تي هٿ... ڪنهن جي پناڙن تي تہ ڪنهن کي وري ڇاتي تي هٿ...! مان تہ ان وقت آپي ڪان ٻاهر نڪري ويس جڏهن هڪ نوجوان عورت مستي ۾ عقيدت ۾ اچي ملنگ کي چنبڙي وئي... موٽ ۾ ملنگ بہ ڪيس مايوس نہ ڪيو ۽ ڪجهہ لمحن ڪان پوءِ پاڻ ڪان پري ڪندي چيائينس: ”الله آباد ڪندئي بابا... الله آباد ڪندئي...!“

اهو سڀ ڪجهہ پنهنجين اکين سان ڏسي سوچيم بس هاڻ هتان ئي واپس ڪوچ ڪجي، پر ايتري ۾ گهر واريءَ جو آواز پڌم:

”پانيان ٿي تہ اهو ملنگ (ڪرامتي پِير) جو گادي نشين آهي اهو بہ ڪافي پهچ رکي ٿو، اچ تہ پهريان ان ڪان دعا پِنون...!“

ايئن چئي هوءَ منهنجي جواب جو انتظار ڪرڻ ڪان سواءِ ملنگ سان ملڻ وارين عورتن جي قطار ۾ بيهي پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ لڳي، جڏهن تہ مان هڪ پاسو وٺي بيهي رهيس، منهنجون نظرون ان ملنگ جي ٻچي ۾ ڪُتل هيون جنهن تي مونکي ڏاڍي ٻُڇان پئي آئي، سوچيو هيم:

”جيڪڏهن هن فقير دعا ڏيڻ بهاني منهنجي گهر واريءَ سان ٿورو بہ بي ادبي سان مليو تہ اتي ئي اُڦت ڪندو مانس...! ذليل ڪتان جو...!“

هاڻ منهنجي گهر واريءَ جو نمبر هو..! جنهن تي بہ مونکي تمام گهڻي ڪاوڙ اچي رهي هئي تہ وڏو شوق هيس ’ڪرامتي پِير جي حاضري ڀرڻ جو‘ رڳو گهر پهچون...! چڱيءَ طرح خبر وٺندومانس... مان سجو ڦونڊارجي ويو هئس، اکيون آپي ڪان ٻاهر نڪري آيون هيون، ڪاوڙ ۾ سجو تپي لال ٿي ويو هئس، مان پنهنجي اکين کي بغير ڪنهن حرڪت ڏيڻ جي ملنگ ۽ پنهنجي گهر واريءَ ۾ کُپائي ڇڏيون هيون. ٺيڪ ان مهل ملنگ جون نظرون مون تي پيون ۽ مان محسوس ڪيو تہ اهو ملنگ پنڊ پهڻ ٿي ويو آهي يا ٿيڻ وارو آهي...!

هاڻ هن جون نظرون مون ۾ کُتل هيون ان مهل الائي ڇو مونکي پنهنجي ڪلين شيوَ ٿيڻ تي ڏُک ٿيو، نہ تہ مڇن کي تاءُ ڏيان ها...!

”سائين مان پري کان ڪهي آئي آهيان، دعا ڏيو تہ من جي مراد پوري ٿئي...!“

ملنگ کي ايئن ششدر ڏسي منهنجي گهر واري ڪيس زور سان چيو: ”امان...! الله سائين مرڻ گهڙيءَ تائين ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکاريندئي...!“

موٽ ۾ ملنگ سندس مٿي تي هٿ رکندي چيو:

”شال سدائين سُکي هجين مولا ڪندو تنهنجي من جي هر مراد پوري ٿيندي...!“

ايئن چئي ملنگ خاموش ٿي ويو پر سندس نظرون بدستور مون ۾ کُتل هئس. شايد منهنجو داڻو ۾ ڪاوڙ ڏسي تمام گهڻو هيسجي ويو هو. ڇو تہ، سندس چهري تي خوف جون لڪيرون نمايان نظر اچي رهيون هيون.

ڪجهہ دير ڪان پوءِ مان پنهنجي گهر واريءَ سان گڏ ’ڪرامتي شاهہ‘ جي مقبري جي پيراندي ڪان بيٺو هئس، اسان سان گڏ ٻيا بہ ڪوڙ سارا ماڻهو عقيدت ۽ احترام سان دعائون گهري رهيا هئا ۽ هر عقيدت مند آهستي آهستي ’ڪرامتي شاهہ‘ جي مقبري جي چوڌاري ڦرندو ٿي رهيو... زيارتين ۾ گهڻو انگ عورتن جو هو. البتہ مرد بہ ججهي تعداد ۾ هئا... مان بہ هوريان هوريان مقبري جي چوڌاري ڦرندو رهيس، هاڻ مان ’ڪرامتي شاهہ‘ جي قبر جي سيراندي ڪان بيٺو هئس ۽ دعا لاءِ هٿ مٿي هئا تہ اوچتو مون سڄي دنيا گردش ۾ محسوس ڪئي ۽ دعا پِنندو ئي رهجي ويس. واڇون وڏي ويون ۽ مٿو ڦيراٽيون کائڻ لڳو... ’ڪرامتي شاهہ‘ جي سيراندي ڪان سنگِ مَرمَر جي پٿر تي لکيل هو ’جمن عرف ڊبل شاهہ‘ ڪرامتي ولد...!

مان وڌيڪ نہ پڙهي سگهيس شايد مون ۾ وڌيڪ پڙهڻ جي همٿ بنهہ نہ رهي هئي، ان ڪري پنهنجي ساءِ پٽڪيم تہ:

”ڪٿي هي پاڻ وارو يار جمن تہ نہ آهي...!“

ٺيڪ ان لمحي ڪنهن منهنجي وات تي هٿ رکيو، مون ڏٺو هو اهو ئي ملنگ هو جنهن ڪان ٻاهر زيارتي دعائون پِني رهيا هئا...! هو مون کي منهنجي ٻانهن ڪان ڇڪيندي ماڻهن ڪان ڌڪا ڏيندو هڪ طرف گهليندو ٿي ويو.

مون ان وقت گهر واريءَ ڏي نظرون ڊوڙايون هو اکيون ٻوٽي هٿ ٻڌي ڏاڍي احترام سان ’ڪرامتي پير‘ جي سيراندي ڪان بيٺي هئي، ڪيس ڪا خبر ڪو نہ هئي تہ ڇا ٿي رهيو آهي...!

”تون ڇپر آهين نہ...!؟“

ملنگ مونکي هڪ نينڍڙي پر صاف ڪمري ۾ هڪ ڪٽ تي ويهڻ جو اشارو ڪندي پڇيو اهو ٻڌي منهنجون اکيون حيرت ۾ ڦاٽي پيون ڏاڍو تعجب ٿيو تہ اهو ملنگ وري مونکي ڪيئن سڃاڻي...!؟ پر ٻي

لمحي مونکي گهر واريءَ جو اهو جملو ياد آيو تہ 'اهو ملنگ وڏي پهچ وارو آهي' اهو جملو ياد ايندي ئي مون کي ڏاڍو پڇتاءُ ٿيو تہ مون اجايو کيس گهوري ڪاوڙ ۾ ڏٺو هو... ۽ کيس اُٿت ڪرڻ جو سوچيو هيم، هاڻ مونکي پنهنجي غلطيءَ جو شدت سان احساس ٿيڻ لڳو هو.

”تو ڪو جواب ڪو نہ ڏنو...!؟“

ملنگ مون کي خاموش ڏسي وري چيو...

”جي...جي..! مان ڇپر ئي آهيان...پر اوهان مون کي ڪيئن سڃاڻو..!؟“ هٻڪندي کيس چيم:

”مون کي غور سان ڏس ڇَپر...! ملنگ چيو:

”تون بہ مون کي سڃاڻي وٺندين...!“

اهو ٻڌي مان سڄو ڇِرڪي ويم رت جسم ۾ فُل اسپيڊ سان ڊوڙڻ لڳو دل کي تيز ڌڙڪڻ کان روڪڻ لاءِ ڏاڍيون بريڪون هيم پر هر ڀيري ناڪام رهيس اوچتو رت هڪدم برف جيان ڄمي ويو ۽ دل ڪجهہ لمحن لاءِ بلڪل پٿر جيان بي جانَ ۽ سخت ٿي وئي...!

”شمن تون...!؟“ مون وڏي رڙ ڪئي

”ها پيارا مان شمن ئي آهيان...!“ ملنگ جواب ڏنو.

ٻي لمحي اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو هو، هونئن بہ شمن ڀهرين وارو نہ رهيو هو جيڪو مونسان گڏ ڪاليج ۾ پڙهندو هيو، وڌيل ڏاڙهي ۽ ڇُڙواڳ شهپرن جي ڪري شايد مان کيس نہ سڃاڻي سگهيو هئس پر هن شايد مون کي ڀهرين نظر ۾ ئي سڃاڻي ورتو هو.

ڪافي دير اسان هڪ ٻئي کي ڇنبڙيا رهياسين پوءِ پڇيومانس:

”هي سڀ ڇا چڪر آهي...؟ “

”اهو هڪ راز آهي جاني...!“

”مان ان راز کي گهڻي حد تائين سمجهي ويو آهيان...!“چيم:

”پر وري بہ تون ٻڌاءِ اهو ڪهڙو چڪر آهي...؟ 'ڊبل شاهہ ڪرامتي' وارو؟“

”جڏهن پنهنجو جگري يار جمن پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو هو...!“

شمن ٻڌائڻ لڳو: ”اتفاق سان ان مقابلي ۾ مان بہ هڪ سپاهي جي حيثيت سان شامل هئس، پر مون کي اها خبر بلڪل نہ هئي تہ اسان جو مقابلو جمن جي ٽولي سان آهي، ڇو تہ اسان اوچتو هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي ويا هئاسين. جڏهن ميدان صاف ٿي ويو ۽ فتح اسان جي ٿي تہ صاحب هڪ لاش طرف مون کي اشارو ڪندي چيو:

”هي حرام خور جمن جو لاش اٿئي...!“

شايد صاحب کيس چڱي ريت سڃاڻيندو هو، مون لاش طرف ڏٺو ذري گهٽ بيهوش ٿي ويو هئس سندس چهرو تہ ڇا پر سندس مٿي جو وار بہ صحيح سلامت نہ هئس کيس تمام گهڻيون گوليون هنيون

ويون هيون. پهريان تہ مون کي يقين نہ ٿي آيو تہ هي جمن ٿي سگهي ٿو پر پوءِ سندس سڄي ٻانهن تي پيدائشي نشان ڏسي سمجهي ويو هئس تہ هي واقعي ئي جمن آهي. پوءِ انسپيڪٽر صاحب حڪم ڏيندي مون کي چيو، تون هڪ ٻن سپاهين کي ساڻ ڪري هن جو لاش سنڌوءَ جي اهڙي ڪنڊ ۾ اڇلاءِ جو اهو ڪنهن کي بہ هٿ نہ اچي، پر يار ڇپر... توکي تہ خبر آهي تہ مان جمن کي ڏاڍو پيار ڪندو هئس ان ڪري پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي جمن جو لاش ڪٽي وڃهہ وٺي فرار ٿي ويس. پوءِ ان مقابلي واري هنڌ کان ڪوهين ڏور هتي رڻ پٽ ۾ دفنائي ڇڏيو هيم ان ڪم ۾ جيڪا تڪليف مون کي پهتي سا مان بيان ڪري نہ ٿو سگهان پوءِ سندس قبر تي ڪاٺ واري تختيءَ تي سڄاٽپ لاءِ لکرائي ڇڏيو هيم 'جمن عرف ڊبل شاهہ' مان اڪثر سندس قبر تي ايندو هئس تہ اسان جا پِير پرست ماڻهو ان کي پهچ وارو پِير سمجهي سندس قبر تي دعائون پيا گهرندا هئا. جنهن سبب مون هڪ ڏينهن هڪ فقير وارو روپ ڌاري هُلايو تہ اهو ڏاڍو پهچ وارو پِير آهي لڪين سندس ڪرامتون آهن. هو اصل هتان جو بہ نہ آهي سندس تعلق ايران يا عراق سان آهي... موت ۾ ماڻهو منهنجي ڳالهين ۾ اچي ويا ۽ پوءِ جتي ڪالهہ ويراني هئي اڄ اتي ميلي جو ڏيک آهي...! سوين ماڻهو روز ايندا ويندا آهن، مان بہ ڪافي وقت اڳ پوليس جي نوڪري ڇڏي چڪو آهيان، هتان ايترو ڪجهہ ملي وڃي ٿو جنهن مان، آئون نہ صرف جمن جي قبر پڪي ڪرائي سندس نالي جي سنگ مرمر جي تختي هڻايم، بلڪ پنهنجي شهر ۾ هڪ عاليشان گهر بہ ٺهرايو اٿم."

اهو ٻڌي مان ڪجهہ گهڙيون شمن کي تڪيندو رهيس ۽ پوءِ تيزيءَ سان اٿي جمن جي قبر جي چوڌاري پکڙيل زيارتين ۾ پنهنجي گهر واريءَ کي ڳولهڻ لڳس...!!!

***

هڪ اديب جي خواب جي تڪميل

آپگهات ڪرڻ ڪان اڳ ماڻهو ڪائنس تنگ هئا. پر هن کي ان جي ڪا به پرواهه نه هئي، هونئن به جيڪو ماڻهو پاڻ مان ئي تنگ هوندو آهي ان کي ٻين جي بيزاري محسوس نه ٿيندي آهي، ان ڪري ئي شايد هو سپني سان ڪلي ملندو هو توڙي جو سندس سامهون ڪجهه ماڻهو ڪيس اهو ڪجهه چوندا هئا، جيڪو اڪثر ماڻهو برداشت نه ڪري سگهندا آهن پر هو مرڪي چوندو هو:

”مون کي خوشي آهي ته اوهان کي ياد آهيان، البته اها الڳ ڳالهه آهي ته منهنجي باري ۾ اوهان جا احساس ۽ جذبا ڪهڙا آهن...؟ مون تي ان جو ڪو به اثر نه ٿو پوي. مان جوئي آهيان سو ئي آهيان ...!“

موت ۾ ماڻهو اجان وڏيڪ چٽرون ڪندا هئس.

”هي سئو فيصد پاڳل آهي...!“

”دماغي توازن ٺيڪ ڪو نه اٿس...!“

”اديب هوندا ئي بد مغز آهن...!“

پر هو ٺيڪ هو صفا گهڻو ٺيڪ...! جيڪڏهن هو واقعي بد مغز، چريو ۽ بيڪار ماڻهو هجي ها ته يقينن پاڻ تي چٽرون ڪندڙن سان اٽڪي پوي ها پر هن ائين ڪڏهن به نه ڪيو هو ... پنهنجي مٿان الزام ٻڌي مرڪي پوندو هو.

’ڪي ٿو‘ جي چوٽيءَ تائين انسان پهچي چڪا هئا پر هن جي برداشت جي مادي کي ڪو اڪري نه سگهيو هو... چنڊ تان به ته ماڻهو پٿر لاهي آيا هئا پر هن ڪان ڪو به مرڪ کسي نه سگهيو هو.

بي-اي ڪرڻ ڪان پوءِ اڪثر هو هٿ ۾ ڪجهه ڪتاب کنيو گهمندو وتندو هو. پيءُ کي ڪپڙن جو ننڍڙو دڪان هئس پر ان تي به پيءُ گهٽ ويهاريندو هئس، شايد کيس خطرو هو ته متان مون وارو پٽ سخاوت ڪندي سڀ ڪپڙا مفت ۾ ورهائي نه ڇڏي. ڇاڪاڻ ته هو انتهائي حساس هو، هن جي نظرن آڏو ٿيل ننڍڙو واقعو به هن کي وڏو محسوس ٿيندو هو. بظاهر معمولي ڳالهه تي به هو هڪ زبردست ڪهاڻي لکي وٺندو هو، ڪافي ڪهاڻيون ڇپجي چڪيون هيس، سندس هر ڪهاڻي معيار جي مينار جي چوٽيءَ تي هوندي هئي. ادب سان وابسته ماڻهو ته ٺهيو پر هڪ عام ماڻهو به سندس لکڻيءَ مان متاثر ٿيندا هئا، ڪافي همعصر دوستَ هن جي فني ۽ پختي خيال واري مضبوط ڪهاڻيءَ ۽ ان جي ڊائيلاگن کي هضم نه ڪري سگهندا هئا، ان ڪري ڪيس مايوس ۽ دل برداشته ڪرڻ لاءِ چوندا هئس:

”هي ڇا پيو لکين...؟“

”لکڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪپي...!“

”احمقن واريون ڳالهيون نه لکندو ڪر. ..!“

”ڪماٽي لکڻ تنهنجي وس جي ڳالهه ڪونهي...!“

”وقت وڃائڻ بدران ڪو ڌنڌو ڌاڙي ڪر...!“

”پوڙهي پيءُ جو سهارو بڻج...!“

”سٺو ليکڪ ۽ اديب ٿيڻ جا خواب ڇڏي ڏي بيوقوف...!“

”مون ڪڏهن چيو آهي ته مان ڪو وڏو اديب يا ليکڪ آهيان...!“

موٽ ۾ اڪثر چوندو هين:

”منهنجي اندر جيڪي احساس جنم وٺندا آهن يا جيڪو ڪجهه مان محسوس ڪندو آهيان اهو لکي پاڻ کي هلڪو محسوس ڪندو آهيان، جيڪڏهن ائين نه ڪيان ته جيڪر ڦاٽي پوان ... مري پوان... ان ڪري مون کي ڪنهن جي ڪا پرواهه ڪونهي... مون کي ڪير پسند ڪري يا نه مان پنهنجي ڪم سان ڪم رکندس...!“

سندس هڪ ئي ادبي دوست هوندو هئس، ’احسان‘ جنهن تي هو پاڻ کان وڌيڪ اعتماد ڪندو هو. سندس سان دل جا احوال اوري جهري پوندو هو. ڪڏهن روئي پوندو هو ته ڪڏهن کلي پوندي هو. پاڻ مارڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ ئي پنهنجي ان دوست کي چيو هئائين:

”ماڻهو مون کي چريو چون ٿا چريو...!“

”سقراط تي به ساڳيو الزام لڳو هو...!“

”سقراط ...! پر مان سقراط هئڻ جو دعويٰ ناهي ڪئي...!“

”ڪو دعويٰ ڪرڻ سان سقراط نه ٿوٿي سگهي...!“

”ڪجهه به هجي پر مان ڪجهه ناهيان...!“

”پر مان چريو ناهيان...!“

”اهو تون به چوين ٿو. مان به مڃان ٿو باقي ماڻهن کي ڇڏي ڏي...!“

”ڪيئن ڇڏي ڏيان...؟ يارخدا جي واسطي ڪجهه ڪر...! جيئن ماڻهو مون کي بيوقوف نه سمجهن... اجايا الزام هڻي تماشو نه ڪن!“

”اهو ڏکيو ڪم آهي. ماڻهن کي ڪير روڪيندو...؟“

”پوءِ مان ڇا ڪريان...؟“

”سهندو رهه...!“

”ڪيترو برداشت ڪيان يار...! ماڻهو ته جبل کي به ٽُڪي ٽُڪي پورو ڪري ڇڏيندا آهن، مان ته انسان آهيان...!“

”مجيم تہ جبل انسان آڏو بيهي نہ سگھندو آهي، پر اهو نہ وسار تہ جبل کي مات ڏيڻ وارا بہ انسان ئي هوندا آهن... انسان آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ جبل کان بہ وڌيڪ گھڻو وڌيڪ طاقتور آهي...! ان ڪري همٿ پريئي انسان کي ڪو ڪيرائي نہ ٿو سگھي...!!“

” مان ڪرندس، مون مان همٿ موڪلائي رهي آهي...! پر مان مرڻ کان اڳ ۾ ڪجھہ ڪرڻ چاهيان ٿو...!“

”ڇا ٿو ڪرڻ چاهين...!؟“

”مان پنهنجي سيني تخليقن کي ساڙي ڇڏيندس...!!“

”سبب...!؟“

”جن لکڻين مون تي پاڳل جو ليبل لڳايو آهي، مان انهن کان انتقام وٺڻ جو پورو حق رکان ٿو ...!“

” تون ايئن نہ ٿو ڪري سگھين ...!“

”مان ايئن ئي ڪندس، مونکي ڪو روڪي نہ ٿو سگھي ...!“

”پر مان توکي روڪيندس ...!“

”ڪهڙي تعلق سان...؟“

”توکي خبر آهي تہ مان هڪ ئي وقت تي محبتون ڪندو آهيان، پنهنجي لکڻين سان...توسان...۽ فوزيءَ سان...! مان انهن ٽنهي لاءِ ڪجھہ بہ ڪري سگھان ٿو...!“

”پر منهنجي لاءِ ڪجھہ بہ نہ ڪري سگھندين شايد...!“

”سڀ ڪجھہ ڪري وٺندس...!“

”ڇا ماڻهون مونکي مانُ ڏيندا...؟“

”تون عام ماڻهن جي ڳالهہ ٿو ڪرين توکي سري عام نازيہ بہ خراج تحسين پيش ڪندي ...!“

”اهو ناممڪن آهي...!“

”اڄڪلهہ ناممڪن ويچاري، پنهنجا پهريان بہ اکر وڃائي ڇڏيا آهن يا فرار ٿي ويا اٿس، ان ڪري هر شيءَ ممڪن ٿي وئي آهي دوست...!“

”پر مان نٿو سمجهان...!“

”سڀ ڪجھہ سمجهي ويندين...پر ان لاءِ هڪ ڳالهہ جو خيال رکجان، مان جيڪو ڪجھہ ڪندس تنهنجي خواهش جي پورائي ڪرڻ لاءِ ڪندس ان ڪري توکي منهنجي ڪنهن بہ ڳالهہ تي ڪو اعتراض نہ هئڻ گھرجي ۽ نہ ئي منهنجي نيت تي ڪو شڪ...! ٻين لفظن ۾ ايئن ئي سمجھہ تہ مان جيڪو ڪجھہ ڪندس اهو پاڻ نہ پر تنهنجي خواهش ۽ رضامنديءَ سان ڪندس... جيڪڏهن اهو شرط منظور اٿئي تہ مونکي تون پنهنجو چيپيل ۽ اڻ ڇپيل سمورو مواد آڻي ڏي، پيو سڄو ڪم منهنجو آهي...!“

”مونکي توتي پاڻ کان وڌيڪ اعتماد آهي احسان...!“

هن پنهنجو سمورو مواد احسان حوالي ڪندي چيو هو:
”تنهنجي هر ڳالهه ڪي پنهنجي ڳالهه سمجهندس...!“
جنهن ڪان پوءِ احسان سندس سان ڪيل واعدو نڀائڻ ۾ لڳي ويو هو، جو اڇتو هن خودڪشيءَ ڪري ڇڏي هئي، بقول ڊاڪٽر جي تہ:
”هن ننڊ جون گوريون حد ڪان وڌيڪ ڪائي پنهنجو انت آڻي ڇڏيو آهي...!!!“
بهرحال خودڪشي ڇا ڪيائين جڻ ماڻهن جون همدرديون حاصل ڪري ورتيون هئائين، اهي ماڻهو جيڪي ڪلهه هن جا مخالف هئا اڄ سندس همدرد بڻجي آخري سفر ۾ گڏ هئس. سندس موت ڪانپوءِ وڏا وڏا تعزيتي ميڙاڪا ٿيا هئا. هر هڪ ادبي توڙي سماجي گڏجاڻي ۾ سندس لاءِ دعا مغفرت گهري پئي وئي، سڀ ڪو همدرد ٿي پيو هئس پر هو واپس نہ اچي سگهيو هو...!“
البتہ سندس پهرين ورسي اچي وئي هئي جيڪا هڪ وڏي هال ۾ ملهائي پئي وئي، وڏن وڏن ماڻهن کي دعوت ڏني وئي هئي جن لاءِ اسٽيج تي خوبصورت ڪرسيون ۽ ٽيبلون رکيون ويون هيون جڏهن تہ پيو سڄو هال عام ماڻهن ۽ شهرين سان ڀريو پيو هو، هال جي هڪ ڪنڊ ۾ پيل بيڪار ۽ ڀڳل ڪرسيءَ تي هن جو روح بہ موجود هو... هو ايترو حيران شايد پنهنجي موت تي بہ نہ ٿيو هو جيترو اڄ پنهنجي ورسيءَ تي ايڏو وڏو ميڙاڪو ڏسي ٿي رهيو هو، هن کي ڪجهه سمجهه ۾ نہ ٿي آيو. هو سوچي ٿو:
’جڏهن مان زنده هئس تہ ڪو ويجهو نہ ٿي آيو، اڄ جڏهن مئلن ۾ شمار ٿي رهيو آهيان تہ هر ڪو ياد ٿو ڪري...!‘
پروگرام جو آغاز ٿي چڪو هو، تلاوتِ ڪلام پاڪ ڪانپوءِ ميزبان واري واري سان ادب سان لاڳاپيل نوجوانن کي سڏي رهيو هو، جيڪي ڏاڍي جذباتي انداز ۾ سندس شخصيت بابت مقالا پڙهي رهيا هئا، سندس روح ان وقت تہ تڙپي رهيو هو، جڏهن سندس ڪجهه ڄاتل سڃاتل چهرا، جن هن کي زندگيءَ ۾ مايوسين ڪان سواءِ پيو ڪجهه بہ نہ ڏنو هو اڄ سندس تعريفي تقريرن جو طوفان مچائي ماڻهن ڪان داد وصول ڪري رهيا هئا...ان ڪري سندس کي ايئن محسوس ٿي رهيو هو جو جڻ ڪيس مارڻ ڪان پوءِ وري مارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي پئي وڃي... هن جي روح ان وقت تہ پاڻ کي سخت پيڙاءَ مان گذرندي محسوس ڪيو هو جڏهن اسٽيج تي ويمن ڪاليج جي استاديائي (نازيہ جنهن کي هن زندگي ۾ ڏاڍو چاهيو هو) ڊائيس تي اچي سندس جي باري ۾ پنهنجا خيال بيان ڪرڻ لڳي هئي.
”جهڙاليءَ موسم جهڙو پيارو ماڻهو هو... هن کي ڏسي زندگيءَ جو احساس ٿيندو هو...! هن سان ملي سچائيءَ جو احساس ٿيندو هو... هن جون لکڻيون پڙهي اميدون جاڳي پونديون هيون... مايوسيون ڀڄي ويندريون هيون... پر افسوس هو وڌيڪ زندهه نہ رهي سگهيو... اسان جون محبتون بہ ڪيس روڪي نہ سگهيون ۽ هو اسان ڪان وڇڙي ويو...! ان ڪان وڌيڪ هن جي باري ۾ چوڻ منهنجي وس جي ڳالهه

ڪونهي... نہ ئي مون وٽ پيا ڪي لفظ بچيا آهن سواءِ ان جي تہ پيارا ماڻهو... اسان ڪان وڌيڪ الله کي ئي پيارا هوندا آهن...!!"

"ڪهڙي محبت جي ڳالهہ ٿي ڪرين...؟"

سندس روح پنهنجي ساءِ پُٽڪي پوي ٿو:

"مان توسان هڪ ڀيرو مليو هئس نہ چاهيندي بہ دل جي ڳالهہ ڪئي هيم. موت ۾ تو اهڙي چنبڪيڙي هئي، جو مان ان وقت زندهہ هوندي بہ مري ويو هئس... ۽ اڄ وري منهنجي باري ۾ نيڪ جذبا... واهہ...!!؟"

نازيہ ڪان پوءِ هڪ ٻيو مشهور اديب بہ اچي سندس شان ۾ قصيده چوڻ لڳو.

هو ڪجهہ بہ نہ سمجهندي سوچي ٿو 'هي... هي... سڀ ڪجهہ ڇو... ۽ ڇالاءِ ٿي رهيو آهي...!؟ جيڪي ماڻهو منهنجي زندگي ۾ منهنجا دشمن هئا ... جن مون کي رڳو سور ۽ صدما ڏنا... اڄ اهي منهنجا همدرد ڇو ٿي پيا آهن؟ ۽ منهنجي ورسيءَ جي موقعي تي ڪين ڇو وڏي عزت سان اسٽيج تي ويهاريو ويو آهي...!'

ان ڪان پوءِ تڪ جي ايم. پي. اي کي دعوت ڏني ويئي هئي، اسٽيج تي ڳالهائڻ جي، جنهن سياسي انداز ۾ تقرير شروع ڪئي هئي، هٿ ٺوڪي تعريف ۽ لپاڙ...! هن جو روح برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ ڪجهہ لمحن لاءِ هال ڪان ٻاهر نڪري ويو هو. زندهہ هوندي هڪ ڀيرو هن جو نوڪريءَ لاءِ ان ايم. پي. اي وٽ ويڻ ٿيو هو جنهن ڏاڍو بيرُخيءَ سان ڇيو هئس:

"مون ڪو نوڪرين جو نيڪو ڪنيو آهي ڇا...؟ جو ڀڳا تا اچو...!" همراهہ مايوس ٿي موٽيو هو پر پن مهينن ڪان پوءِ خبر پئي هئس تہ جنهن نوڪري لاءِ ايم. پي. اي کي هن عرض ڪيو هو. اتي هن رئيس جمن خان جو پٽ ڀرتي ڪرائي ڇڏيو هو... ڪجهہ گهڙين ڪان پوءِ جڏهن هن جو روح واپس هال ۾ آيو تہ ايم. پي. اي صاحب فخريہ انداز ۾ چئي رهيو هو:

"مون کي هي اعلان ڪندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي تہ سندس جو سمورو ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد پنهجي خرچ تي سندس دوست احسان جي مدد سان ڪتابي صورت ۾ ڇپرائيندس تہ جيئن هتان جا اديب، ليکڪ ۽ شاعر پاڻ کي نڌڻڪو نہ سمجهن...!"

هال مان زوردار تاڙيون ڪافي وقت تائين وڄنديون رهيون، ايم. پي. اي ڪان پوءِ اوچتو اسٽيج تان احسان کي سڏ ٿئي ٿو. جنهن کي اسٽيج تي ايندو ڏسي سندس روح بہ شايد هوش وڃائي ويهي ٿو.

"ذليل... ڪميڻا... ڪتا انسان... تو مون سان دوستيءَ ۾ دغا بازي ڪئي... ڪيترو اعتماد ڪيو هيم توتي... پر تو تہ آخري سفر ۾ بہ مون کي خوار ڪرايو... مون کي ماريئي تہ خير هو... پر پنهنجي ان چالاڪيءَ کي آپگهات جي ويس سان تہ نہ ڍڪين ها...تنهنجي ڪري منهنجي ميت رلي... جنازو بہ پتڪيو... ڪافر جو بہ لقب مليو... مولوين جنازي نماز پڙهائڻ ڪان انڪار ڪيو...ان ڪري قبر ۾ اڄ تائين هڪ لمحو بہ سڪون سان نہ گذريو اٿم...! اڄ وري ڪهڙي منهن سان منهنجي ئي ورسي جي موقعي

تي اسٽيج تي ٿو اچين...!؟ مڪار انسان... مان توکي جيئرو نہ ڇڏيندس... تو مون کي آخري سفر ۾ تڙپايو... مان توکي سڄي زندگي تڙپائيندس...!“

ائين چئي هو اٿڻ جي ڪري ٿو پر اوچتو اهو احساس ٿيندي ڍرو ٿي ٿو وڃي ’تہ هاڻ مان زندهہ نہ رهيو آهيان... پنهنجي وس بہ بہ نہ رهيو آهيان... ڪجهہ چاهڻ باوجود ڪجهہ ڪري بہ نہ ٿو سگهان...!‘

سندس دوست احسان ڳالهائڻ لڳي ٿو.

”اڄ منهنجي دوست جي پهرين ورسي آهي...ان موقعي تي مان اهو چوندس تہ هو جسماني طور اسان کان الڳ تہ ضرور ٿي ويو آهي پر روحاني طور اسان جي دلين ۾ اڄ بہ زندهہ آهي... مون کي اهو شدت سان محسوس ٿي رهيو آهي تہ منهنجي مرحوم دوست جو روح بہ هن هال جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويٺاٽن جيان ضرور ويٺو هوندو...! ان ڪري ڪيس، اهو ٻڌي ۽ ڏسي خوشي ٿيندي تہ سندس خواهش پوري ٿي وئي آهي... اهي ماڻهو جيڪي ڪالهہ سندس مخالف هئا (پهريان اسٽيج تي ويٺلن ۽ پوءِ هال وارن ڏي نهاريندي) اڄ اهي ڪيس خراج تحسين پيش ڪري رهيا آهن... ان ڪري مان بہ ڏاڍو خوش آهيان تہ جيڪو ڪم جيڪا خواهش تو مون کي پوري ڪرڻ لاءِ چئي هئي، اڄ مان تنهنجي اها تمنا پوري ڪري ڇڏي آهي دوست...! مون توکي چيو هو نہ تہ مان هڪ ئي وقت ٿي محبتون ڪندو آهيان... انهن تنهي مان ڪنهن جي لاءِ ڪجهہ بہ ڪري سگهان ٿو... ان ڪري مون جيڪو ڪجهہ ڪيو پنهنجي محبت جي خوشيءَ لاءِ ڪيو... مان سمجهان ٿو توکي ان تي ڪو بہ اعتراض يا ڏک نہ ٿيو هوندو... هونئن بہ مان توکان ان جي اجازت بہ ورتي هئي. مان توکي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تو جنهن خواهش جو اظهار ڪيو هو... اها تنهنجي زندگي ۾ پوري ٿيڻي نہ هئي. ان جي تڪميل لاءِ توکي مري وڃڻو هو ۽ تون مري وئين...! ڇو جو اسان مري ويل ماڻهن سان پيار ڪندا آهيون... زندهن سان لڳي ئي نہ.!“

”تون صحيح هئين...!“ سندس روح اٿندي چوي ٿو:

”مان غلط هئس... تون ڪٿي وئين، مان هارجي ويس... ڇو تہ مان واقعي اهو قطعي نہ سمجهي سگهيو هيم تہ اسان وٽ مرڻ کان پوءِ ئي محبت ملندي آهي...!!!“

***

وکريل محبت

”خوب مهانگا نہ هوندا آهن پرــ انهن جي تعبير ڏاڍي مهانگي هوندي آهي...!“ لطيف کي چيائين:

”ان ڪري تون اجايو خوابن جي تعبير پنيان نہ ڊوڙ نہ تہ وقت ڪان تمام گهڻو اڳ دنيا جي وهڪري ۾ وهي ويندين...!“

”پر مان تہ خواب ڪو نہ پيو ڏسان...!“لطيف الجهندي چيس:

”يونيورسٽيءَ جي ٽن سالن کان وٺي هن وقت تائين اسان هڪ ٻئي کي چاهيندا آيا آهيون ۽ هاڻ هُن مون سان ٽيليفون تي بہ ڳالهايو آهي پوءِ ڇا اهو خواب آهي...!؟ ڇا تون مون کي ايڏو بيوقوف سمجهيو آهي...!؟جو آئون جاڳندي اکين سان خواب ڏسندس...! تون يقين ڪر سڪندر تہ دردانہ مونکي چاهي ٿي، اهو خواب نہ حقيقت آهي...!“

”ڪراچي اهڙو شهر آهي، جتي صرف توپارا اهڙن خوابن کي حقيقت سمجهڻ لڳندا آهن نہ تہ ڪراچي جو تقريبن هر نوجوان اهڙي پيار کي ’خواب‘ (جيڪو ڪنهن بہ وقت ٽٽي سگهي ٿو) کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ سمجهندو آهي..!“ ”نہ نہ...! دردانہ هڪ حقيقت آهي، توکي مجٽو پوندو تہ مان خواب نہ پيو ڏسان...!“

لطيف کي پيو ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو بس ايترو چئي خاموش ٿي ويو.

”اهو وقت ٻڌائيندو يار...!“سڪندر مسڪرائيندي چيس:

”پر تو ڪڏهن سوچيو آهي...! تہ دردانہ يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ ڪوڙ سارن پيسي ۽ بئنڪ بيلنس رکندڙ ڇوڪرن کي ڇڏي تنهنجي چونڊ ڇو ڪئي...! آخر تو ۾ اهڙي ڪهڙي خوبي آهي...!؟جو دردانہ جيڪا ڪراچيءَ جي هڪ امير گهراڻي جي ڇوڪريءَ هوندي تو ڏانهن مائل ٿي...!“

”ڇا تون مون کي اهو احساس ڏيارڻ ٿو چاهين تہ آئون هڪ غريب هاريءَ جو پُٽ آهيان ...!؟“ لطيف ڪاوڙ ۾ چيس:

”پر مان ان احساس ڪمتري ۾ ڪڏهن بہ مبتلا نہ ٿيندس...! غريب ڳوٺائي آهيان تہ ڇا ٿيو، پنهنجي محنت سان هت پهتو آهيان. محبت محبت هوندي آهي، ان کي غريب ۽ امير جي فرق سان ڦيرائي نہ ٿو سگهجي...!“

”منهنجي ذاتي خيال مطابق تہ تون هجين يا اندروني سنڌ جو ڪو بہ ڇوڪرو...! جڏهن بہ ڪراچي جي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ ايندو آهي تہ جلدي ان جي رنگينين ۾ گم ٿي ويندو آهي...!“

سڪندر ساڳي انداز ۾ ڪيس چوندو رهيو، شايد لطيف جي ڪاوڙ مٿس ڪو اثر نہ ڪيو هو:

”۽ ان جي رويي ۾ تمام گهڻي تبديلي اچي ويندي آهي...! هو پنهنجو پاڻ کي پنهنجي ڳوٺائي مٽن مائٽن توڙي دوستن کان تمام گهڻو بالا تر محسوس ڪرڻ لڳندو آهي ۽ انهن سان ملڻ توڙي ڳالهائڻ ۾ بہ عيب محسوس ڪندو آهي وري جڏهن ڪراچي جي ڪا ڏائڻ ڪيس مرڪي بہ پول پوليا تہ همراهہ مٿس جان فدا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي ڇو تہ ڪراچي جون ڏائڻيون ڏاڍيون خطرناڪ هونديون آهن هو تہ اهڙن ڇوڪرن کي ڳوليندڙيون آهن جيڪي جلدي خواب کي حقيقت سمجهڻ لڳن...! جنهن جي ڪري انهن جو يونيورسٽي ٽائيم ڏاڍو سٺو گذرندو آهي. يقين ڄاڻ لطيف تون بہ دردانہ جي روپ ۾ هڪ ڏائڻ جي ور چڙهي ويو آهين ۽ ڏائڻيون صرف خوابن ۾ ئي نظر اينديون آهن. حقيقت ۾ نہ ...! ان ڪري هوءَ تنهنجي دل ڪچي ڇپاڙي ڦٽي ڪري ڇڏيندي ۽ توکي ڦٿڪڻ جو موقعو بہ نہ ملندو...!!“

”هوءَ ڏائڻ نہ آهي...!“ لطيف ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو.

”تون دردانہ کي ڪجهہ بہ سمجهہ...!“ سڪندر وري سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيس:

”پر دردانہ شايد تنهنجي ان الفت کي ’ايڪسٽرا ايڪٽوٽي آف يونيورسٽي‘ کان وڌيڪ اهميت نہ ڏئي...! ان جي خبر توکي جلدي پئجي ويندي. ڇو تہ هاڻ يونيورسٽي ٽائيم نہ پر سروس ٽائيم آهي. تون ڄاڻين ٿو تہ يونيورسٽي ۽ سروس ٽائيم ۾ ڪيترو فرق هوندو آهي...!“

”تنهنجي خيال ۾ دردانہ مون سان شادي کان انڪار ڪندي...!؟“

لطيف جڪ ڪائيندي چيس.

”او...! يعني تون ايتري حد تائين سوچڻ شروع ڪري ڏنو آهي...!“

سڪندر کان ٺهڪ نڪري ويو، چوڻ لڳس:

”اڙي پوڪ...! جيڪڏهن تو هُن کي شاديءَ جو چيو تہ سڄاڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيندي ۽ ممڪن آهي مفت ۾ اٽڳڻيا موچڙا بہ جهلين...!“

لطيف کي هاڻ پهريون ڀيرو پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي تہ آخر مون پنهنجي دل جي ڳالهہ سڪندر سان ڇو ڪئي...!؟ هن کي تہ اميد هئي سڪندر هميشہ جيان هن مسئلي ۾ بہ منهنجي مدد ڪندو...! مان ۽ دردانہ هميشہ لاءِ هڪ ٿي ويندا سين پر هن رهندو ئي ڪيس توائي ڪري ڇڏيو هو.

”آخر مون کي هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي...!“

لطيف بيزاري مان سڪندر کان پڇيو.

”اهو ئي...!“ سڪندر چيس: ”جيڪو مان توکي پهرين ڇئي ڇڪو آهيان تہ پاڳيريءَ سان شادي ڪري ڇڏ ڇو تہ اها ئي توکي حقيقي پيار ڏئي سگهي ٿي..!“

”پر يار...!“ لطيف وڦلجندي جواب ڏنس:

”هوءَ ڳوٺاڻي، اڻ پڙهيل، جاهل ۽ جٽ آهي...! جڏهن تہ مان پڙهيل لکيل آهيان...! تازو سترهين گريڊ جي نوڪري بہ ملي اٿم، پوءِ تون ئي ٻڌاءِ تہ پاڳيري مون سان گڏ هلي سگهندي...! ڇا هوءَ خالص

ڳوناٽي ٿي ڪري پنهنجو پاڻ کي ڪراچي جي جديد ماحول ۾ ضم ڪري سگهندي...!؟ شايد ڪڏهن بہ نہ ...! اجايو هوءَ مون تي ماٺهو ڪلائيندي...!“

”مان تہ توکي پهريائين چئي چڪو آهيان تہ ڳوٺان پڙهڻ لاءِ ايندڙ اڪثر ڇوڪرا جلد ڪراچي جي گوڙ ۾ گم ٿي ويندا آهن ۽ پويان سڀ ڪجهہ وساري آسمان ڏانهن اڏام ڪندا آهن...!“

سڪندر هن ڀيري هلڪو داڀو ڏيندي چيس:

”شايد هاڻ وساري ويٺو آهين تہ تون بہ ڪو ڳوٺائي آهين...! ڪراچي جي ڪجهہ سالن ۾ تون هاڻ پنهنجو پاڻ کي اعليٰ تر محسوس ٿو ڪرين، پاڳيري پڙهي نہ سگهي تہ ان ۾ ان جو ڪهڙو ڏوهہ...! هوءَ تہ توسان محبت ڪري ٿي ۽ بقول تنهنجي مان بہ ان سان آخري دم تائين باوفا رهڻ جو واعدو ڪيو هو...! پر هاڻ ايڏو جلدي ان کي وساري ويٺين...!جيڪڏهن پاڳيريءَ پنهنجو پاڻ کي ڪراچي جي ماحول کي ضم نہ ڪري سگهي تہ يقين ڄاڻ لطيف...! اها ئي هن جي اهڙي خوبي هوندي جنهن تي تون سڄي عمر فخر ڪري سگهين ٿو...!“

”پر يار...! تون آخرڪار منهنجي ڳالهہ کي سمجهڻ جي...!!!“

”مان تنهنجي ڳالهہ سمجهان ٿو...!“

سڪندر لطيف جو جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيو:

”پر شايد توکي منهنجي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي يا سمجهڻ جي ڪوشش نہ ٿو ڪرين...! مون کي هرو ڀرو تنهنجي ذاتي معاملن ۾ عمل دخل ڏيڻ جي ضرورت ناهي پر هڪ دوست جي حيثيت سان مان وري بہ توکي اهو چوندس تہ جيڪڏهن تون خوش رهڻ چاهين ٿو تہ خوشيون توکي رڳو پاڳيريءَ وٽان ئي ملنديون، ان ڪري بهتري ان ۾ اٿئي تہ ’دردانہ‘ کي هڪ خواب سمجهہ ۽ ان جي پُٺيان ڊوڙڻ ڇڏي ڏي ڇو تہ خواب هوندا ئي ٽٽڻ لاءِ آهن...!“

”ڪجهہ بہ هجي...!“ لطيف فيصلاڪن لهجي ۾ چيو:

”منهنجي زندگي ۾ هاڻ دردانہ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ داخل نہ ٿو ٿي سگهي ڇو تہ هن مون کي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي...!“

”هُن توکي اجان ڪجهہ بہ نہ ڏنو آهي دوست...!“سڪندر چيس:

”هوءَ تہ ڪڏهن اهو ڪجهہ ڏئي اڏامي ويندئي جيڪو تون ان کان وٺڻ بہ نہ چاهيندين...!!“

”يار خدارا خاموش ٿي...!“

لطيف ڪافي ڪاوڙ مان ڪرسيءَ تان اٿندي چيس:

”۽ بهتر آهي تہ تون هتان هليو وڃ..! مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي...!“

”ٺيڪ آهي پيارا جنهن ۾ تون راضي...! مون تہ توکي سمجهائڻ خاطر اهو ڪجهہ چيو...! پر لڳي ٿو تہ تون ناراض ٿي ويو آهين...!“

ايئن چئي سڪندر هليو ويو، جنهن ڪان پوءِ لطيف ڪجهہ ذهني سڪون محسوس ڪيو، سڪندر لطيف سان ڇهہ سال اڳ ۾ مليو هو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندس همراز ۽ پيارو دوست بڻجي ويو هئس.

لطيف کي چڱي ريت ياد هو تہ جڏهن هن ڪراچي جي هڪ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻ کان پوءِ پهريون پيرو يونيورسٽي ۾ قدم رکيو هو تہ هڪ سينيئر شاگرد ٽولي سندس استقبال ڪندي چيو هو:

”يو آر ويلڪم...!“

جنهن تي لطيف ڏاڍو حيران ٿيو هو ڇو تہ کيس خبر هئي تہ وڏي تعليمي ادارن ۾ نئين آيل شاگردن جو استقبال ڪيئن ٿيندو آهي...!؟ پر ٻي لمحي هڪ زوردار فولادي ٺونشو سندس منهن ۾ لڳو ۽ ڦهڪو وجي هيٺ ڪيائين، رت جي هلڪي لهر سندس نڪ مان نڪري ڏرتي ۾ جذب ٿيڻ لڳي ۽ هن پاڻ ۾ اٿڻ جي همٿ نہ ساري.

”مسٽر...! اسان جو ساٿ ڏيندين تہ اڳتي اهڙا ٺونشا ٻين کي هڻندين نہ تہ اهي ٺونشا تنهنجو ئي مقدر آهن...!“

خبر ناهي ان ٽولي مان ڪنهن شاگرد ڏاري ٻوليءَ ۾ ڪنهن فلمي ڊائلاگ جيان چيو هئس پر هي خاموش رهيو هو ڪجهہ چوڻ جي همٿ هنن جي سامهون نہ سارياٸين، ڇو تہ لطيف انهن آڏو بلڪل بيوس ٿي لڳو...!

”ڪيئن پيارا اسان جو ساٿ ڏيندين نہ...!؟“

لطيف ڪجهہ گهڙين ڪان پوءِ اٿيو ئي مس هو جو هڪ ٻي شاگرد سندس ڪلهي تي هٿ سان زور ڏيندي چيو هئس:

”مان توهان جي...! يا ڪنهن ٻي تنظيم لاءِ تہ نہ آيو آهيان...!“

خبر نہ آهي تہ لطيف ڪان ڪيئن اهو جملو نڪتو، جيڪو ڪانئس نڪرڻ نہ کپي ها ڇو تہ ٻي لمحي هڪ زوردار لت سندس پيٽ ۾ لڳي هئي ۽ هو ٻہ ٽي وڪون پوئتي هٽي سور جي شدت ڪان پنهنجا ٻئي هٿ پيٽ تي ڏئي ڇڏيا هئا. ”اسان پڙهندا بہ آهيون ۽ ’ڪم‘ بہ ڪندا آهيون. توکي بہ ايئن ڪرڻو پوندو...!“ لطيف کي لت هڻندڙ شاگرد داهو ڏيندي چيو.

ٺيڪ ان لمحي هڪ هلڪن شهپرن ۽ وڌندڙ ڏاڙهي وارو ڇوڪرو وٽن پهتو هو ۽ ايندي ئي ڪانئن پڇيو هئائين:

”هي ڇا ٿي رهيو آهي...!؟“

تہ ان ئي شاگرد ٽولي مان ڪنهن جواب ڏنو هئس:

”سڪندر ڀاءُ...! پريشان نہ ٿي، هي نوجوان نئون آيو آهي ان جو استقبال پئي ڪيوسين...!“

”خدارا يار...! ڪڏهن تہ ڪنهن تي رحم بہ ڪندا ڪريو...! هن معصوم کي ماري اوهان کي ڇا مليو...؟“

سڪندر ڪافي ڪاوڙ ۾ ڪين چيو ۽ پوءِ لطيف جي پير ۾ اچي ڪانئس سنڌي ۾ پڇيو هئائين:

”يار گهڻا ڏک ته ڪو نه لڳا اٿئي...!؟“

جڏهن گهڻي تڪليف ۽ مصيبت ۾ ڪوئي همدرد ملي ويندو آهي ته ماڻهو ازخود روئي پوندو آهي، ان ڪري ان وقت لطيف جي اکين مان به ڳوڙها ڪري پيا هئا پر پوءِ پاڻ سنڀاليندي سڪندر کي چيو هئائين:

”نه ادا...! ڪجهه وڌيڪ ڏک نه لڳا آهن پر نڪ ۾ ڏاڍو سور پيو محسوس ٿئي ۽ شايد مٿيون چپ به ٽُڪجي پيو آهي...!“

”هي ڇوڪرا ڏاڍا ڏنگا آهن...!“

سڪندر لطيف جي ناس مان وهندڙ رت صاف ڪندي چيو هو.

”هو ڪنهن کي ڏک هڻندي دير ناهن ڪندا...! خير هاڻ هو ٻيهر تنهنجي ويجهو نه ايندا...!“

جنهن کان پوءِ سڪندر لطيف کي پنهنجي گهر وٺي ويو هو. سندس گهر هڪ خوبصورت بنگلو ٿي لڳو، جتي سندس هلڪي پٽي ڪندي سڪندر چيو هئس:

”خبر اٿئي مون کي توسان ايتري همدردي ڇو آهي...!“

لطيف انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ته سڪندر چيس:

”ان ڪري ته تون به مون وانگر سنڌي آهين...! مون توکي شڪل مان سڃاڻي ورتو هو...!“

”پر تون ته مون کي سنڌي نه ٿو لڳين...! ڪٿي تون به ته انهن مان ناهين جو مون کي سنڌي هجڻ واري چڪر ۾ ڦاسائي...!؟“

”جلدي ڪنهن جي باري ۾ ڪا راءِ قائم ڪري نه وٺبي آهي...!“

سڪندر مسڪرائي چيو هئس:

”مان سنڌي آهيان، انهن سان يا ٻي ڪنهن تنظيم سان، منهنجو ڪو به واسطو ناهي، مان پيدا ڪراچي ۾ ٿيو آهيان البته منهنجا والدين گهڻو وقت اڳ حيدرآباد جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندا هئا. جتي اسان جي ڪافي ملڪيت ۽ زمينيون هنيون، بعد ۾ بابي اهي سڀ ڪپائي ڪراچي ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي ۽ هن وقت 'لي مارڪيٽ ۽ طارق روڊ' تي اسان جو نيڪ ناڪ ڪاروبار آهي. منهنجي تعليم توڙي تربيت ڪراچي ۾ ٿي آهي، ان ڪري شايد مون کي تون سنڌي محسوس نه ٿو ڪرين...! ۽ شايد منهنجو لهجو به خالص سنڌي نه هجي ڇو ته اسان وڏ ۾ وڏ گهر ۾ ئي سنڌي ڳالهائيندا آهيون. ٻاهر ته سنڌي ڳالهائڻ وارا ملندا ئي گهٽ آهن...!“

ان کان علاوه ان ڏينهن سڪندر لطيف کي پنهنجي ۽ ڪراچي جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ٻڌايو هو، موٽ ۾ لطيف به پنهنجو تعارف ڪرائي ڇڏيو هئس. بس انهي ڏينهن کان هنن جي دوستي جي شروعات ٿي ۽ هڪ سال ۾ ئي هو هڪٻي جا همراز دوست بڻجي ويا. شروعات ۾ ته لطيف کي رهڻ لاءِ هاسٽل به نه

ٿي مليو پر سڪندر باآساني ڪيس هاسٽل ونرائي ڏنو هو. ان ڪان علاوه سڪندر لطيف جي هر مسئلي ۾ ڪافي مدد ڪئي هئي لطيف جي انڪار باوجود سندس ڪوڙ پيرا مالي مدد به ڪئي هئائين، جڏهن لطيف پهرين سال ۾ هو ته سڪندر ان سال ٽئين سال جو شاگرد هو. هڪ ٻي ڳالهه تي لطيف کي ڏاڍي حيرت ٿيندي هئي ته جتي يونيورسٽي جا عام ڇوڪرا سڪندر جي عزت ڪندا هئا ته اتي يونيورسٽي جا نامي گرامي بدمعاش به ڪيس ’سڪندر پائي‘ ڪري سڏيندا هئا. ان ڪان علاوه هو ڪراچي جي رنگين ماحول ۾ رهندي به بليڪ اينڊ وائيٽ هو. عشق جي معاملي ۾ صفا پوئتي ۽ تعليم ۾ تمام گهڻو اڳتي هو، هن اڄ تائين ڪنهن کي لفٽ نه ڪرائي هئي حالانڪ يونيورسٽي جون ڪافي ڇوڪريون ڪيس چاهينديون هيون پر هو ڪنهن جي چڪر ۾ نه آيو هو چو ته هو ڇوڪرين ڪان ڏاڍو لنوائيندو هو ۽ اڪثر لطيف کي به انهن ڪان پاڻ بچائڻ جي تلقين ڪندي چوندو هو:

”يار انهن ڏائڻن ڪان هوشيار رهجانءِ نه ته پيڙو وچ سير ۾ ئي غرق ٿي ويندئي...!!“

ان ڏينهن لطيف ۽ سڪندر ٻئي گڏجي يونيورسٽي جي گيٽ ڏانهن وڃي رهيا هئا ته اوچتو انهن آڏو هڪ ڇوڪري نمودار ٿي ۽ سڪندر کي تيز ۽ کهري لهجي ۾ چائين:

”آخر تون پنهنجو پاڻ کي سمجهين ڇا ٿو...! جو سڏي منهن ڪنهن سان ڳالهائين به نه ٿو.. ڇا اسان عورتون نه پر جنڙيون ۽ ڏائڻيون آهيون...!؟ جو توکي ڪائي ختم ڪري ڇڏينديون سين...!“

پر سڪندر چُپ رهيو هوءَ وري ساڳئي لهجي ۾ ڳالهائڻ لڳي هئي:

”پر اڄ توکي ڳالهائڻو پوندو مسٽر...! اهو به سڀني جي سامهون، مان ڪنهن ڪان ڪو نه ٿي ڊڄان...! ۽ اڄ توکي اهو به ٻڌڻو پوندو ته مان توکي چاهيان ٿي...! مون کي توسان محبت آهي...!“

لطيف کي اها ڇوڪري ڏاڍي جنوني پئي محسوس ٿي، ان تي ڪجهه ڇوڪرا ۽ ڪجهه ڇوڪريون گڏ ٿي انهن جي پرسان بيهي رهيا هئا. جنهن ڪري لطيف ڏاڍو گهبرائجي ويو هو. پر سڪندر ڪافي پر اعتماد ٿي لڳو ۽ انتهائي مودباڻي لجهي ۾ ان ڇوڪريءَ کي جواب ڏنائين:

”ها مس ماريا...! مان به توکي ٻي انتها چاهيان ٿو ۽ مون کي توسان ايتري محبت آهي جيتري ڪو پاءُ پنهنجي سڳيءَ ڀيڻ سان محبت ڪندو آهي...! مون کي ٻڌاءِ ان ڪان وڌيڪ پيو ڪو پيار ۽ رشتو آهي...!؟“

ان جواب ڪان پوءِ سندن پرسان بيٺل سڀ ڇوڪرا ڇوڪريون واڇون ٽيڙيندي ٽڙي پکڙي ويا هئا. ماريه ويچاري جيڪا پهريان تتل لوهه جيان پئي لڳي هاڻ ايئن پئي محسوس ٿيو ڄڻ ان لوهه کي ڪٽي ڪنهن ٿڌي يخ پاڻيءَ ۾ اڇلايو ويو هجي. ان ڪري سندس چهري تي لمحي لاءِ هزارين رنگ اڀريا ۽ غائب ٿي ويا. هو سچي ڪاراٽجي وئي هئي، شايد هن کي سمجهه ۾ نه اچي رهيو هو ته هوءَ هاڻ ڇا چوي پر ٻي لمحي ۾ هوءَ تيز تيز وکون کڻندي مين دروازي ڪان ٻاهر نڪري وئي هئي.

ان واقعي تي لطيف، سڪندر ڪان گھڻو ڪجھہ پڇڻ تي گھريو پر لفظ بہ نہ ڪچي سگھيو هو. جڏهن لطيف، يونيورسٽي جو پيو سال اڪري ٽين سال ۾ داخل ٿيو تہ ان وقت سڪندر يونيورسٽي مان فارغ ٿي چڪو هو پر تنهن هوندي بہ هو تقريبن روزانو هڪبئي سان ملندا رهندا هئا. ڪڏهن لطيف، سڪندر جي گھر ويندو هو تہ ڪڏهن سڪندر، لطيف جي هاسٽل تي ايندو هو. شايد ان جي صحبت جي ڪري لطيف ڪنهن کي چاهيو، نہ ئي لطيف سان ڪنهن محبت جو اظهار ڪيو هو. هونئن بہ لطيف کي محبت جي ضرورت نہ هئي ڇو تہ هن جي پهرين محبت ’ياڳيري‘ جي صورت ۾ موجود هئي. ياڳيري ڏاڍي معصوم ۽ پياري ڇوڪريءَ هئي. ان ڪري لطيف کي يونيورسٽي ۾ ڏاڍو ياد ايندي هئي. لطيف يونيورسٽي اچڻ مهل ياڳيريءَ کي اداس ڏسي واعدو ڪري آيو هو تہ يونيورسٽي مان فارغ ٿيندي ئي توکي هميشہ لاءِ پنهنجو ڪري ڇڏيندس. سڪندر جي فارغ ٿيندي جڏهن لطيف جي ٽريُ ايئر ۾ پهتو تہ خبر ناهي ڪيئن سندس زندگي ۾ ’دردانہ‘ داخل ٿي هئي. جنهن ڪانئس سندس پهرين محبت ياڳيري بہ ڪسي ورتي هئي. دردانہ سان ملڻ جي ٿوري ئي عرصي ڪان پوءِ لطيف، ياڳيريءَ کي وساري ويٺو هو، ڪانئس اهو بہ وسري ويو هو تہ ياڳيري نہ صرف سندس محبت آهي پر مڱ بہ ٿيئي. هن ڪان تہ هاڻ اهو سڀ ڪجھہ وسري ويو هو. هن جي نظر ۾ هاڻ ياڳيري اڻپڙهيل ۽ صفا سادي ڇوڪري هئي بس هن جي دل ۾ هاٽي دردانہ ئي دردانہ هئي...! حالانڪہ يونيورسٽي ۾ ملاقاتن دوران هنن هڪبئي سان ڪليل لفظن ۾ اظهار بہ نہ ڪيو هو، البتہ لطيف کي ايئن محسوس ٿيندو هو تہ اسان ٻئي هڪ ٻئي کي چاهيون ٿا. ان ڪري ٻئي هڪبئي جي ويجهو آهيون. پر لطيف ان جو ذڪر دردانہ سان بلڪل نہ ڪيو هو. يونيورسٽي ڪان فارغ ٿيڻ بعد جلدي لطيف کي هڪ سٺي نوڪري بہ ملي وئي هئي، جنهن تي هو ڏاڍو خوش هو ۽ ڪجھہ ڏينهن بعد لطيف دردانہ کي فون ڪري ڪانئس پڇيو هو:

”يونيورسٽي ڪان بعد هاڻ ڇا پيا ڪريو...!؟“

”يونيورسٽي ڇڏڻ بعد ڪافي بوريت محسوس ڪندي هيم، ڇو تہ يونيورسٽي هڪ عجيب زندگي هئي جيڪا اک ڇنڀ ۾ گذري ويئي، البتہ ان جون يادون باقي آهن. هاڻ گھر ۾ رهڻ جي عادي ٿي وئي آهيان سڄو ڏينهن گھر ۾ ئي هوندي آهيان...!“ دردانہ ٻڌايو هيس.

”دردانہ توهان مون کي ڪٿي وساري تہ نہ ڇڏيو آهي...؟“

وري لطيف پڇيو هئس:

”نہ بلڪل نہ ...! توهان وسارڻ جهڙا نہ آهيو...!“ دردانہ چيو هيس.

لطيف پيو بہ ڪانئس گھڻو ڪجھہ پڇڻ ٿي چاهيو پر پڇي نہ سگھيس ۽ ٽيليفون رکي ڇڏي هئائين. هن کي الاءِ جي ڇو محسوس ٿي رهيو هو تہ دردانہ ڪيس بي انتها پيار ڪري ٿي. ان ڪري هن دل ئي دل ۾ هڪ فيصلو ڪري ڇڏيو هو ۽ پوءِ ٻي ڏينهن جڏهن لطيف سان سندس والد ۽ وڏو ڀاءُ ملڻ آيا هئا ۽ ڪيس ڳوٺ هلي ياڳيريءَ سان شادي ڪرڻ جو زور ڀريو هو تہ ڪين رکو جواب ڏنو هئائين:

”تہ بابا...! مان پاڳيريءَ سان شادي نہ ڪندس...!“

اهو ٻڌي سندس پيءُ ۽ ڀاءُ ڪان چرڪ نڪري ويو. لطيف پيءُ سان نظرون نہ ملائي سگهيو هو ۽ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هئائين.

”هي... هي تون ڇا پيو چوين...!؟“ سندس پيءُ انتهائي ڪاوڙ ۾ چيو هئس:

”ڇا تون وساري ويٺو آهين تہ هوءَ تنهنجي مڱ آهي...!؟“

”خبر آهي بابا...! پر مڱڻيءَ ٽٽي بہ سگهي ٿي...!“

”لطيف ڀاءُ آخر هي توکي ڇا ٿي ويو آهي...!؟ ۽ تون ڇا ڳالهائي رهيو آهين...!“

هن ڀيري سندس ڀاءُ چيو. پر لطيف خاموش رهيو لطيف جي پيءُ پنهنجي ڪاوڙ کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيس:

”اڙي...! جڏهن تون ڳوٺ ۾ هئين تہ پاڳيريءَ سان شادي نہ ٿيڻ جي صورت ۾ پاڻ مارڻ جي ڌمڪي ڏني هيئي، جنهن جي ڪري اسان پٽڪا ميڙ ڪري تنهنجي لاءِ پاڳيريءَ جو سڱ وڏي مشڪل سان ورتو هيوسين...!!“

”بابا اها منهنجي غلطي هئي...!“ لطيف ڳالهائڻ لڳو:

”هاڻ زمانو بدلجي چڪو آهي، مان ڪو عام ماڻهو نہ رهيو آهيان، هن وقت ڪراچي ۾ سترهين گريڊ جو آفيسر آهيان ان ڪري هوءَ مون سان هلي نہ سگهندي. آئون ساڻس شادي هرگز نہ ڪندس...! بس اهو منهنجو آخري فيصلو آهي...! ان باري ۾ آئون وڌيڪ ڪجهہ ٻڌڻ يا ڳالهائڻ نہ ٿو گهران...!“

اهو ٻڌي سندس پيءُ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو هو. ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيائين پر چئي نہ سگهيس.

”بابا...! پاڻ وارو يار لطيف صحيح پيو چوي...!“

لطيف جي وڏي ڀاءُ ڳالهايو:

”هاڻ هو آفيسر ماڻهو آهي ان ڪري کيس اهڙي گهر واري کپي جيڪا ڪراچي ۾ بغير پردي جي گهمي سگهي ۽ اوپرن ماڻهن سان بنا تڪلف جي ڳالهائي سگهي...! بابا اسان تہ ڳوٺائي آهيون...! ان ڪري لطيف سان گڏ نہ ٿا هلي سگهون...! پاڻ کي هاڻ هلڻ گهرجي...!!“

۽ پوءِ هو هليا ويا، لطيف کين روڪي بہ نہ سگهيو هو. پيءُ ۽ ڀاءُ جي وڃڻ کان پوءِ لطيف ڪيترائي ڏينهن انهن سان اختيار ڪيل رويي تي پريشان رهيو ۽ پوءِ آهستي آهستي نارمل ٿي ويو. کيس هاڻي يقين ٿي ويو تہ بابا وارا هاڻ سندس ڪنهن بہ معاملي ۾ ڪا بہ مدد نہ ڪندا، ان ڪري لطيف، سڪندر جي معرفت دردانہ جي گهر وارن کان دردانہ جو سڱ وٺڻ تي گهريو، جنهن جي ڪري هن سڪندر کي پاڻ وٽ گهرائي کيس سڄي حقيقت ٻڌائي، جنهن کي ٻڌي سڪندر پوڳ ٿي پيو. پر لطيف سيريس هو جنهن ڪري انهن ٻنهي ۾ بحث شروع ٿي ويو خبر ناهي هڪ ٻئي کا ڇا ڇا ٿي چيائون. سڪندر کي

دردانہ تي يقين نہ ٿي آيو ان ڪري لطيف تي زور ٿي پريائين تہ هو پاڳيريءَ ڪي ئي پنهنجو ڪري. اها ڳالهہ لطيف ڪي نہ پئي وڻي، ان ڪري لطيف سڪندر ڪي هليو وڃڻ جو چئي ڇڏيو.

سڪندر جي وڃڻ ڪان جلدي پوءِ هڪ جهٽڪي سان لطيف ڪي خيال آيو تہ سپاڻي مان پاڻ دردانہ ڪان راءِ وٺي سندس والدين سان ڳالهائيندس.اهو خيال ايندي ئي هي ڪافي پرسڪون ٿي ويو ۽ ٻي ڏينهن تي هي پنهنجي آفيس جي ڪم مان فارغ ٿي بس اٿڻ وارو ئي هو جو دردانہ سندس آفيس ۾ داخل ٿي، سندس آفيس ۾ دردانہ پهريون ڀيرو آئي هئي، توڙي جو لطيف ڪيس پنهنجي آفيس جي ائڊريس نوڪري ملڻ شرط ڏني هئي پر اڄ اوچتو ئي اوچتو دردانہ ڪي پنهنجي سامهون ڏسي لطيف ڪي ڏاڍي خوشي ۽ حيرت ٿي ۽ پوءِ ڪيس پنهنجي سامهون رکيل ڪرسي تي ويهڻ جو اشارو ڪندي چيائين:

”دردانہ توهان اڄ اوچتو هيڏانهن ڪيئن...!؟“

”اڄ هيڏانهن پنهنجي هڪ ساهيڙي سان ملڻ آئي هيس، سوچيم ان بهاني اوهان وٽان بہ ٿيندي وڃان...!“

دردانہ ڪرسي تي ويهندي ئي جواب ڏنس.

”مهرباني...! ڀلا چانهہ پيئبي يا...!؟“

”ڪجهہ بہ نہ...!“ لطيف جو جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيائين:

”توهان ٻڌايو ڪيئن پئي گذري زندگي...؟“

”ڏاڍي سٺي...!“ لطيف ڳالهائڻ لڳو:

”يونيورسٽي ڪان فارغ ٿيندي جلدي نوڪري ملي وئي اٿم...! ان ڪري ڪا بہ پريشاني محسوس نہ پئي ٿئي...! توهان ٻڌايو تہ توهان ڪا نوڪري جوائن ڪئي آهي يا نہ...!؟“

”لطيف...! آئون ذاتي شوق خاطر يونيورسٽي ۾ پڙهي هيس، نوڪريءَ لاءِ نہ...!“ ڪلندي لطيف ڪي چيائين:

”اسان وٽ الله جي مهرباني سان گهڻو ڪجهہ آهي، پوءِ نوڪريءَ جي ڪهڙي گهرج...!!“

”پوءِ توهان جو ڇا ارادو آهي هاڻ...!؟“ لطيف پڇيس:

”بس ايئن گهر ۾ فضول ويهي رهندو...!؟“

”منهنجو تہ اهو ئي خيال آهي...!“ دردانہ هلڪي مرڪ مرڪندي لطيف ڪي جواب ڏنو.

”پر گهر وارن جا ارادا نيڪ نہ ٿا لڳن...! انهن ايندڙ هفتي منهنجي مڱڻيءَ جو رٿيو آهي...!! ممڪن آهي پوءِ جلدي شادي بہ ٿي وڃي...!!!“

”ڇا...!؟؟؟“ لطيف ڪان ڇرڪ نڪري ويو.

”ها لطيف صاحب...! مان صحيح پئي چوان...! پر ان ۾ حيران ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي...! شادي تہ سڀ ڪو ڪندو آهي...!!!“

” اهو تہ ٺيڪ آهي پر اوهان ڪنهن سان پيا شادي ڪريو..!؟؟؟“

لطيف هن ڀيري تمام تعجب ۾ پڇيس:

”مون کي ڪا بہ خبر ڪونهي...! سواءِ ان جي تہ ايندڙ هفتي منهنجي مڱڻي ٿيندي...!!“ دردانہ چوڻ لڳس:

”ڇو تہ اهو رشتو منهنجي والدين ڪيو آهي ۽ انهن کي ئي خبر آهي تہ هو ڪير آهي...! ڪيئن آهي...!؟ مان ان جي باري ۾ ڪجهہ نہ ٿي ڄاڻان...!!!“

”توهان پڙهيل لکيل هوندي...! زندگي جي ان اهم ترين فيصلي تي بغير سوچ ويچار جي رضامند ٿي ويا آهيو...!؟؟“

” ڇيم نہ...! اهو فيصلو مون نہ پر منهنجي والدين ڪيو آهي...!“

دردانہ چيس:

” ۽ والدين پنهنجي اولاد لاءِ هميشہ سٺا فيصلا ڪندا آهن، ان ڪري مون کي ان تي نظر ثاني يا اعتراض ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي...!!“

” پر...! پر...! مون کي تہ اوهان سان...!! اوهان سان...!!“

لطيف وڏيڪ نہ ڇئي سگهيو، ڇو تہ هو سڄو اندران ئي اندران ڀڄي ڀورا ڀورا ٿي پيو هو. سندس وجود ڪنهن تيز طوفان جي ور چڙهيل سامان وانگر ٽٽي ڀڄي ويو هو، جنهن کي هو ميڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

”ها...ها...! ڇا آهي اوهان کي مون سان...؟؟“

لطيف کي ايئن ششدر ۽ وائڙو ڏسي دردانہ تعجب مان پڇيس.

”مون کي اوهان سان همدردي آهي...!“ لطيف بمشڪل ڳالهايو:

”ان ڪري اوهان کي زندگي جواهڙو اهم ترين فيصلو جلدي اڪلائڻ نہ گهرجي...!“

”مان پنهنجي والدين جي فيصلي کي چئليج نہ ٿي ڪري سگهان...!!“

دردانہ اطمينان سان چيس:

”مان ڪائنئن گهڻو ڪجهہ سکيو آهي، هو اسان کي يونيورسٽي وڃڻ جي آزادي ان ڪري ڪو نہ ڏيندا آهن، جو اڳتي هلي اسان سندن آڏو پسند يا نا پسند جو اظهار ڪريون پر هو اسان تي اعتماد ڪري گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڏيندا آهن. مان ڪڏهن بہ اهو نہ چاهينديس تہ آئون پنهنجي والدين جي اعتماد کي ڇيهو رسايان، هونئن بہ مون کي پوري اميد آهي تہ جتي منهنجا والدين منهنجي شادي ڪرائڻ چاهين ٿا اتي مون کي توقع کان وڌيڪ خوشيون ملنديون...!“

”خدا ڪري ايئن ٿئي...!!!“

لطيف پنهنجي وجود جا وکريل ٽڪرا ميڙيندي چيو:

”جيڪڏهن توهان کي ان اڻ ڏٺي رشتي تي خوشي آهي تہ پوءِ يقين ڪريو مان بہ ڏاڍو خوش آهيان...! منهنجي دعا آهي تہ توهان جتي بہ هجو خوش هجو...! ۽ اوهان جي هميشہ واري مرڪ سلامت هجي...!!“

ايئن چئي لطيف خاموش ٿي ويو، دردانہ ڪرسيءَ تان اٿي بيٺي هئي:

”لطيف، مون کي بہ توهان سان همدردي آهي...!“

ايئن چئي هوءَ هلي وئي ان وقت لطيف کي پنهنجو پاڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي ۽ سوچيائين تہ: ’مان بہ ڪيڏو بيوقوف آهيان‘ جو دردانہ کي پنهنجو بڻائڻ جو خواب ٿي ڏٺم... هوءَ تہ مون سان گڏ پڙهندي هئي پوءِ جيڪا ڇوڪري محبت ۽ خلوص سان پيش اچي تہ اسان ان کي خوابن ئي خوابن ۾ همسفر بڻائي ڇڏيون...!؟ پيار صرف پيار هوندو آهي، جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها ۽ محبت شادي جو ٻيو نالو هجي ها تہ خبر ناهي ماڻهو ڪيتريون شاديون ڪن ها، ڇو تہ انسان کي هر موڙ تي پيارا ماڻهو ملندا آهن، جن کي هو چاهڻ لڳندو آهي جڏهن مان ڳوٺ ۾ هئس تہ مون کي ڀاڳيري پياري لڳندي هئي وري جڏهن يونيورسٽي ۾ پهتس تہ دردانہ کي چاهيو هيم...! وري جڏهن سروس ٽائيم ۾ ڪا ڇوڪري ملي تہ شايد دردانہ کي وساري ويهان...! پر هاڻ لطيف کي دردانہ پوئتي ڊِڪي ڇڏيو هو...! جيڏانهن ڪجهہ وقت اڳ هن نہ ٿي وڃڻ چاهيو ۽ هن کي هاڻ سڪندر جا اهي جملا شدت سان حقيقت جو روپ ڌاري ياد اچڻ لڳا تہ:

” ڳوٺن مان ايندڙ ڇوڪرا جلدي ڪراچي جي گوڙ ۾ گم ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ جلدي پويان سڀ ڪجهہ وساري آسمان ڏانهن اڏامندا آهن ...!!“

پر هاڻ لطيف جي آسمان ڏانهن اڏام ختم ٿي چڪي هئي، سندس پَر پرزا پرزا ٿي ويا هئا، جنهن جي ڪري هو منهن ڀر ڪريو هو، ان ڪري پنهنجو پاڻ کي ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۾ گُم ٿيندي ڏٺائين پر ان جي ڪيس ڳِٽي نہ هئي نظرون مٿي آسمان ڏانهن جو هئس، جتي هن کي سندس والدين، مائٽ ۽ ڀاڳيري ستارن جيان چمڪندي نظر اچي رهيا هئا...!!!

***

مان سڌرندس

مون ڪوڙ انٽرويو ڏنا هئا نوڪري لاءِ پر نوڪري نہ ملڻي هئي سا نہ ملي پر پوءِ بہ همٿ نہ هاري اٿم ۽ بي_اي جي ڊگري ڪنيون ٿاپا ڪائيندو وتندو آهيان. جيتوڻيڪ اها بہ خبر اٿم تہ اڄ ڪلهہ حڪومت نوڪري ڏيڻ بجاءِ نوڪري کسڻ ۾ مصروف آهي پر پوءِ بہ دل کان مجبور آهيان، ان ڪري ڪنهن بہ اخبار ۾ خالي جاين جو اشتهار پڙهندو آهيان تہ ان اداري کي پنهنجي درخواست موڪلي ڏيندو آهيان. پر اوڏانهن موٽ تمام گهٽ ملندي آهي. هڪ ڀيري هڪ انٽرويو ڪال آئي هئي، جنهن ۾ مون کي ’ٽيليفون آپريٽر‘ جي عارضي پوسٽ لاءِ ڪراچي ۾ ٿيندڙ انٽرويو جي تاريخ ۽ ٽائيم بابت ٻڌايو ويو هو. پر منهنجي بدقسمتي اها هئي جو جنهن ڏينهن مون کي انٽريو ڪال صبح جو يارهين وڳي ملي، ان ئي ڏينهن تي صبح جو ڏهين وڳي ڪراچي ۾ انٽرويو ٿيڻو هو..!!!

جيڪڏهن مان ان وقت ئي ڪراچي لاءِ نڪري پوان ها تہ پورن ڏهن ڪلاڪن جي سفر ڪانپوءِ ئي ڪراچي ۾ قدم رکان ها...! ان ڪري هڪ ٿڌو ساهہ ڀري چُپ ڪري ويو هيم. ان تي مون واري يار ذوالفقار بس ئي نہ ٿي ڪئي چيائين ٿي تہ:

”مون توکي گهڻا ڀيرا سمجهايو آهي تہ اجايو درخواستن تي خرچ نہ ڪندو ڪر... پاڻ کي نوڪري ناهي ملڻي تہ پوءِ روز روز کهڙيون ٿو درخواستون ڪرين، اڙي ٽيليفون آپريٽر واري درخواست تي گهڻو خرچ ڪيو هُئي...؟ پنهنجي ڊگري جون نقل ڪاپيون، بہ عدد پاسپورٽ سائيز تصويرون، لفافو پوسٽ ٽڪليون، ڊوميسائل ۽ پي آر سي جون نقل ۽ وقت...! موٽ ۾ ڇا مليئي...؟ هڪ اهڙي انٽريو ڪال جنهن توکي ڪجهہ ڏيڻ بجاءِ تنهنجو مذاق اُڏايو آهي. جيڪڏهن تون اهي پيسا ايئن ضايع نہ ڪرين ها تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ويلو تہ ٺارين ها...!؟“

هو خبر ناهي ڇاڇا چوندو رهيو پر آئون ٻڌڻ کان سواءِ ڪجهہ نہ ڪري سگهيس. ڇو تہ هو اهڙين درخواستن کي فضول خرچي ۾ ليکيندو هو. پر پوءِ بہ مان نہ مڙندو هئس ڇو تہ مون کي اميد هئي تہ مان ڪنهن نہ ڪنهن اداري ۾ ضرور ضم ٿي ويندس پر اڄ الاءِ جي ڇو محسوس ٿي رهيو هو تہ ذوالفقار صحيح پيو چوي. انهن سڪڻين درخواستن مان ڪجهہ ڪين ورندو..!!

ذوالفقار منهنجو گهاٽو دوست آهي، ٻئي گريجوئيٽ آهيون، فرق صرف اهو آهي جو هُن بي. ايس. سي پاس ڪئي آهي جڏهن تہ مون وٽ بي. اي جي ڊگري آهي هو عجيب آهي، مان غريب آهيان، هو لڪندو گهڻو آهي مان پڙهڻ ۾ تيز آهيان، هو ڪفايت شعار آهي جڏهن تہ مان، فضول خرچي ڪجهہ وڌيڪ ڪندو آهيان. شايد ان ئي سبب جي ڪري هن جي حالت مون کان ڪافي بهتر هئي.

اڄ بہ آءٌ حسبِ عادت ’خدمت خلق‘ هوٽل تي پراڻيون توڙي تازيون اخبارون جاچي رهيو هئس تہ اوچتو ذوالفقار آيو، منهن صفا لٿل هئس،ان ڪري ڪجهہ پڇڻ وارو ئي هيومانس جو هن پاڻ ئي منهنجي سامهون رکيل ڪرسي تي ويهندي چيو:

”يار اڄ زندگي ۾ پهريون ڀيرو هار ملي آهي...!“ اهو ٻڌي ٺهڪ نڪري ويو ۽ ڪيس چيم:

”نيٺ ڦوٽي واري ڏيءُ راحيلا هٿان موڇڙا کاڌئي...! ڪيترا ڀيرا سمجهايو هيومانءِ تہ ڀيلي مڙي وڃ...! اها ڇوڪريءَ سرڪاري اسپتال ۾ نرس آهي هوءَ تو پاري بيروزگار کي ڪنگهندي بہ ڪو نہ اجايو ڪا خطرناڪ سوئي هڻي ڪندئي پورو...! تہ بہ نہ پيو مڙين تہ پادر تہ جهليندين نہ...!“

اهو ٻڌي همراهہ هڪدم بلڪل نيڪ ٺاڪ ٿي ويو ۽ خوشگوار لهجي ۾ چيائين:

”مان تہ راحيلا جي چڙڻ لاءِ ئي سڪان پيو چريا...! پر جيڪڏهن هن مون کي پادر هنيا تہ ان ڏينهن مان خوشحال ٿي ويندس...!“

”ڇا مطلب...!“ حيران ٿيندي ڪائنس پڇيم.”راحيلہ جي پادرن سان تون خوشحال ويندين..؟“

”ها بلڪل...!“ چيائين. ”ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي...!“

”سو وري ڪيئن...؟“ واڇون ٽيڙي رازداري واري انداز ۾ پڇيومانس.

”يار توکي تہ خبر آهي...!“ وراڻيائين. ”عشق جي شروعات ۾ هُن هڪ دفعو مون کي ڪاوڙ ۾ حقارت ۾ ڏنو هو ... ان ئي ڏينهن شام جو منهنجو پنجاهہ هزار جو انعامي بانڊ نڪتو هو...!ان ڪري مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن هن ڪڏهن مون کي مار ڏني تہ ان ئي ڏينهن سمجهہ تہ منهنجو ڀاڳ کليو...! ۽ مان لکاپتي بڻجي ويندس...!“

”سچ ٿو چوين...!“

”ها...! هاڻي هڪ ڳالهہ توکي راز جي ٿو ٻڌايان تہ مون عشق جي آڙ ۾ راحيلا کي اجايو تنگ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي...! خبر اٿئي ڇو...؟“

”نہ...!“

”ان ڪري...!“ وراڻيائين: ”جو هوءَ مون کي کُتڪو ڪيڏي ۽ مان امير ٿي وڃان...! اهو سڀ ڪجهہ ذوالفقار اهڙي طرح چئي ويوجو جڻ ڪيس يقين هجي تہ راحيلا جي موچڙن سان هن جا چڱا ڏينهن شروع ٿي ويندا.

”ڇڳو ڀلا ڇڏ انهن ڳالهين کي...!“چيم ” تون اهو ٻڌاءِ تہ پهريان ڇو منهن خراب ڪيون آيو هئين...؟“ اهو ٻڌي همراهہ وري پريشان ٿي ويو ۽ چيائين: ”دراصل ڳالهہ اها آهي جو ڪجهہ ڏينهن پهريان جيڪي ماستري جي لاءِ انٽرويو ڏنا هئاسين نہ...!“

”ها...!تہ پوءِ انهن مان هاڻي ڪنهن کي بہ پرتي نہ ڪندا...!“

سندس جملو اڌ ۾ ڪٽيندي چيم. ”چو تہ هاڻ هر اداري مان ملازم ڇانٽي پيا ٿين تہ پوءِ نون ماسترن ڪي ڀرتي ڊوڙ ڊاڍهن ڪندا...؟ ان ڪري تون پريشان نہ ٿي، توسان گڏ مون بہ انٽرويو ڏنو هو، صرف مان نہ پر ماستري جي يارنهن سيٽن لاءِ سوين ماڻهن انٽرويو ڏنا هئا...! هاڻ انهن سڀني آسرو لاهي ڇڏيو آهي تہ پوءِ تون ڇالاءِ ٿو ڳڻتي ڪرين...؟“

”اڙي مان انهن آرڊرن جي رد ٿيڻ جي ڪري ٿورئي ٿو پٽيان...!“

پاڻ تي ضابطو رکندي چيائين: ”صرف اهي آرڊر رد ٿين ها تہ خير هو...! پر انهن آرڊرن سان گڏ مون مسڪين جا ڏهہ هزار بہ لڙهي ويا...!“

”ڏهہ هزار...!!!“ حيرت مان پڇيم.

”ها مان صحيح پيو چوان، مون ماستري جي سيٽ وٺڻ لاءِ ’ماستر وزير‘ سان پنجتيهن هزارن ۾ سودو طئہ ڪيو هو. جنهن ڏهہ هزار ايڊوانس طور ورتا هئا...! ۽ باقي پنجويهہ هزار آرڊر وٺڻ ڪان پوءِ ڏيڻا ڪيا هيامانس...!“

”پر تو تہ مون سان پهريان ان باري ۾ ذڪر نہ ڪيو هو...!“ تعجب ۾ ڪائنس پڇيم.

”ها يار...!“ ٿڌو ساهہ ڀريندي چيائين ”دراصل مون اوچتو آرڊر وٺي توکي حيرت ۾ وجهڻ ٿي گهريو... پر اڄ خبر پئي آهي تہ پنهنجي قسمت ئي ٽُٽل ڦِٽل آهي. ان ڪري آرڊر وٺڻ بجاءِ ڀيلو منهن ڪري تو وٽ پهتو آهيان..! هاڻ تون ئي ٻڌاءِ مان ڇا ڪيان...؟“

”ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي...؟“ چيم.

”تون ماستر ڪان پنهنجا پيسا واپس وٺ...!“

”اڙي اهو ئي تہ مسئلو آهي...!“ چيائين.

”ماستر پيسا ئي واپس نہ ٿو ڏئي...! چوي ٿو ڪجهہ پيسا مون ڪپائي ڇڏيا آهن تہ ڪجهہ مٿين کي چٽايا اٿم، ان ڪري هاڻ پائي بہ نہ ملندئي...! مون توکي زور ڪيو هو ڇا...؟ ڏهہ هزار ڏيڻ لاءِ...! تو تہ رضا خوشي سان منهنجي حوالي ڪيا هئا...! هاڻ اجايو دهمان نہ ڪر... ها باقي اهي يارهن ماستريءَ جا آرڊر جاري ٿيا تہ پڪ سمجهہ تہ انهن مان هڪ تنهنجو بہ هوندو.

پر يار هاڻ ڀانيان ٿو تہ ماستريءَ جا آرڊر ڪڏهن بہ نہ نڪرندا...! ان ڪري منهنجا تہ ڏهہ هزار ويا ئي ويا...!“

”ايئن وري ڪيئن ويا...!؟“ چيم.”وٺيس ڳچيءَ مان ڪڍيس ڏهہ هزار.!“ ”اڙي چريا...! تون ڳچيءَ جي ٿو ڳالهہ ڪرين...؟“ جڪ ڪائيندي چيائين.

اڄ تہ ذري گهٽ پٽڪو لاٿو هيومانس...! وچ ۾ ماڻهو اچي ويا تہ بہ چيائين ٿي تہ: ”پيسن جو آسرو نہ ڪجانءِ... جيڪي مو ن کي ڦٻيا انهن ڪان وڌيڪ تون منهنجي بيعزتي ڪئي آهي، ان ڪري حساب برابر ...!“

”يار...!“چيم. ”ماستر بہ صحيح پيو چوي...!“

”ها...!“ وراڻيائين. ”هو بہ ڪنهن حد تائين درست آهي، ان ڪري تون ٻڌاءِ تہ هاڻ مان ڇا ڪيان...؟“

”پهرين ڳالهہ تو غلط ڪم ڪيو آهي...!“ اعتماد سان ڪيس چيم.

”آخر مون بہ تہ ڪنهن سان ماستري جي سيٽ لاءِ ٽيهہ هزارن ۾ سودو طئہ ڪيو هو...!“

”ڇا...!؟“ تعجب ۾ چيائين ”پر تو پهريان تہ مون کي ان باري ۾ نہ ٻڌايو هو...!“

”واقعي مون توسان ان باري ۾ ذڪر نہ ڪيو هو، فقط ان ڪري جو توکي حيرت ۾ وجهڻو هو...! پر مون سودو طئہ ڪرڻ باوجود ان ڪم ڪندڙ ماڻهو کي صرف ڏهہ هزار ڇتائي ڇيو هيو، باقي ’اناويهہ هزار‘ تڏهن ملندئي جڏهن آرڊر وٺي ڏيندين...! هاڻ ٻڌاءِ عقل مند ڪير...! تون يا مان...؟“

”آهيون تہ ٻئي بيوقوف...! “ ڪجهہ سوچيندي چيائين.

”پر پوءِ بہ تون هن دفعي مون کي منجها هٽي وئين...! ان ڪري ئي پٽيان ٿو تہ زندگي ۾ مون پهريون ڀيرو مار کاڌي آهي... هار کاڌي آهي... ان ڪري هاڻ توکي صحيح صلاح ڏيڻي پوندي...! نہ تہ اُڦت ڪندومانءِ، اصل ماستر واريون ڪسرون هڪ جون پيٽيون تو مان ڪڍندوسانءِ...!“ ايئن چئي هن پرسان پيل خالي ڪوپ کڻي ورتو، اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ڇرڪي ويم ۽ ڇرڪان بہ چو نہ اصل ’پوتارن واريون ڪسرون يارن مان ڪيڻ‘ وارو حساب لڳو پيو هو پر پوءِ بہ ڪيس ٽارڻ لاءِ چيم:

”تڪڙ نہ ڪجانءِ ذلفي...! تڪڙ نہ ڪجانءِ متان مار ائي وجهين ڇريا..! ”تون ڪجهہ ڏينهن صبر ڪر، متان آرڊر نڪري اچن ...!“

”آرڊر ڪڏهن بہ نہ نڪرندا...!“ تارا ڦوٽاريندي چيائين.”ٻي ڳالهہ ڪر...!“

”ٻي ڳالهہ اها آهي جو ماستر وزير کي هلي مهذب طريقي سان سمجهائي پيسا واپس ڪرڻ جو چونداسين...!“

”پوءِ ڇا ٿيندو...؟“ پڇيائين.

بدستور ڪوپ هن جي هٿ ۾ هو.

”پوءِ ڳالهيون ٿينديون بہ...!“ وراڻيم. ”يا تہ هو سڀ پيسا واپس ڪندو يا ٺپ جواب ڏيندو بس معاملو ئي صاف...!“

”مزو نہ ڪيئي...!“

ايئن چئي هو تيز تيز قدم کڻندو هليو ويو. جنهن کان پوءِ مون ايئن محسوس ڪيو جو جڻ ڪنهن وڏي مصيبت مان جان آجي ٿي هجي. هونئن بہ جڏهن ذوالفقار جو بلڊ پريشر هاءِ هوندو آهي تہ پوءِ ڪنهن آفت شافت کان گهٽ محسوس نہ ٿيندو آهي.

ٻي ڏينهن مان پنهنجي زندگي سنوارڻ جي فارمولي تي عمل ڪرڻ لاءِ سرڪاري اسپتال جي مين دروازي وٽ راحيلا جو انتظار ڪري رهيو هئس. جو هوءَ مون کي پاڻ ڏانهن ايندي نظر آئي، ان ڪري هوشيار ٿي ويم، جيئن ئي منهنجي ڀرسان آئي تہ ڪيس چيم:

”راحيلا...! مهرباني ڪري مون کي ٻہ ٽي پادر تہ هڻ...!“

جنهن تي حيران ٿي وئي ۽ اکين ۾ اکيون ملائيندي چيائين:

”قلندر بخش...! هي ڇا پيو چئين...!!!؟“

”مان صحيح پيو چوان....تنهنجي مار سان من کو ڀاڳ ڏي پيڙو ۽ مان ذوالفقار کان اڳ ۾ امير ٿي وڃان...!!!“

”ڇا مطلب...!!!؟“ انتهائي حيرت مان پڇيائين.

”مطلب توکي نہ ٻڌائيندس...!“ چيم. ”بس تون منهنجي اها خواهش پوري ڪر...!“

”ڪٿي تنهنجو دماغ تہ خراب نہ ٿيو آهي...؟“ منهن ڦيريندي چيائين. ”مون کي تہ تون ڏاڍو وٽندو آهين، پيهر ايئن نہ چئجانءِ...!“

”ڇا...! مان توکي وٽندو آهيان...؟“ڪجهہ وڌيڪ ئي پريشان ٿيندي ڪيس چيم.

”ها سچي...!“ وراڻيائين. ”باقي تو وارو اهو ٻي سُرو دوست ذوالفقار، مون کي ڏاڍي ٿو ڪاوڙ ڏياري...! صرف ايترو نہ پر هو مون کي هاڻ خواهہ مخواهہ تنگ ۽ اجايو پريشان ڪري رهيو آهي...!“

ان تي دل ئي دل ۾ ڪيس چيم: ’محترمہ...! هو اجايو اوهان کي تنگ ۽ پريشان نہ ٿو ڪري پر ان ۾ بہ ڪو راز رکيل آهي...!‘

راحيلا ڳالهہ جاري رکندي چيو:

”يقين ڄاڻ قلندر بخش جيڪڏهن مون کي تنهنجو خيال نہ هجي ها تہ مان يقينن ڪڏوهڪو بابا هٿان ذوالفقار جي اهڙي تہ سنوارت ڪرائي ڇڏيان ها جو هو وري ڀلجي بہ منهنجي منهن نہ چڙهي ها...!“

”توهان ذوالفقار جي ڪنهن کان بہ سنوارت ڪرايو...!“چيم.

”اهو اوهان جو مسئلو آهي پر مون تي اوهان پاڻ اها مهرباني ڪيو...!“ ”تون اهي ڪهڙيون احمقن واريون ڳالهيون پيو ڪرين...!؟“ هن ڀيري صفا پريشان ٿيندي چيائين.

”مان توسان محبت ڪيان ٿي ۽ تون منهنجو مذاق ٿو اڏائين...!“

راحيلا جي واتان اهو ٻڌي سوچيم: ’جيڪڏهن راحيلا ڪا چڙب ڏئي ها يا ڪٽي گهٽ وڌ ڳالهائي ها تہ ممڪن هو ڪجهہ ترقي ٿي وڃي ها...! پر هن تہ رهندو ئي اظهار محبت ڪيو آهي. يعني تہ منهنجي ترقي جو فارمولو ۽ حساب ڪتاب ئي ابتو... رهندو ئي تباهي... جيڪو آهي سو بہ هليو ويندو... ان

ڪري ڦٽ هتان...!‘ جنهن ڪري اتان ڪسڪي آيس.گهر پهتس ئي مس جو ٽپاليءَ آيو ۽ ايندي ئي چيائين:

”قلندر...! هيءَ تنهنجي انٽريو ڪال آئي آهي، الله ڪندو نوڪريءَ بہ ملي ويندئي، خرچي تہ ڏيار نہ...!“

”اهو ٻڌي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، سوچيم: ’اڄڪلهہ زمانو اهڙو آهي جو دل گهرڻ تي ڪو موچڙا بہ نہ ٿو هڻي ۽ هي همراهہ هليو آهي خرچي وٺڻ...!‘

ان ڪري ڪيس چيم:

”منهنجو نالو قلندر ضرور آهي پر مان قلندر وانگر سخي مرد نہ آهيان... نہ ئي في الحال ان جو ارادو آهي...! ان ڪري مون وٽ توکي ڏيڻ لاءِ ڪي فالتو پيسا ڪونهن... پيو تہ نوڪريون ملن ئي ڪو نہ ٿيون زور آهي رڳو انٽرويو ڪال پهچائڻ تي...!“

منهنجو اهڙو جواب ٻڌي ٽپاليءَ ويچارو سوچ ۾ پئجي ويو پر چئي ڪجهہ بہ نہ سگهيو بس پنهنجين ڳاڙهين ڳاڙهين اکين سان مون کي ڪاوڙ مان ڏسي هليو ويو. هن جي وڃڻ کان پوءِ الاءِ جي ڇو مونکي يقين ٿي ويو هو تہ:

’جيڪڏهن منهنجي ٻيهر ڪا انٽرويو ڪال آئي تہ اهو ٽپالي ان کي اتي جو اتي ڦاڙڻ ۾ دير نہ ڪندو...!‘

مون انٽرويو ڪال کولي پڙهي جنهن ۾ مون کي ڪنهن نوڪريءَ جي سيٽ لاءِ حيدر آباد ۾ ٿيندڙ انٽرويو جو ٻڌايو ويو هو. مان مقرر تاريخ تي صبح جو سوير ئي ڄامشوري پهچي چڪو هئس. جتان حيدر آباد وڃڻ لاءِ ڪنهن سواريءَ جو انتظار ڪري رهيو هئس پر ڪافي ٽائيم گذرڻ باوجود مون کي ڪائي گاڏي هٿ ڪو نہ آئي، البتہ هڪ ٻہ سوزڪيون ڪراس ضرور ڪري ويون هيون پر اهي ڀريان ئي ماڻهن سان سٽيل هيون، ان ڪري انهن ۾ چڙهڻ مون مناسب نہ سمجهيو. مان اڃان اتي ئي بيٺو هئس جو مون کي هڪ ڪار پاڻ ڏانهن ايندي نظر آئي. جنهن ۾ ڊرائيور کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نہ هو. ان ڪري سوچيم ڇو نہ ان ڪار واري کان لفٽ وٺي، حيدر آباد تائين پهچان، ان ڪري ڪار جيئن ئي ويجهو پهتي تہ هٿ ڏئي ڪيس روڪي ڊرائيور کي چيم:

”سائين مون کي حيدر آباد وڃڻو آهي، ڇا ايستائين وٺي هلڻ جي عنايت ڪندو...؟“ موٽ ۾ ڊرائيور هڪ نظر مون تي وڌي ۽ پوءِ ڪار جي اڳين دري کوليندي چيائين:

”اچ ميان ويهہ...تون بہ ڇا ياد ڪندين...!“

”مهرباني...!“ چئي سندس ڀرسان واري سيٽ تي ويهي رهيس تہ ڪار روڊ تي ڊوڙڻ لڳي.

”ها ميان...! توهان ٻڌايو ڪير آهيو...؟“ حيدر آباد ڇو پيا وڃو..؟ موٽ ۾ مون حيدر آباد وڃڻ جو سبب ڪيس ٻڌائي ڇڏيو. پيو سوال ڪيائين.

”تعليم ڪيتري اٿئي...؟“

” بي_اي پاس آهيان...!“ چيم: ”پر پوءِ بہ ڪنهن نوڪري لاءِ رُلي رُلي ٿڪجي پيو آهيان...!“

”ڪمال آهي يار..! بي_اي جي ڊگري هوندي بہ توکي ڪا نوڪري نہ ٿي ملي...!؟“

”جناب...! اڄ ڪلهہ اهليت جو ڪير ٿو پڇي...!“چيم: ”بس جنهن وٽ پيسو ۽ سفارش آهي تہ نوڪري بہ ان لاءِ آهي، باقي سڪٽين ڊگرين وارن جي قسمت ۾ صرف ڌڪا ۽ ٿاپا آهن...!“

” نہ...! هرو ڀرو ايئن بہ نہ آهي...!“ بحث واري انداز ۾ چيائين: ”ڊگري ۽ اهليت جي بہ اهميت آهي، جيڪڏهن تون واقعي بي_اي جي ڊگري جو اهل آهين تہ توکي ڪا نہ ڪا نوڪري ضرور ملي ويندي...!“

مان سندس جملو سمجهي ويو هئس. ان ڪري ڳالهہ ڦيرائيندي چيم: ”سائين مان اهل هجان نہ هجان... باقي پيسي ۽ سفارش جهڙي لعنت هوندي... اسان کي پنهنجو حق ناهي ملڻو... پيو تہ اڄ ڪلهہ اسان جي هر شيءِ تي ڌاريا ڌاڪو ڄمايون ويٺا آهن...ان ڪري هو اصل ديس ڌڻين کي ڪٿي خوش ڏسڻ چاهيندا...!!؟“

”پيسو، سفارش ۽ ڌارين جو لفظ اسان جي ڀٽڪيل نوجوانن جو آخري سهارو آهي...!“ وري چيائين.

”جنهن سان هو پاڻ کي بيگناهہ ۽ معصوم ثابت ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن. مڃان ٿو تہ انهن شين جو بہ ڪنهن حد تائين عمل دخل موجود آهي پر مان پڪ سان چوان ٿو تہ جيڪي نوجوان پنهنجي حاصل ڪيل ڊگري جو مان رکن ٿا تہ انهن کي نوڪريءَ لاءِ دربدر ڀٽڪڻو نہ ٿو پوي، باقي جيڪي ڇوڪرا ڪاليج مان ڪاپي ڪري پاس ٿيا هجن يونيورسٽين ۾ ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ بجاءِ نلهي نعريبازي، جشن ملهائڻ ۽ غنڊاگرديءَ ۾ گذاري داٻي جي زور تي ڊگري ورتي هجي تہ پوءِ انهن کي ڇا ايندو...؟ سواءِ ان جي تہ هاءِ... ڌاريا اسان جو حق کائي ويا... هاءِ...! وڏيرن ميرن پيرن اسان سان ظلم ڪري ڇڏيو. پيسي ۽ سفارش جي ئي ڪري اسان کي نوڪري نہ ٿي ملي...!

مان توکان پڇان ٿو، ڇا ان روڄ راڙي سان اسان کي پنهنجا حق ملي ويندا...؟ڇا مير، وڏيرا، پِير ۽ ڌاريا اسان جو حق کائڻ ڇڏي ڏيندا...؟ ڇا انهن رڙين سان پيسي ۽ سفارش وارو موذي مرض ختم ٿي ويندو...؟ ڪڏهن بہ نہ...!! انهن سڀني مسئلن جو حل صرف ۽ صرف تعليم ۽ اهليت آهي ۽ ان تي ئي اسان کي زور ڏيڻو پوندو...! اسان جا قومپرست اڳواڻ اسان جي نوجوانن جي دلين ۾ اها ڳالهہ ويهاري رهيا آهن تہ اسان کي پنهنجو حق نہ ٿو ڏنو وڃي ان ڪري جدوجهد ڪيو...! پر مان چوان ٿو تہ اسان جا حق نہ ڪو کائي سگهي ٿو... نہ ڪو ڦٻائي سگهي ٿو...! پر پوءِ بہ اسان کي حق نہ ٿا ملن تہ فقط ان ڪري جو اسان کي پنهنجا حق وٺڻ جي اهليت ۽ طريقو بہ ڪونهي...! ظاهر آهي سڀ حق سڪٽن حوالن، نعرن ۽ جلوسن سان تہ ناهن ملندا پر ان لاءِ ذهن کپي، عملي ڪم کپي، تعليم کپي، اهليت کپي...! پر افسوس

اسان جي توجہ ان طرف آهي ئي ڪو نہ نتيجي ۾ اسان جا نوجوان لائبريرين ۾ وڃڻ بجاءِ روڊن ۽ رستن ۽ هوٽلن تي ويهي پنهنجو وقت برباد ڪري رهيا آهن. تہ پوءِ هو اڳتي هلي ڪهڙي ڪميشن، سي. ايس. ايس يا پيو ڪو اعليٰ امتحان پاس ڪري ڪنهن سٺي منزل تي پهچي پنهنجو يا سنڌ جو نالو روشن ڪندا يا پنهنجي حقن جو ڪيس وڙهندا...! ڪيئن مان صحيح پيو چوان نہ...!؟"

"ها بلڪل...!" ڪنڌ جهڪائيندي چيم. چو تہ مون بہ يونيورسٽي ۾ بي. اي ڪرڻ دوران ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ بجاءِ ان وقت جي سوچ مطابق، سنڌ ۽ سنڌي قوم جي ڀلي لاءِ جدوجهد ڪندو هئس. هر روز نيون گڏجاڻيون نوان نعرا بس تعليم طرف ڪو توجہ ئي ڪو نہ هو. هونئن بہ مان هر سيميسٽر ۾ پاس ٿي رهيو هئس تہ پوءِ ڳڻتيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ هئي... پر اڄ اهو شدت سان محسوس ڪرڻ لڳو آهيان تہ مان هاڻ انهن ليڊرن جي نظر ۾ ڪا اهميت نہ ٿو رکان. جيڪي يونيورسٽي دور ۾ مون ڪان وڏا وڏا ڪم وٺندا هئا...! مون ڪي سنڌ جو جوڌو ۽ دودو سڏيندا هئا... هاڻ اهو بہ احساس ٿي رهيو آهي تہ جيڪڏهن مان يونيورسٽي ۾ فضول ٽائيم نہ گذاريان ها ۽ محنت ڪري پڙهان ها تہ اڄ مان ڪنهن منزل تي پهچي ضرور سنڌ جي ويرين سان حقيقي عملي ۽ قلمي ويڙهہ وڙهان ها پر ان وقت مان جوش ۾ هئس ۽ جوش ۾ هوش نہ هوندو آهي...! هاڻ جڏهن هوش ۾ آيو آهيان تہ هوش ۾ هوندي بہ بيروزگاري ۽ بيوسيءَ بيهوش ڪري ڇڏيو آهي...! بيهوش بہ چو نہ ٿيان... منهنجي انهن نعرن، احتجاجن سان نہ ئي سنڌ کي حق مليو ۽ نہ ئي ان جدوجهد مان منهنجي ذاتي زندگي سنوري سگهي...!

"ڪهڙين سوچن ۾ گم ٿي ويو آهين ميان...؟" ڊرائيور مون کي خاموش ڏسي چيو.

"بس سائين...! مان ماضي ۾ گم ٿي ويو هئس...!"

"ڇڏ ماضي کي...!" وراڻيائين: "حال جا احوال ڏي... انٽرويو جي تياري ڪئي اٿئي...؟"

"ها...!" وراڻيم: "منهنجي انگريزي تہ سٺي ڪونهي، باقي جي سنڌي ۾ سوال ڪيائون تہ ٺهہ پهہ جواب ڏيندومان...!"

"ڇڱو ڀلا ٻڌاءِ...!" پڇيائين: "محمد بن قاسم سنڌ ۾ ڪڏهن آيو هو...؟"

"سائين...! پڙهيو تہ ڪٿي ضرور هيم...!" ڪجهہ سوچيندي وراڻيم:

"پر ڪجهہ ياد ڪو نہ ٿو اچي...! باقي هڪ ڳالهہ واضع ۽ اٽل حقيقت آهي تہ محمد بن قاسم سنڌ ۾ آيو ضرور هو...!"

"او ...واهہ...! ڏاڍو ذهين ٿو لڳين...!" طنزيہ لهجي ۾ چيائين: "ان ڪري تون اهو چئي سگهين ٿو تہ بيشڪ تنهنجو حق، پيسو، سفارش ۽ ڏاريا کائي ويا...! نہ تہ تون گهٽ ۾ گهٽ استاد ٿيڻ جي لائق ضرور آهين ۽ تنهنجا شاگرد تنهنجي اهليت ۽ ذهانت مان پرائي سنڌ جي تقدير ئي بدلائي ڇڏين ها.!!"

اهو ٻڌي مان ڪجهہ چوڻ جي باوجود ڪجهہ چئي نہ سگهيس. ڊرائيور بہ خاموش ٿي ويو، ڪجهہ ٽائيم گذرڻ کان پوءِ ڪار کي هڪ پاسي بيهاريندي چيائين:

”ميان...! جيڪڏهن منهنجون ڳالهيون خراب لڳيون اٿئي تہ ان لاءِ معذرت...! هاڻ تون لهي سگهين ٿو...! هِن سامهون واري بلڊنگ ۾ تنهنجو انٽرويو ٿيندو...!“

”نہ معذرت جي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي...!“ وراڻيم: ”پر توهان کي هن انٽرويو واري جڳهہ جي ڪيئن خبر پئي...! ڇا توهان بہ ڊرائيور مان ڦري ڪنهن نوڪريءَ جا خواب پيا ڏسو...؟ جيڪڏهن واقعي ايئن آهي تہ پوءِ پيلي مڙي وڃو...! توهان کان وڌيڪ ان نوڪريءَ جو حقدار مان آهيان، ڇو تہ مون وٽ بي_اي جي ڊگري آهي، توهان وٽ ڊرائيونگ لائيسنس...!“ ايئن چئي مان ڪار مان لهڻ لڳس. تہ مرڪي چيائين:

”پليو آهين ميان...! منهنجو ڪو انٽرويو ناهي، مان جتي آهيان اتي ئي ڏاڍو خوش آهيان...!“ ايئن چئي هو ڪار ڊوڙائيندو اڳتي هليو ويو. انٽرويو شروع ٿيڻ ۾ باقي اڌ ڪلاڪ هو، ان ڪري مان بلڊنگ جي ننڍڙي پارڪ ۾ پلٽي هڻي ويهي رهيس. منهنجي دل تي ڊرائيور جي گفتگو ڏاڍو اثر ڇڏيو هو ۽ ماما جا بہ اهي لفظ ياد اچي رهيا هئا تہ: ’پيسي ۽ سفارش جهڙي بيماريءَ اسان جي نوجوانن پاڻ ئي پيدا ڪئي آهي. ظاهر آ تو وٽ بي_اي جي ڊگري آهي پر ان جيتري ذهانت بلڪل ڪو نہ اٿئي تہ پوءِ نوڪري ڪيئن ملندئي...؟ پر پوءِ بہ تون گهڻي وقت تائين بيروزگاريءَ جو بار سهي نہ سگهندين ۽ گهر جا ٿپڙ ٿاڻيءَ وڪڻي بہ نوڪري حاصل ڪندين. ڇا تنهنجي ايئن ڪرڻ سان ڪنهن ٻي اهل نوجوان جو حق نہ مرندو...؟ جيڪڏهن مري ٿو تہ پوءِ ان جا ذميوار اسان ئي تہ آهيون...! ان ڪري اسان پنهنجو پيڙو پاڻ ئي ٿا ٻوڙيون ٻي ڪنهن جو ڏوهہ ڪونهي...!‘

مان اهو سوچيندو ئي رهيس تہ انٽرويو جو ٽائيم ٿي ويو، مون پهريون ڀيرو ڪنهن انٽرويو ۾ رش نہ ڏٺي هئي. بس مون سان ڪُل ٻارهن اميدوار هئا. هر اميدوار پنهنجي نمبر تي انٽرويو روم ۾ ويو ٿي ۽ واپسي تي هڪ سواليہ مرڪ ڪنيون ٿي آيو، جنهن جو جواب نہ اسان وٽ هو نہ هن وٽ...! آخري نمبر منهنجو هو مان بہ ڪوڙ سارا خدشا ۽ اميدون کڻي انٽرويو روم ۾ داخل ٿيس پر داخل ٿيڻ سان ذهن کي هڪ شديد جهٽڪو لڳو، جنهن جي ڪري وڌندڙ قدم رڪجي ويا...! ڇو تہ انٽرويو ڪندڙن ۾ اهو ساڳيو ڪار ڊرائيور سيني کان نمايان ڪرسيءَ تي ويٺو هو... جنهن مون کي ڄامشوري کان کڻي هت پهچايو هو. ان ڪري ان آڏو ويهڻ جي پاڻ ۾ همت نہ ٿي پائيم. جنهن جي ڪري اتان ئي واپس ورڻ لڳس تہ آواز ڏنائين:

”ڇو ميان...! انٽرويو ڪو نہ ڏيندين ڇا...؟“

”نہ...!“ وراڻيم.

”ڇو...؟“

”ان ڪري جو منهنجو حق نہ پيسي ڪاڏو آهي نہ سفارش ۽ نہ ئي ڪنهن ڌارئي...!“ ورائڻيم: ”پر مون پنهنجو حق پاڻ ڪاڏو آهي...! پنهنجو پاڻ سان ئي ويساهہ گهاتي ڪئي اٿم ان ڪري مان ڪنهن بہ نوڪري، نہ ڪرڻ جوحق ايستائين پنهنجو پاڻ وٽ محفوظ رکان ٿو، جيستائين مان پنهنجي حاصل ڪيل ڊگري جو اهل نہ ٿو ٿيان...!“

ايئن چئي مان بغير پوئتي نهارڻ جي آفيس مان تيز تيز قدم کڻندو نڪري ويس...!!!

***


تون منهنجي ساهه ۾ آهين
طارق خشڪ
مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ
8
طارق! تون منهنجي بہ ساهہ ۾ آهين.
مان سنڌي ادب جو هڪ خاموش پڙهندڙ آهيان، پين ڪوڙ سارن ليکڪن سان گڏ، طارق خشڪ کي بہ پڙهيو آهي. سنڌ جي مختلف رسالن ۾ ڇپيل افسانن کان پوءِ مشهور ڪهاڻي ڪتاب 'مرڪ واري ڇوڪريءَ' کان ويندي سندس بي انتها مقبوليت ماڻيندڙ خوبصورت ناول 'مونکي هوائن ۾ ڳولجانءِ' تائين هو منهنجي آڏو آهي، پر پوءِ بہ ممڪن آهي تہ اوهان بطور هڪ ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار طارق خشڪ کي مون کان وڌيڪ سڃاڻو پر ذاتي زندگي ۾ اسان پنهنجي هڪ ٻئي سان ايئن رهيا آهيون جيئن سندس لکڻين جا ڪردار هر پڙهندڙ سان گڏ گڏ هوندا آهن.
اڄوڪي هن علمي ادبي دنيا ۾ اڪثريت اهڙن ماڻهن جي ٿي وئي آهي، جيڪي ڏيکائي تصويرن جو سهارو وٺي پاڻ کي رائل سوسائٽي ۾ ويڙهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا آهن، پر هي يار تہ ان ڳالهہ کي سمجهي ئي ڪو نہ!
هن جون لکڻيون جيتريون شاهوڪار آهن هو ذاتي زندگي ۾ ايترو ئي سادو، سلڇڻو، نفيس، ماڻهوءَ ملڻو آهي. هو ڏيکاءُ جي ڏنگ کان پري، رشتن جو ڀرم رکندڙ هڪ اهڙو ماڻهو آهي جنهن جو علمي ادبي ۽ ذاتي زندگي جو سفر ڏاڍو تلخ ۽ ڏکيو رهيو آهي، پر طارق سفر جون سڀئي منزلون ڏاڍي صبر، شڪر ۽ سليقي سان اهڙي طرح پار ڪيون آهن، جو اڄ هو ادبي دنيا ۾ بہ مان لهڻي تہ ذاتي زندگي ۾ بہ هُن پنهنجي حيثيت مڃائي ورتي آهي ان جي باوجود سندس آواز، انداز ۽ لهجي ۾ اڳ کان بہ وڌيڪ نماڻائي ۽ پنهنجائپ لهي آئي آهي، هو ٿورو بہ ناهي بدليو، اهڙي منفرد ماڻهو تي مون جهڙو عام ماڻهو لکي تہ لکي ڇا!؟
ان ڪري مان سندس ئي جملو سندس ئي ڪتاب ۾ ارپيان ٿو:
"طارق! تون منهنجي بہ ساهہ ۾ آهين!"
سنيل ڪمار "پريت" گرناڻي
شهدادڪوٽ